
رهاڻ







अकादमी पारां आयोजित चित्रकला प्रतियोगिता जा विजेता चि

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

رهاڻ

١٩٩٨ - ١٩٩٩

مکيه سمپادڪ

ڀڳوان اٿلاڻي

سمپادڪَ

موهن ''اُداسي''
ڪنعيا آگناڻي

راجستان سنڌي اَڪادمي، جئپور















(1) राजस्थान सिन्धी अकादमी पारां आयोजित लेखक से मुलाकात कार्यक्रम मं अजमेर में तारीख 24.10.98 जो स्व. श्री गोबिन्दराम हुकमाणी, श्री सीरू ''सियाह'' ऐं श्री भगवान अटलाणी, अध्यक्ष राजस्थान सिन्धी अकादमी।(2) राजस्थान सिन्धी अकादमी पारां सडा़यल ता. 21.6.98 जो जोधपुर में सिन्धी स्कूलन जे हेडमास्तरन ऐं प्रबन्धकन जे सेमीनार में श्री भगवान अटलानी, गा़ल्हाईंदे।(3) अजमेर में ता. 21.1.98 जो शहीद हेमूं कालाणी जे शहीदी डीं़ह, अध्यक्ष श्री भगवान अटलानी, हेमू कालाणी खे पुष्पहार अर्पित कन्दे।(4) जोधपुर में ता. 21.2.99 जो राजस्थान सिन्धी अकादमी तरफां सडा़यल साधु टी.एल. वासवाणी व्याख्यान माला, विषय ''सिन्धी समाज ऐं जाति प्रथा'' जे वक्त वर्तल फोटो।
(5) राजस्थान सिन्धी अकादमी तरफां सडा़यल नाटक समारोह जयपुर में ता. 2.1.99 ते नाटक ''कारो सगो'' जो हिक नजारो।(6) राजस्थान सिन्धी अकादमी तरफां सडा़यल जयपुर में ता. 2.1.99, समारोह में नाटक ''असीं स्वागत कन्दा आहियूं'' जो हिक नजारो।(7) राजस्थान सिन्धी अकादमी तरफां सडा़यल कोटा में ता. 31.12.98 नाटक समारोह में नाटक ''आखिर बेर'' जो हिक नजारो।

سِنڌي وِياڳ

راجستان سنڌي اَڪادمي

۱۹۹۷-۲۰۰۰

اڪادميءَ جا عهديدار

ڀڳوان اٽلاڻي (چيئرمن)
رميش گرسهاڻي (وائيس چيئرمن)
سلامتراءِ گرباڻي (خزانچي)
هاسانند ڇيناڻي (سيڪريٽري)

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر :


ڊاڪٽر جي. ٽي. ڀٽ (جئپور)، پريوُداس پهوُجا (اُديپور)، راڌاڪشن چانڊواڻي (بيڪانير)، ستيش گوپلاڻي (ڪوٽا)، سُريش ببلاڻي (اجمير).

جنرل باڊيءَ جا ميمبر :

ڪنعيالعل اَگناڻي (جئپور)، ڪشنچند سُڪناڻي (ڪشنگڙه)، گجيندر ريجهواڻي (جئپور)، گوبند رامناڻي (جئپور)، گيانچند سُڪناڻي (بالوترا)، ڪشن رتناڻي (ڪوٽا)، ڊاڪٽر ڏرمون لوَنگاڻي (اَجمير)، ڊاڪٽر ڀڳونداس چابڙيا (اُديپور)، موهن ”اُداسي“ (جئپور)، ريواچند . ائڊووڪيٽ (جوڌپور)، ڊاڪٽر سُشيلا موٽواڻي (اَجمير)، هريش ديوناڻي (جوڌپور)، هريش ڪرمچنداڻي (جئپور)، هري بالچنداڻي (اَلوَر).

هاسانند ڇيناڻي : سيڪريٽري، راجستان سنڌي اڪادمي، جي - ۷، سياش مارگ،
سي- اِسڪيم، جئپور - ۳۰۲۰۰۱ طرفان شايع
ڪمپيوٽر ٽائيپ سيٽنگ : سُريش سارسوتِ C-1، ديانند ڪالوني، لاجپت نگر، نئين دهلي-24، فون : 6475398.
پرنٽنگ : ٽيم پرنٽرس - A-6 گووند مارگ، آدرش نگر، جئپور. فون : 608697، 609549.

عرضُ ته......



ساهِت ۾ نئين ۽ پُراڻي، سَماجي سطح تي مقبُول ۽ عام، اِنعامي يا غير-اِنعامي، وڏي پيماني تي سُڃاتل يا اڻ-سُڃاتل ليکڪن جو هِڪ-ٻئي سان وهنوار کهڙو هئڻُ گهرجي؟ ڏِسڻ ۾ اِهو ايندو آهي ته جڏهن کو نئون ليکڪُ تيزيءَ سان اڳتي وڌندو آهي ته پُراڻا ليکڪ گهڻي ڀاڱي کيس ”کالهوکو ڇوڪرو“ چَئي رَد ڪري ڇڏيندا آهِن. ساڳئي نموني، ڪنهن سرڪاري يا غير-سرڪاري اِداري ۾ جيڪڏهن ڪنهن گهٽِ مقبول ليکڪ کي ڪا زميواري مِلندي آهي ته پُراڻا ليکڪ هُن جو يا ته بائيڪاٽ ڪندا آهِن يا هِڪ ڪِناري تي ويندا آهِن.

ساهِت جي وهڪرِي کي سُهڻي نمُوني اڳتي وَڌائڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته نونِ ليکڪن ۽ نئين ٽهيءَ کي صلاح مصلحت ڏيئي رستو ڏيکاري اڳتي وڌڻ جو ڀرپور موقعو ڏنو وَڃي. ائين نه ڪرڻ سان تي سگهي ٿو شخصي بغز پوُرا ٿيندا هجن، پر ڪُل مِلائي ساهِت جو نُقصان ٿئي ٿو. ڄاتل-سُڃاتل ۽ مقبُول ليکڪن کي جُڳائي هٿ ڏَگهيري آئينده جي راهه کي روشن ڪن. اِئين نه ڪرڻ جا بهانا گهڻيئي ٿي سگهن ٿا، پر اُنهن مان ڪوبه ساهِت جي هِت ۾ نٿو ٿي سگهي.

هر مخزن جو سَمپادڪ/سمپادڪ منڊل بهتر مال، سُٺي مَوادَ ۽ پاٺڪن لاءِ وڌِ ۾ وَڌِ ڪارائتا مَقالا پيش ڪرڻ لاءِ خواهِشمند هوُندو آهي. ”رهاڻ“ کي ليکڪن ۽ پاٺڪن جو پيار هميشه مِلندو رهيو آهي. سنتوش جي ڳالهِ آهي ته سال ۱۹۹۸-۹۷ جي ”رِهاڻ“ سِنڌ (پاڪستان) جي سِنڌي ليکڪن ڀي ساراهي آهي. بهتر ۽ بهتر جي تَلاش اڳتي وَڌڻ جو ڀهريون اصول آهي. گُذريل سالِ اَسان سِنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي اَهميت مڃيندي ”رِهاڻ“ ۾ ديوَناگريءَ ۾ سِنڌي رَچنائون جهجهي تعداد ۾ شايع ڪيون هيون. ”رِهاڻ“ کي بهتر روُپ ڏيڻ لاءِ اَسان هِنَ دفعي هِڪُ ٻيو قدم کنيو آهي. اَربي خواه ديوَناگري سِنڌيءَ ۾ رَچنا سان گڏُ ليکڪ/ليکِڪا جو فوٽو ۽ سندس تعريف ڇاپي اَسان پاٺڪَنِ جي ”رِهاڻ“ جي ليکڪن سان مُلاقات ڪرائڻ جي ڪوشِش ڪئي آهي.

اِها ڳالهِ تجربيڪار سَمپادڪ سمجهن ٿا ته آيَل رچنائُن مان ڇاپڻ-جوڳي موادَ جي چونڊ ڪيتري نه ڏُکي ڳالهِ آهي. ڪُجهه نالا وڏا هوندا آهِن ته سندن رچنائون ڪمزور هوُنديون آهن. ڪُجهه نالا اڻ-ڄاتل هوندا آهِن، پر سندن رچنائون اَثردار هونديون آهن. اَسان ڪوشِش ڪئي آهي ته ليکڪ ۽ سندس رچنا، ٻنهي کي جوڳو مانُ ڏيون. سِنڌيءَ جي سيني مائناز ليکڪن کي ”رِهاڻ“ ۾ رچنا موڪلڻ جي نينڊ موڪلي وَئي هئي. تنهن هوندي ٻه ٿي سگهي ٿو ڪنهن خاص ڪارڻ کي پنهنجو پريہ ليکڪُ ”رِهاڻ“ ۾ پڙهڻ لاءِ نه مِلي. اَسان جي هرچند ڪوشِش ڪان پوءِ ٻه ”رِهاڻ“ ۾ شايع رچنائن جي دُنيا مُڪمِل نه ٿي سگهي هجي ته تعجُب جي ڳالهِ نه ٿئبي. سَمپوُرڻ ۽ سَروَگُڻ-سَمپن اِنسان ڪائنات ۾ مِلڻُ ممڪن آهي ڇا؟

”رِهاڻ“ ۾ شامل رچنائون توهان کي مٿي لِکيل ويچارن جي نُمائندگي ڪندڙ نظر ايندِيون.

ڀڳوان اَٽلاڻي
مُکيه سَمپادڪ

رهاڻ

ساليانيِ رپورٽ

سال ١٩٩٨-٩٩ ۾
رِتيَلَ کان وَڌيڪَ ڪاريہ ڪرمَ ڪيا ويا

راجستان سنڌي اڪادميءَ سال ٩٩-١٩٩٨ ۾ گهڻيئي دؤر ڏِنا. اِنهن دؤرن ۾ راجستان سِنڌي اَڪادميءَ کي اَرجُن ڪوٽواڻي، اين.اين. گِداواڻي، جَستِس آءِ.ايس. ايسراڻي، ڪانتا ڪتوُريا، نانڪرام اِيسراڻي ۽ نَوَلراءِ بَڇاڻيءَ جهڙا اَڌيَکيہ مِليا. هر ڪنهن پنهنجيِ قُوَت جي اَنوسار ڪمُ ڪيو.

اِنهيءَ کان پوءِ سنہ ١٩٩٧ ۾، راجستان سرڪار، ساهِتيَڪار ڀڳوان اَٽلاڻيءَ کي راجستان سنڌي اَڪادميءَ جو اَڌيَکيہ ناهيو. جيئَن پهرين کان هتي ڪري اَڪادمي سِنڌي سَماجَ جي سنسڪرتي، ساهِتيہ ۽ ڪلا جو وڪاسُ ڪري سگهي. اَپريل ١٩٩٧ کان وٺي مارچ ١٩٩٨ تائين، صدر شري ڀڳوان اَٽلاڻيءَ جي نِگرانيءَ ۾ تِيَل ڪمن جو احوال توهان سنہ ١٩٩٨ جي ”رِهاڻِ“ ۾ پڙهيو هوندو. ڇَوَندا آهِنِ تہ عمر وڌڻ سان ماڻهو پوڙهو ٿيندو آهي ۽ سندس ڪمَ ڪرڻَ جي کُيَمَتا گهٽِجي ويندي آهي. پر هِتي اِن جي اُبتو آهي. ڀڳوان اَٽلاڻيءَ جي عمِر وڌڻ سان هُن جي ڪمَ ڪرڻ جي شڪتيءَ ۾ واڌارو ٿيو آهي. اَچو تہ اِنهيءَ واڌاري جيِ مدنظر، اَپريل ١٩٩٨ کان وٺي مارچ ١٩٩٩ تائين، اَڪادميءَ پاران ڪيل سنڌي ڪمن کي هِتي گهرائيءَ سان ڏِسون :

راجستان سِنڌي اَڪادمي	اَپريل	چيٽ/ويساک

اَنگريزي مهينو چوٿون، ليڪن ڀارت جي پرمپرا جي مُطابڪ پهريون مهينو، چيٽُ، يعني ڪِ اَپريل ١٩٩٨ جي ١٢ تاريخ تي اَڪادمي ڪارياليہ، جئپور، ۾ اَڪادميءَ جي ساڌارڻ سَيا ۽ ڪاريہَ سَمِتيءَ جون ميٽِنگون سَڏايون وَيون. اِنهيءَ مهيني جي ١٩ تاريخ تي، اَڪادميءَ جي جئپور ڪارياليہَ ۾، ماهواري اَدبي گوشٽي رکي ويئي. اپريل ٢٣ تي بيڪانير ۾ اَدبي گوشٽي سڏائي ويئي ۽ ٢٧ اِپريل تي اَجمير ۾ پڻ اَدبي گوشٽي رکي وَئي. اِهو ئي نہ، پر اِن ئي مهيني جي ٢٩ تاريخ تي، سِنڌي اَڪادميءَ پاران ڪِتابن تي پُرَسڪارَ ڏيڻ لاءِ ليکڪن کان سندن عمدا ڪتابَ گهُرايا وِيا. هاڻي پاڻَ وڌون ٿا مَئي جي مهيني ڏي.

راجستان سِنڌي اَڪادمي	مَئي	ويساک/جيٺ

اَنگريزي مهينو مَئيءَ جو، يعني ڪِ ويساک-جيٺَ جي شروعات، پهرئين ڏاڪي تي پير رکون ٿا. مطلب صاف آهي. پهرينءَ مئي تي، ايڪانڪي ناٽڪن جي چٽاڀيٽيءَ لاءِ

پربندڪن/اَڌيڪين/پرنسيپالن ۽ پرڌان-اَڌياپڪَنِ جو راجسٿان سطح تي سَميلن سَڏايو ويو. اِنهيءَ جون جي ٢١ تاريخ تي، اَڪادميءَ جي جئپور آفيسَ ۾ اَدبي گوشٽي رکي وئي. جوُن مهيني جي ٢٨ تاريخ تي، گنگانگر جي سِنڌي سينٽرل پنچايت جي مدد سان، شري گنگا نگر ۾ راجيہ اِستر جو ''سِنڌي پنچايت سميلن'' رکيو ويو. مهيني جي آخري تاريخ يعني ڪِ ٣٠ جون تي بيڪانير شهر ۾ ادبي ڳوشٽي رکي وئي. هاڻي اِسڪوُل کُلي چُڪا هئا. هلو تہ جولاءِ جي مهيني ۾ ڪيل ڪمن تي نظرَ وجهون.

راجسٿان سِنڌي اَڪادمي	جوُلاءِ	آکاڙ/سانوڻ

جوُلاءِ يعني ڪِ آکاڙ-سانوڻ جي ڇهين تاريخ تي سِنڌي سينٽرل اَئسوسيئيشن، جواهر نگر، جئپور جي مدد سان سِنڌي سيکارڻ جي ڪلاسن جو سَماپن سَماروهہ آيوجِت ڪيو ويو. جولاءِ جي اَٺين تاريخ تي، ڪيندريءَ هِندي نِديشاليہ (آگرا سنياڳہ) جي رِيڊر ڊاڪٽر پيتامبر ٺاڪواڻيءَ جو، اَڪادمي ڪاريالیہ، جئپور ۾، سنمان ڪيو ويو. جولاءِ جي ٩ تاريخ تي اَڪادميءَ جي جئپور ڪاريالیہ ۾، مڌيہ پرديش سِنڌي ساهِتہ اَڪادميءَ جي سَچِوَ، شري سابوُ ريجهواڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو. هِن مهيني جي ١٨ تاريخ تي اَڪادميءَ طرفان نِڪرڻ واري ٽِماهي پَترِڪا ''سِنڌو-دوُت'' جي وشيشانڪَ (خاص پرچي) جو وِموچن راجسٿانَ جي راجيہَ پال شري ايم.اين. ٽِبيروال ڪيو. جوُلاءِ ١٩ تي راجسٿانَ جي سيني ڀاشائي اڪادمِيُن جي اَڌيَڪيَن/سَچِوَنِ جي بئٺڪ، اَڪادميءَ پاران رِٿِيَل ''سروَڀاشا ڪوي سميلن'' جي روُپ-ريکا ٺاهِڻ لاءِ، اَڪادميءَ جي ڪاريالیہَ ۾ ١٤ آگسٽ ١٩٩٨ تي رکي ويئي. جولاءِ ٢١ تاريخ تي ڪوٽا ۾ مَهِلا سمِتيءَ جي بئٺڪ رکي وئي ۽ ٢٥ تاريخ تي اَجمير ۾ ماهواري اَدبي بئٺڪَ وئي. جوُلاءِ جي ٢٦ تاريخ تي اَڪادميءَ جي ''سامي'' پُرسڪار وِجيتا، شري راڌاڪرشڻ 'راهي' جو اَڪادميءَ جي ڪاريالیہَ ۾ ''ليکڪَ سان گڏجاڻي'' ڪاريَڪرم رکيو ويو. جولاءِ جي مهيني جي آخري تاريخ يعني ٣١ جولاءِ تي بيڪانير ۾ اَدبي بئٺڪ رکي وئي. هاڻي ٿو شُروع ٿئي آگسٽ جو مهينو. هلو تہ اَڳتي وَڌون.

راجسٿان سِنڌي اَڪادمي	آگسٽ	سانوڻ/بَڊو

آگسٽ مهيني جي ٩ تاريخ تي جئپور جي ساڌو واسواڻي اِسڪولَ ۾ اَکِل راجسٿان اَڌياپڪ سميلن رکيو وِيو. انهيءَ تاريخ تي اَنِ سِنڌي شِڪشَڪن جو سنمان ڪيو وِيو. هِن موقعي تي گوشٽي رکي وئي، جنهن ۾ گاگنداس خوشالاڻيءَ جي اَڌيَڪيتا ۾ ''سِنڌي ڀاشا جي پْروتساهن ۾ شِڪشڪن جو يوگدان'' وشيہَ تي شِڪشڪن ۽ ٻين ويچارَ پيش ڪيا. اِنهيءَ موقعي تي ٻئي ٻي گوشٽي شري هاسانند جيٺاڻيءَ جي اَڌيڪيتا ۾ ''اَهڙو ڇا ڪيو وڃي جنهن سان سِنڌي ڀاشا

رچنائون ڳَهرايون ويون. چوٿين مئي تي آڪاڊمِي جي چنايئيءَ لاءِ ڪهاڻيون ڳهرايون ويون. اِهو ئي نه، ۱۲ مئي تي نوان ڪتابَ ڇپائڻ ۾ ساهتيڪارَن کي مالي مدد ڏيڻ لاءِ ليکڪن کان پانڊولِپيون (هٿ-لِکيون) ڳهرايون ويون. ۱۲ مئي تي، مالي نظر کان ڪمزور سِنڌي ليکڪن کي سهيوگ/مدد ڏيڻ لاءِ درخواستون ڳهرايون وَيون. وڌندڙ گرميءَ سان گڏوگڏ، اَڪادميءَ پانهنجو حؤصلو نه ٽُٽڻُ ڏنو ۽ ۱۵ مئي کان جئپور جي سِنڌ سنسڪرتي پرچار سنستا جي مدد سان اَڪادميءَ سِنڌي سيکارڻ جا ڪلاسَ لڳايا. اِهو ئي نه، ۱۵ مئي کان ئي سُڌار سَيا، اَجمير جي سَهيوگ سان اَڪادميءَ اَجمير ۾ سِنڌي پاڙهڻ جا ڪلاسَ لڳايا. اَڪادميءَ جي آفيسَ ۾ ۱۷ مئي تي اَدَبي گوشٽي رکي وئي، ۽ ۲۴ مئي تي اَجمير شهرَ ۾ اَڪادميءَ جي ساڌارڻ سَيا رکي وئي. اِنهيءَ چوويهين تاريخ تي ئي، اجمير جي آدرش ڊِگري ڪاليج ۾ سَمِتيُن جي سنيوجَڪن/سَه-سنيوجَڪن ۽ ميمبرَنِ جو سميلن رکيو ويو. اَجمير شهرَ ۾ ۲٦ مئي تي اَدبي گوشٽي رکي وَئي. ڏاڪڻِ جي آخري مَتِئين چِٽِ واري ڏاڪي تي، يعني ڪِ ۱۲ مئي تي، ڱُمانپورا، ڪوٽا جي سنت ڪنُوررامِ ڌرمِ شالا ۾ ضاعِفائن جو سَميلن رکِيو وِيو. هاڻي هلو نه وَڌون جون جي مهيني ڏي.

راجستان سِنڌي اَڪادمي	جوُن	چيٽ/آکاڙ

جوُن مهيني جي پهرين تاريخ تي، جواهرنگر، جئپور جي سِنڌي سينٽرل اَئسوسيئيشن جي مدد سان پندرهن ڏينهن جو سِنڌي ڀاشا شِکشڻ شِوِر لڳايو ويو. پهرين جون تي ئي ۱٦ مئي کان ۲۵ جون تائين هري سُندر بالِڪا اُچه-ماڌيَمِڪ وديالير، اَجمير، جي سهيوگ سان سِنڌي ڀاشا سيکارڻ جو شِوِر لڳاياو ويو. اِنهيءَ پهرين تاريخ تي ئي سِنڌي ٻولي وڪاس سَمِتي، جوڌپور، جي مدد سان ۲۴ مئي کان ۳۰ جون تائينڊ جوڌپور جي ٻارن کي سِنڌي سيکارڻ لاءِ شِوِر لڳايو ويو. سِچُ پانهنجي گرمائش پوُري چڙهي رهيو هو؛ اِنهيءَ گرميءَ سان گڏُ گڏُ اَڪادميءَ جي ڪمن ۾ ٻه گرمي اَچي رهي هئي ۽ ٦ جون تي ڀارتيِيهَ سِنڌوُ سَيا (اجمير شاکا) جي مدد سان اَجمير ۾ ٦ جون کان ۱۴ جون تائين سِنڌي ڀاشا سيکارڻ جو شِوِر لڳايو ويو. اِهو ئي نه، پر اِنهيءَ ٦ جون تي ئي پِيپل-واڙا شهرَ جي هري شيوا ڌامَ جي مدد سان سِنڌي سيکارڻ جو شِوِر آيوجِت ڪيو ويو. جون جي سورهين تاريخ تي، سِنڌو يوُٿ سوسائٽي، ڪوٽا جي مدد سان ڪوٽا ۾ سِنڌي سِکڻ جي شوقين ٻارن لاءِ پندرهن ڏينهن جو سِنڌي ڀاشا شِکيڻ شِوِر لڳايو ويو.

اِنهيءَ ۱٦ تاريخ تي ئي اَڪادميءَ جي وارشِڪ پتِرڪا ''رِهاڻِ'' - جيڪا هِن وقت توهانجي هٿن ۾ آهي - ۾ رچنائون ڇاپڻ لاءِ ليکڪن کان عمديون رچنائون ڳهرايون وَيون. ۲۱ جون تي، شري کي.کي.اَبيچنداڻي ماڊرن اِسڪوُل، جوڌپور ۾ سِنڌي پربنڌڪي وديالين جي

اِنَ ئي مهيني جي ٢٦ تاريخ تي راجيہ اِستر تي آيوجت پينٽنگ چٽاپيٽيءَ ۾ اجمير، ڪوٽا، اُديپور، بيڪانير، بياور، ٽؤنڪ، پدمپور، اَلوَر، ڪِشنگڍ ۽ ڪيرٿل جي ١٦٠٠ ٻارن ڀاڱُ ورتو. ائين ئي اَڪادميءَ پاران ٢٧ سيپٽمبر تي جئپور ۾ ماهوار ڪوي گوشٽي رکي وئي. هاڻي سِياري جي مؤسمَ جي شروعاتَ ٿي رهي آهي. هلو تہ آڪٽوبر مهيني کي ڏسون :-

راجستان سِنڌي اَڪادمي	آڪٽوبر	اَسوُ/ڪتي

آڪٽوبر مهيني جي چوٿين تاريخ تي راجيہ اِستر تي پينٽِنگ پرتيوگِتا جو جوڌپور ۾ آيوجن ڪيو ويو. هِن مهيني جي ٥ کان وٺي ١١ تاريخ تائين، بيڪانير ۾ نوَنِ ڪلاڪارن لاءِ ستنِ ڏينهن جي ’ناٽڪ ڪاريہ شالا‘ رکي وئي. بيڪانير ۾ ڏهين آڪٽوبر تي راجيہ اِستر تي سِنڌي ايڪانڪي ناٽڪ چٽاپيٽيءَ ۾ پهرئين ڏينهن پنجَن ناٽڪن کي مَنچ تي آندو ويو. آڪٽوبر ١١ تي راجيہ اِستر جي ايڪانڪي چٽاپيٽيءَ ۾ چوُنڊيل ايڪانڪي ناٽڪن جو بيڪانير ۾ منچن ڪيو ويو. هِن مهيني جي ١٦ تاريخ تي، ”سِنڌ، سِنڌيت ۽ سِنڌي ساهت ۽ سَيبَتا سان واسطو رکندڙ ”سَوالن جو ذخيرو“ ڪتاب جو اَجمير ۾ وموچن ڪيو ويو. اِهو ئي نہ، پر الڳ الڳ تاريخن تي ڀِيلواڙا، ٻياوَر، جئپور، ٻالتورا، ٽونڪ، اُدَيپور، جوڌپور ۽ ڪوٽا ۾ پڻ وِموچن رکيو ويو. آڪٽوبر جي ١٩ تاريخ تي ڪوٽا ۾ مَهِلا سَمِتيءَ جي ٻئٺڪَ رکي وئي. اِنهيءَ مهيني جي ٢٤ تاريخ تي ”ليکڪَ سان گڏِجو“ ڪاريہَ ڪرمَ ۾ وَڏوَر ساهتڪار شري گوبندرام حُڪماڻيءَ جو اَجمير ۾ سنمان ڪرڻ سان گڏُ گڏُ اِنٽرويوُ رکيو ويو. ٢٥ آڪٽوبر تي راجستان سِنڌي اڪادميءَ جي ڪاريالیہ ۾ ساهِتيَڪ سنگوشٽيءَ جو آيوجن ڪيو وِيو. ڇهويهين (٢٦) آڪٽوبر تي، اَڪادميءَ پاران پرڪاشِت ڪِتاب ”سَوالن جو ذخيرو“ جو آلوَر ۾ وموچن رکيو ويو. اِنهيءَ تاريخ تي ئي بيڪانير ۾ ”سَوالن جو ذخيرو‘ ڪتابَ جو وموچن ڪرايو وِيو. هاڻي ٿو شروع ٿئي نَوَمبر جو مهينو :-

راجستان سِنڌي اَڪادمي	نَوَمبر	ڪتي/ناهِري

نَوَمبر يعني ڪِ ڪَتي-ناهِريءَ جي مهيني جي پهرين تاريخ تي، اَڪادميءَ جي جئپور ڪاريالیہ ۾ ٻُزرگ ليکڪ گوبندرام حُڪماڻيءَ جي گُذارڻ تي شرڌانجلي ڏني ويئي. ائين ئي ٥ نَوَمبر تي هُنن کي اجمير جي سنت ڪنوررام ڌرم شالا ۾ اڪادميءَ پاران شرڌانجلي سڀا جو آيوجن رکيو ويو. نَوَمبر جي ٨ تاريخ کان وٺي ١٥ تاريخ تائين، نوَنِ رچناڪارن لاءِ جوڌپور ۾ اَٺنِ ڏينهن جي ليکڪ ڪاريہ شالا رکي وئي. نَوَمبر جي ٩ تاريخ تي ڪشنگڍ ۾ ”سَوالن جو ذخيرو“ ڪتاب جو وموچن رکيو ويو. ١٤ نَوَمبر تي جوڌپور ۾ ٻن ڏينهن جو ليکڪ سيمينار رکيو ويو، جنهن جي پهرئين سَترَ ۾ ”سوَتنترتا کان پهرين جو

پڙهڻ وارن جي تعداد وڌي'' وشيہ تي رکي وئي. هِن گوشٽيءَ ۾ بہ ماڻهن پنهنجا پنهنجا ويچارَ پيش ڪيا. آگسٽ مهيني جي ١٤ تاريخ تي يعني ڪِ ''سِنڌ سُمرتي دِوَس'' تي، جئپور، اَجمير، ڪوٽا، اُديَپور، جوڌپور، بيڪانير، ٽؤنڪ ۽ بياوَر ۾ واد-وِواد پرتيوگِتا(چٽاپيٽي) رکي وئي. اِنهيءَ ١٤ تاريخ تي ئي ''آزاديءَ جي سُوَرڻ جَيَنتي'' سَماپَن سَماروھ جي موقعي تي اَلوَر جي 'جئہِ ڪرشڻ ڪلب' جي آڊيٽوريم ۾ سَروَ ڀاشا ڪوي سميلن جو آيوجن ڪيو ويو. آگسٽ جي ١٩ تاريخ تي سِنڌي ساهِتيہَ سمِتي، بيڪانير، جي مدد سان، بيڪانير ۾ سِنڌي لوڪ گيتن جي چٽاپيٽي رکي وئي. اِنهيءَ ١٩ تاريخ تي ئي ڪوٽا ۾ مَهِلا سمِتيءَ جي گوشٽي رکي وئي. هِن مهيني جي ٢٣ تاريخ تي سِنڌ-يُوا سنگهہ، بياوَر، جي سهيوگ سان بياوَر ۾ ''ڏاهرسين جَيَنتيءَ جو آيوجن ڪيو وِيو. اِنهيءَ ڏينهن تي ئي سِنڌي اَڪادمي جئپور جي ڪاريالیہَ ۾ ماهواري اَدبي گوشٽي آيوجِت ڪئي ويئي. سال جي هِن اَنگريزي اَنين مهيني يعني ڪِ آگسٽ جي ٢٥ تاريخ تي ''سِنڌوپتي مهاراجا ڏاهرسين جَيَنتي'' تي ''ڏاهرسين سمارڪ سنگوشٽي'' اجمير ۾ رکي ويئي. هِن مهيني جي ٢٨ تاريخ تي اجمير ۾ ساهِتيڪ گوشٽي رکي وئي ۽ ٣٠ تاريخ تي ڀارتييہَ سِنڌو سماج جي مَهِلا شاکا اَجمير جي سنگٺن-سَچِو، شريمتي اَنجنا ساجواڻيءَ جو، سماج ۾ ڪَيَل ڪم جي ڪري، سنمان ڪيو وِيو. هاڻي هلو تہ اَنگريزي سال جي نائين مهيني ڏي وِکَ وڌايون :-

راجستان سِنڌي اَڪادمي	سيپٽمبر	بَڊو/اَسوُ

سيپٽمبر مهيني جي ٦ تاريخ تي، اَڪادميءَ جي ڪاريالیہ ۾، ''رِهاڻ'' جي سمپادڪ منڊل جي بئٺڪَ رکي وَئي. ١٣ سيپٽمبر تي اَجيمر جي ڀارتييہَ سِنڌو سَڀا جي مَهِلا شاکا جي سنگٺن سَچِو، شريمتي اَنجنا ساجواڻيءَ جو سماج سيوا جي ڪم ڪرڻ ڪري اَڪادميءَ پاران سنمان ڪيو ويو. اِنهيءَ تاريخ تي ئي اجمير ۾ ادبي گوشٽي رکي ويئي. سيپٽمبر جي ١٦ تاريخ تي اَڪادميءَ جي ''مهمانن جي آجيان'' سمِتيءَ پاران اَجمير ۾ مُمبئيءَ جي برک ساهِتڪارن - ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، شري هري موٽواڻي ۽ اَجمير جي ڊاڪٽر بدري پرساد پنڇوليءَ جو اَڪادميءَ پاران سنمان ڪيو وِيو. سورهين تاريخ تي، راجيہ سطح تي، ''اَڌوُري ڪهاڻي پوُري ڪيو'' وشيہ تي جئپور، اجمير، ڪوٽا، بيڪانير، جوڌپور، اُديپور، ڪشنگڍ، بياور، کيرٿل ۽ ٽؤنڪ ۾ چٽاپيٽي رکي ويئي؛ ١٥٠٠ ٻارن ڀاڱُ ورتو. هِن ئي مهيني جي ١٨ تاريخ تي اُديپور ۾ ماسِڪ اَدبي گوشٽي رکي وئي. سيپٽمبر جي ٢٢ تاريخ تي راجستان جي جئپور، اجمير، جوڌپور، ڀيلواڙا، ڪوٽا، ٽؤنڪ، بياوَر، اَلوَر، ٻالتورا، ڪِشنگڍ ۾ راجستان سِنڌي اَڪادميءَ جي مالي مدد سان ''اَسو-چنڊ'' تي ڀهراڻو صاحب جي جهانڪي ڪڍائي ويئي. سيپٽمبر مهيني جي ٢٤ تاريخ تي ڪوٽا ۾ مهلا سمِتيءَ جي بئٺڪ رکي ويئي.

ڪيو ويو. جنوري ٢١ تاريخ تي راجستان جي جئپور، اجمير، بيڪانير، جوڌپور، ڪوٽا، ٽؤنڪ، پدَمپُر، ڀِيلواڙا، ٻالتورا، ڪِشنگڊ، اَلوَر ۽ سَلومبر ۾ اَمَر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهيدي ڏينهن تي ڀُوا رَئِلِيون ڪڍيون ويون ۽ گوشٽِيُن جو پڻ آيوجن ڪيو ويو. چوويهين جنوَريءَ تي اَڪادمي ڪاريالِيہَ، جئپور ۾، ماسِڪ اَدبي گوشٽيءَ کان سِواءِ، اَجمير ۽ بيڪانير ۾ پڻ اَدبي گوشٽِيون رکيون وَيون. ٢٥ جنوريءَ تي جئپور ۾ ''سَوالن جو ذخيرو'' ڪتابَ جو نيايہَ مؤرتي اِندرَسين ايسراڻيءَ وموچن ڪيو. جنوريءَ جي ٢٨ تاريخ تي، اَکِل ڀارتيہَ ڪهاڻي آليک چٽاپيٽيءَ جو نتيجو ظاهر ڪيو ويو، ۽ ٣٠ تاريخ تي اَکِل ڀارت ۽ راجيہَ اِسترن جي ايڪانڪي آليک چٽاپيٽِيُن جا نتيجا ظاهر ڪيا ويا. هاڻي هلون نئين سالَ جي ٻئين مهيني يعني فيبروريءَ پاسي.

راجستان سِنڌي اَڪادمي	فيبروَري	مانگھ/ڦڳڻ

سڄي سالَ ۾ فيبروَري جو مهينو تاريخُن جي حساب سان سڀِنِ مهينن کان ننڍو ٿيندو آهي. پر هِن مهيني ۾ ٻہ اَڪادميءَ پانهنجي ڪمن ۾ ڪمِي نہ ڏيکاري آهي. چوٿين فيبروريءَ تي، اَڪادميءَ ساهِتِيَڪارن جي پُرَسڪارِن جي گهوشڻا ڪئي. ٧ فيبروريءَ تي وارشِڪوتسو (ساليانو جلسو) جي تياريءَ جي باري ۾ جئپور ۾ ٻئنڪ سڏائي وئي. هِنَ مهيني جي ٢١ تاريخ تي، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي وياکيان مالها رکي وَئي. فيبروري ٢٥ تاريخ تي، ''مهمانن جي آجيان'' ۾ شري جيوَت وينسواڻي پاران، ستن اَسِنڌي ڀاشي شِکيَکن جو، جيکي سِنڌي سِکي رهيا هئا، سنمان ڪيو ويو. هِن مهيني جي ٢٨ يعني آخري تاريخ تي، اَڪادميءَ جي جئپور ڪاريالِيہَ ۾ اَدبي گوشٽي رکڻ کان سِواءِ، الڳہ الڳہ تاريخُن تي، اَجيمر ۽ بيڪانير ۾ پڻ ساهِتيڪ گوشٽيون رکيون ويون. هِن تاريخ تي پانڊولِپي پرڪاشن سهيوگ يوجنا جي تحت اَنِ سِنڌي ليکڪن کي مالي مدد ڏني وئي ۽ سهيوگي سنستائن کي پڻ آرٿِڪ سهيوگ ڏنو ويو. آرٿِڪ درشٽيءَ کان ڪمزور ساهِتيہَ ڪارن کي پيسي جي مالي مدد ڪرڻ کان سِواءِ 'راجستان راجيہَ ڀاشيہَ پُستَڪ منڊل' پاران ڏِنل ڀاٺيَڪرمَ جي ڪتابن جو سِنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو ويو. اِهو ئي نہ، پرَ هِنَ مهيني ۾ اَڪادميءَ جي ٽِماهي پترِڪا ''سِنڌو دوُت'' جي نِيَمِت پرڪاشن کان سِواءِ، وارشِڪ پترِڪا ''رِهاڻِ'' جو پڻ پرڪاشن ڪرايو ويو. هاڻي اَچو تہ هلون آخِري مهيني مارچ ڏي :-

راجستان سِنڌي اَڪادمي	مارچ	ڦڳڻُ/چيٽُ

راجستان سِنڌي اَڪادميءَ جي صدر شري ڀڳوان اَٽلاڻيءَ کي، تاريخ مارچ ٧، ١٩٩٩ تي، پوُرا ٻہ سالَ ٿِيَڻَ تي آهِنِ. هِن مارچ جي مهيني ۾ ١٣ کان وٺي ١٥ تاريخ تائين اکل

سنڌي ساهت'' وشيہ تي ويچار ڪيو ويو. ٻئي سَترَ ۾ ''سِنڌي ساهِتيہَ جي سامهون آزاديءَ کان پوءِ آيلَ ڏکيائِيُن ۽ اُنهن جي سَماڌان لاءِ سُجهاوَ'' وِشيہَ تي ويچار گوشٽي رکي وئي. اِنهيءَ تاريخ تي سِنڌي مُشاعري جو آيوجن ڪيو ويو. نَوَمبر جي پندرهين تاريخ تي، ٽِئين سَترَ ۾، ''آزاديءَ کان پوءِ چاوَلَ سِنڌي ليکڪن جي رچنائن تي نظر'' وشيہ کان سِواءِ پنجين ستر ۾ ''راجستان سِنڌي اَڪادمي ۽ سِنڌي ساهِتيہ جو وِڪاس'' وشيہَ تي کُلي چرچا ڪئي وئي. اِنهيءَ ڏينهن تي ''سِنڌي ليکڪ سيمينار'' جو سَماپَن ڪيو ويو. ١٤ نومبر تي ئي ڪوٽا ۾ سِنڌي مُشاعري جو آيوجن رکيو ويو. نومبر مهيني جي ١٧ تاريخ تي ڪشنگڙهه ۾ ''سامانيہ گيان پرتِيوگِتا'' جو آيوجن ڪيو ويو. اهڙو آيوجن جئپور، بيڪانير، ڪيرٿل، ٽونڪ ۽ بياور ۾ بہ رکيو ويو. ٢٧ نومبر تي راجيہ اِستر جي سامانيہ گيان پرتِيوگِتا جو اُديپور ۾ آيوجن رکيو ويو. ٢٧ نومبر تي ئي ڪوٽا ۾ مهِلا سَمِتيءَ جي ٻئٺڪ رکي ويئي. اِنهيءَ کان پوءِ ٢٩ نومبر تي اَڪادمي ڪاريالي، جئپور ۾ ماسِڪ ادبي گوشٽي رکي وئي. هاڻي هلون ڊسمبر جي مهيني طرف :-

راجستان سِنڌي اَڪادمي — ڊسمبر — ناهري/پوهه

ڊسمبر مهيني جي ٦ تاريخ تي ڪوٽا ۾ راجيہَ اِستر جي ''سامانيہ گيان پرتِيوگِتا'' جو آيوجن رکيو ويو. ڇهين تاريخ تي ئي جوڌپور ۾ بہ ساڳيو آيوجن رکيو ويو. ڊسمبر جي ستين تاريخ تي اَجمير ۾ ''سامانيہ گيان پرتِيوگِتا'' رکي وئي. اِنهيءَ تاريخ تي ڪوٽا جي سِنڌ يُوا منڊل سَمِتيءَ جي مدد سان ''سِنڌي يُوا مهوتسَو'' رکيو ويو جنهن ۾ اَڪادميءَ جي صدر شري ڀڳوان اَٽلاڻيءَ چٽاڀيتيءَ ۾ ڪٽنڌڙن کي پُرَسڪارَ ڏنا. ٧ کان ١٣ ڊسمبر تائين جئپور جي الڳ الڳ اِسڪولن ۾ چِتر ڪلا پرتِيوگِتا رکي ويئي. هِن مهيني جي ١٩ تاريخ تي ڪوٽا ۾ مَهِلا سَمِتيءَ جي ٻئٺڪ رکي ويئي ۽ ٢١ ڊسمبر تي بيڪانير ۾ ماسِڪ اَدبي گوشٽيءَ جو آيوجن ڪيو ويو. ائين ئي ٢٧ ڊسمبر تي، جئپور ۾ ماسِڪ ساهِتيِڪ گوشٽي رکي وَئي. ڊسمبر جي ٣٠ تاريخ تي اَجمير ۾ ٽِنِ سِنڌي ناٽڪِ جو پرَدرشن ڪيو ويو. ايڪٽيهين ڊسمبر تي ڪوٽا ۾ ٽي ناٽڪَ ڏيکاريا ويا. هاڻي ٿو شروع ٿئي انگريزي جنوريءَ جو مهينو. هاڻي نئين سال ڏي ٿا هلون.

راجستان سِنڌي اُڪادمي — جنوَري — پوهه/مانگهه

جنوَري مهيني ١٩٩٩ جي پهرين تاريخ تي اُديپور ۾ ٽِنِ ناٽڪن جو پردرشن ڪيو ويو. ائين ئي، ٢ جنوريءَ تي، جئپور جي جَواهر ڪلا ڪيندر ۾ پڻ، ٽي سِنڌي ناٽڪَ ڏيکاريا ويا. تيرهين جنوري - شري هاسانند جيناڻيءَ کي ٽِن سالن لاءِ اَڪادميءَ جو سيڪريٽري مُقرر

رهاڻ

غزل ۽ ڪويتائون

پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سيا اُلهاسنگر پاران هردوار ۾ آيوجت سنگوشٺيءَ ۾ راجستان جي
ٽن ليکڪن کي موڪليو ويو. راجستان سنڌي اڪادميءَ جي رِهاڻ تيار ٿي چڪي آهي پر
توهان کي سڄي مارچ جي اڳري ئي ڄاڻ ٿي ڏجي، جيئن ته اپريل کان وري نيمت طريقي
سان سنڌو دوت ۾ توهان سال ٢٠٠٠ - ١٩٩٩ جا ڪاريڪرم پڙهي سگهو.

مارچ مهيني ۾ جئپور، اَجمير ۽ بيڪانير ۾ اَدبي ٻئٺڪون رکڻ کان سواءِ ٢١ مارچ تي
ساليانو جلسو رکيو ويو آهي. اِهو ئي نه پر ٢١ مارچ تي اڪادميءَ پاران آيوجت چترڪلا
پرتيوگتا ۾ اِنعام پاتل ڪرتين کي ڪلا ديرگها رويندر منچ، رام نواس باغ جئپور ۾ پردرشت
ڪرڻ کان سواءِ اِنهيءَ ڏينهن تي سڄي سال ۾ اڪادميءَ پاران ڪرايل چٽاپيٽين جي
وِجيتائن کي سنمانت پڻ ڪيو ويندو. هِن مارچ جي مهيني ۾ چيٽي چنڊ مهاپروَ جي موقعي
تي ''قومي ايڪتا ۽ چيٽي چنڊ'' وشيه تي راجستان جي ويهن جڳهين تي سنگوشٺيون رکيون
ويون آهن. سنڌين جي سيني کان وڏي پروَ چيٽي چنڊ تي ديش جي لڳ ڀڳ ٠٠
ساهتيڪارن، سماج سيوين، ڪلاڪارن، ۽ ٻُڌيجيوئن کي واڌائن جي تار پڻ ڏني ويئي آهي

ڪيتري نه وڏي ڳالهه آهي جو صدر ڀڳوان اٽلاڻيءَ سال ١٩٩٨ ۾ اِن عهدي تي پنهنجي
ٻيون سال شروع ٿيڻ واري موقعي تي چيو هو ته هن سال لڳ ڀڳ ١٥٠ ڪاريه ڪرم رک
ويندا. ڏسندي ئي ڏسندي سال گذري ويو. جڏهن ڪاريه ڪرمن جو پوتاميل ڪيو وِيو
اڪادميءَ پنهنجي گهوشٽا کان اٽڪل ٥٠ ڪاريه ڪرم وڌيڪ ڪيا آهن يعني ١٥٠ ج
بدران ٢٠٠ ڪاريه ڪرم هِن سال ٿيا، جيڪا اڪادميءَ جي صدر جي دوردرشتا محنت
گڏجي ڪم ڪرڻ جي جذبي کي ثابت ٿي ڪري. ڀڳوان اٽلاڻيءَ جي دماغ ۾ هڪڙي ئ
ڳالهه آهي ته پنهنجي ٽن سالن ۾ سنڌي اڪادميءَ ذريعي راجستان ۾ سنڌي ڀاشا، سنسڪرت
۽ ڪلا جو وڌيڪ ۾ وڌيڪ وڪاسُ ڪري هندستان ۾ هِن اڪادميءَ جو نالو روشن ڪيان.

□□

فهرست

غزل ۽ ڪويتائون

ايم ڪمل جو غزل

چوي نہ چپ رهي ٿي دل،
رکي رکي ڏکي ٿي دل،
سدا نئون کنڊر لڳي
نهي نهي، ڊهي ٿي دل،


چڏي چڏي، جهلي ٿي آس
ٻُڏي ٻُڏي تري ٿي دل،
اِها نہ ڪَلَ نٿي پوي
ڪڙهي ٿي يا ٺري ٿي دل،

بلا جو شور آ مَنجهس
اَلائي ڇا گهڙي ٿي دل،
خزان جي سبز خوف ۾
گلن جو ٻج ڇڻي ٿي دل،

ٻَريو چراغ زخم جو
نئون غزل لڳي ٿي دل،
جنوني آڳ نہ هئي هنئر
پرم نگر اڏي ٿي دل،

دهلجي ويو بدن جو شهر
ڇو کولي دل، کلي ٿي دل،
نہ خود سان پي لڳي ٿي، اڄ
تو سان مون سان لڳي ٿي دل،

اَڌوري بيت جي طرح
نہ ڪجھ چئي، چوي ٿي دل،
ڇڏي تمام لوچ پوچ
جيئڻ تان هٿ ڪڻي ٿي دل.



نالو	:	مولچند منگهارام ٻندراڻي (ايم. ڪمل)
جنم، تاريخ	:	ڪراچي، سنڌ: ٨-٨-١٩٢٥
ڇپايل ڪتاب	:	١٦ شعرن جا مجموعا،٦ ايڪانڪي مجموعا
انعام	:	’باھ جا وارث‘ شعرن جي ڪتاب تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو ٢٥ هزارن جو اِنعام حاصل ڪيل ۽ ٻيا الڳ الڳ سنستائن طرفان اِنعام ۽ سنمان حاصل ڪيل.
پيشو	:	سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائرڊ.
پتو	:	بلاڪ سي، بئرڪ نمبر ٥٤٠، اُلهاس نگر - ٤٢١٠٠٤

فهرست

.... غزل ۽ ڪويتائون

منهنجو عڪس

آئيني جي آڏو بيهي - اُن ۾ پنهنجو عڪس ڏٺو مون،
مون سمجهيو، هي آءٌ نہ آهيان - ہوڪ ڪيم: ”ڪير آهين تون؟“

ٿڪ وڏو ڏيئي ھُن آکيو - جو تون آهين سو مان ناهيان
ليڪن تو بن ڪجهہ ٻي ناهيان.
منهنجي هستي تون ئي آهين - پر مان تنهنجي هستي ناهيان

آءٌ جسم جي صورت آهيان - ليڪن من جي مورت ناهيان،
روح نہ آهيان، آتم ناهيان - من ۽ روح تہ سوُڪيم آهن،
روپ اُنهن جو ڏيندو ناهي - آئيني ۾ ايندو ناهي.

آئيني کي طاقت ناهي - توکي روپ ڏسائي اصلي،
پرهوُ ڪنهن اٽڪل شڪل سان - ڏيکاري تو صورت نقلي.
اصلي روپ اندر ۾ اٿئي - آئيني جي ناهي ضرورت،
پاڻُ پاڻَ ۾ پيهي پسندين - تون پنهنجي اصلوڪي صورت.

شايد ڪو شيطان ئي هوندين - يا ڪوئي ڀڳوان ئي هوندين،
ساڌو سنت مهان ئي هوندين - ديش ڀڳت اڳوان ئي هوندين،
آفت ۽ طوفان ئي هوندين - سياڻو يا نادان ئي هوندين،
يا سادو انسان ئي هوندين،
واڻيو يا واپاري هوندين - پئسي جو پوڄاري هوندين.

جيڪو اصلي روپ اٿيئي - سو پنهنجي اندر ۾ پسندين،
اندر ۾ جي ويندين پيهي - پسندين پنهنجا روپ سڀئي.



نالو : هري درياڻي ”دلگير“
جنم، تاريخ : لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ١٥ - ٦ - ١٩١٦
ڇپايل ڪتاب: ڪوڏ، هرشچندر، پل پل جو پرلاءُ، مزيدار گيت، رولو آواز، ڇولو منهنجو چڪ ۾، امر گيت، جپ صاحب.
انعام : ڪوڏ ۽ هرشچندر تي سنڌ ۾، پل پل .. تي ساهتہ اڪادمي دهلي طرفان، مزيدار گيت تي NCERT، رولو آواز تي سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جو اِنعام، سنڌي ساهتيہ اڪادمي گجرات طرفان گَوُرو پرسڪار، نارائڻ شيام اوارڊ بمبئي، پريہ درشني اوارڊ بمبئي، اِنڊس انڊ انعام ا لک جو.
پيشو :رٽائرڊ پرنسيپال، چيئرمن سنڌي ساهتيہ اڪادمي گجرات
پتو :١٧ مئتري، ٣ - اي. آديپور - ٣٧٠٢٠٥.

ارجن حاسد جو غزل

ساھ سڏڪي ٿو تنھنجي در سائين !
منٿ مڃ منھنجي، مھر ڪر سائين !

تنھنجي چائنٽ تي ڇا ڇُھران توکان،
ھٿ مٿي تي رکو تون ڏر سائين !

سڪندڙ من ٿو توکي پاڏائي،
ڪر ڪٽي ڏوھ، درگذر سائين !

تو سان حجت ھلڻ تي دل ٿي آ،
پنھنجي پاڪر ۾ مونکي پر سائين !


ڪيڏا ڪيڏا نہ انسنا دل ۾،
زندگي ڪيڏي مختصر سائين !

ھاڻي حاسد کي معاف ڪر مالڪ،
ھٿ ٻڌي آيو تنھنجي گھر سائين !

نالو : ارجن چيلانند تنواڻي ”حاسد“
جنم، تاريخ : ڪراچي سنڌ، ٧-١-١٩٣٠
ڇپايل ڪتاب: سواسن جي سرھاڻ، پٽر پٽر ڪنڊا ڪنڊا، ميرو سڄ، موگو.
انعام : ميرو سڄ تي نئشنل ساھتيہ اڪادمي دھلي طرفان نئشنل اوارڊ ۽ ڪيترين سنستائن ۽ ادبي اِدارن طرفان سنمان حاصل ڪيل.
پيشو : پوسٽ کاتي مان پوسٽ ماسٽر جي عھدي تان رٽائرڊ
پتو : ٤٦٣ - بي، پوسٽ باڪس - سردارنگر، احمداباد - ٣٨٢٤٧٥

ڳهڙيون مِڙيوئيِ ڳهڙيون

ڳهڙيون مِڙيوئيِ ڳهڙيون!
دُرلڀ ڳهڙيون
وِڪرت ڳهڙيون
سَڄايون ڳهڙيون
اَجايون ڳهڙيون
اُداس ڳهڙيون
خاموش ڳهڙيون
چنچل ڳهڙيون
گنڀير ڳهڙيون
خونخوار ڳهڙيون
مهربان ڳهڙيون
شرمسار ڳهڙيون
فخرمند ڳهڙيون
گذريِ ويندِيون ڳهڙيون.



نالو : ڊاڪٽر ارجن ’’سڪايل‘‘
جنم، تاريخ : سَڏوُجا ڳوٺ، تعلقو مورو، ضلع نواب شاه، ٥-١١-١٩١٩
ڇپايل ڪتاب: انارڪلي، ڳهمي وچ سِنڌو نگرُ ڙي يارَ، اَمر شهيد اِندرا گانڌي، هڪ پرش ٽي اِستريون، ڪپهِ ڍباه، راجڪماري گيتا، ناري تنهنجا روپ اَنيڪ، تپسيا ٽلي پيئي، هندو فيلسوفي ۽ جو سنديش، ڏهن خطن ۾ گيتا، سِنڌي ساهتڪارن جو آلبم، اَدب ۽ اَديب، سِنڌي ڀاشا جي پُڪار، سِنڌي ۽ جو خوُن (تنقيد)، هِندي ۽ سِنڌي ٽيچرس، تنهنجي رنڌڻي ۾ تنهنجي اَسپتال، صحت تنهنجي صلاح مُنهنجي، سِنڌي ٻال-ٻوڌ، آءُ ڪانگا ڪر ٻالهه، ٽنڍي آدم جو اِتهاس، سِنڌو نگر جا سِنڌي.
انعام : مرڪزي سرڪار طرفان ٻه، سوويت لئنڊ-رشيا سرڪار طرفان، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان، هيملتا ٻجاج طرفان ادبي اِنعام، سنڌو نگر واسين طرفان گولڊ ميڊل.
پيشو : آيورويدڪ ڊاڪٽر ۽ پترڪار
پتو : ۴ بنگلو ايريا، رتن نگر، انڌيري ويسٽ، ممبئي

چهرو نِکريل نِکريل آهي،
اندر اَلجهيل اَلجهيل آهي.

۱. نيلو پيلو لال گُلابي،
هي پنڇي پر ڪترِيل آهي.

۲. سارو شهرُ سِراپيل آهي،
هرڪو پنبُ پهڻ ٿيل آهي.

۳. ها بي جان نه شهر لڳي ٿو،
پر ڇا بُتُ تراشِيل آهي.

۴. ڪائي سڳهبو طعام نه هوُ جو،
سترِچين ۾ پرچيل آهي.

۵. هريا پريا ميدان ڪٿي هِتِ
اِنچُ اِنچُ والارِيل آهي.

۶. صاف ۽ سِينگاريل گهر آهِن
گندُ گهِٽيُن ۾ اُڇليل آهي.

۷. سندسِ سرير نه سُندر آهي،
سندسِ ضمير نه صربيل آهي.

۸. ماڻهو روبٽ مِثل هلي ٿو،
احِساس ڪان وانجهيل آهي.


۹. نس نس مان ٿي نفرت ٽپڪي،
مُرڪ ڇپن تي ڇنبڙيل آهي.

۱۰. ڪانءُ هلي ٿو ڇاتي نوڪي،
هنس نه هيسيل هيسِيل آهي

۱۱. هِن غريب کي ڇيڙ نه ايڏو،
اڳُ ئي بيِنو مچِريل آهي.

۲۱. شهر ۾ آ راڪاس گهمي ويو،
هرڪو هِتِ هِراسيل آهي.

۱۳. ڇڪروِيوُه ۾ وفا ڦري پيو،
منزل ڪان هي ڀَٽڪيل آهي.




نالو : پريو ڇڳاڻي وفا
جنم، تاريخ : پنجوُ ديرو ڳوٺ، لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ۱۹ - ۹ - ۱۹۱۵
ڇپايل ڪتاب : جهنڪار، پرواز، سُرخ گلاب سرها خواب، مان اَزل جي اُڃ آهيان، تون ساڳر مان لهر، آئيناءِ عڪس، پيغام. خليل جبران جي انگريزي ڪتاب 'پرافيٽ' جو نثر ۾ ترجمو.
انعام : سينٽر سنڌي اڪادمي، مهاراشٽر گوُرو پرسڪار، سهيوگ فائونڊيشن طرفان، نئي دُنيا سنڌي مخزن طرفان، سينٽر هندي ڊائريڪٽوريٽ، پريه درشني اڪادمي طرفان، پنڊت پرڪاش پاردواج طرفان سونو بلوءِ ڪيترين سنستائن طرفان سنمان ۽ اِنعام حاصل ڪيل.
پيشو : رٽائرڊ سرڪاري نوڪريءَ تان
پتو : سی. ۲، مڊوبن سينٽ انڊريوز روڊ، باندرا بمبئی - ۴۰۰۰۵۰

ديال ’آشا‘ جو آزاد نظم

اَسين سِنڌي

دُنِيا جي آڳاٽي
تهذِيب
تمدن
جا
وارِث اَسين آهِيون
ويدن جي رچنا ٿي
جنهن سِنڌوءَ جي ڪِناري
اُن پوميءَ جي مِٽيءَ مان
پيدا ٿيا اَسين آهِيون
اَسين سِنڌ ۽ سِنڌوءَ جا پرتيڪ آهِيون
تڏهن تہ سِنڌي ٿا سڏايون.
ورهاڱي جو لڳو اهڙو واءُ
جو پنهنجي وطن کان اُکڙجي
هِتِ هِندُ ۾ آياسِين
پنهنجي ننگن جي
عصمت ۽ عزت بچائِڻ لاءِ
ڌرم جي رکشا لاءِ
صبح ۽ شام، ڏينهن ۽ راتِ
ڪيڏا نہ ڪشالا ڪڍِي
رتُ ۽ پسِينو هِڪُ ڪري
آکيرا اَڏياسِين
ڪنهنجي اَڳيان هٿَ نہ ٽنگياسِين
اَسانجا معصوم- اَبهم
ڪيئَن نہ ٽرينين ۾
ڪتِمِنڙا بِسڪوٽ وِڪڻندي
ڪي حادثن جو شِڪارُ ٿيا
اَسانجا ڪومل هٿَ
پورهيو ڪندي ڪندي
ڪيئَن نہ سخت بڻيا!
پترائِين زمِين تي پنڌ ڪندي
پيرن ۾ ڇالا پئِجي ويا
پر تڏهن بہ مُشڪندا رهِياسِين
بيوَسِ جو سُخن:
اَکہ لڙڪ سان مُنهن مُرڪ پريو يادِ ڪنداسِين
فرحت پريِ دُنيا ۾ نہ فرياد ڪنداسِين“
ڏڍَ ڎِئي دِل کي
اَڳِتي وَڌياسِين
پنهنجي محنت ۽ سچائيءَ سان
......



نالو : ڊاڪٽر ديال ”آشا“
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو :

واسديو نرمل جو غزل

١. هٿين خالي هوُ وريو آهه، ٻيو ڪجهه ڪونهي،
نا اُميديءَ سان ڀريو آهه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.

٢. ٿهَڪ وِڪڻي به ٿيو آهه پلا ڇا حاصل؟
سُڏِڪو ڪجهه وقت ٽِريو آهه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.


٣. اُڏِرندو ڪانءُ وڃي مانسروور ڏي پيو،
ڍونڍ تي هنس وريو آهه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.

٤. دُشمنن ڪي مِليو لُٽڻ ۾ لپو مائي جو،
ڪِير ياريءَ جو ڪريو آهِه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.

٥. هرڪو هِڪُ شعر لکي چاهي ٿو شاعر بڻجڻ،
ڏيرُ ڪنهن ڪونه ڏريو آهه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.

٦. سِنڌي گرامر جي حفاضت لئِه قدم ڇو ٿا کڻو؟
''مُئو'' ٿيو مَتجي 'مَريو' آهِه ٻيو ڪجهه ڪونهي.

٧. سڀُ چون ٿا ته ٻِي ويڏن ته نه آ، 'نِرمل' سان،
سِنڌ، سِنڌيت لئِه چريو آهِه، ٻيو ڪجهه ڪونهي.



نالو : واسديو نرمل
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو : فلئٽ - ٣، مهران، جي. وي. پي. ڊي. اِسڪيم، اين. ايس. روڊ نمبر - ١٠، ممبئي - ٤٠٠٠٤٩

ڪمل 'پياسيءَ' جو غزل

اکڙين جي آغوش ۾ ويڙهيل منهنجي نازڪ رچنا
هر شغل ۾ هر دم ڪوهيل منهنجي نازڪ رچنا

رچنا دئاران ڪيان پيو تو پاڻ کي پاڻ تباهہ اَجان،
خيالن جي انبار ۾ گهيڙيل منهنجي نازڪ رچنا

ساغر اندر غرق ٿيان تو پنهنجن پورن ۾،
دور رهيل دلدار کان وچڙيل منهنجي نازڪ رچنا

پائڻ جي هن پرڪريا کي ڪير ڪندو سويڪار ڀلا،
ويچارن ۾ آهہ وڪوڙيل منهنجي نازڪ رچنا

ممڪن آ، هوءَ منهنجي اُلجهن ڄاڻڻ ٿي چاهي،
پر لڳي ٿو اڳ ئي هيسيل - منهنجي نازڪ رچنا

شاعر مان هڪُ پورالوءَ پاوَ ڀني ٿم پيڙا،
آنسن ۾ جڻ اُلجهن اوتل منهنجي نازڪ رچنا

جئڻ مرڻ ۾ شايد مونکي ''پياسي'' پرواهہ ناهي،
تڏهن بہ سڪ سپنن تي سرجيل منهنجي نازڪ رچنا



نالو	:	ڪمل ڪيولرماڻي ''پياسي''
جنم، تاريخ	:	جيڪب آباد، سنڌ؛ ٢٩ - ١ - ١٩٢٩
ڇپايل ڪتاب	:	گيت منجري، ڇولين مار ڇال، منهنجي اننت اُساٽ، هڪ هو ٻيو مان، ٻہ آواز هڪ پڙاڏو، سهڻا سهڻا گل، سمنڊ سمايو بوند ۾، ڪي ڏاڍا پڪا ڏاڍا، شاهہ لطيف هڪ فنڪار، سپون سنسار، پنکڙيون گلاب جون، ٽمڪندڙ تارا، هري سمرن سنمک منهنجا سپرين، نمائن جا ماڻ.
انعام	:	گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي جو، گجرات ساهت اڪادمي جو، ۽ ڪيترن ئي سنستائن پاران انعام حاصل ڪيل.
پيشو	:	رٽائرڊ گورنمينٽ آفيسر
پتو	:	'هري شيوا'، پلاٽ -٢/ ٣٨٢، سيڪٽر-٢٩، گانڌي نگر -٩.

پنهنجي سياڻپ ۽ زبان شيرينيءَ سان
اَسان هر حلقي ۾ آ ڏاڪو ڄمايو
پوءِ بہ اَسان سان ايڏو حسد اجايو!
ديش جي آزاديءَ جي هون ڪُنڊ ۾
اَسان ڇا ڇا نہ ڏِنو!!
پنجابين کي پنجاب جو ڪجهہ حصو تہ
مِليو
بينگالين کي ڪجهہ بينگال مِليو
پر اَسان ڪجهہ ڪين گهُريو!
سِنڌڙيءَ جيءَ جِندڙيءَ کي
هِندُ تان قربان ڪري آياسِين!
اَسين ويدانت ۽ تصوف جي
مِٽيءَ مان جُڙيل آهِيون
اِن ڪري هر حال ۾ خوش رهڻ وارا آهِيون!
نہ پاڻ تي ڪو ترسُ
پر
خدا ترس آهِيون
اَسان هِن ديش کي ڇا ڇا نہ ڏِنو آ!
تعليم جا اعليٰ مرڪز
هِندوُجا، رهيجا، جسلوڪ جهڙيون اَسپتالون
ڪارخانا کولي هزارن کي رنيايو
سندن زندگيءَ کي بهتر بڻايو،
واپار هنر ۾ اَسان ڏاڪو ڄمايو
هر راهہ ۾
پنهنجي عقل اورچائيءَ سان وَڌيا آهِيون!
هِت جتي بہ لوڪل ماڻهو پاڻ ۾ ٽڪرن ٿا
نِشانو وريِ اسان کي بڻايو ٿو وڃي!
اَسانجا اڏيل آشِيانا-مال جلايو ٿو وڃي.

وڙهڻ سان لتاڙجن پوٿا
اسان کهڙو قصور ڪيو آهي؟
جو بيرحميءَ سان ستايو ٿو وڃي
هنان وارن کان اسانجي قرباني وَڻِ آ !
پارت ۾ جنهنکي نندي سنڌ ٿا سڏين
هنر جي لحاظ کان جپان ٿا سڏين
اُن سِنڌين جي بستيءَ ۾ سنڌين کي
بي رحميءَ سان ماريو ٿي ويو!
ريلون روڪي
ڪيئَن نہ بي قصورن کي
چاڪُن تلوارن، هاڪِين سان ماريو ٿي
ويو!
بي ڏوهي راهگيرن کي
صدقي جي ٻڪريِ بڻايو ويو
ڇاڪاڻ تہ هو سنڌي هئا!
اَسانجي عصمت ۾ هٿ وڌو ٿي ويو
هِندو ٿي هندن سان ڪيڏا نہ پال پلايائون
ڇا اسان سِنڌ صدقي اِن لاءِ ڪئي
افسوس ! هِت بہ اسانجي حفاظت نہ رهي!
سمرٿ گرو رامداس
سنت گيانيشور
سنت نامديو
سنت تڪارام
ڇترپتي شواجي مهاراج
لوڪ مانيہ تِلڪ
ويِر ساورڪر
جي آتما
هي حال ڏِسي
روُئَندي هوندي !!

پهلاجراءِ ’مسافر‘ جو غزل

برھ جي باھ ۾ مونکي
منهنجو جاني جلائي ٿو.
گوياھو منهنجي آنسن ۾
خوشي کا خاص پائي ٿو.

نہ مان سمجھي سگھيو آھيان
سندس رازَنِ ۽ رَمزُن کي-
لکي واريءَ تي منهنجو نانءُ
ھو ھر ھر مٽائي ٿو.

’’دوا ٿي تنهنجي غم جي‘‘
مونکي منهنجائي ڏئي آنسون-
مونکي ھو پنهنجي دلکش سادگيءَ سان
کيئن ڀڏائي ٿو.

مسافر کهڙي ھستي
ناز ور جي آ نگاھن ۾-
کٽي تُرُ خاڪ جي
کيئن ڦوڪ سان اُن کي اُڏائي ٿو.

نالو	: پهلاجراءِ ’’مسافر‘‘
جنم، تاريخ	: روھڙي، سنڌ. ١ - ٦ - ١٩٣٩
ڇپايل ڪتاب	: شعري مسافر، ھڪ بهار گل ھزار، گيتن جي گنجار، راماڻ ڪويتا ۾.
انعام	:
پيشو	: پرائيويٽ دوڪانداري
پتو	: ٢٥٢ - سيڪٽر - ٣، ديويندر نگر رائپور، ٤٩٢٠٠٩.



لڇمڻ ڊُبي جو غزل

اندر ۾ ناهه جي شرڌا، اسين سجدا ڪريون ڇو ٿا ؟
بنا سِڪ ڀاوَ جي ڪنهنجي اسين پوڄا ڪريون ڇو ٿا ؟

جگر ۾ جوش ۽ جلوو اگر آهي عدم - پيدا -
اجايو گوڙ - هنگامو ڪوئي برپا ڪريون ڇو ٿا ؟

هنن جي راهه ۾ ڇٽنگون، ڪنڊا، ٽانڊا وڇاياسون -
ڀلائيءَ جو ڪندا پيرو اسين آشا ڪريون ڇو ٿا ؟

قتل جي قيد ۾ قابو اسين جيتامڙا جيئڙا -
ٻڏڻ وارو ڪوئي ڪونهي، رڙيون - واڪا ڪريون ڇو ٿا ؟

مڇيان تو يار ڏاڍن سان پڇڻ ڏاڍو اٽانگو آ -
مگر هر ڳالهه تي گهر ۾ اچي جهيڙا ڪريون ڇو ٿا ؟

خبر آهي، نه ٻارن لءِ خريدي ڪجهه اچي سگهبو -
تڏهن پڻ روز ٻارن سان غلط وعدا ڪريون ڇو ٿا ؟

فقط هڪ آرزوءَ مونکي ڪري برباد وئي آهي -
اِڇائون اينتريون ”لڇمڻ“ اسين پيدا ڪريون ڇو ٿا؟



نالو : لڇمڻ ڊُبي
جنم، تاريخ : ڳوٺ شر، تعلقو ميرواهه، خئرپور رياست، سنڌ؛ ١٥-٣-١٩٤٢
ڇپايل ڪتاب: ڪوئي گهر ۾ ڊوڙندي گهر، جو ڪِنارا ٿا ڪيي، انئي پهر اُپاٽڪو، مڏو ڪي دوهيڙ، رباعيون، رامو ناما ۽ بانجهه رتُئن.
انعام : سينٽر هندي ڊائريڪٽريٽ طرفان ’ڪوئي گهر...‘ تي ٩٧ ۾ اِنعام. ڪيترن ئي الڳ الڳ سنستائن طرفان ساهت ڪيترن ۾ اِنعام ۽ سنمان حاصل ڪيل.
پيشو : بلڊر
پتو : ٨٦ - ڊي، گرونانڪ سوسائٽي، ٿاڻا اِيسٽ - ٤٠٠٦٠٢.

ڀڳوان نردوش جا ٽي ترائيل

(۱)

وات ڪنڊن جي، تڏهن ٻي هلڻو آ،
ڪشمڪش ئي زندگيءَ جو نام آ.
لڙڪ ڪي منهن، مرڪ سان ئي ڏيڻو آ،
وات ڪنڊن جي، تڏهن ٻي هلڻو آ.

سورَ ڪي سوغات سمجهي جيئڻو آ،
صبح ايندي، پل تہ هاڻي شام آ.
وات ڪنڊن جي، تڏهن ٻي هلڻو آ،
ڪشمڪش ئي زندگيءَ جو نام آ.

(۲)


ڇو ڏکن جو يار توکي فڪر آ؟
ڏک، سکن جي سونهن آهي ياد ڪر،
سُک ملي پل ڪنُ تہ ٻي ڇئو، شڪر آ،
ڇو ڏکن جو يار توکي فڪر آ؟

ڇو نہ توکي ياد، سُک جو ذڪر آ؟
هئيانءُ هاري ڪو نہ ڪو فر ياد ڪر،
ڇو ڏکن جو يار توکي فڪر آ؟
ڏک، سکن جي سونهن آهي ياد ڪر،

(۳)

هتي ڪير سمجهي اِشارن جي ٻولي؟
نگاهن اسان ڪي نهوڙي نِيو آ!
نہ ڌرتي تي سمجهي ستارن جي ٻولي.
هتي ڪير سمجهي اِشارن جي ٻولي؟

نزاڪت ڀري آ نظارن جي ٻولي،
اُنهن سان اسان جيءُ جوڙي ڇڏيو آ.
هتي ڪير سمجهي اِشارن جي ٻولي؟
نگاهن اسان ڪي نهوڙي ڇڏيو آ!



نالو : ڀڳوان هوتچنداڻي ”نردوش“
جنم، تاريخ : درياخان هري، ضلع نواب شاه، سنڌ؛ ۱۳-۱۰-۱۹۴۲
ڇپايل ڪتاب: سُر سُريلا ساز جا، سک جا پاڇا، رِم جهم، ميڙيا جي مون موتي، چوندِ ڪئي چاندان، گل گلابَ جا ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب.
انعام : گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي طرفان ۽ آل انڊيا ڇتاپيتيءَ ۾ ٻيون انعام پرياورڻ ڪويتا تي ۽ ٻيا ڪيترا ئي سنمان.
پيشو : ليڪچرار سپروائيزر مهاتما گانڌي هاير سيڪنڊري اسڪول احمداباد
پتو : آشريہ فليٽس، سي. ۱۷۰، برهم ڪماريز بنگلن جي سامهون، هنسول احمداباد - ۳۸۲۴۷۵

هوتو ’سنڌو پياسيءَ‘ جو غزل

خبر ناهي اسان کي وطن وارن، ڇو وساريو آ،
اسان ساري سدا تن کي، اکين مان آب هاريو آ،

اسين آهيون جلاوطني، سنڀاريون ٿا وطن پنهنجو-
سدائين سنڌ جو تصور، خيالن ۾ اُتاريو آ،

ڀلائي ڪيئن سگهون پنهنجي، وطن جي پاڪ ڀوميءَ کي-
سدائين ياد ۾ اُن جي، اسان هر هنڌ گذاريو آ،

اسان جي خون جو رشتو، سنڌوءَ سان اڄ به آ قائم-
لهوءَ جي رنگ جي الفت، سدا اُن کي پڪاريو آ،


سنڌوءَ جو پاڪ پاڻي پي، اسان جي آتما اُجري-
اسان جا روح ٿيا روشن، اسان کي ان نکاريو آ،

وطن کان دور پل آهيون، جيئون ٿا ياد ۾ ان جي-
اسان يادن جي درخت کي، لهو خود جو پياريو آ،

دعائون ٿا ڏيون دل سان، سنڌو جئندي جڳن تائين-
ڪٽي آسائتون اکيون، سدا سنڌ ڏي نهاريو آ،

ڪڏهن آزاد سنڌ ٿيندي، سنڌي موٽي وطن ويندا-
اسان جي آتما ان لئہ، سنڌوءَ کي خوب ساريو آ،

ڪريون ڪنهن جي گلا ڪهڙي، اسان هر وقت جا ماريل-
شڪايت وقت سان آهي، اسان کي وقت ماريو آ،



نالو : هوتو ”سنڌو پياسي“
جنم، تاريخ : پليو لغاري تعلقو سنجهورو، نواب شاه، سنڌ. ١٥-٦-١٩٣٢
ڇپايل ڪتاب: پياسا گيت، نشيلي سرهاڻ، مهڪ مٽيءَ جي، جرڪي وائي وطن جي، من جو ڪنڌهر، رت ڀنيون راهون، پرڪتيل پکي، تيزاب اکرن جو، موتي مانسروور جا.
انعام : رت ڀنيون راهون تي راجستان سنڌي اڪادميءَ جو انعام.
پيشو : پرائيويٽ ....
پتو : اي - ٣٠٣، شنڪر نگر، ڪاغذي وارا جئپور - ٣٠٢٠٠٢.

روچو 'خوابيءَ' جو غزل

بدلجي ڪيڏو نہ آ انسان ويو - آهہ ڦٽي حيوان ڪان حيوان ويو.

١. در خدا ڀڳوان جو : مسجد مندر - سياسي شيطانن جو ٿي آستان ويو.

٢. آڳ ڌرتيءَ کي لڳي اَهڙي تہ جو - قهر ٿي ويو، شهر ٿي شمشان ويو.

٣. ليڊري خطري ۾ هئي، نعرا لڳا - ''پنجي خطري ۾ ڌرم ايمان ويو!

٤. راڄ هو شيطان جو دُنيا مٿان - زور ٿي بي شرم بي ايمان ويو.

٥. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان ٿي ڪجهہ زيادتي -راڄنيتيءَ ۾ مچي طوفان ويو.

٦. جنهن ڪٿي فرياد هڪ اشراف ويو - ٿي ڪڙو سامهون سندس شيطان ويو.

٧. عام جنتا چاهي يا چاهي نہ، پر - ٿي اليڪشن ۾ ڪڙو اڳوان ويو.

٨. ديش ڀڳتن جي هٿان ديويءَ مٿان - ٿي هڪ نڊڪو بار ٿي قربان ويو.

٩. بمن جي برسات برسائي يمن - ويا لڳي لاشا، ٿي قبرستان ويو.

١٠. مذهبي ڌرمي چرين جي چرچہ تي - ويو بري پنيت، مچي گهمسان ويو.

١١. ديش جي ورهاڱي سان ورهائجي - هندو مومن، رام ۽ رحمان ويو.

١٢. نانگ نور ڪان، چور مور ڪان زور ٿي - ڪيئن نہ ٿي سرمور سياستدان ويو.

١٣. سائنس نالي اَمن جي آڙ ۾ - تيار ٿيندو جنگ جو سامان ويو.

١٤. بازيگر ''بگ ڪئپ'' جو بيوگل وڳو - ٿي دُنيا ۾ جنگ جو اعلان ويو.


١٥. انقلاب اَهڙو تہ اُلٽو ويو اچي - رنڪ راجا ٿي گدا، سلطان ويو.

١٦. اوچتو پيدا ٿي ڪلجگ ۾ وري - گم ٿي ڪيڏانهن ڪلجڳي ڀڳوان ويو!

١٧. انڌي فئشن انڌي آزاديءَ ڪري - شرم ويو ويئي شرافت، شان ويو.

١٨. گر جو گر، اُستاد جو اُستاد تي - اڄ جو شش شاگرد نافرمان ويو.

....



نالو : روچو ''خوابي''

جنم، تاريخ : ڪُنب ليمان، ضلع نواب شاهہ، سنڌ. ٢- ١٢ - ١٩٢٦

ڇپايل ڪتاب: ڪلياڻ گيتا (سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو)، چندا ماما (ٻال ڪوتائون)

انعام : هڪ بہ نہ

پيشو : اسِسٽنٽ پوسٽ ماسٽر جي پد تان رٽائرڊ

پتو : سنت هري داس ڪُٽيا، عيسائي مُحلا، اجمير - ٣٠٥٠٠١.

ڪيمن مولاڻيءَ جو غزل

درد دنيا جا دوستن وانگر.
هر گهڙيءَ ٿا چين ڪنڊن وانگر.

آسمان بادلن جي زد ۾ آهه،
ٿا لڪن تارا مائٽن وانگر.

هر ڪو ماڻهو ٿو اڄ ڊُکڻ چاهي،
وقت ڪان تيز ڪن پلن وانگر.

پروسو ڪنهن تي ڪٿي ڪري ڪوئي،
سڀ چڙهي ٿا وڃن سُڪن وانگر.

تو تہ دنيا فقط ڏٺي آهي،
مون تہ پرکي آ بالڪن وانگر.

ٿورڙي ئي هوا سان ڏڪندو آهه،
اڄ جو ماڻهو ڪکن پنن وانگر.

زندگي پڻ سڙي بري ٿيندي،
چارُ هڪُ ڏينهن ڪوئلن وانگر.

سُور ٻُکَ، بي وسيون ۽ ناڪاميون،
سڀ هليا ساهه سان ڏين وانگر.



نالو : ڪيمن مولاڻي
جنم، تاريخ : ڳوٺ درس، ضلع نواب شاهه، سنڌ. ١٠-٦-١٩٤٤
ڇپايل ڪتاب: تارين جهليا ٻوُر، اُڏر اُڏر ڙي پوپٽرا، اڪڻ مٿي اوپرا، پاڇو ۽ اوسيڙو.
انعام : اين. سي. آر. ٽي. دهليءَ طرفان ٥ هزان جو اِنعام
پيشو : سرڪاري نوڪري
پتو : اي. - نيو١٣٤/١٤، ٻڙاگڙه ڀوپال - ٤٦٢٠٣٠.

کيمچند گوکلاڻيءَ جو غزل

ڇا ٻڌايان حال پنهنجو
ڪيئن گذاري پيو هلان
سُور ڪنهن ڪنهن جا ڪٽي
جيءُ جيئاري پيو هلان

چمن جي هر شاخ تي
اڄ هوائُون زهر جون
پنهنجي من مايوس کي
مفت ماري پيو هلان


دوستي جنهن سان ٻه ڪئي
تنهن نيائي دُشمني
ڪيئن گلا ڪنهنجي ڪجي
سڀ سهاري پيو هلان

ناز سان پالي رکيم جا
دل ٻه گهائل ٿي پيئي
چوٽ کائي بي وفا کان
لڙڪ ڳاري پيو هلان

مُنتظر مُون آ گذاري
عمر ڪنهنجي آسري
دم دلاسن جو ڏيئي
دل ڌُتاري پيو هلان

غير جي ناهي عنايت
گهاءَ هي پنهنجن ڏنا
ڇير ۽ رهڙُون لڪائي
مرڪ ڌاري پيو هلان

ماڻ ۾ ''کيمن'' ڪٽي آ
پنهنجي بي وس زندگي
هنَ جنازي جيئري کي
بس، ڍِڪاري پيو هلان.



نالو : ڊاڪٽر کيمچند گوکلاڻي ''کيمن''
جنم، تاريخ : سانگهڙ، ضلع خود، سنڌ. ١-١-١٩٣٩
ڇپايل ڪتاب: ڪيترين ئي مخزنن ۽ اخبارن ۾ غزل گيت شايع ٿيل.

انعام :
پيشو : ميڊيڪل پرئڪٽس
پتو : ١، ٿي. اي. ٢٩، جواهر نگر هائوسنگ بورڊ، جئپور - ٣٠٢٠٠٤.

١٩. ڀڳت ڀولي جو ڀڄن ڀڳتي ڪندي - ڪامڻيءَ ڪنچن ڏي ڇڪجي ڏيان ويو!
٢٠. پيو گرو گهنٽال جو گپ ۾ گپي - ويو ڏيڻ ۾ ڏيان، لڙهندو گيان ويو.
٢١. پاپ جي پئسي مان ڪو ڪجهه پڇ ڪري - ڪئين نہ ٿي ڏرماتما ڏنوان ويو!
٢٢. چيڪ لکن جو ۽ موٽر بنگلو - ٿي مهاڪلياڻ، ڪنيادان ويو!
٢٣. مائٽن سمجهيو : چڙهي ڏيءُ شينهن ڪلهي ڇا خبر: ٿي گانءِ جو ٻليدان ويو!
٢٤. ٿي سماجي سرشتي انڌي ڪري - استري، ابلا، پرش ٻلوان ويو.
٢٥. نياڻي ڪي ٿاڻي ٽڪاڻي مساڻي ۾ - ''ڏن ڏجي'' ٻڌجي اهو ٻنڌيان ويو.
٢٦. ڀاڳ ڪائي ڀاڳ گهٽنئي جو لٿي - ڀپ ڀري، ڀاڳيو ٿي ڀاڳيوان ويو!
٢٧. ياد ۾ نامي گراميءَ جي ڪڙو - يادگار ٿي ڇا نہ عاليشان ويو!
٢٨. گيڙو پائي، هڪ گروگهنٽال ٿي - گياني ۽ ڏياني، گٽي گٽوان ويو.
٢٩. اسپتال ۾ پيءُ ڪي نڏٽڪو ڇڏي - گم الائي ڪيڏانهن ٿي نادان ويو!
٣٠. ڪالهہ شادي ٿي، ڇڏي پيءُ ماءُ کي - جوانڙيءَ سان گڏ هليو اچ جوان ويو!
٣١. هڪ ڇٽاپيٽيءَ ۾ هڪڙو چاپلوس - ڪنهن طرح ماري سڄو ميدان ويو!
٣٢. مرض، يا جُملين متي جو سوُر هڪ - شاعريءَ جو ''خوابي'' ٿي خفقان ويو.



ڪشن کوبچنداڻيءَ ’رنجايل‘ جو هائڪوُ

(۱)

ڪاري ڪاري ڪان،
راڌا تي جادو ڪيو،
مڌر وڄائي تان.

(۲)

پيارُ راڌا جو پاڪُ
راس رچائي ڪانَ سان،
روحُ ڪانَ جو صافُ.

(۳)

راڌا گوري آهِ،
سانوري تي ساه ڇڏي
مَنَ جو ميرو ناهِ

(۴)

ڪيڏانهن ويو آ رامُ،
سيتا، ”راڻوڻ قيد“ ۾،
لنڪا سونو گامُ!

(۵)

ڪوُڙ ڪري ٿو راڄُ،
سچُ تہ سڙي هر جاءِ ٿو،
هنسَ ڪانوَن جو ڪاڄُ!

(٦)

ڪوُڙي ڪيڊايون ساکَ،
پُڇي گٽن کي ڪيرُ ٿو،
لاهِ گٽن جي لاک.

(۷)

”روئي جڏهن ٿي رات،
نهندي تڏهن ٿي ماکَ آ،“
ڇوي پکين جي لاتِ.

(۸)

وڃ نہ سچَ جي راهہ،
بدنامي ۽ موچڙا،
ڪوُڙُ تہ آ واهہ واهہ!

(۹)

سچُ ٻولڻ آ ڏوهہ،
سوُريءَ چڙهہ منصوُر جِيان،
ڇڏ جيون جو موهہ.

(۱۰)


آئي سنڌُ جي سارَ،
اکڙين اوتيو آبُ آ،
ڇايا مينگهہ ملهارَ.

نالو	: ڪشن کوبچنداڻي ”رنجايل“
جنم، تاريخ	:
ڇپايل ڪتاب	:
انعام	:
پيشو	:
پتو	: ايف - ۱۲۷، ڪُبير نگر، احمدآباد - ۳۸۲۳۴۰

زمين جو اگهه

ھُن لاءِ اُها زمين
فقط هڪ ناپ هئي،
ناپ جيڏي وڏي هوندي
اگهه اوترو وڏو هوندو
ھُن لاءِ اِنهيءَ ڳالهه جو
ڪو مطلب ڪونه هو
تہ اُنهيءَ زمين سان
ڪنهن جو ڪهڙو رشتو هو؟
پتا هِن زمين سان ڪندو هو
ساهه کان بہ وڌيڪ پيار
اڪثر ويهي رهندو هو
ڏاڏي جي پوکيل نم جي
وڻ هيٺان -
۽ گهمائيندو هو هٿ
زمين تي ڌيري ڌيري
پيري وٺندو هو واري هٿن ۾
۽ پوري ڇڏيندو هو اکيون

ائين لڳندو هو ڄڻ
ڏسي رهيو آهي ڪو سپنو
پهچي ويو آهي پنهنجي ڳوٺ 'پرين' ۾
ڪنهنجي بہ همٿ ڪانہ ٿيندي هئي
تہ ڪيس ھُن دنيا مان ڪڍي وٺي اچي
هن دنيا ۾ اَهڙيون پوينر گهڙيون
جڏهن بہ ايندِيون هيون تہ ماءُ چوندي هئي
هو آهن پوڄا ڌيان ۾
هو سمجهي نہ سگهيو تڏهن اِنهيءَ ڳالهہ جو مطلب
اَڄ سمجهي سگهي ٿو
جڏهن وڪامجي رهي آهي
اُها جاءِ جنهن جي
اڱڻ ۾ گذريو هو
هنجو ٻالڪپڻ ......ننڍپڻ



نالو : هريش ڪرمچنداڻي
جنم، تاريخ : جوڌپور (راڄستان)؛ ١٥ جلاءِ
ڇپايل ڪتاب: هنديءَ ۾ پتا بولي ٿي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪئي ڪويتائون
انعام :
پيشو : ڊپٽي ڊائريڪٽر آڪاشواڻي جئپور.
پتو : ٩/٩١٣، مالويا نگر هائوسنگ بورڊ، جئپور - ٣٠٢٠١٧.

ڪوڏومل واڌواڻي ’جانب‘ جو غزل

۱. راز توکي ڳجها چوان ڇو ٿو؟
پوءِ بہ هر ڳالهہ تي ڏکان ڇو ٿو؟

۲. پاڻ مُهرو بڻائي شترنج جو،
چال هرڪا ڏکي هلان ڇو ٿو؟

۳. دائري ۾ رهڻ نٿو چاهيان،
حام اهڙيِ ڪڏهن هٽان ڇو ٿو؟


۴. يار جي ٿا چڙيِ ڏين دڙڪا،
پو(ءِ) بہ تن کي وريِ وٺان ڇو ٿو؟

۵. ماڻِ ڪنهنجي نٿيِ وٺي بيشڪ،
ماڻِ ۾ خود رهي سگهان ڇو ٿو؟

٦. تو وساري ڇڏيو سميِ لاڪر،
ڏسُ پُڇي سا گهِٽيِ لنگهان ڇو ٿو؟

۷. سيءَ هوندي بہ لُڪ لڳيِ ويئي،
ويڻ اهڙا ٻُڌيِ وڃان ڇو ٿو؟

۸ نانءُ هرڪنهن لحاظ کان ’جانِب‘
ڪيس تنهنجو ڏئي اچان ڇو ٿو؟



نالو : ڪوڏومل ”جانب“
جنم، تاريخ : وراز سچل سرمست جو ڳوٺ، سنڌ؛ ۴- ۱۱ - ۱۹۴۷
ڇپايل ڪتاب: چو دل ٿي دل کان ڏار پرين، رُڪجي ويندي رات.

انعام : سنڌي ساهتيہ اڪادمي گجرات جو اِنعام حاصل ڪيل.
پيشو :
پتو : ۱۶/۴، نيو جي. وارڊ، ڪُبيرنگر، احمدآباد - ۳۸۲۳۴۰.

شريچند ڏُبي ’جگري‘ جو غزل

چمڪ آ چانڊنيِ راتِ جيِ سهائي،
ڪڪراٽيان وريِ ڪو، اچيِ ويو ڇو؟

درد ڇو اينرو، جي مِلي جُدائي؟
هو بہ حسرتن ۾، اڄُ ٻُڏي ويو ڇو؟

خوب دلبر ڏني، حُب نہ ڪا مَدائي،
اوچِتو بارُ دل تي، اَچي ويو ڇو؟

تُم فقط آسرو، مهر جو خدائي،
خود ’جگري‘ عجب ۾، اَچي ويو ڇو؟

رحم ڪر يار تي، ساڻ جو سدائين،
خيال توبن جو ڪو، اَچي ويو ڇو؟



نالو : شريچند ڏُبي ”جگري“
جنم، تاريخ : جهوناڳڙهہ گجرات ١٢-١٠-١٩٥٥
ڇپايل ڪتاب: بهادر راجڪمار، پيار جو پيغام
انعام :
پيشو : ساڙهين جو هول سيل ڪندڙ
پتو :پريم نواس، موچي بزار، جهوناڳڙهہ - ٣٦٢٠٠١.(گجرات)

گوپال ’پروانو‘ جو گيت

آڪاش تي اُڏامندڙ
ڪارا بادل
تنهنجي اکين ۾ سمايل
ڪارو ڪاجل

برکا برسي، رُت سهاني،
سترنگي آنچل
ناز نکرا، مستي موهيندڙ،
دل آ پاڳل

لهرون لهرون تڙپن ٿيون،
منهنجي دل آ ساحل
گهنگهرو وڄن ٿا پيرن ۾،
هر ڌڙڪڻ آ پايل



نالو : گوپال ”پروانو“
جنم، تاريخ : جيڪب آباد، سنڌ؛ ١٠-١-١٩٣٦
ڇپايل ڪتاب: خشبو جو سفر (ڪويتائون)، عشق ناهي راند (ڪهاڻيون).
انعام :
پيشو : اِنشورنس صلاحڪار
پتو : ١٠٣، گولڊي اپارٽمينٽ، ٢٢٣ - ايم، ڪاٽيوالا ٽئنڪ، اندور - ٤٥٢٠٠٢.

روپڪمار ’گهايل‘ جو غزل

پيار ۾ ڳڻڀوت ڇاجي، پيار ۾ ڪهڙو حساب؟
پيار شيءِ ڀڳوان جي آ، پيار جو ناهي جواب!

پيار سوئي شڌ سچو آ، واسنا جنهن ۾ نہ آ،
نرالي تاثير وارو آ سندس جو آب - تاب!

جڳت جو ڪل جوڙ جڪ آ، پڌل محض هِڪ پيار تي
پيار جو انگہ ناهِ جنهن ۾، جڳڻ تنهنجو آ خراب!

پيار ڏيئي هر بشر کي، پيار وٺ بدلي ۾ تون
پيار ڏيئي دِل وٺڻ آ، بيشڪ وڏو ڪو ثواب!

پيار آ امرت سندو گهٽُ، بخشي ٿو جيون نئون،
پيار سان ٿي دکہ دفع ٿئي، پيار سان گهٽجي عذاب!

پيار سُهڻي چيز جڳہ ۾، پيار جي مهما اپار،
ويندو تري سو جڳت مان، پيار جنهنجو اِنتخاب!



نالو : ڊاڪٽر روپڪمار ”گهايل“
جنم، تاريخ : عامر جي نواب شاه، سنڌ؛ ١٧ - ٦ - ١٩٣٠
ڇپايل ڪتاب: سنڌي سونهون، ڇوليون ٿيون ڇلڪن، گيت منهنجا گلزار، لاڪيٽو لعل، هيمون ڪوُن سڏاوي ۽ ٻيا اٽڪل ٢٦ پستڪ.
انعام : سامي پرسڪار، ڊاڪٽر هري هر دويدي پرسڪار، پرياورڻ وياڳ طرفان پرسڪار، سنگيت ساڌنا طرفان گولڊ ميڊل مليل.
پيشو : رٽائرڊ گورنمينٽ هيڊماسٽر.
پتو : نيو بي. -٥/٣٩، ٻئراگڙه، ڀوپال.

ساون ڪمار ’اُداسي‘ جو گيت

راهي


او راهي......او راهي...... او راهي.
تڪ ۾ جي ٽيو آهين چور، منزل پيي جي پائئين دور.
ڳائيندو هل گيت نوان، ناهيندو هل ميت نوان.
او راهي......او راهي...... او راهي.

(۱)

مايوسيءَ ڪي ماري ڇڏ،
مئل اُمنگہ جيئاري ڇڏ
ڪنهن ڪي ڪل ناهي پل جي،
دل ڪي ياد ڏياري ڇڏ،
مشڪل ناهي تنهنجو ماڳہ،
مفت پڇائين پيو ٿو پور،
تڪ ۾ جي ٽيو آهين چور
منزل پيي جي پائين دور
ڳائيندو هل گيت نوان،
ناهيندو هل ميت نوان.
او راهي......او راهي...... او راهي.

(۲)

موهہ جا مورکہ بندن ٽوڙ
تند تار تون من جي جوڙ،
سچ جي راهہ سڃاڻي هل،
غافل ٿي نہ خود کي ٻوڙ.
جيڪي قسمت ۾ آهي سي،
ڏکا ۽ ٿابا ڪر منظور،
تڪ ۾ جي ٽيو آهين چور
منزل پيي جي پائين دور
ڳائيندو هل گيت نوان،
ناهيندو هل ميت نوان.
او راهي......او راهي...... او راهي.



نالو : ساون ڪمار ”اُداسي“
جنم، تاريخ : لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ۱-۱-۱۹۴۰
ڇپايل ڪتاب: هڪ گهڙي مونسان بہ گهار، عجب هيءِ آيو زمانو، ٻال سيا.
انعام :
پيشو : رٽائرڊ
پتو : ۲۰۱، سائين مهر - سی بلاڪ چونڪ، اُلهاس نگر - ۴۲۱۰۰۱

ليلارام تولاڻي ’پريم‘ جون رُباعيون

هي جي ڏسجن ڳاڙهيون ماڙيون،
آهن تِن ۾ ٻريل اُماڙيون،
هيڏانهن هوڏانهن اڄ آگ ٻري ٿي
باغ جلن ۽ جلن ڪيتيون واڙيون.

پاڻيءَ ۾ پڻ آگ ٻري ٿي،
مڇلي تنهن ۾ هاءِ جري ٿي،
چوطرف آهي دردُ دکايل،
جيئري هرڪا جان جري ٿي.

پره ڦٽيءَ جون باکون نکري
ڇهڇ وڻن جون شاخون اُيري،
آگ لڳائين ٿيون تن - من ۾،
ٿيون وچن هاءِ آهون نکري

ڀارت اسانجو ديش مهان،
سوني چانديءَ جي پڻ کاڻ،
کير نديون جت وهنديون هيون،
اُتِ کهڙي آئي آهي کاڻ؟

جهِڙا جهگڙا جنگ جولان،
ان ۾ ڦاٿو آ انسان،
نيتائن جي چوچيءَ سان اڄ
ديش بڻيو آ شمشان.

لوپين آهہ لڳايو لوڙهو،
پيسو سمٽي ٿيو آ سوڙهو،
پيٽ جي آگ سين کي ساڳي
جوان هجي يا هجي پوڙهو

سوارت ڪين هيءَ آگ وسائي،
قهر جي بجلي بڻجي آئي،
ڪونہ رهيو ڪو توڪان وانجو،
جلي رهي آ ساري خدائي

هاءِ دکي سنسار سڄو ئي،
بگڙي ويو وهنوار سڄو ئي،
سيتل جڳہ ۾ جاءِ نہ ڪائي
گرم بڻيو آ پيار سڄو ئي

مالڪ سهڻي راس رچائي،
ان ۾ آدم آگ لڳائي،
’پريم‘ بنا اڄ جڳہ ۾ ڪيڏي،
هاءِ بندي آ ڌوم مچائي!



نالو : ليلارام تولاڻي ”پريم“
جنم، تاريخ : پنوالڙي تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نواب شاه سنڌ؛ ١ - ٩ - ١٩١٤
ڇپايل ڪتاب: سيتا ماتا، پريم جا پور، آريہ وير، آتم درشن ۽ مخزنن ۽ اخبارن ۾ رچنائون.
انعام :
پيشو : رٽائرڊ ماسٽر
پتو : ١/٦٢٩، مالويہ نگر، جئپور.

شون ريلواڻي ’ساز‘ جو غزل

١. ڇو ڪنهن جي دل دکائين ٿو
سڀ ۾ هوڏ هلائين ٿو

٢. پنهنجو پاڻ پڏائڻ خاطر-
سچ سان ڪوڙ ملائين ٿو

٣. نندي وڏي جي ڄاڻ نه ڪائي
ڪنهنکي نه پنهنجو ڀانئين ٿو.

٤ اندر هڪڙي ٻاهر ٻي آ-
ٻهروپي پيي سڏائين ٿو.

٥. لوڀ لالچ جي وس اچي تون-
ماڙيون محل بنائين ٿو

٦. سنسار سارو ڪوڙ آهي-
ڇو ڪوڙ سان دل لڳائين ٿو

٧. سڀ سان ميل ملاپ رکي ڏس-
ڪيئن مان مرتبو پائين ٿو.

٨. سچ سان پريت لڳائي ڏس تون-
جي من جي شانتي چاهين ٿو.




نالو	:	شِوَن ريلواڻي ”ساز“
جنم، تاريخ	:	لاڙڪاڻو، سنڌ. ١٧-٩-١٩٢١
ڇپايل ڪتاب:		مخزنن ۽ اَخبارن وغيره ۾ رچنائون
انعام	:	
پيشو	:	سرڪاري نؤڪري (رِٽائرڊ)
پتو	:	”چيتَنا“، سُداما گهتي، وڪاس گره روڊ، ڄامنگر-٣٦١٠٠٨

(٣)

امرت جي بدران هِت پيارا،
زهر بہ پيئڻو پوندو آ.
من کي مروڙي جنگيون جوٽي
جڳہ ۾ جيئڻو پوندو آ.
هر هنڌ تنهنجو ساٿي آهي،
تنهنجو ڏکہ ۽ تنهنجو سور.
تڪ ۾ جي ٽيو آهين چور
منزل ئي جي پائين دور
ڳائيندو هل گيت نوان،
ڻاهيندڙ هل ميت نوان.
او راهي......او راهي...... او راهي.

(٤)

اڄ تہ اُداسي همٿ جي،
من ۾ جوتِ جلائي ڏس،
پنهنجي تڪ ۽ مايوسيءَ کي،
ٽورو وقت پلائي ڏس.
تنهنجي قرِيب ايندي منزل،
پاڻ ئي منڙا نيٺ ضرور
تڪ ۾ جي ٽيو آهين چور
منزل ئي جي پائين دور
ڳائيندو هل گيت نوان،
ڻاهيندو هل ميت نوان.
او راهي......او راهي...... او راهي.



چترو ناگپال جو نظم

ڪتاب مڙيئي ڪتاب ناهِن

ڪتاب مڙيئي ڪتاب ناهِن.
ڪي ٿا ننڊ ڦٽائن،
ڪن سان جهوٽا ايندا آهِن.
ڪن جا ور ور صفحا ڏسون،
ڪڏهن ختم ٿئي، جند ڇُٽي.
ڪي تہ شل نہ ختم ٿين،
اجا بہ ڪجهہ تہ ٻُڌائين.

ڪي تہ متي جا سوُر،
ڪن سان دکہ ٿئي دور.
ڪن سان سمجهون جيون سڦلي،
دل دماغ ۾ اچي ڳرائي ڦڙتي.
ڪلي پوي ڪا ڪڙڪي ڪن سان،
۽ جيون ۾ اچي روشني.

ڪي تہ وقت جو ذيان،
ماڳهين ڪي وقت گُذارڻ ڪاتر،
وندر سندو هلڪڙو مال.
ڪي تہ ڏسڻ جا ٿوٿا پوٿا،
ڊرائينگہ روُمن جو سِينگار.


سرچڻ جو سامان ڏين ڪي،
ڦيريو ڇڏين جيون جي واٽ.
پل ڪي ننڍڙا سنهڙا آهن،
ڪاڏي ڪان پي اهم لڳن پيا،
تن ڪان سواءِ جيون بيڪار.
رنگي ڇڏن ڪي پنهنجي رنگہ ۾
پاٺڪ ڦِري ٿئي ليکڪ شاعر.

ڪن ڪي ملن انعام پلي ٿي،
پر من ڪي ڪونہ جچن تڏهن پي.
ڪي ليکڪ پل ڪنڊ پاسيڙا،
تہ بہ ٿا لڳن سدائين پيارا.
تن سان ياريءَ تي دل ٿيندي،
پڙهي اُمالڪ خط لکون ڪين،
شل موقعو ملي تہ ملون انهن سان.
ڪن ڪي ڪن لاٿار ڪريون،
ڪِن تي ماڳهين غصو اچي.

ڪي تہ ڇمندي چاڻ مري ويا،
ڪي جيئن صديون ڪي سال-
مري بہ ڪين مرن ڪي ليکڪ
وجن ڦهلجي ساري جڳہ ۾.

ڪي تہ اُڌارا ورتل جيڪر،
رکي ڇڏيون واپس نہ ڪريون،
پر، ڪي جي ڏيون اُڌارا، چاهيون
موٽي ملن نہ شال.

”ڪتاب مڙيوئي ڪتاب آهي
پل تہ انهن ۾ ڪڇ پِي ناهي“
چوٽي اِها سمجهٽي آهي.



نالو : چترو ناگپال
جنم، تاريخ : شڪارپور، سنڌ. ١٢ - ٢ - ١٩٣٢
ڇپايل ڪتاب: جواني ڏينهن چار، روم ۾ هڪ رات، تنهنجي منهنجي ڪهاڻي، ياد وطن، دلبر پٽ منهنجو (سنهانجلي)
انعام : سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، دهلي
پيشو : پنهنجو بزنيس
پتو : ٧٠٣ ورشا اپارٽمينٽس، ٢٢١ راجمحل ولاس ايڪسٽيشن، بئنگلور ٥٦٠٠٨٠.

هري گوريجا جو غزل

١. من پاون تنهنجو شباب آ،
مُکَ سندر جيئن تہ گُلاب آ.

٢. تن اکڙين جي مستي ڏس جئين
ڇلڇي بوتل مان، شراب آ.

٣. تين ظاهر جذبي دِل جنهن تي -
چهرو هو اهڙي ڪتاب آ.

٤. سکہ آهن پکڙيل هِت هٿ پر-
تہ بہ ڇو هي جيون عذاب آ.

٥. روئندن کي جي اسين کلائي سگهون-
اُن جهڙو نہ ڪوئي ثواب آ.

٦. ڏُن وچي پيار جي جنهن تي ”هري“
هر دِل منجهہ اهڙو رباب آ.





نالو : هري گُوريجا
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو : شُوَم ڪالوني، راءِ سِنگهہ باغ، شهر، گواليرر - ٤٧٤٠٠١

(٥)

نکي لوڻ قائدو ڀڄڻ ڏي پوليس،
پڪيٽنگ وارن کي روڪي پوليس،
جلوسن ۾ ميڙن ڦٽائي پوليس،
ڏنڊا خوب لنيون وسائي پوليس؛
جهلي جوان اڳوان گرفتار ڪيا،
ڀريا جيل شاهي اتياچار ٿيا.

(٦)

سيـن وات نـعرو انـقلاب جـو،
ملي مـوت نـعرو زنـده‌بـاد جـو،
ڀڃو بنڌ بانهپ ڪم ثواب جو،
فڪر ديسواسين تہ اَحباب جو؛
ڪيو پاس نهراءُ ڪُئٽ اِنڊيا،
وڃو هاڻ واپس انگريز جي ٿيا.

(٧)

آخرڪار گورن آزادي ڏني،
مگر ڀاڱ ٻن ۾ وراهي ڏني،
ٽڪر هند جا ڪاٽي اسان کان ڇني،
پاڪستان ٺاهيو الڳ ٿي ڪُني؛
ويئي سنڌ ساري سَدوري سَدا،
پاڪستان گڏ ٿي اسان کان جدا.

(٨)

اُتي ڪونہ ٿيو ڪو اسانجو ڏٽي،
قرباني سنڌين جي سيني کان گهٽي،
جنم آستان جي ڇڏيسين پٽي،
ڇڏيو مال ملڪيت جا ايشور وٽي؛
غلاميءَ جا گهر وساري ڇڏيو،
آزاديءَ سندو ڳاه ڪٽي تان لڏيو.

(٩)

هند ۾ اچي پوءِ ڏيرو ڪَري،
ڪٽي ڪير وينو جتي هن سَري،
مِٽن مائٽن کان ڇِڄي ٿيا پَري،
خبر ڪانہ هڪبئي جئي يا مَري؛
لڳا روزگارن ڌنڌا جي مليا،
ٿيا ٻانهن ٻيلي نہ ڇوڪر ڀِنيا.

(١٠)

پنجاه سال پُورا آزادي ملي،
ڇيو ڪير نديون وهنديون گهلي،
سَستائي ايندي ملڪ ۾ جُهلي،
مگر ڳالهہ سيڪا تہ اُبتي ڦلي؛
ڪرڻ هاڻ ڪوشش سنڌ ۾ هلي،
رڳو ’**بيوطن**‘ ٿي نکي کي ٻُلو.

آزادي

(۱)

غلامي ڇڏائڻ ليءِ هلچل هلي،
وڃي جانِ جيڪر وڃڻ ڏي ڀلي،
اسان ڀل تہ انگريز ڇاڙهي ٻلي،
ڏيو منهن مصيبت اچي ڪا جُهلي؛
اسان جا تہ اڳوان بيدار ٿيا،
شهر ڳوٺ گهر گهر ۾ پرچار ٿيا.

(۲)


ڇيو خاص گانڌيءَ اهنسا ڪريو،
گنگاڌر تہ سُوراج جو حق گهُريو،
نهرُو روز پرچار پبلڪ سَريو،
سُباش جي نيتيءَ ۾ ڦيرو ڦريو؛
سِنڌ جا بہ اڳوان ٿيپ عام پيا،
چوئٿرام، جئرام، گهنشيام ٿيا.

(۳)

پِڪيٽنگ چالو دڪانن مٿي،
ولائتي نہ وڪڻو گهڻو ملهہ ڪٿي،
قطارون ڪري جوان سُمهيا رِٿي،
اورانگهي وڃو ڀل اسانجي جتي؛
ڪُٽي مرچ ٻاڙها وڌا ٿن اکين،
مگر ڪين هٽيا جَلي دک سهن.

(۴)

ڪَلر مان ڪڍي لوڻ ناهي ڇڏيو،
سمنڊ جو بہ پاڻيِ سُڪائي ڇڏيو،
ٿهي لوڻ اُن مان وراهي ڇڏيو،
وِلائتي ڪپڙن جلائي ڇڏيو؛
وڪڻو ڪين دارون خريدار ڪي،
ڏيو ڪين ڍل بہ سرڪار ڪي.



نالو : مورومل چيتنداس ڏانڏا ''بيوطن''
جنم، تاريخ : ڳوٺ ٽنڊو فضل تعلقو ۽ ضلع حيدرآباد، سنڌ. ۱۲ - ۷ - ۱۹۱۳
ڇپايل ڪتاب: بيوطن جي وينتي، سنڌي برهم کترين جو ڏارمڪ، سماجڪ اتهاس، هُنن جا نکہ وار شجرا ونساوليون وغيره ۽ سوامي ليلا شاهہ جيون،
انعام : چانديءَ جو ميڊل آبدار ايسوسئيشن سنڌ، اکل ڀارت برهم کتري پنچائت طرفان چانديءَ جو ميڊل ۽ ڪيترا ٻيا سنمان حاصل ڪيل.
پيشو : سنڌ ۾ پي. ڊبليو. ڊي. ۾ آبدار، هند ۾ اڪائونٽنٽ راجستان گورنمينٽ (رٽائرڊ)
پتو : ۵۴۹/۱۱ مالويہ نگر. جئپور - ۳۰۲۰۱۷۰.

ارجن چاولا جو گيت


تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ،
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!
کهڙي ريت پرينديِن منڙا،
گهايل دل جو گهاءُ!
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!

ڦاٽي هانوَ ڇڇي ٿي ڇاتي،
من جي پيڙا ڪنهن نہ سڃاتي،
ڪنهن پر ماڳ مُنيءَ جي موٽي،
لهنديِن سُڌِ سماءُ!
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!

ساجن ڪيئن سرچايان توکي،
کهڙي روءِ ريجهايان توکي،
آنءُ اياڻي يي نہ پايان
ڇاڻان پيچ نہ داءُ!
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!

پل پل سرتيون ويٺ ورائن،
طعنا تنڪا ڏيئي ڏکائن
ڏيهہ سڃي ۾ آهي ڦهليو
ڏاڍن جو ڏهڪاءُ!
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!

رمز رسڻ جي واجب ناهي،
وير ونجوڳ مناسب ناهي،
پاند ڳچيءَ ۾ پائي، توسان
پاڻ ڪنديس پرچاءُ!
او راڻل، تون ئي ڏس ڪو ڏاءِ!



نالو : ارجن چاولا
جنم، تاريخ : ڪشمور ضلع جيڪبآباد، سنڌ؛ ١٠ - ٢ - ١٩٣١
ڇپايل ڪتاب: چارڻ چوريو چنگ، شعرن جو مجموعو ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.
انعام : چارڻ چوريو چنگ تي سينٽر هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان ٥ هزارن جو اِنعام حاصل ڪيل.
پيشو : رٽائرڊ پرنسيپال
پتو : ٦/١٩٨، اسٽريٽ ايس. بي. - ا، نئي بستي، عليگڙه.

اعزاپرسي

تنهنجو موت
ڪو اوچتو ڪونہ ٿيو آهي،
اهو عام فهم آهي
تہ اسي سالن بعد
هرڪو پيرسن
اُداري ورتل وقت تي
ٽڳندو آهي.

تون هر روز چوندو هئين
تہ جيئڻ ۾ تنهنجي دلچسپي
هينئر خير ڪا آهي
پر باوجود انجي
تون تہ آخر تائين
هر عيش جو شيدائي
رهندو آئين.

تنهنجا دوست تہ آهن
آڱرين تي ڳڻڻ جيترا
مگر دشمنن جو عدد
بي حساب آهي.
پوءِ بہ تنهنجي ارٿيءَ کي اُماڻڻ لاءِ
هي هشام ماڻهن جا
تنهنجي مڪان ٻاهر
ڪهڙي ڪارڻ ٿيا آهن ڪٺا ؟
راز شايد آهي اِهو
تہ هو تنهنجي مرتيوءَ جي
ڪرڻ آيا آهن تصديق
جنهن پڄاڻا، هنن کي
مانسڪ سڪون ملڻ جو
سُو سيڪڙو ٿيندو يقين.



نالو : آسن واسواڻي "مجبور"
جنم، تاريخ : بنگلديرو، ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ. ٢٧-٢-١٩٣٢
ڇپايل ڪتاب: زندگي جا نغما، معاف ڪجو، ايشور جو آپگهات، خلش ۽ خاڪا، عقيدن جي وفات.
انعام : ايشور جو آپگهات تي گجرات سنڌي اڪادمي طرفان اِنعام ۽ بهترين ڪويتا سنگره چاڻايل
پيشو : پرنسيپال جي پد تان تان رٽائرڊ
پتو : ٽي. ايڇ. ايڪس، آديپور (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥.

هوڪو

وڏو ساهتڪار پڻ هُجي تون
پر
هوڪو مور نہ ڏي
جو
هوڪا هت
اڳ ۾ ئي آهن خوب وڌيل
اُنهن جا جي
ڄاڻ گهٽ هوندي
۽ علم گهٽ هوندي پڻ
ڪن پيا فضول يتن
مٿي ۽ مٿي
آسمان ۾ اُڏامڻ جو!!



نالو : اَمل آهوجا ’’رحمي‘‘
جنم، تاريخ : ٣٠ - ١ - ١٩٦٣
ڇپايل ڪتاب: قرباني ۽ جون ڪٿائون، سياڻي کهڙو ٿيندو- ناٽڪ، سنمان، بهروپي چهرا.
انعام : يونيورسل ساوڪ کهاڻي چٽاپيٽي ۽ ۾ پهريون اِنعام. اِسڪول ۽ ڪاليج ۾ اِنعام ۽ سنمان.
پيشو : سنڌي نيز ريڊر، آل اِنڊيا ريڊيو.
پتو : سنڌي نيوز، آل اِنڊيا ريڊيو، نئي دهلي - ١١٠٠٠١

ڪماري ديا لعلچنداڻي جو غزل

۱. ڪڏهن تنهنجي آهي ائين ياد ايندي
اِجهو وَڏ ڦري ڄاڻ برسات ٿيندي.

۲. ڪشادي ۽ منڙي محبت ڀري دل،
ڪڏهن ڪين ڪنهن کي بہ فرياد ڏيندي.


۳. چمن ۾ گلن تي جڏهن ڀنور ايندا،
پٽي اڪ تڏهن راه راڌا تڪيندي.

۴. ڪلائون ڏسي چنڊ جون سهڻيون،
لِڪل راز کولي خطن ۾ ڀريندي.

۵. نگاهن ۾ جنهن جي هزارين نِياپا،
اُها ڪنهن نہ ڪنهن جا اِشارا جهٽيندي.

۶. چڙهي چوٽ تي ڪنهن جَبل ڏي نهاري،
چِٽي چِتر پيئي سا تارا ڳڻيندي.

۷. مِنو درد دل جو ڏنو جن بہ آهي،
’ديا‘ چونہ اَحسان تِن جو مڃيندي.





نالو : ڪماري ديا لعلچنداڻي
جنم، تاريخ : اَحمداباد، گجرات؛ ۲۴ - ۱۰ - ۱۹۵۸
ڇپايل ڪتاب: اَڌپور پاسا، سيلاب زندگيءَ جو پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ناول جو گجراتيءَ ۾ ترجمو.
انعام : گجرات سنڌي اڪادمي طرفان ڪويتائن جي مجموعي تي ۱۹۹۲ ۾ پهريون اِنعام حاصل.
پيشو : ٽيچر اَيم. ڊي. هاير سيڪنڊري اِسڪول احمداباد.
پتو : لڪشمي نواس، سي. - ۳٦، شانتي نگر، سهجپور بوگها، احمدآباد - ۳۸۲۳۴۵

(٣)

چوچريءَ ڪاڏي اِها چنتا،
ڪائيندي رهندي توکي
نه هلندي جي حوصلي سان،
سسينو سنيالي توکي
توکي جڳائي ڪٽڻ،
سوچي سمجهي هر قدم
ان لاءِ تڙڪندي تون،
سهه دک درد ’’پريتم‘‘

(٤)

چاهين چاهيان چاهين،
چاهنا تنهنجيءَ جو ناهي سوال
ناهي ڳجهو وس واري ڪان،
ڪڏهن تنهنجو جو پي حال
تون خوش رهي هر حال ۾،
گذار زندگيءَ جا دم
اهڙي رهڻيءَ ۾ پنها،
اَتي ڪي راز ’’پريتم‘‘

(٥)

چٽا چوَن جيڪي توکي،
سدائين سو مچڻ گهرجي
نه رڳو هوڏ پنهنجيءَ تي،
ڪڏهن پي هلڻ گهرجي
تهان پوءِ جيوت تو لاءِ،
چت شانتي رهندي هردم
آه شڪر سان ئي گهاڙڻ،
صحي زندگي ’’پريتم‘‘

چنتا ئي چنتا

(۱)

چنتا ساگر ۾ ٻڏل اچ،
هر جيو کي تو ڏسان
نہ رڳو توکي ئي،
خود پاڻ کي ٻي تو ڏسان
تري پار پوڻ لاءِ،
ونڻو ئي آ هوش کان ڪم
اهڙي سهڻي صلاح کي ئي،
اَپناءِ تون ”پريتم“.

(۲)

چنتونا جي چڪيا ۾ پاڻ کي،
پيو تو جلائين تون
نتو عقل کان وٺين ڪم،
دل دماغ هلائين تون
توکي ڪرمن جو ڦل تہ،
ڏيٹو ئي پوندو دم بدم
اِن ڪري ٿيڻ بي همٿ
سونهين نہ توکي ”پريتم“

نالو : تيرٿ هگوراڻي ”پريتم“
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو : ۷/۱۴، ورسووا ويو، سي. ايڇ. ايس، فور بنگلو، انڌيري (ويسٽ)، ممبئي - ۴۰۰۰۵۳

سچل جئسنگهاڻي جو غزل

۱. نانگن جي ٻر ۾ هٿ وڌو ناهي اِئين ٻہ ناهي
ڪنهن نانگ ڏنگ هنيو ناهي اِئين ٻہ ناهي


۲. ٻوڙڻ - سهڪڻ - دل جو ڌڙڪڻ
مون ڪوڙو پڙهو ناهي اِئين ٻہ ناهي

۳. اُداس شام اڪيلو من ورياڪلتا
دل جي سنيارن ۾ شيام هوندو ناهي اِئين ٻہ ناهي

۴. ڇا ٻڌان ۽ ڇا ٻڌايان مان آخرين گهڙيءَ
ملڻ ڪو هن گهڙيءَ آئيو ناهي اِئين ٻہ ناهي

۵. ڏرتيءَ جي درد جو مونڪان پڇُ
ٻي وسيءَ ڪان رنو ناهي اِئين ٻہ ناهي

۶. اڄ - اڄ منهنجي ذات اَڄ
تو ڪو گُل ڏنو ناهي اِئين ٻہ ناهي



نالو : سچانند (سچل) گورڌنداس جئسنگهاڻي
جنم، تاريخ : رتوديرو ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ۱۲ - ۱۲ - ۱۹۳۳
ڇپايل ڪتاب: الڳ الڳ مخزنن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل ڪويتائون.

انعام : ڪيترين سنستائن ۽ ادبي ادارن ۾ سنمانت ٿيل.
پيشو : پنهنجو ڪپڙي جو واپار.
پتو : شاپ نمبر-۲۳۳، مين بازار، اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۲.

ڪندن لعل واسواڻي جو نظم

ديش جا دشمن


مٺيون مٺيون ڳالهيون آهن ڪيڏنديون ترا
دنيا جي داون کان بچجانءِ ذرا

١. وير ونڊ ۾ وير نہ ڪن
خون ڪرڻ ۾ دير نہ ڪن
مطلب وارا، اندر جا ڪارا
منهن جا مٺا پر اندر ڇُرا.
مٺيون مٺيون..............

٢. ڪي وري ديش جا دشمن ٿئي
اسان جي وچ ۾ ڪي جئچند ٿئي
ملڪ غداري، ڪن ٿا عياري
آفت آڻي ۽ ڪين اَرا
مٺيون مٺيون..............

٣. ڪين ڪڍهن ڪن ڪنهجو پلو
پلي ڪندڙ جو ٿا ڪَٽن گلو،
ڪن ٿا پچارون - ڏين ٿا گاريون
روز پيا ڪن ڪم نہ بُرا
مٺيون مٺيون..............

مٺيون مٺيون ڳالهيون آهن ڪيڏنديون ترا
دنيا جی داون کان بچجانءِ ذرا



نالو : ڪندن لعل واسواڻي
جنم، تاريخ : مورو تعلقو شهدادپور، ضلع نواب شاه، ٢١-١٢-١٩٣٤
ڇپايل ڪتاب: تسليم شاعر
انعام :
پيشو : رٽائرڊ آفيسر
پتو : بی. - ١٣، نيو ڪوارٽرس نمبر - ١٣٥، سنت هردارام نگر، ڀوپال - ٤٦٢٠٣٠

دنيا کي گهرجي ڀائيچارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
صدين تائين وهندي رهندس - ”مسافر“ کي اِهو پيغام ڏيندس،
ملندس وڃي محبوب سان - ڪيئي بندر جا ڪٽي ڪنارا،
منهنجو جيون جل جي ڌارا.- منهنجو جيون جل جي ڌارا.

.... ڪيول هرناڻي ’مسافر‘ جون رُباعيون

اونچي عمارت کي ٿاهي نہ سگهياسين،
جهوپڙي بہ پنهنجي ٺاهي نہ سگهياسين،
خوابن ۾ اسان محلات اڏيا جي،
حقيقت ۾ اُنهن کي ڍاهي ڇڏياسين.

ڇا سان شوڪت جو هو وڏن ۾ خمير،
قول تي مرندو هو غريب ۽ امير،
هي وهنوار جو دستور جهونو ٿيو،
اڄ نئين ۾ وڪامي پيو اِنساني ظمير!


سنڌو

مانسروور مان منهنجو اُدگم ٿيو - هند سنڌ سان منهنجو ناتو جڙيو،
سيتا جا جتي وڄيا نغارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
ننڍڙو سرو لداخ ۾ - اڳتي اڳتي وڌيس همت ۾،
هارين پوکيون ٻنيون ٻارا- منهنجو جيون جل جي ڌارا.
پنجاب منهنجو پنهنجو آهي - سنڌ منهنجو هردو آهي.
هاري ڪتين جتي لابارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
ماڻڪ موتي منهنجي من ۾ - کوٽ نہ اچي ڪڏهن ڌن ۾،
پريا پيا آهن پنڌارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
ساوڻ منهنجو ساٿي آهي - ڳائي ملهار سرندو وڄائي،
ملاحن جا سي نغما پيارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
سنڌو منهنجو نالو آهي - سنڌين جي ٿي ياد ستائي،
هر سال اُٿن ٿا غبارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
مون ڪنهنکي ڪين وساريو - ناتو سيني سان آهي نيايو،
ياد اچن ٿا سي نظارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
منش جي من جو ٿاهه ناهي - جتي ڀلائيءَ جو چاهه ناهي،
’اُتي‘ وسن پيا انگارا - منهنجو جيون جل جي ڌارا.
مونکي پنهنجو غم ناهي - منهنجو جيون ٻين لاءِ آهي،
....

نالو : کيول هرناڻي
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو : هائوس نمبر ۱۶۹/۷۳، سامهون اين. آر. آئي. ٽئگور پبلڪ اِسڪول، مانسروور، جئپور - ۳۰۲۰۲۰

احساس جي پتڪن

تمام
صدين جو بار
ڪلهن تي ڪٽي !
هلي رهيو آهيان !
هيءُ
احساس جي پتڪن
سيني جي جلن
وڃي نہ ٿي.
تمام
آنسن جا ساگر
مون پي چڙيا آهن،
پوءِ بہ
زندگي ڪندي رهي
مزاق مونسان
ڪوئي
راھ پتڪي نہ وڃي
اِهو سوچي
ڏئيو بٽجي
پرندو رهيس
پر پوءِ بہ
زماني کي
رهي شڪايت.....



نالو : پريمچند چيتواڻي
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو :پلاٽ نمبر بي-٢١، فليٽ نمبر - ٽي.-٣، لڏارام اپارٽمينٽ -٢، قوم -ئي - فضا، ڀوپال

منگهارام ’ديوانو‘ جون رُباعيون

(۱)


پريو ڏٺي تنهنجي دنيا، ڏٺا تنهنجا رنگ،
ڪٿي آهن جهيڙا ته ڪٿي ٻاهين جا رنگ،
’ديوانا‘ ڌرم نٿو سيکاري پاڻ وڙهڻ،
ڇڏيو وير وروڌ جو هميشه توهان سنگ.

(۲)

ناهي زندگيءَ ۾ اچ مزو، ٻڌ منهنجا يار،
آهيان پيار جو پياسو، ٻڌ منهنجا يار،
’ديوانا‘ جيئڻ ٿيو آهي هاڻ جنجال،
ڪائي اڪيلائپ ٿي اچ، ٻڌ منهنجا يار،

(۳)

ڏسو ملڪيت تان ٿين ٿا اڄ خوب جهيڙا،
پهچن ٿا ڪورٽ ۾ جي، ڪري اڄ خوب جهيڙا،
’ديوانا‘ آهن پاڻ ۾ جي ته سڳا ڀائر،
ٿيو ڀائرن ۾ وير، جي ڪن اڄ خوب جهيڙا.



نالو : برهم کتري منگهارام ”ديوانو“
جنم، تاريخ : ماتلي، سنڌ؛ ۲-۹-۱۹۳۹
ڇپايل ڪتاب: ۱۴ ڪتاب سنڌيءَ ۾، ۳ ڪتاب گجراتي ٻوليءَ ۾.
انعام : هڪ ٻه نه
پيشو :اگربتين جو
پتو : سوامي ليلا شاهه اگربتي ورڪس، جهوني ياڇي مارڪيٽ پنيان، جگاوارا روڊ، جيتپور-۳۶۰۳۷۰.

راهگيِر

پُڇيو گواليئر ۾ مونکان راهگيِر،
ڇو ميلان ميل هِتي هُتي هلي رهيا آهِيو
ڇو هتي تا وقت وڃايو
هلڻ ڪين ٿيندو سڃايو
وڃايو وقت تا اڃايو اڃايو

نہ سمجھو مون راهگيِر ڇوڻ ڇاتو ڇاهي
ملڪ منهنجو ڇو بيڪار آهي
جتين سنڌي هتي ٻي ٻولي ڳالهائين
ٻوليِ ۾ گيت هتي هرڪو گُنگُنائي

ماڻس ٻڌ يار اڄ- ڪن تون لائي
ي ڪين جيڪو سو پڪ سنڌيِ آهي
ي وفادار جنهن پنهنجو سڀ ڪجھ لُٽايو
ٻٽي هيمون ڪالاٽي سڀ ڪجھ مٽايو

فلم ۾ ڏس تون ساڌنا ۽ ٻبيتا
وري ڏس حسن ۾ يمياٽي ڪوينا
تون ڏس راجسيا ۾ هير ڪرپلاڻي
۽ هاڻ آهي لعل ڪرشڻ آڏواڻي
لتا ڪان نہ گھٽِ هئي يڳونتي ناواڻي

هتي آهن انيڪ سنڌيءَ جا شائق
امر آهن ساهتيہ ۾ سدائين
فخر سان ڪنڌ ڪٽي سنڌي تا سڏائين

امر آهي منهنجي سنڌي ٻولي
تون ’ گُلشن‘ جي ڳالهين تي ويچار ڪر
تون ڇئہ مان سنڌي تون سنڌي هو سنڌي
مان سِڪندس هنديءَ سان گڏ سنڌي

نالو	:	لڇمڻداس ڪيشواڻي ’’گلشن‘‘
جنم، تاريخ	:	
ڇپايل ڪتاب	:	
انعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	ڪيشواڻي ڀوَن، انسائيڊ اِتوارا، ڀوپال.

موتيرام هيرانندائي 'موتي' جو نظم

هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار ؟

ڪيرُ هلائي ٿو قُدرتَ جو، سارو ڪاروبار ؟
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار ؟


١. ڪيئي ڪتيوُن،
ڪيئي سِج چنڊ تارا
ٿا ڦڙن صَدين کان،
ڇوڏاري سارا
اوتَ نہ ڪا ئي آسمان کي،
تہ بہ بيٺو آ برقرار.
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار؟

٢. پري گهاگهريون پاڻيءَ جون،
ٿا بادل مينهن وَسائن
جڳہ جي پياسي ڇاتيءَ تي،
ٿا اَمرت جل ڇِڻڪائن.
اِنڊلٺ جي هٿ ۾ ڪٽي آرسي
ٿي ڌرتي ڪري سينگار
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار؟

٣. ڪل ڪل ڪري وهن ٿيون نديون،
جهر جهر وهن ٿا جهرڻا.
جهوُم اُٿن ساگر جو ڇوليون،
ڏسي چنڊ جا ڪِرڻا.
سَرَءُ، سيارو، اونهارو،
۽ اچي ٿي مند بهار.
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار ؟

٤. سوُن سوُن ڪري هوائون،
ٿيون درخت خوب نچائن
مِلي پَنن ۽ ڏارين سان،
ٿيون سُرَ سرگم جا ڳائن
ڪِٿي پي پيِ ڪري پپيهو
ڪٿي ڪوئل ڪري پُڪار
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار ؟

٥. وڻ وڏو ٿئي ٿو ٻِجَ مان،
ڪَڻَ مان ڪيچَہ ٻڻائي
لکين ڪروڙين آهن ماڻهون،
ساڳي شِڪِل نہ آهي
ڪيئن عجب انسان ٻڻيو آ
ڪو جنهنجو انتُ نہ پار
هي آ ڪهڙو ڪلاڪار؟



نالو : موتيرام هيرانندائي
جنم، تاريخ : ڳوٺ ڦڪا، ضلع دادو، سنڌ؛ ١-٣-١٩٢٣
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو : ريلوي ڊپارٽمينٽ مان رٽائرڊ
پتو : ٥٠٦، گينا ڪامپليڪس، هاسپٽل روڊ، اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠٢.

شرد 'ديوانا' شرد جو غزل

چئو ٻيلي ڪولي، چوڻُ جيڪو چاهيو
پِرولين جي ٻوليِ نہ ٻولي منجهايو

سوين سوُرَ سانڍِي، هلوُن پيا اندر ۾
ڏيئي چو ڏوراپا، جِگَرُ پيا جلايو


اَسان ڪين ڪنهنجي ڪڏهن دِل دُکائي
پلا چو خفا ٿيِ، رهو پيا اَجايو.

سَيئيِ غم سهوُن پيا، ڏِنوَ جي اَسانکي
گهايلَ دليُن کي، نہ ايڏو سَتايو.

سمُجهيِ سَگهيِاسِين، نہ ڪڏهين توهانکي
نہ مهِڻَن سان ماريو نہ دِلڙيِ دُکايو.

اَسانکي پروَسو، رهيو آهي رهندو
نِيائي ڏِسو جيئَن، اَسان پِڻ نِيايو.

ٺاهِڻُ سِکياسِين، نہ ڊاهِڻُ اچي "شَرِدَ"،
نَفِرت ڪڍيِ پيارُ دِل ۾ جڳايو.



نالو : شرد ديوانا شرد
جنم، تاريخ : ٺٽ هوتچند، تعلقو ناروشاه، ضلع نواب شاه، سنڌ؛ ٩-٦-١٩٣٧
ڇپايل ڪتاب: سُريلي سُرهاڻ، سارون سنيارون، ڳوڙهن سنديون ڳالهڙيون.
انعام :
پيشو : سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائرڊ
پتو : بي.-١٣٩، سنڌي ڪالوني، راجا پارڪ، جئپور -٣٠٢٠٠٤.

ساڌو موتيرام ’سائل‘ جا ڏوهيڙا

(١)

سوين آهِن سيِر ۾ ماڻڪ موتيِ لعل
سائِل پائين تا اُهي پهتا جي پاتال
ملندا تن کي مال، شيوا ڪئي جن سمنڊ جي

(٢)

ڪنوررام جي قرب جو مان ڪهڙو ڪيان بيان
آيو هو آڪاش مان تيِ ڌرتيءَ تي اِنسان
نياز نمرتا ويو رکي هو گُڻي وڏو گُڻوان
هيڙو خود پڳوان ’موتي‘ ساريءَ سنڌ جو

(٣)

سنڌوءَ جي ڌارا مان نڪتي سهڻي سندر چولي
ملي ورهاست ۾ مونکي سا منڙي سنڌي ٻولي
ماءُ ڏني جت لولي سا هئي سُهڻي سنڌڙي

(٤)


سنڌي منهنجي لاڏلي، سنڌي منهنجي ماءُ
سنڌي منهنجي سيِنتا سنڌي پانيان پاءُ
سنڌيت ساڻ لڳاءُ ”سائل“ آهي صدين کان

(٥)

سهڻي سنڌي ٻوليءَ جو هنئين منجهه هڳاءُ
سنڌي ٻي ٻولي چوي گهرو آهي پاءُ
ڪيئن نه اچي ڪهڪاءُ ’سائل‘ سنڌين کي ڏسي

(٦)


ڪونج ٻڌائج قرب مان مارُون جو احوال
ايندي ويندي تو ڏٺا هو ڪهڙو تن جو حال
مان هِت قابو قيد ۾ هُت مارون چارين مال
خبرخير جي ڏيو مونکي ڪونهي مئيءَ جو حال
ملڻ آهي نه مُحال جيئري جهانگيئڙن سان.



نالو : ساڌو موتيرام ”سائل“
جنم، تاريخ : ڳوٺ هٿو نگر ضلع ميرپور خاص، سنڌ؛ ٧ - ٧ - ١٩٤٣
ڇپايل ڪتاب: گيتن ڪلامن جا گُٽڪا، موتي مهراڻ جا، موتيءَ جي مهڪ، گل ڪڙيا گلاب جا - ڪويتائن جو مجموعو.
انعام : ڪيترين ئي سنستائن ۽ اِدارن طرفان سنمان حاصل ڪيل.
پيشو : ڳائڻ وڄائڻ ۽ سنگيت جا پروگرام، آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تي پروگرام پيش ڪرڻ.
پتو : سيڪٽر -٤-ٽي.-٢٧، جواهر نگر هائوسنگ بورڊ، جئپور- ٣٠٢٠٠٤

پوءِ ئي سوچيندا سِين..

پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
١. ماڙيون ماڙا اڏيون پيا
ڻاهيون مال مڏيون پيا
وقت ڪٽي آ سوچيون وينا
ورهاڱي جو ڇا درد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٢. نيتا آفيسر آهيون اَڄ
لتيل فتيچر ناهيون اڄ
احساس ڪونهي اڄ اسان کي
ورهاڱي جو ڇا درد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٣. جلسا جلوس گهڻا تين
ڏِڻ وار بہ گهڻا تين
بسِ اِهوئي وسِري وڃي
ورهاڱي جو ڇا درد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٤. مهڪ مٽيءَ جي مِٺي آ
وعظن ۾ بہ ٻُڌي آ
آهِ سگهي سِنگهي تڏهن
اُٿندو جڏهن ڪوئي مرد آ
پوءِ ئي سوچيندا سين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٥. صدين کان ڏسيِ ڏاهر توکي
فهمائش ڪري ڪنور توکي
تهذيب بچاءِ پنهنجي سِنڌي
’پرائي‘ نہ تيِ همدرد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٦. هيمون هوشو يادِ ڪرِ
شاه سَچل آباد ڪرِ
سار سِنڌڙي جيجل کي
دِل ۾ رکي درد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٧. سِنڌيءَ ۾ آهِ آس وڏي
ڦِٽي نہ ڏيندو ماڳُ ڪڏي
لکي ساڌ ٻيلي ويندو وري
سِنڌي جوان مرد آ
پوءِ ئي سوچيندا سِين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.
٨. تيِ سُڄاڳہ سِنڌي سڄڻ
لڳہ نہ پنهنجن کان پڄڻ
مِٺڙي ٻوليِ تيِ ماءُ جي
هيءَ ويل وڏي ٻي درد آ
پوءِ ئي سوچيندا سين- ورهاڱي جو ڇا درد آ.



نالو : نند لعل پرسراماڻي
جنم، تاريخ : سُلطان ڪوٽ، سنڌ؛ ١٠-٦-١٩٣٣
ڇپايل ڪتاب: پر...، جليل پياس، خواب خيالءَ ڪل،اپراجت ڪهاڻيون، ييگي لمحي.
انعام : راجستان سطح تي ڪهاڻين تي.
پيشو : رٽائرڊ سيڪنڊري هيڊ ماستر
پتو : گوپال اور ڪمليش چنر شالا، سلومبر، ٣١٣٠٢٧ (راجستان)

ڪشن بجاج جو غزل

١. نِيائي نہ ناتو - نہ ڪيم ڪا شِڪايت
اڳتي اڇي ورجائِين تہ نہ ها.

٢. ڪريس پي ڪريسِ پي، ڪرڻ ڏين ها مونکي
سيني ۾ سمائي - سنيالِين تہ نہ ها.

٣. گُلال ابير جا سڀ رنگ منظُور
پر پاڻيءَ ۾ پياري - پسائِين تہ نہ ها.

٤. وسائڻ ڏيئو روز ڪم آ تنهنجو
روايت وسائِڻ جي - گسائِين تہ نہ ها.

٥. سمهيو پيو هُئس منهن اونڌو پلنگ تي
نڪ نڪ ڪري در - ڪرڪائِين تہ نہ ها.



نالو : ڪشن بجاج
جنم، تاريخ : ٽنڊو آدم، سنڌ؛ ١٧-٨-١٩٣٨
ڇپايل ڪتاب: هڪ بہ نہ
انعام : راجستان سنڌي اڪادمي طرفان ١٩٩٧ ۾ ڇناپيٽيءَ ۾ پهريون اِنعام حاصل ٿيل.
پيشو : پرائيويٽ نوڪري
پتو : ٧٤، شڪتي نگر، اُدئپور - ٣١٣٠٠١

موتيرام رامچنداڻي ’باغي‘ جو غزل


محبت جي ملي نٿي، پوءِ ڪرين پيار ڇو؟
ٻٽيو پيار واپار، پوءِ ڪرين اظهار ڇو؟

ملي نہ جي دل سان دل، ڪٽڻ جيون آ مشڪل،
اهڙن مان اميدن جو، پوءِ ڪرين انتظار ڇو؟

خبر بہ اٿئي دوست، اڄڪلھ جي اُلفت جي،
اجايو عشق ڪي تون، پوءِ ڪرين خوار ڇو؟

رکي ڇا تون ڪنهن جي، پاڳلن جيان قرين تو،
ملڻ جي نہ آهي آش، پوءِ ٿين غمخوار ڇو؟

پيار ڪرڻ سان جي، ملي ٿي خواري هِت،
اهڙو اجايو ”باغي“، پوءِ ڪرين واپار ڇو؟



نالو	:	موتيرام رامچنداڻي ”باغي“
جنم، تاريخ	:	هيرپور خاص، ٩-٥-١٩٣٣
ڇپايل ڪتاب	:	مهڪندڙ موتي، ٻهڪندڙ موتي، ڇهڪندڙ موتي، انمول موتي، سورن سندي سوغات.
انعام	:	
پيشو	:	ليکڪ ۽ جرنلسٽ
پتو	:	١/ ١٤ اي. وارڊ، نيو بنگلو ايريا، سهج پور بوگا، احمد آباد- ٣٨٢٣٤٥.

بي قدر مرد

جڏهن جڏهن تو جنم ورتو جڳ ۾،
هر جنم ۾ ڄَمِئين ناريءَ جي ڪُک مان،
ماءُ به ناري ڀيڻ به ناري پتني به ناري،
پوءِ به ظلم ڪري رهيو آهين ناريءَ تي،
پنهنجي ئي ماءُ-ڀيڻ، ڌيءِ ۽ زال تي،
هي اَتياچار ڪري رهيو آهين!

ڄائِيين ماءُ جي ڪُکِ مان،
ٻالپڻ گذارِيَئِہ ڀيڻَ سان،
جواني ماڻِيَئِہ محبُوبا سان،
ٻُڍاپو گذارِيَئِہ زال سان،
پوري جيوَنَ ۾ سُکُ پاتَئِہ ناريءَ مان.

ويتَر احسان فراموش آهين تون،
وري بہ اَتياچار ڪري رهيو آهين ناريءَ تي
اَگر ناريءَ کي پيار ڏيندين تہ لڇمي ايندءِ
اُها بہ ناري اَٿئي!
اَگر ظُلم ڪندين تہ چنڊيءَ جو رُوپ
ڌاري تنهنجي مَٿان قهر ڪندي،
اُها بہ ناري اَٿئي!

سَچي زندگي رهين ناريءَ سان گڏُ
اي اَحسان فراموش مرد،
ناريءَ کي مانُ ۽ عزت ڏي،
تون اُنجي مهانَتا کان بي-خبر ناهين،
اَتياچار ڪرڻُ بند ڪر
نہ تہ ڪنهن ڏينهن ٿوڪر کائيندين!



نالو : هيملتا بجاج
جنم، تاريخ : ڪراچي، سنڌ؛ ١٨-۴-١٩۴٠
ڇپايل ڪتاب : جن پوت موڪل تي، ناريءَ جو سنگهرش، ڪنهن سان پنهنجا سور سليان، اکل ڀارتي سنڌي مهلائن جي ڊائريڪٽري (پريس ۾)
انعام : سماج سڌارڪ جو سنمان، پترڪار پرديش جو سنمان، ڊاڪٽر جو خطاب راشٽرپتيءَ وٽان حاصل ڪيل سماج سڌار ڪارڻ.
پيشو : سوشل ورڪر، پترڪار
پتو : آشريواد بنگلو، شري سائيناٿ نگر، خوش گانوَ لوناوالا - ۴١٠۴٠١.

لیک

فهرست

ليک

سنڌو پرديش ۽ سنڌي

ڳوبند حڪماڻي 'جيوت'

ڀارت ورش جي ست يگ ڪال کان وٺي اڄ تائين لڳاتار وهندڙ سنڌو ندي اُتر ۾ هماليه پروت ۾ ديولوڪ جهڙو نظارو پئدا ڪندڙ مانسروور مان نڪري ٿي. لداخ ۽ ڪشمير مان لنگهندي .... وٽان ڪابل نديءَ جو پاڻي کڻندي ۽ پنڇ ند ڪيتر (پنجاب) جي پنجن ندين جهيلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج کي پاڻ ۾ سمائي ملتان کان ١٦٠ ڪن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ پنچند وٽ اهڙو ته وشال ڦوليل روپ ڌارڻ ٿي ڪري جو پنهنجي سنڌو يعنيٰ سمنڊ نالي کي سچو ثابت ٿي ڪري. آدي ڪال کان وٺي اَڄ کان گويا اَٺ يا نوَ صديون پهرين تائين به سندس اهو اديت روپ قائم هئو ۽ اِن روپ ۾ جڏهن هيٺ سڌي سپاٽ علائقي مان وهڻ لڳندي هئي ته ڪيترن وهڪرن ۾ ونڊجي ويندي هئي. هڪدم اولهه ۾ مکيه سنڌو وهڪري ڪانسواءِ ٻيا هئا مهراڻ، هاڪرو ۽ ڳاگرو وغيره. اِهي سڀ وهڪرا ڳڏجي ڪراچيءَ کان ڪڇ ۽ سوراشٽر تائين ويڪر واري ڪيٽي کي سرسبز ڪندا وڃي ڏکڻ ۾ سنڌو ساگر (عربي سمنڊ) ۾ پوندا هئا.

اِهو سنڌو نديءَ ۽ اُن ۾ سمائيندڙ ٻين ندين جو ڪيتر سنڌو گهاٽي يا سنڌو ماٿري چوائيندو هئو. اِنهيءَ ڪيتر کي دنيا ٻيني منش سڀيتائن ۾ پراڻي ۽ اوائلي سڀيتا سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا جو هندورو ڪونيو آهي ۽ اَسانجي شاسترن ۾ اِنکي سنڌو پرديش چيو ويو آهي. اِن پرديش جون حدون ڏنل نقشي ۾ ڏيکاريل آهن: اُتر ۾ هماليه جو ڪاراڪورم پربت، ڏکڻ ۾ ديول بندر کان وٺي ڪنيات جي ڪاهيءَ تائين ڦهليل سنڌو ساگر. اولهه ۾ هندوڪش، سلئمان، ڪيرٿر جبلن جون قطارون، اوڀر ۾ يمنا گهاٽي، اَراولي پهاڙ ۽ سرسوتي نديءَ جي گهاٽي. چندر گپت ۽ چاڻڪيه جي زماني ۾ اِهو پرديش ٽن حصن ۾ ورهايل هئو. اُتر ۾ پهاڙي ڪيتر (تڪششلا، جمون، ڪشمير)، وچ ۾ پنچند ڪيتر (پنجاب) ۽ ڏکڻ ۾ وهڪرن وارو علائقو واهي پرديش. هر هڪ حصي ۾ ڪيترائي ننڍا راڄ يا جنپد هئا. پر ٻيني جي سڀيتا ۽ سنسڪرتي هئي سنڌو.

سنڌو پرديش جي اِن نقشي کي سمجهڻ ۽ ياد رکڻ هر اِتهاس جي وديارٿيءَ

نالو : ڳوبند حڪماڻي 'جيوت'
جنم، تاريخ :
ڇپايل ڪتاب :
انعام :
پيشو :
پتو : B - 16, Bhavani Singh Marg, JAIPUR - 302001

جنهن جي هام انگريزي راڄ جي تعليمي آفيسر گرئريسن پنهنجي هندستاني ڀاشائن جي تفتيش جي رپورٽ ۾ به ڀري آهي. هن صاف لفظن ۾ لکيو آهي ته ٿر ريگستان جون ڪڇي ۽ ڍاٽڪي ٻوليون سنڌي ڀاشا جا Dialects يعني ٻولڻ جا قسم آهن ۽ اُنهن ۾ سرحد تي هئڻ سبب گجراتي ۽ مارواڙي ٻولين جا لفظ مليل ويا آهن جيئن اڪثر هر سرحد تي ٿيندو آهي. انگريزن سنڌ جي اوڀري سرحد جي راڄن کي سنڌ سان ملائڻ اِن ڪري ضروري نه سمجهيو جو جيسلمير کان وٺي ڪڇ تائين سڀني راجواڙن انگريزن کي ڏن ڏيڻ ۽ وقت بي وقت وفادار ٿي رهڻ جي پڪ ڏني هئي. انگريزن کان اڳ ۾ پوري واهي پرديش پنهنجو حقيقي نالو سنڌ اِن سبب اختيار نه ڪري سگهيو هئو جو قدرت جي بيرحم حملن سبب اٽڪل عيسوي يارهينءَ کان ٻارهين صديءَ جي وچ ۾ واهي پرديش جي هِن حصي ۾ سنڌو نديءَ جا وهڪرا ئي بند ٿي ويا ۽ سمورو علائقو ريگستان بڻجي ويو. ٿر ريگستان جو ٻاهريون روپ ته سنڌ کان جدا لڳڻ لڳو پر پرمپرائون، لوڪ گيت ۽ لوڪ ڪٿائون ساڳيون رهيو. اُهي اڄ به جئن جو تئن آهن. اِئين پيو لڳي جڻ سنڌين جي ابن ڏاڏن جي آتما ٿر جي واريءَ ۾ دٻي پئي آهي.

اَڄ ضرورت آهي ته سنڌ ڇڏي آيل سنڌي ڀارت جي اندر شامل ٿر ريگستان واري واهي پرديش کي پنهنجي سنڌيت جو علائقو سمجهي اِن کي پنهنجو ڪن ۽ اِنجو وِڪاس ڪن ۽ ٿر ريگستان جي رهاڪن جي لاءِ موقعو آهي ته پنهنجو سنڌ ڇوائڻ جو حق حاصل ڪن. ريگستان جا رهواسي ۽ سنڌ مان لڏي آيل سنڌي گڏي آواز اُٿارن ته واهي پرديش جي هن ٽڪري جي سنڌو سڀينا يا سنڌيت کي بچائڻ لاءِ هن علائقي کي جدا مرڪزي راڄ ناهي اُنجو نالو 'اوڀري سنڌ' يا 'ٿري سنڌ' رکيو وڃي ۽ اِن راڄ جي سرڪاري ڪم ڪاڄ جي ڀاشا سنڌي گهوشت ڪئي وڃي. ڀاشا ۽ سڀينا جو زنده رهڻ لاءِ پنهنجي ڀوميءَ سان جڙيو رهڻ تمام ضروري آهي.

ڪي سنڌي مُدبر اِئين چو تا سوچين ته اسان سموري سنڌ وڃائي ويٺا آهيون تنهن ڪري راڄنيتڪ منچن تان گهرون پيا اُٿارڻ چاهن ته سنڌين کي جلاوطن سرڪار يا بنا پرديش سرڪار ناهڻ جو اڌڪار ڏنو وڃي. جيئن ته سنڌي سنڌ مان ڌڪيا ڪونه ويا آهن پر پنهنجي ڀارت جي آزاديءَ خاطر پنهنجن اَباڻن وٽاڻن جو تياڳ ڪري آيا آهن. اُن صورت ۾ جلاوطن سرڪار ناهڻ اَنترراشٽريه سمسيا پئدا ڪندو. ٻيو ته اهڙي سرڪار اُنهن لاءِ ڪارگر ٿيندي آهي جن کي پنهنجي ديس کان سواءِ ڪو ٽاٽو نڪاٽو ڪونه هوندو آهي ۽ پنهنجي ديس موٽڻ جو جنون دل ۽ دماغ مٿان سوار هوندو آهي. سنڌين جي حالت بلڪل جدا آهي. تنهن ڪري جلاوطن سرڪار يا راڄنيتيءَ ۾ رزرويشن دواران حصو پراپت ڪرڻ ۾ رکو ڪن ٿورن سنڌي ڀائرن جو فائدو ٿي سگهي ٿو. پر سنڌيت زنده رهڻ ممڪن رکو ڀوميءَ سان جڙڻ ۾ ئي آهي ۽ اِن لاءِ پنهنجي واراسيل ڀوميءَ کي سڃاڻي سڀني جي سامهون آڻڻو آهي.

❖❖❖❖

لاءِ تہ ضروري آھي ٿي پر ھر سنڌيءَ لاءِ اِنکي پنھنجي ذھن ۾ وھارڻ بنھہ ضروري آھي. ضروري رڳو اِن لاءِ ناھي تہ پنھنجي آعليٰ ۽ عظيم سيپتا جنھنجو آحوال سنڌي 'موئن جي دڙي' جي کوج مان حاصل کري سوپيمان جون سُرکيون ٿو پيري، اُن جي ڦھلاءَ جي باري ۾ بہ پوري ڄاڻ رکي، پر ضروري اِن لاءِ بہ آھي تہ سنڌي پنھنجي ڌرتيءَ جي کنڊ کرچ جي واقفيت حاصل کري تہ جيئن ٻاھرين حملاورن جو اِتھاس پڙھندي اِھو تہ سمجھي ٿي تہ اِھو سمورو سندس کشتن ۽ کشمکش جو اِتھاس آھي پر اِھو بہ ڌيان ۾ اَچيس تہ سندس وڏن کڏھن بہ کنھن بہ حملاور کي پوري سنڌو پرديش مٿان قبضو کرڻ نہ ڏنو ھئو.

شکن ھوڻن ۽ يونانين جا حملا تہ سنڌو پرديش جي راجائن پارت جي چکرورتي راجائن وکرماجيت ۽ چندرگپت جي رھنمائيءَ ھيٺ بلکل ناکامياب کري ڇڏيا ھئا. تنھن کانپوءِ عيسوي ڇھين صديءَ ۾ عربستان ۾ اِسلام مذھب جي پئدا ٿيڻ کانپوءِ ستين صديءَ ۾ عربن جا کيترا حملا بہ ناکامياب کيا ويا ھئا. سنہ ٧١٢ ع ۾ محمد بن قاسم (محمد پٽ قاسم جو) جي اڳوانيءَ ھيٺ آلوڙ جي راجا ڏاھرسين کي ماري عربن جڏھن سوڀ حاصل کئي ھئي تڏھن بہ ھنن پوري سنڌو پرديش مٿان تہ ڇا پوري واھي پرديش مٿان بہ سوڀ کونہ پاتي ھئي. پر ڇاکاڻ جو عرب ۽ مڌيہ ايشيا جا ٻيا ملک پوري سنڌو پرديش کي 'سنڌ' يا 'س' کي 'ھ' ۾ بدلي 'ھند' چوندا ھئا. سو محمد بن قاسم پنھنجي فتح کيل علائقي کي سنڌ جو نالو ڏيئي اِھو ڀرم پئدا کيو ھئو تہ ھن پوري سنڌو پرديش کي جيتيو ھئو. عربن اچڻ سان ٿي جھاد ڇيڙيو. جنھن سبب ھندن ۾ ڀاڄ اچي پئي ۽ کيترا ھندو جان بچائي سنڌو پرديش جي ٻين راڄن ملتان، جيسلمير، کڇ ۽ کاٺياوار پڄي ويا ۽ اُن ڀاڄ ۾ سنڌين پاڻکي کڏھن بہ شرنارٿي محسوس کونہ کيو.

واھي پرديش جي اُن سنڌ نالي واري علائقي مٿان عربن جو راڄ ختم ٿيڻ کانپوءِ بہ اُن علائقي جي ننڍن راڄن مٿان اِسلامي راڄ ٿي رھيو ۽ تنھن کري اِسلامي تواريخ نويس اُن علائقي کي سنڌ جي نالي سان ٿي کوٺيندا رھيا. پارتواسي بہ اِئين ٿي چوندا رھيا. پارھان سؤ سالن کانپوءِ جڏھن انگريزن اچي ميرن کان راڄ کسيو تڏھن انگريزن بہ اُن راڄ تي سنڌ جو نالو قائم رکيو. کجھہ وقت سنڌ کي بمبئي پريزڊنسيءَ سان ملائي رکيو ۽ وري پوءِ ھک ڌار پرانت جو درجو ڏنو.

اِن طرح لڳاتار صدين تائين واھي پرديش جي اِن ننڍي ٽکري کي ٿي سنڌ چوندي چوندي رڳو عام ماڻھن جي ڌيان مان نہ پر اِتھاسکارن ۽ جاگرافي جي ماھرن جي ڌيان مان بہ وشال سنڌو پرديش جو نقشو نکري ويو آھي. جھون کشمير سرحدي پرانت ۽ پنجاب پنھنجي ليکي پرانتن جي روپ ۾ اچي ويا آھن. پر سنڌ نالو پوري واھي پرديش کي کونہ ڏنو ويو. جيتوٽيک اِن پوري واھي پرديش جي رھڻي کرڻي ۽ ٻولي سنڌي ھئي،

لفظن جا قسم

لفظ ڇا کي ٿو چئجي؟ لفظن جا رچنا جي خيال کان گھڻا قسم آهن؟ اچو ته اِنهيءَ سوال تي اول ويچار ڪريون. سونهاري شاهه لطيف جي ڪلام مان هيٺ ڏنل بيت ڏسو:-

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سِنڌ سُڪارَ،
دوستَ! مِٺا دِلدارَ! عالم سڀ آباد ڪرين.

ڪنهن کان به پڇبو ته هن بيت ۾ گھڻا لفظ آهن ته هو هڪدم ڳڻي جواب ڏيندو ته تيرهن لفظ آهن. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته عام طور هر ڪو ماڻهو اُنهيءَ روپ کي لفظ سمجهي ٿو، جيڪو ڳالهائڻ ۾ الڳ اُچارجي ٿو ۽ لکڻ ۾ ٻين روپن کان جدا لکيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ ’لفظ‘ جي سمجهاڻي ۽ پريڀاشا ايتري آسان نه آهي، جيتري هتي محسوس ٿئي ٿي. دنيا ڀر جا ڀاشا وگياني لفظ جي اَهڙي عام پريڀاشا اڃا تائين تيار ڪري نه سگھيا آهن، جيڪا سڀني ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ لفظن سان لاڳو ٿي سگھي. اِنهيءَ ڪري هتي اَسين ’لفظ‘ جي پريڀاشا تي وسنار سان بحث نه ڪري عملي نقطي نگاهه کان اُنهيءَ جي وصف پيش ڪريون ٿا. ٻوليءَ جي رچنا ۾ ڪو به معنيٰ ڀريو روپ، جيڪو عام طور ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اڪيلي سر ڪتب اچي سگھي ٿو، تنهن کي آزاد روپ (Free form) يا لفظ (Word) چئجي ٿو. اِنهيءَ مطابق هتي ڏنل بيت ۾ جيڪي تيرهن روپ استعمال ٿيا آهن، اُنهن ۾ هرڪو آزاد روپ يعني لفظ آهي.

هاڻي اچو ته اِنهن تيرهن لفظن تي وڌيڪ باريڪيءَ سان ويچار ڪريون. ڇا اِهي سڀيئي لفظ ساڳئي قسم جا آهن؟ ڇا اسين اِنهن سڀني لفظن کي ننڍڙن معنيٰ ڀرين جزن ۾ ڀڃي سگھون ٿا؟ ’’سائينم‘‘ لفظ جي ڀيٽ ڏيرم، سهُرم، پٽم، ڏاڏيم سان ڪري اسين خاطريءَ سان چئي سگھون ٿا ته اِنهن لفظن ۾ آخري جزي /-م/ جو مطلب آهي ’’منهنجو، منهنجا‘‘. اڳيون جزو ’’سائين‘‘ پڻ /-م/ کانسواءِ اڪيلي سر ڪتب ايندو آهي. اِنهيءَ مان ثابت آهي ته ’سائينم‘ لفظ ٻن ننڍن معنيٰ ڀرين ڀاڱن ۾ ڀڃي سگھجي ٿو. ساڳيءَ طرح ’سُڪارَ‘ لفظ جي ڀيٽ سُپٽ، سُڳنڌ، سُويل سان ڪري اسين اِنهيءَ کي ٻن جزن ۾ ڀڃي سگھون ٿا، جيڪي آهن: سُ + ڪارَ. (سُ - جي معنيٰ آهي ’سنو‘ ۽ ڪارَ جي معنيٰ آهي ڪم، حالت يعني سُٺي، ڀلي حالت). ’دِلدار‘ لفظ وانگر سنڌيءَ ۾ ٻيا به گھڻيئي لفظ نهيل آهن - جاگيردار، پهريدار، مٺادار، وغيره. اِنهيءَ ڪري هتي /-دار/ جزو ڀڃي الڳ ڪري سگھون ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي ’وارو‘. اِنهن مثالن ۾ /-م/ ۽ /-دار/ اَهڙا ننڍا معنيٰ ڀريا جزا آهن، جيڪي عام طور ڳالهائڻ ۾ اڪيلي سِر استعمال نه ٿيندا آهن. اِهي هميشه ڪنهن ٻئي روپ جي آخر ۾ ڳنڍيل هوندا آهن. ساڳيءَ طرح /سُ-/ به ننڍڙو معنيٰ ڀريو جزو آهي، جيڪو هميشه ٻئي ڪنهن روپ جي شروعات ۾ ڳنڍيل هوندو آهي. ڪو به معنيٰ ڀريو روپ جيڪو عام طور ڳالهائڻ ۾ اڪيلي سِر ڪتب نه ٿو اچي ۽ هميشه ٻئي ڪنهن لفظ يا روپ سان ڳنڍجي استعمال ٿئي ٿو، تنهن کي پرَ-وَس روپ (Bound form) چئبو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سماسن جي رچنا

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

سنڌي اسان جي ماتر ڀاشا آهي. اسين سهج سڀاءُ اُها ننڍي هوندي کان وٺي ڳالهائيندا پيا اچون. پوءِ اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم دوران اُنهيءَ جو وڌيڪ ابياس ڪريون ٿا. اِنهيءَ هوندي ٻڻ اسانجي ٻوليءَ ۾ رچنا جي خيال کان ڪهڙيون خاصيتون آهن، اُنهن طرف اسان جو اڪثر ڌيان ڪونه ٿو وڃي. سنڌيءَ جي مشهور شاعر نارائڻ شيام سان ڳالهين ڪندي هڪ دفعي ڪيس چيم ته سنسڪرت ۽ هنديءَ جي شاگردن کي سماس يعني مرڪب لفظن جي رچنا ۽ اُنهن جا جدا جدا قسم اسڪولن ۾ سيکاريا وڃن ٿا، پر سنڌيءَ جي وياڪرڻ لکندڙن تعليمدانن اِنهيءَ وشيه تي خاص ڌيان نه ڏنو آهي. اِهو ٻڌي شيام عجب ۾ پئجي ويو ۽ هڪدم سوال ڪيائين ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سماس آهن ئي ڪٿي جو اُهي وياڪرڻ ۾ سمجهائجن؟ اِنهيءَ تي مون ڪيس هڪدم سندس شاعريءَ مان ڪجهه مثال ٻڌايا. ڇيومانس ته ماڪ ڀنارابيل، رنگ رتي لهر، واريءَ ڀريو پلاند، مينديءَ رتا هٿڙا وغيره جيڪي لفظ اوهان ڪتب آندا آهن، اُنهن ۾ ”ماڪ ڀنا“، ”رنگ رتي“، ”واريءَ ڀريو“، ”مينديءَ رتا“ - اِهي سماس نه آهن ته ٻيو ڇا آهن؟ پوءِ ته اِنهيءَ وشيه تي ڊگهو بحث ٿيو ۽ شيام قبول ڪيو ته برابر اِنهن کي سماس يا مرڪب لفظ لکڻ گهرجي. مطلب ته سنڌيءَ جو هڪ عظيم شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ سماس استعمال پيو ڪري پر ڪيس اِها ذري به سمڪ نه آهي ته اِنهن لفظن جي رچنا ڪهڙي قسم جي آهي.


ڪن وياڪرڻ لکندڙن ۽ ڀاشا وگيانين سنڌي سماسن جا ٻه - ٽي مثال ڏيئي ڪم ٽپايو آهي. هنن سنڌي سماسن جو تفصيلوار ابياس پيش نه ڪيو آهي. مون سنڌي ٻوليءَ تي لکيل پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ سنڌي سماسن جي رچنا ۽ قسمن جي وستار سان ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. اُنهيءَ مقالي تي سن ۱۹۶۵ ۾ پونا يونيورسٽيءَ ’ڊاڪٽر آف فلاسفي‘ جي ڊگري عطا ڪئي هئي. سنڌي ٻوليءَ جي ابياس ۾ چاهه رکندڙن لاءِ هتي ٿوري ۾ سنڌيءَ ۾ سماسن جي رچنا ۽ جدا جدا قسمن جو جائزو پيش ڪريان ٿو.

نالو : ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي
جنم، تاريخ : حيدرآباد، سنڌ؛ ۷ - ۱۱ - ۱۹۳۰
ڇپايل ڪتاب: اٽڪل ۱۵ ڪن، سنڌي ساهتيه جو اِتهاس، سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، شاه جو رسالو هڪ ابياس، سنڌي ڀاڪا ۽ محاورا، سنڌي ڀاشا وياڪرڻ. ۽ راشٽريه، انترراشٽريه سيمينارن ۾ تحقيقي مقالا پيش ڪيل، چار شبد ڪوش.
انعام : سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان انعام ۽ سنمان؛ سنڌو رتن سنمان ۽ ٻيا ڪيترا سنمان.
پيشو : سنڌي ڀاشا وڀاڳ پرمکه (رٽائرڊ)، دهلي يونيورسٽي.
پتو : D - 127, Vivek Vihar, Delhi- 110095 . فون : (2146121)

يا هڪ کان وڌيڪ لفظن ۾ پيچي سگهجي، اُنهن کي مرڪب لفظ يا ساماسڪ لفظ (Compound Words) چئبو آهي. ٻن يا وڌيڪ لفظن جي اَهڙي قسم جي ميلاپ کي سماس يا مرڪب (Compound) چئبو آهي.

لفظن جي رچنا جو هڪ ٻيو قسم ڏسو:-
گهرِ گهرِ، هٽون هٽِ، مٺائي ٺنائي، ڦٽ ڦٽ، ڪڙ ڪڙ، ڦناڦت، بڪبڪيو، وغيره. اِنهن لفظن جي رچنا ۾ بنيادي روپ جو هو بهو يا ڪي قدر تبديل سان ڏُهراءُ ٿيل آهي. گهرِ گهرِ ۾ ”گهرِ“ لفظ ٻه دفعا آيو آهي. هٽون هٽِ ۾”هٽ“ لفظ ٻه دفعا ڏُهرايل آهي ۽ وچم پهرئين روپ کانپوءِ ”اون“ روپ لڳل آهي. ’بڪبڪيو‘ ۾ ”بڪ“ لفظ کي ٻه دفعا ڏُهرائي پڇيان ’يو‘ پڇاڙي ڳنڍي ويئي آهي. اَهڙن لفظن کي ڏُهراءُ وارا يا ڏُهرايل لفظ (Reduplicated Words) چئبو آهي.

رچنا جي لحاظ کان هتي سنڌي لفظن جا جيڪي قسم ڄاڻايا ويا آهن، اُنهن کي چارٽ ۾ هيٺينءَ طرح سمجهائي سگهجي ٿو.



لفظن جي اندروني رچنا جو اڀياس ڪرڻ لاءِ مفرد يا سادن لفظن جي اَڀياس ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، ڇاڪاڻ ته اُهي ننڍن معنيٰ پرين جزن ۾ ڀڃي نٿا سگهن. اُنهن جي ڀيٽ ۾ ساڌِت يا مشتق لفظ اُهي آهن، جن جو ڇيد ٻن يا ٻن کان وڌيڪ روپن (معنيٰ پريل ننڍن جزن) ۾ ڪري سگهجي ٿو. اُهي ڪنهن بُنيادي روپ مان ڦُٽي نڪتا آهن. ساڌِت معنيٰ ٻئي ڪنهن بنيادي روپ مان ساڌي ڪڍيل. مشتق جي معنيٰ ٻه آهي جنهن جو اِشتقاق ڪنهن بنياد مان نڪتل آهي.

هڪدم ويجها جزا (Immediate Constituents)

ڪنهن ٻه ساڌِت لفظ جي رچنا ۾ جڏهن ٻن کان وڌيڪ جزا ڪتب آيا آهن، تڏهن اَهڙي لفظ جي رچنا ۾ ترتيب جون الڳ الڳ سطحون موجود آهن. اُن حالت ۾ جزن جي فقط لسٽ ڏيڻ سان ترتيب جي تصوير ڇٽي ڪانه ٿي سگهندي. اِنهيءَ حالت ۾ صحيح طريقو اِهو آهي ته هر هڪ سطح تي جيڪي جزا پاڻ ۾ ملي لفظ جو هڪ ياڱو ناهين ٿا، اُنهيءَ کي ڌيان ۾ رکي لفظ جو ڇيد ڪجي. مثال طور هيٺ ڏنل لفظن جي رچنا ڏسو:-

”بيهوشي“ هڪ مرتب لفظ آهي، جنهن ۾ ٽي روپ آهن:- بي + هوش + اي. اِهي ٽيئي روپ هڪ ئي وقت ڳڏجي هِن لفظ جي رچنا نٿا ڪن. هن لفظ جي رچنا جي ترتيب اِها آهي ته ”بيهوش“ هڪ ياڱو آهي، جنهن ۾ (اي) پڇاڙي لڳائي اسم ذات ”بيهوشي“ ناهيو ويو آهي. اِنهيءَ سطح تي پاڻ ۾ هڪدم ويجها جزا آهن بيهوش+ اي. هاڻي وري اندروني ٻين سطح ڏسو. اِنهيءَ تي ’بيهوش‘ ياڱو جُڙيل آهي، جنهن ۾ ٻه روپ آهن - بي+ هوش، جيڪي ٻين سطح تي پاڻ ۾ هڪدم ويجها جزا آهن. هن لفظ جي رچنا ۾ اسين پهرين سطح تي

/سُ/ ۾ ٻه آواز آهن سْ + اُ؛ /دار/ ۾ چار آواز آهن :- دْ + آ + رْ + اَ. ساڳيءَ ريت ''متي'' (مْ + اَ + ٽْ + اي)، سنڌ (سْ + اِ + نْ + ڌْ + اُ) وغيره لفظن کي به اُنهن آوازن ۾ ڀڃي سگهجي ٿو، جن مان اُهي جڙيل آهن. پر اِنهن آوازن (سُرن ۽ وينجنن) کي اڪيلي سِر پنهنجي ڪا به معنيٰ نه آهي. اُهي جڏهن ڪنهن مقرر ترتيب ۾ اچن ٿا، تڏهن گڏجي ڪو معنيٰ ڀريو لفظ ٺاهين ٿا. ڪنهن به ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ننڍي ۾ ننڍو جزو يا ايڪو آهي آواز (Sound, Phone). اُنهيءَ کي پنهنجي معنيٰ نه هوندي آهي، پر اُهو ڪنهن ترتيب ۾ اچي معنيٰ جو اظهار ڪرڻ جي قوت رکندو آهي. ٻئي طرف ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي ۾ ننڍي ۾ ننڍو جزو يا ايڪو هوندو آهي 'روپ' (صرف Morph) جنهن کي پنهنجي معنيٰ ضرور هوندي آهي. اُهو يا ته آزاد هوندو آهي (جيئن ته - سِنڌ، عالم) يا پروس هوندو آهي (جيئن ته - سُ، دار، م). هاڻي ثابت ٿيو ته هتي ڏنل بيت ۾ جيڪي تيرهن لفظ ڪتب آيا آهن، اُهي اندروني رچنا جي خيال کان هڪ قسم جا نه آهن. اُنهن ۾ هڪڙا لفظ اُهي آهن، جيڪي هڪ روپ يا صرف مان ٺهيل آهن، يعني اُنهن کي ننڍڙن معنيٰ ڀريل جزن ۾ ڀڃي نٿو سگهجي. ٻيا لفظ اُهي آهن جن کي ٻن يا وڌيڪ روپن يعني ننڍي ۾ ننڍن معنيٰ ڀريل جزن ۾ ڀڃي سگهجي ٿو. هاڻي اچو ته ڏسون ته متي ڏنل بيت ۾ روپ يا صرف گهڻا آهن ؟

١. سائينم (سائين +م) = ٻه روپ
٢. سدائين (سدا + اين) = ٻه روپ
٣. ڪرين (ڪرْ + اين) = ٻه روپ
٤. متي (مٽْ + اي) = ٻه روپ
٥. سِنڌُ (سنڌُ) = هڪ روپ
٦. سُڪارَ (سُ + ڪارْ + اَ) = ٽي روپ
٧. دوستَ (دوستْ + اَ) = ٻه روپ
٨. مِٺا (مِٺْ + آ) = ٻه روپ
٩. دلدارَ (دِل + دارْ + اَ) = ٽي روپ
١٠. عالم (عالم + اَ) = ٻه روپ
١١. سڀ (سڀْ + اِ) = ٻه روپ
١٢. آباد (آ + باد) = ٻه روپ
١٣. ڪرين (ڪرْ + اين) = ٻه روپ

اِنهيءَ طرح ڏسبو ته هن بيت ۾ تيرهن لفظ آهن، پر سٺاويهه روپ آهن - 'سنڌ' لفظ هڪ روپ مان ٺهيل آهي. هڪ روپ وارن اَهڙن لفظن کي سادا لفظ (Simple Words) چئبو آهي. ٻئي طرف اُهي لفظ، جن کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروَسِ روپن ۾ ڀڃي سگهجي، اُنهن کي مُرڪب يا پيچيدا لفظ (Complex Words) چئبو آهي.

هاڻي لفظن جا ٻيا ڪجهه مثال ڏسو :- گهر ڌڻي، اُترواءُ، خوشبو، ڏِڳي ڳاڏي، هردلعزيز، هرفن مولا اَهڙي قسم جا لفظ آهن، جن کي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن ۾ ڀڃي سگهجي ٿو. جيئن ته - گهرڌڻي (گهر + ڌڻي 'گهر جو ڌڻي')؛ اُترواءُ (اُتر + واءُ 'اُتر جو واءُ')؛ خوشبو (خوش + بُو يعني سُٺي بُو، سڳنڌ)؛ ڏِڳي ڳاڏي (ڏِڳي + ڳاڏي 'ڏِڳي يا ڏِڳن واري ڳاڏي')؛ هردلعزيز (هر+ دل +عزيز يعني هر هڪ دل کي عزيز يا پيارو)؛ هرفن مولا (هر +فن +موَلا يعني هر هڪ فن ۾ موَلا يا هوشيار). اُهي لفظ جن کي هڪ

فرق آهي؟ اِنهيءَ جي جواب ۾ هتي ساماسڪ شبد يا مرڪب لفظ جي رچنا جون مکيہ خاصيتون سمجهائجن ٿيون، جيڪي أنهيءَ کي لفظي ميڙ کان الڳ درجو عطا ڪن ٿيون. ڪجهه مثال ڏسو:-

١. هن جو **وڏو وات** آهي.
هو **وڏواتو** آهي.

٢. اَچ **وڏن ڦڙن وارو** مينهن پيو.
اَچ **وڏڦڙو** مينهن پيو.

٣. هن جي **چڱائيءَ ۽ ڀلائيءَ** جو اَحوال آيو آهي.
هن جي **چڱيلائيءَ** جو احوال آيو آهي.

اِنهن جملن ۾ ''وڏو وات''، ''وڏن ڦڙن وارو'' ۽ ''چڱائي ۽ ڀلائي'' لفظي ميڙ آهن. پر وڏواتو، وڏڦڙو ۽ چڱيلائي - مرڪب لفظن جا مثال آهن. اِنهيءَ مان ظاهر آهي تہ مرڪب لفظ جي رچنا ۾ ڪجهه خاصيتون ضرور آهن، جيڪي أنهيءَ کي ساڳين لفظن جي ميڙ کان الڳ ڪري بيهارين ٿيون.

سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ جي رچنا جون خاصيتون هتي ڏجن ٿيون. اِهو لازمي نہ آهي تہ هر هڪ مرڪب لفظ ۾ اِهي سڀ خاصيتون موجود هجن. پر هر هڪ مرڪب لفظ ۾ اِنهن مان ڪنهن بہ هڪ خاصيت جو هئڻ لازمي آهي. اِهو ممڪن آهي تہ ڪنهن هڪ مرڪب لفظ ۾ ساڳئي وقت هڪ کان وڌيڪ خاصيتون موجود هجن.

(١) لفظن جي اُچار ۾ وچوٽي گهٽجڻ (Phonological Fusion) - جڏهن ڳالهائڻ ۾ اسين لفظن جو اُچار ڪريون ٿا، تڏهن جدا جدا لفظن جي اُچار ۾ ڪي قدر وچوٽي هوندي آهي. مرڪب لفظ جي رچنا ۾ ڪتب آيل لفظن جي اُچار ۾ اِها وٿي گهٽجي ويندي آهي. اِنهيءَ کان سواءِ آواز جي زور (Stress)، جهيل ۾ بہ تبديل ايندي آهي.

ڪ. هن کي ڏسي منهنجي **دل خوش** ٿي (لفظي ميڙ)
پوني ۾ **دلخوش** ٿاڪيز آهي. (مرڪب لفظ).

ک. هن جي **صاف دل** آهي. (لفظي ميڙ)
هو **صافدل** اِنسان آهي. (مرڪب لفظ).

(٢) لفظن جي صورت ۾ تبديل: جن لفظن مان مرڪب لفظ ٺهندو آهي، اُنهن مان ڪن لفظن جي صورت ۾ تبديل اچي ويندي آهي.

نندائي + وڏائي = نند وڏائي
چڱائي + ڀلائي = چڱيلائي
راجا + ڪمار = راجڪمار

(٣) لفظن جي ترتيب ۾ پختائي: مرڪب لفظن جي جزن طور ڪتب ايندڙ لفظن جي ترتيب، واکيہ - رچنا ۾ ڪتب ايندڙ لفظن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پختي هوندي آهي:-

اَچُ -وڃ، اُٿَ -ويهہ، لهہ-چڙهہ وغيره مرڪب لفظن جي جزن ۾ ڦير گهير ڪري اسين وڃ - اچ، ويهہ- اُٿ، چڙهہ - لهہ چونداسين تہ اِهو ٻوليءَ جي رواج موجب غلط پريوگ چئبو.


(٤) ڳنڍيندڙ لفظ گم ٿيڻ: مرڪب لفظن جي رچنا ۾ حرف جر يا حرف جملو گم ٿي ويندو آهي.

لفظي ميڙ	مرڪب لفظ
پاپ يا پڃ	پاپ - پڃ
اِٽي ۽ ڏڪر	اِٽي ڏڪر
گنگا جو جل	گنگا جل
ديش مان نيڪالي	ديش-نيڪالي

(٥) گردان ۾ ڦرندڙ لفظن جو نہ ڦرڻ: گردان ۾ ڦرندڙ لفظ جڏهن مرڪب لفظ جي شروع


جيڪڏهن پاڙ ۾ هڪدم ويجها جزا ''هوش + اي'' ليکينداسين ته اِهو طريقو درست نه آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي ٻيهڪ ۾ 'هوش' بنياد ۾ اي لڳائي اسم ذات ''هوشي'' ٺاهڻ ممڪن نه آهي. اِن موجب هِن لفظ جي رچنا جي ترتيب کي هن ريت ڏيکاري سگهجي ٿو:-

بيهوشي = بي + هوش + اي



هاڻي ''نِهٿياربندي'' (Disarmament) لفظ جي رچنا ۾ جدا جدا سطحون ڏسو:-

نِ + هٿِ + يا + آر + بند + اي



(۱) 'هٿياربندي' لفظ ۾ اُپسرگ /نِ-/ لڳائي ''نِهٿياربندي'' لفظ ٺاهيو ويو آهي.

(۲) 'هٿياربند' ۾ /-اي/ (اسم ذات جي پڇاڙي) لڳائي ''هٿياربندي'' ٺهيو آهي.


(۳) 'هٿياربند' پاڻ ۾ هڪدم ويجها جزا آهن هٿيار + بند.

(۴) 'هٿيارُ' پاڻ ۾ هٿيا + آرُ ويجها جزا آهن. ''هٿيا'' جو مطلب آهي ته جيڪو هٿ ۾ ڪٽي استعمال ڪجي ٿو. هنديءَ ۾ هٿيا، هٿيانا لفظ اِن ريت ٺهيا آهن. سنڌيءَ ۾ اسين ''هٿيو'' (Handle) لفظ چوندا آهيون.

(۵) 'هٿيا' پاڻ /هٿُ/ ۾ /يو/ لڳائڻ سان ٺهيو آهي، جيڪو هِن رچنا ۾ بدلجي /هٿيا/ ٿيو آهي.

هڪ ٻيو مثال ڏسو:- ''هرفن موَلا'' جنهن جي معنيٰ آهي ''هر هڪ فن ۾ موَلا يعني هوشيار، اُستاد.'' اِنهيءَ ۾ پهرين سطح تي هڪدم ويجها جزا آهن - هرفن + موَلا. ''هرفن'' پاڻ وري ٻن ويجهن جزن جو ٺهيل آهي - هر + فن. هن لفظ ۾ پهرين سطح تي فن ۽ موَلا کي هڪدم ويجها جزا ليکڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته اَسان جي ٻوليءَ ۾ ''فن - موَلا'' جهڙي رچنا واهپي ۾ نه آهي.

هر + فن + موَلا



هڪدم ويجهن جزن جي اُصول موجب هاڻي اسين مرتب ۽ مرڪب لفظن جي وصف هن ريت ڏيئي سگهون ٿا -

(۱) مرتب لفظ (Complex Word) :- هيءُ اُهو لفظ آهي، جنهن ۾ هڪدم ويجهن جزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پروس روپ (Bound form) آهي. جيئن ته - بيهوشي، دوائون (دوا + ئون).

(۲) مرڪب لفظ (Compound Word) :- هيءُ اُهو لفظ آهي جنهن ۾ پهرين سطح تي هڪدم ويجها ٻئي جزا آزاد روپ يا لفظ هوندا آهن. جيئن ته هرفن موَلا، هردلعزيز، آب حيات، چوٽيءَ ڦُل، ڍڳي ڳاڏي.

سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظن جو خاصيتون

مرڪب لفظ جي پريباشا ۾ چيو ويو آهي ته هن قسم جي لفظ ۾ هڪدم ويجها ٻئي جزا آزاد روپ يا لفظ هوندا آهن. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته پوءِ لفظي ميڙ (Phrase)) ۽ مرڪب لفظ ۾ ڪهڙو

(٩) اصل لفظ جي معنيٰ ۾ تبديل ٿيڻ : جن لفظن جي ميلاپ مان مرڪب لفظ ٺهي ٿو، اُنهن لفظن جي اصلوڪي معنيٰ کان مرڪب لفظ جي معنيٰ ڪڏهن ڪڏهن بدلجي ويندي آهي. جيئن ته - ''وڏو وات'' مان ٺهيل مرڪب لفظ ''وڏواتو'' اِصطلاحي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي، جيڪا آهي 'گهڻو ڳالهائيندڙ'. مکہ چوسڻ مان ٺهيل لفظ ''مکي چوس'' پڻ اِصطلاحي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ''ڪنجوس''. 'چوربازار' بہ محاوريدار پريوگ آهي. اُنهيءَ جي معنيٰ آهي 'اُها بازار جتي چوريءَ جو مال وڪامندو آهي'.

مرڪب لفظن جا قسم

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جو استعمال عام آهي. اُن ٻوليءَ جي ترتيب اَهڙي آهي جو ٽيھ - پنجٽيھ لفظ بہ پاڻ ۾ گڏجي ساماسڪ شبد ٺاهي سگهبو آهي. پر ڀارت پاڪستان جي هاڻوڪين ٻولين ۾ مرڪب لفظن جو استعمال گهٽجي ويو آهي. اُنهن ۾ عام طور مرڪب لفظ ٻن يا ٽن لفظن کان وڌيڪ لفظن مان جوڙيا نہ ويندا آهن. مون سنڌيءَ ۾ ڏهاڪو هزار کن مرڪب لفظ گڏ ڪري اُنهن جي رچنا جو اڀياس ڪيو آهي. هتي نموني طور مرڪب لفظن جا مکيہ قسم ڏجن ٿا.

مرڪب اسم (Compound Nouns)

(١) اسم + (ڳجھو حرف جر) + اسم = مرڪب اسم.

هن قسم جي مرڪب اسمن ۾ پهريون اسم هميشه گردان جي حالت عام ۾ هوندو آهي. واڪيہ - رچنا ۾ اُنهيءَ جي پٺيان ڪو حرف جر هوندو آهي، جيڪو سماس ۾ نڪري ويندو آهي. مرڪب اسم جو ٻيو جزو بہ اسم هوندو آهي، جيڪو واڪيہ-رچنا ۾ حرف جر ذريعي پهرئين اسم سان لاڳاپو رکندڙ هوندو آهي.

چندن-چورو (چندن جو چورو)
اُتر - واءُ (اُتر جو واءُ)
چوٽيءَ ڦُلُ (چوٽيءَ لاءِ ڦُلُ)
راھ - خرچ (راھ لاءِ خرچ)
ڏِڳي گاڏي (ڏِڳي جي گاڏي)

هنن مرڪب اسمن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پهرئين جزي جي صورت ۾ ڪجھ تبديل پڻ اچي ويندي آهي. جيئن ته - راجڪمار (راجا جو ڪمار)؛ لکاپتي (لکن جو پتي يعني مالڪ)؛ گهڙامنجي (گهڙي يا گهڙن لاءِ منجي). سنسڪرت ۾ هن قسم جي سماسن کي **تتپُرش سماس** چئبو آهي.

(٢) اسم + (ڳجھو حرف جملو 'ءَ') + اسم = مرڪب اسم.

دال روٽي (دال ۽ روٽي)؛ ميڇي ماني (ميڇي ۽ ماني)؛ آب هوا (آب ۽ هوا)

(الف) ٻن هم - معنيٰ اسمن مان ٺهيل مرڪب اسم :- ڪپڙو لٽو، مار ڪٽ، جن ڀوت، ٻار ٻچا، ٽوٽو ڦيٽو، ڪم ڪار، متي مائٽي، ڌن دولت، سار سنڀال، هلت چلت، ريت - رسم، ڪن ڪچرو، عيش آرام، شان شوڪت.

(ب) اُبتڙ معنيٰ وارا ٻہ لفظ :- گهٽ وڌ، لاهي چاڙهي، ڏيتي ليتي، هار جيت، ننڍ وڏائي.

(ٻ) ويجهيءَ معنيٰ وار ٻہ لفظ :- اَن جل، داڻو پاڻي، هيرا جواهر، هار سينگار، لاڏ ڪوڏ، چنڊ چاڻ، مال ٽول، روڪ ٽوڪ، گهر گهاٽ.

(پ) اَمر صيغي عدد واحد جا ٻہ فعل :-

ڏي وٺ، اُٿ ويھ، لھ چڙھ، اَچ وڃ.

(ڀ) ٻہ مصدر :- اُٿڻ ويهڻ، لهڻ چڙهڻ، لکڻ پڙهڻ، رلڻ پنڻ.

(ت) ٻہ اسم مفعول :- کاڌو پيتو، اُٿي ويٺي، رڌو پڪو.

۾ ايندا آهن نه اُهي اڻڦرندڙ بڻجي پوندا آهن. جيڪڏهن سمورو مرڪب لفظ اَوِڪاري (indeclinable) آهي، ته پوءِ ڦرندڙ لفظ چاهي مرڪب لفظ جي شروع ۾ هجي يا آخر ۾ هجي، اُهو اَوڪاري ٿي پوندو آهي.

ڏٻي ڳاڏي، ڏٻي ڳاڏيون، ڏٻي ڳاڏيءَ ۾، ڏٻي ڳاڏين ۾ :- اِنهن مثالن ۾ ''ڏٻي ڳاڏي'' هڪ مرڪب لفظ آهي، جنهن جا ٻئي جزا (ڏٻو + ڳاڏي) ڦرندڙ يعني وِڪاري لفظ آهن. چاهي ڳاڏيءَ ۾ هڪ ڏٻو ٻڌل هجي يا ٻه ڏٻا ٻڌل هجن، پر مرڪب لفظ ۾ پهريون جزو ''ڏٻو'' هميشه حالت عام عدد واحد واري صورت ''ڏٻي'' اختيار ڪندو آهي. هيءَ مرڪب لفظ جڏهن جملي ۾ ڪتب ايندو آهي، تڏهن اُنهيءَ جو فقط آخري لفظ گردان ۾ ڦرندو آهي. اِنهيءَ ڦيري جو اثر پهرئين لفظ ''ڏٻي'' تي نٿو ٿئي.

هن غريب کي **ناحق** ڇو ٿو مارين ؟

هو هر روز **ٻوقتو** گهمڻ ويندو آهي.

اِنهن جملن ۾ ناحق (نه + حق) ۽ ٻوقتو (ٻه + وقت) مرڪب لفظ آهن. اِهي هنن جملن ۾ ظرف جو ڪم ڪن ٿا ۽ اڻڦرندڙ لفظ آهن. اِنهيءَ ڪري اُنهن ۾ آيل لفظ ''حق''، ''ٻه'' ۽ ''وقت'' جيڪي وِڪاري يعني ڦرندڙ آهن، اُهي مرڪب لفظ ۾ اَوِڪاري ٿي پيا آهن.

(٦) لفظ جي جنس ۾ تبديل ٿيڻ : مرڪب لفظ جي پهرئين جزي طور اچڻ تي اُنهيءَ لفظ جي جنس جو جملي ۾ ڪتب ايندڙ ٻين لفظن تي ڪو به اثر ڪونه ٿو ٿئي. ڪن حالتن ۾ جن لفظن کي ٻوليءَ ۾ جنس نه آهي، اُنهن کي مرڪب لفظ جو جزو بڻجڻ تي جنس حاصل ٿئي ٿي. مثال طور، ''هٿڪڙي'' مرڪب لفظ آهي، جنهن ۾ پهريون اسم مذڪر ۽ ٻيون اسم مونث آهي. پر سڄو سماس آخري لفظ موجب اسم مونث آهي. جملي ۾ اِنهيءَ جو ڦيرو به مونث اسمن وانگر هلي ٿو. هٿڪڙي، هٿڪڙيون، هٿڪڙيءَ ۾، هٿڪڙين ۾.

اچ -وڃ، لهه - چڙهه مرڪب لفظ اَمر واحد جي فعلن مان ٺهيل آهن. امر صيغي ۾ فعل ۾ جنس مطابق تبديل نه ايندي آهي. پر اِنهن فعلن جي ميلاپ مان ٺهيل مرڪب لفظ اِسم ٿي پون ٿا ۽ اُنهن جي جنس هميشه مونث هوندي آهي. جيئن ته -

هن سڄو ڏينهن **اَچ-وڃ** پئي ڪئي.(اسم مونث)

گهٽي **لهه -چڙهه** ڪندين ته ٿڪجي پوندين.(اسم مونث)

(٧) لفظ جو ڪلاس بدلجڻ : مرڪب لفظ جي رچنا ۾ اچڻ بعد لفظ جو پنهنجو اصلوڪو ڪلاس گهڻو ڪري بدلجي ويندو آهي. مثال طور، اَچ - وڃُ، لهه - چڙهه ۾ فعل بدلجي اسم مونث ٿيو آهي. ''ناحق'' مرڪب لفظ ۾ ظرف ۽ اسم جي ميل مان ٺهيل سمورو مرڪب لفظ ظرف ٿي پيو آهي.

(٨) واڪيه - رچنا ۾ سادي يا مفرد لفظ وانگر ڦرڻ : ٻن يا وڌيڪ لفظن جي ميلاپ مان ٺهيل مرڪب لفظ، جملي جي بناوت ۾ هڪ مفرد لفظ وانگر ڦرندو آهي. ٻه + آنا جي ميل مان ٺهيل مرڪب لفظ ''ٻياني'' سمورو اسم مونث آهي، جيتوڻيڪ اُنهيءَ جو آخري جزو ''آنو'' مذڪر آهي. چار+ واٽون مان مرڪب لفظ ٺهيو آهي ''چوواٽو''. واٽ اسم مونث آهي، پر مرڪب لفظ ۾ ''واٽو'' مذڪر اسم ٿي پيو آهي. ٻنهي جا ڦيري ۾ روپ ڏسو :-

ٻياني، ٻيانيون، ٻيانيءَ ۾، ٻيانين ۾.

چوواٽو، چوواٽا، چوواٽي تي، چوواٽن تي.

(ڳڙ چڙهيل ڏاٽي يعني اناج). اِنهن مرڪب لفظن ۾ ٻن اسمن جي وچ ۾ ڳجهو صفت لفظ هوندو آهي، جيڪو مرڪب لفظ کي پڇڻ بعد ظاهر ڪري لکبو آهي. سنسڪرت ۾ هن قسم جي سماس کي **''مڌيم پدلوپي سماس''** چئبو آهي، يعني جن ۾ وچون لفظ سماس ۾ گم ٿي ويو آهي. هن سماس جا ٻيا ڪجهه مثال هن ريت آهن :- تر پاپڙي، سورج گهڙي، ميڻ بتي، آڳڏي، ڪٺ رسُ.

مرڪب صفت لفظ

(۱) صفت + اسم = مرڪب صفت :

صافدل (اِنسان) = صاف آهي دل جنهن جي اُهو (اِنسان). خوبصورت (عورت) = خوب آهي صورت جنهنجي اُها (عورت). وڏڦڙو (مينهن) = وڏا آهن ڦڙا جنهن جا اُهو (مينهن). ٻاڙهڳتو (ڇوڪر)=ٻاڙها آهن ڳتا جنهن جا اُهو (ڇوڪر).

(۲) اسم + صفت = مرڪب صفت :

جڳمشهور (ڳالهه) = جڳ ۾ آهي مشهور جيڪا، اُها (ڳالهه). زرخريد (ٻانهو) = زر سان آهي خريد ڪيل جيڪو، اُهو (ٻانهو). هنن مثالن ۾ ٻن لفظن وچ ۾ حرف جر ڳجهو آهي، جيڪو مرڪب لفظ پڇڻ وقت ظاهر ڪري لکجي ٿو.

(۳) اسم + اسم = مرڪب صفت :

رتَوَرنو = رت جهڙو آهي ورن (رنگ) جنهنجو، اُهو.
سونوَرنو = سون جهڙو آهي ورن جنهن جو، اُهو.
مومدل = موم وانگر نرم آهي دِل جنهن جي، اُهو.
ڪِلمُڪ = ڪِل آهي مُڪ تي جنهن جي، اُهو.
ننداڪڙو = نند آهي اکڙين ۾ جنهن جي، اُهو.

(۴) صفت + صفت = مرڪب صفت :

ڪتمنڙو = ڪتو ۽ منو آهي جيڪو، اُهو.
ڇڳو پلو = ڇڳو ۽ پلو آهي جيڪو، اُهو.

(۵) اسم + اسم مفعول = مرڪب صفت :

مينديءَ رتو = مينديءَ سان آهي رتو جيڪو، اُهو.
ماڪ پِنو = ماڪ سان آهي پِنو جيڪو، اُهو.
منَ گُهريو = منَ سان آهي گُهريل جيڪو، اُهو.

(٦) ناڪاري ظرف + اسم = مرڪب صفت :

نِڀاڳو = نہ آهي ڀاڳ جنهن جو، اُهو.
نِپُٽو = نہ آهي پُٽ جنهن کي، اُهو.
نامُراد = نہ ٿئي مُراد پوري جنهن جي، اُهو.
نِنانئون = نہ رهي نانءُ جنهن جو، اُهو.

(۷) ناڪاري ظرف + صفت = مرڪب صفت :

نا ڇڱو = نہ آهي ڇڱو جيڪو، اُهو. (ناچاڪ)
نِروڳي = نہ آهي روڳي جيڪو، اُهو.

(۸) عددي صفت+عددي صفت = مرڪب عددي صفت :

اَسان جي ٻوليءَ ۾ گهڻا انگ مرڪب صفت لفظ آهن. جيئن تہ - ٻاويهہ (ٻہ+ ويهہ)؛ ڇاهتر (ڇهہ + ستر)؛ اٺانوي (اَٺ + نوي)؛ نوانوي (نو + نوي). ''اوڻو''جي معنيٰ آهي ''گهٽ''. اِهو لفظ ڏهائيءَ وارن انگن ۾ لڳائي مرڪب صفت لفظ ٺاهبا آهن. مثال طور :- اوڻٽيهہ (هڪ گهٽ ٽيهہ)، اُڻهتر (هڪ اوڻو ستر)، اُڻهٺ (هڪ اوڻو سَٺِ).

(۹) عددي صفت+ (حرف جملو'يا' ڳجهو) + عددي صفت = مرڪب عددي صفت :

ٻہ چار (ٻہ يا چار)، ست اَٺ (ست يا اَٺ).

مرڪب صفت لفظن کي سنسڪرت ۾ **بهو وُريهي سماس** چئبو آهي.

مرڪب ضمير

سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب ضمير لفظن جا مثال تمام گهٽ آهن. جيئن تہ - سيڪو (سي + ڪو)؛ هرڪو (هر+ ڪو)؛ جيڪو (جي + ڪو).

مرڪب ظرف

واڪيہ رچنا ۾ ظرف جو لاڳاپو فعل سان هوندو آهي. جڏهن ڪوبہ مرڪب لفظ جملي ۾ ظرف

(٣) اسم + (ڳجهو حرف جملو 'يا') + اسم = مرڪب اسم.

پاپ پڇ (پاپ يا پڇ)؛ سُک دک (سُک يا دک)؛ خوشي غمي (خوشي يا غمي). (حرف جر 'ء'، 'يا' کي ڪڍي جڏهن ٻن يا وڌيڪ لفظن جو سماس ٺاهبو آهي، تڏهن اُنهيءَ کي سنسڪرت ۾ ''دُوَندوَ سماس'' چئبو آهي.)

(٤) صفت + اسم = مرڪب اسم :

خوشبو، بدبوُ، جوان مرد، مهاپرش (مهان پرش)، مهاتما (مهان آتما)، خوشخبري (خوش+ خبر)، ستوگڻ (ست + گڻ)

(٥) صفت + صفت = مرڪب اسم : ڪٿمٿو (ڪٿو مٿو).

(٦) اسم + اسم = مرڪب اسم : (هن ۾ پهرئين اسم سان ڀيٽ ڪيل هوندي آهي). گهنشيام (گهن يعني بادل، شيام يعني سانورو مطلب ته بادل مثل سانورو)، چندرمک (چندر يعني چنڊ جهڙو مک يعني چهرو)، پراڻ پيارو (پراڻن مثل پيارو)، پيل پائو (پيل - هاٿي؛ هاٿيءَ جي ٽنگ جهڙو پائو).

(٧) اسم + اسم = مرڪب اسم : (هن ۾ ٻئين اسم سان ڀيٽ ڪيل هوندي آهي).

چرڻ ڪمل (ڪمل گل وانگر ڪومل چرڻ)، ڪر ڪمل (ڪمل گل وانگر ڪومل ڪر يعنيٰ هٿ).

(٨) اسم + اسم = مرڪب اسم : (ڳجهي ڀيٽ يا استعارو).

ڀَو ساگر (ڀَو يعني دنيا؛ دنيا روپي ساگر)، گرديو (گروءَ جي روپ ۾ ديوتا)، ڪرم ٻنڌن (ڪرم جي روپ ۾ ٻنڌن؛ ڪرم ئي ٻنڌن آهن).

نوٽ : چوٿين کان وٺي اَنين نمبر تائين مرڪب لفظن جا جيڪي قسم آهن، اُنهن کي سنسڪرت ۾ **ڪرم ڌاريہ سماس** چوندا آهن.

(٩) اسم + فعل - ڌاتوءَ مان نڪتل پروس روپ = مرڪب اسم :

پيچڪش (پيچ کي ڪشيندڙ)؛ مکيچوس (مک کي چوسيندڙ؛ اِصطلاحي معني ڪنجوس)؛ گِنديچوڙ (گنڊ کي چوڙيندڙ)؛ گنديڪپ (گنڊ کي ڪپيندڙ)؛ سنگتراش (سنگ يعني پٿر کي تراشيندڙ)؛ ڪاٺڪٽو (ڪاٺ کي ڪٽيندڙ هڪ قسم جو پکي).

نوٽ : هن قسم جي مرڪب لفظن کي سنسڪرت ۾ **اُپپد سماس** چئبو آهي.

(١٠) عددي صفت + اسم = مرڪب اسم :

يڪتارو (يڪ معنيٰ هڪ؛ هڪ تار وارو سازُ)، چوُراهو (چئن راهن وارو هنڌ).

ٻيا مثال :- ٽڪندو، ٻياني، ٻپهري، سوُپيري، چوُماسو، ڏُپٽو، چوُديواري، ٽِپائي، پنجاب، دوآبو. (اِنهن کي **ڏِگوُ سماس** چئبو آهي).

(١١) ناڪاري ظرف + اسم يا صفت = مرڪب اسم :

ناستڪ (نہ + آستڪ يعني پرماتما جي هستيءَ ۾ وشواس نہ رکندڙ). مَڇڏ يا مَڇڏو (مَ + ڇڏيندڙ)؛ نالائق (نہ + لائق)؛ هتي اِنهيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ ''نہ، نا، مَ'' اِهي ناڪاري معنيٰ ڏيکاريندڙ ظرف آهن. اِهي آزاد روپ يعني لفظ آهن. پر اناٿ، اَڻهوند لفظن ۾ اَ، اَن اَڳياڙيون يا اُپسرگ آهن، جيڪي پروس روپ آهن. اِنهيءَ ڪري اُنهن سان ٺهيل لفظ مرتب ليکبا ۽ نہ ڪِ مرڪب. سنسڪرت ۾ هن قسم جي مرڪب لفظن کي **نَڃ - تتپُرش** چئبو آهي.

(١٢) اسم + (ڳجهو صفت لفظ) + اسم = مرڪب اسم :

شيش محل (شيشي جو ٺهيل محل)؛ ڪنڌيگڙا (ڪنڌ چڙهيل ڀِگڙا، يا ڪنڌ جا ٺهيل ڀِگڙا)؛ ڏهي وڙا (ڏهيءَ ۾ ٻُڏل وڙا)؛ ڳڙڌاڻي

واتون وات، لبالب، زوران زور، ويران وير، مُنهان منهن، ڏوڪ ڏوڪان، دوس دوسان، دپ ڏَپان، چٽ چاٽ، گُس گساٽ، ماراماري، گرما گرم، ڦٽا ڦٽ، گڏ وگڏ، يڪا يڪ.

(٣) بنيادي لفظ جو سمورو ڊُهراءُ وچ ۾ ظرف سان گڏ.
رنگبرنگي، دربدر، وقت بہ وقت، پيڙهيءَ در پيڙهيءَ، پُشت بہ پُشت.

(٤) سموري ڊُهراءُ ۾ پليان ڊُهرايل روپ ۾ اَندروني تبديل ڪرڻ :-
ڏٽي ڏوٽي، جاچ جوچ، چيڙ چاڙ، ٽينير ٽانير، ناچ نوچ، نيڪ ناڪ، سادو سودو.

(٥) اَڌپورو ڊُهراءُ ڪرڻ (ٻئين نمبر لفظ جي شروعات ۾ 'ب' وينجن وجهڻ سان) :-
مٺائي ٻٺائي، شربت ٻربت، پاپڙ ٻاپڙ، پاٽي ٻاٽي.

(٦) بنيادي لفظ کي اَهڙيءَ طرح ڊُهرائڻ جو اُهو سانگي بنيادي لفظ جي آخري حرف سان ٽُڪ ملائي ختم ٿئي يا ڊُهرايل حصي جي شروع ۾ پهرئين لفظ جو شروعاتي وينجن اچي.

(الف) ديوان درو، مهمان مرو، ننڊو نيٽو، ٽيوڻ تلهو، ڏنڊو ڏاڙي، نڪر نوٻر، چورچڪار، ٻوڙٻاڙي، چني چپاٽي، ياجي يٽي، چڙو چانڊ، ڳجهہ ڳوهہ، وهٽ واٽو.

(ب) پڪڙو ڏڪڙو، پڇا ڳاڇا، چڊو پاڊو، سچ پچ، مَٽ سَٽ، خالي پيلي، گهٽو ٽٽو، اوڊر پاڊر، ڏنو مُنو، سوٽو موٽو، بڪ شڪ، وڻ ٽڻ.

(٧) بنيادي لفظ اڳيان سانگيءَ طرز وارو اَڌپورو ڊُهرايل روپ رکڻ :- آمهون سامهون، آس پاس، اوسي پاسي، تڙ تڪڙ، حالو چالو، لاءُ لشڪر.

ڊُهرايل لفظن کي سنڌيءَ ۾ **ٻٽا لفظ** بہ چئبو آهي. اهڙن لفظن جي استعمال سان عبارت سياويڪ ٻول چال وارو روپ وٺي بيهندي آهي. شمس الدين بلبل جي نثر ۾ اِن طرح جي اِصطلاحي سنڌي عبارت جا ڪهڙا مثال ملن ٿا.

مرڪب لفظن جي استعمال سان ٻوليءَ کي هڪ نرالي نزاڪت حاصل ٿئي ٿي. اِنهيءَ جي ساک اسان کي شاهہ لطيف جي ڪلام مان بخوبيءَ ملي ٿي. لاکيٽي لطيف مرڪب لفظن جو اَهڙو تہ جوڳو استعمال ڪيو آهي، جو ٻوليءَ کي هڪ اَنوکي سونهن عطا ٿي ويئي آهي. ڪجهہ مثال ڏسو :-

١. **سون ورنيون** سوڍيون، **رُپي راڌيون** ڪن. (مومل راڻو)
٢. وهسن **واڙيءَ ڦُل** جئن، محبتي مهہ لاءِ. (يمن ڪلياڻ)
٣. عاشق **زهر پياڪ**، وِهُہ پسئو وِهسن گهڻو (سُر ڪلياڻ)
٤. سجڻ مانَ اَچي، **ڪرلاهوتي** ڪڏهہ. (يمن ڪلياڻ)
٥. آئي **اُترواءُ** موکيءَ مَٽَ اُپٽيا. (يمن ڪلياڻ)
٦. سجڻ سوپارو، **پيهہ پنيءَ** گهر آئيو. (سر ڪنيات)
٧. **وڏڦڙو** ءِ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙئو.(سر ڪنيات)
٨. وليون **واس ورنيون**، پهريون متي پَٽ. (سر ڪنيات)
٩. پاڻهہ اُوءِ پيهي، **ڪنڊڪيڙائو** آئيا. (سُر سريراڳ)
١٠. **چوڏِس** چنيسر جام جو، **ڏِهہ ڏِهہ** ڏهڪار. (ليلا چنيسر)
١١. **ناڪرا ڪين ڦار**، مٽئي تي ٿي مٿيين. (ليلا چنيسر)
١٢. اَصل آهي اڳهين، سندو **ڪوڙ ڪٽيون**. (ليلا چنيسر)
١٣. پسو سُنهہ ساميءَ جي، **رت ورنو** روءِ. (مومل راڻو)
١٤. هٽي حاڪمين کي، **زور ٻريون** زبرون. (مومل راڻو)
١٥. ڪائن **ڪنڀارو**، ڪانئر پئو ڪِنو ٿئي. (سُر ڪيڏارو)
١٦. **چوڏهيءَ ماهہ چَنڊَ** جِنءَ، پڙ ۾ پاڳڙياس. (سُر ڪيڏارو)

هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ پڻ شيخ اَياز، نارائڻ شيام ءِ ٻين اَعليٰ درجي جي سنڌي شاعرن جي شعر ۾ مرڪب لفظن جا سهڻا استعمال ملن ٿا.

''سنڌي ٻوليءَ جي شبد رچنا'' نالي پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ مون مرڪب لفظن جو وستار سان جائزو پيش ڪيو آهي، جيڪو جلد شايع ٿيندو.

❖❖❖❖

جو ڪم ڪري ٿو، تڏهن اُنهيءَ کي مرڪب ’ظرف‘ چئبو آهي. هِن قسم جا مرڪب لفظ هميشه اَوِڪاري يعني اَڻڦرندڙ هوندا آهن. مرڪب ظرف جا ڪجهه مثال هِن ريت آهن :-

(١) بہ اسم حرف جر پڇاڙيءَ سان=مرڪب ظرف دليئون جانيئون (دل ۽ جان سان)؛ واتين ويٽين (وات جي ويڻ سان يعني زباني طور)؛ ٻارين ٻچين (ٻارن ۽ ٻچن سان)؛ هنڌين ماڳين (هر هڪ هنڌ ۽ ماڳہ تي).

(٢) اسم مفعول + اسم = مرڪب ظرف

بيٺي پير (پير تي بيٺي ئي؛ جلدي).

(٣) اسم + اسم مفعول = مرڪب ظرف

سج لٿي (سج جي لهڻ تي)؛ وات ويندي (وات تان ويندي).

(٤) عددي صفت+ اسم = مرڪب ظرف

هڪدم (هڪ + دم)؛ يڪجاءِ (يڪ +جاءِ).

(٥) ضمير + اسم = مرڪب ظرف

هرروز (هر روز تي)؛ هردم (هر هڪ دم ۾).

(٦) ظرف + ظرف = مرڪب ظرف

جيئن تيئن؛ اڳي پوءِ؛ هيٺ مٿي.

(٧) صفت + اسم = مرڪب ظرف

وڏي واڪي (وڏي واڪي سان)

(٨) ڪردنت + ڪردنت = مرڪب ظرف

ايندي ويندي، نچندي ٽپندي، جاڳي ٻجهي، ڏسي وائسي، کائي پي.

(٩) ناحق (نہ + حق؛ حق کان سواءِ؛ اَجايو). يٿا شڪتي (يٿا ’موجب‘ شڪتي ’طاقت‘ طاقت موجب)

ٽن لفظن مان ٺهيل مرڪب لفظ

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن لفظن مان ٺهيل مرڪب لفظ تمام گهٽ آهن. ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا :- هرفن مولا؛ هردلعزيز؛ هرديگي چمچو؛ تن من ڌن، وڏيءَ دل داتا، امر لال سائين، جئجئڪار، جل ٿل واسي.

ڪيترائي سنڌي اسم خاص يعني ماڻهن جا نالا ٽن لفظن مان ٺهيل مرڪب اسم آهن :- سترامداس (ست+ رام + داس)؛ جيرامداس ((جَيہ +رام +داس)، گڻيشانند (گڻ + ايش + آنند)، پيتامبرلال (پيت + اَمبر+ لال).

سنستائن ۽ وياڳن جي نالن ۾ بہ اڪثر ٻن کان وڌيڪ لفظن مان ٺهيل مرڪب اسم هوندا آهن. جيئن تہ، ڳوٺ سڌار سمتي؛ سندر ساهتيہ رسالو؛ گرام وڪاس پنچايت، سنڌ سُڌار سڀا؛ جهوليلال سوسائٽي.

ڏُهرايل مرڪب لفظ

(Reduplicated Words)

ڏُهرايل لفظن جي رچنا عام رواجي لفظن کان علحدي قسم جي آهي. اِهي مُرتب (Complex) هوندا آهن يا مرڪب هوندا آهن. جيئن تہ بڪبڪيو، ڦنڦٽي مرتب ڏُهرايل لفظ آهن. پر ڳوٺ ڳوٺِ، گهر گهرِ، در درِ، هٿون هٿِ مرڪب ڏُهرايل لفظ آهن. ڏُهرايل لفظ ۾ بنيادي لفظ سمورو، يا اُنهيءَ جو ڪو حصو ڏُهرايو ويندو آهي. اُهو ڏُهراءُ بنيادي روپ جي اڳيان يا پٺيان، اَندروني تبديل سان گڏ يا اُنهيءَ کان سواءِ، يا ڏُهراءَ وارن لفظن وچ ۾ ڪو ظرف وجهڻ سان ٿيندو آهي. ڏُهرايل لفظن جا مکيہ مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

(١) بنيادي لفظ جو سمورو ڏُهراءُ (تبديل کان سواءِ) گهڙيءَ گهڙيءَ، طرحين طرحين، قسمين قسمين، واهہ واهہ، پل پل، چٽ چٽ، ڇيھ ڇيھ، مان مان، اڳُ اڳُ.

(٢) بنيادي لفظ جو سمورو ڏُهراءُ تبديل سان گڏ.

هٿون هٿِ، ڏينهون ڏينهن، راتون رات،

پارٽيءَ گڏواڻي ۽ گنگا گڏواڻي شراب جي دُڪانن ۽ وِلائتي ڪپڙي جي دُڪانن تي پڪيٽنگ ڪنديون هيون. اِن طرح ڇوڪريون قومي جهنڊا وِڪڻنديون هيون ۽ سرگسين ۾ نعرا هڻنديون ۽ هڙتائينديون هيون ۽ رستن تي وِلائتي ڪپڙا جلائينديون هيون. ڪيترِيون زالون پنهنجا ڪيِر ٻِپاڪ ٻار هنج ۾ کڻي جيل ياترا به ڪرڻ ويئون. جيٺي سِپاهيملاڻي راڄنيتيءَ ۾ ڀِرو وٺي اسيمبليءَ جي اِسپيڪر به بڻي!

ڪراچي، حيدراباد ۽ شڪارپور ۾ ڪاليج کُليل هئا، اِن ڪري خاص طرح حيدراباد ۽ ڪراچيءَ جون ڇوڪِريون نئين زماني سان وِک کڻي اڳتي وَڌيون. گُل جڳتياڻيءَ ماستر هيروءَ کان ڊانس سِکي ڪاليجي اِسٽيج تي آئي، وِديا مُکي گوسوامي برهمانند کان ڪلاسِڪي سنگيت جي سِکيا وَٺي ڪاليج جي اُتسوَ تي راڳ ڳايو، ڪملا ڪرپالاڻي ليلا چنيسر جي ناٽڪ ۾ ڪوُنروءَ جو رول ادا ڪيو ۽ نئِن آڏواڻي فِلم ۾ پارٽ ادا ڪيو. اِسڪوُلي ۽ ڪاليجي اُتسوَن وقت ڇوڪِريون ناٽڪن ۾ رول کڻنديون هيون، رانديِن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ حصو وٺنديون هيون، ڀاشڻ ۽ بحثن ۾ پِڻ ڀاڱو وٺنديون هيون ۽ اِنعام کٽي منهن مٿي ڪري هلنديون هيون.

پر وِرهاڱي کان اڳ سِنڌ ۾ مشِڪل سان ڪا ڇوڪري آفيسن ۾ ڪم ڪندي هئي. گهٽي ڀاڱي ڪمائيندڙ ڇوڪريون ماسِترياڻيون ئي هيون. جيتوڻيڪ ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ ڪراچيءَ جون ڇوڪريون وڌيڪ چُست ڦُڙت ۽ ائڊوانسڊ هيون ۽ اُن کان پوءِ حيدراباد جون ڇوڪريون. تڏهن به هونئن رواجي طرح ڇوڪرين ۽ زالن جي زندگي روزانو ساڳي هوندي هئي ۽ سندن پوشاڪ، وِندر ۽ سماجِڪ وهنوار مريادا اندر ئي هوندو هو. شام جو ٻڪ لڳڻ وقت ڏاڍلي ۾ رکيل منجهند وارين ماڻين سان ڀاڄِران ڳ ڦرايل تيل جا پڪوڙا يا تيل جي انبڙي کائڻ جو رواج هو. مهمان مڙو آيو ته پَلاءُ (ويشٽو يا مڇي يا پلي جو)، سنها ميٿيءَ جا پڪوڙا يا پٽاٽي ٽِڪيون، ٽماٽي بصر ۽ بيٽ جي سلائيسِز ۾ سُرڪو پيل سئِلڊ ۽ سائي ڀاڄي يا گوشت يا پٽاٽن پيز يا گوبي سيئل ئي ناهِبا هئا. گهمڻ لاءِ وِڪٽورِيا گاڏيءَ ۾ چڙهي گِدوبندر يا ساليانيءَ باغ ۾ ئي وَڃبو هو. شادي مُراديءَ وقت مِٽن مائِٽن وٽ ٽِڪي اُنهن کي ڪم ۾ هٿ وٽائِبو هو. پرڻيل زالن جي تفريح هئي ڪنهن جي مرڻ تي ٻارهن ڏينهن توُنريءَ تي وهڻ. بس اهائي هنن جي سوشل گئدرِنگ هوندي هئي. اڄين سندن سوشل گئدرِنگ به اِها، ته وِزِٽنگ به اِها، ۽ وِندر وِرونهه به اِهائي هوندي هئي.

سِنڌي زالون آچار مُربا، ڪچرِيون پاپڙ، ناهڻ ۾ پُر هيون. انبڙيون نِڪتيون ته انيڪ پرڪارن جا آچار ٺهندا. سڄيون انبڙيون، ڪدوڪش تيل جون انبڙيون، ڳُڙ جون انبڙيون، مِٺي چٽڻي، ڏاڳي سان ٻڌل انبڙيون، ٽُڪرا ٽُڪرا انبڙيون وغيره وغيره. سِياري ۾ به تيل جون گجرون ۽ پاڻيءَ ۾ سنڌيل گجرون ۽ گُل گوبي

سنڌي زال سِنڌ ۾ ۽ هِندُ ۾


پوپٽي هيراننداڻي

هنئي مان صرف سِنڌي هِندوُ زال جو ذِڪر ئي ڪري سگهان ٿي. وِرهاڱي کان اڳ مُسلمان سِنڌي زال چڱو پُٺتي پيل هئي. هوءَ تعليم کان محروم رهي پرِدي اندر ئي زندگي گُذاريندي هئي. وِرهاڱي بعد ڪِن گهرن يا طبقن ۾ سِنڌي مُسلمان زال گهڻي ترقي ڪئي آهي. هاڻِ سِنڌ ۾ جڳ مشهور عابده پروين ڪلاسِڪي اُردو غزل ۽ سِنڌي ڪلام ڳائي ٿي ۽ ادي زرينا بلوچ لوڪ گيت سُٺائي ٿي (جينوٽيڪ اِسلام ۾ خُدا جي ثنا کان سواءِ راڳ ڳائڻ کي ڪُفر ڪري مڃيو ويندو آهي). محترما مهتاب راشِدي اِنسٽيٽيوٽ آف سِنڌيالاجي جي ڊائريڪٽر اِنچارج رهي چُڪي آهي. سِنڌ ۾ ئي هِڪ عوَرت اُردوءَ ۾ سِنڌي جيون تي ناٽڪ لِکي ٽي.وي. تي پيش ڪري ٿي. مهتاب، محبوب ۽ ثميره زرين جهڙيون سِنڌ ڄايون ڪهاڻيون ۽ سفرناما لِکن ٿيون ۽ حميدا کهرو سِياست ۾ ڀاڱ وٺي ٿي....

تڏهن بہ سِنڌ ۾ رهندڙ سِنڌي زائِفائن بابت گهڻي ڄاڻ نہ اَٿم اِن ڪري اُنهن تي قلم نٿي هلائي سگهان.

وِرهاڱي کان اڳ سِنڌ جي هِندوُ زال کي راج رِشي ديارام گِدوُمل، سادوُ هيرانند ۽ سادوُ نوَلراءِ جهڙا نيڪ پُرش ۽ سُلجهيل دِماغ وارا شخص مِليا هئا جِن زالن جي تعليم ڏانهن توَجُ ڏيئي اِسڪوُل کوليا ۽ زالن کي تعليم وٺڻ لاءِ هِمٿايو. جنهن ڪري زالن ۾ سُڄاڳي آئي ۽ اُهي ڪاليجن ۾ پڻ وڃڻ لڳيون. پڙهڻ جو اينِرو شوَق بہ زالن ۾ هو جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي پُٽڙي اڪين سڄي هوندي بہ انگريزي ۽ سنسِڪرت ٻوليون سِکي هئي. ڪي حيدرابادي عامِل ڇوڪِريون لندن ڏانهن تعليم وَٺڻ ويئون هيون. رِشي ديارام جي پُٽ کيولرام بنگال مان شري گهوش کي گهُرائي هِڪ چِترشالا کولي هئي جِتي ڇوڪِرين کي معياري چِترڪاري سِکڻ جو وجهُ مِليو هو.

مهاتِما گانڌيءَ سڄي ديش جي اِسترين کي للڪاري چيو تہ ديش جي آزاديءَ خاطِر پنهنجي مردن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ مِلائي لڙو. اِها للڪار ٻُڌي ڪئين سِنڌي زالون گهرن کان ٻاهِر نِڪتيون. ديوي ماکيجاڻي سرگسون ڪڍندي هئي تہ ڪملا هيرانند اخبار ۾ ليک لِکندي هئي. ڪِڪي ٻيڻ لعلواڻي تقريرون ڏيندي هئي تہ



نالو : پوپٽي هيرانندڻي
جنم، تاريخ : حيدرآباد سنڌ؛ ١٧ - ٩ - ١٩٢٤
ڇپايل ڪتاب : رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون، منجو، جيءَ ۾ جهڙي تن ۾ تات، حسرتن جي تُربت، سيلاب زندگيءَ جو، تنقيدي مضمون، مان سنڌڻ، منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق.
انعام : ساهتيہ اڪادمي، مهاراشٽر گؤرو پرسڪار، آر.جي. آڏواڻي اوارڊ، انٽرنئشنل اوارڊ - اسپن سنڌي دبئي، پريہ درشني اوارڊ.
پيشو : پروفيسر (رٽائرڊ)
پتو : 51, Sangeeta, Behind Telephone Bhavan, Colaba, Mumbai - 400005

أنهن خاص مُلڪن ۾ نه پر سنسار جي هر مُلڪ ۾ وڃي هر چيز جو واپار ڪيو. پهرين سِنڌي صرف هيرن ۽ ڪپڙي جو ئي واپار ڪندا هئا، پر هاڻ اُهي هر شيءِ جو واپار ڪرڻ لڳا. پهرين صرف حيدرآباد جا سِنڌ ورڪي ئي واپار سانگي ٻاهِر ويندا هئا؛ پر هاڻ سِنڌ جي هر شهر ۽ هر ڪُنڊ جا ماڻهو وِلائتن ۾ وڃي واپار ڪرڻ لڳا. نتيجي طور واپارين جون زالون سون ۽ هيرن ۾ پاڻ تورڻ لڳيون! واپارين جون ڌيئون گهر ۾ نهيل بار ۾ بيهي ڪاڪٽيل ناهڻ لڳيون ۽ هال ۾ مرد سان گڏ ويهي ڊِنر کائڻ لڳيون. سِنڌ ۾ مرد محفِل ڪندا هئا ته گهر سان گڏ نهيل اوطاقن ۾ ويهندا هئا. زالون اِنهن محفلن ۾ شامِل ڪين ٿينديون هيون.

سِنڌ ۾ مُشاعرا ٿِيندا هئا ته اُنهن ۾ صرف مرد شامِل ٿِيندا هئا، جي غزل چوندا يا ٻُڌندا هئا. زالن کي غزل، رچڻ- ڳائِڻ يا ٻُڌڻ جي موڪل نه مِلندي هئي. هِتي هِندُستان ۾ رڪمڻي چيناڻي غزل رچِيندي آهي ۽ سُنا اُچا غزل جوڙي غزلن جا مجموعا ڇپائيندي آهي ۽ ڪملا جهانگياڻي غزل ڳائيندي پڻ آهي.

سِنڌ ۾ هِڪ ٻه ليکڪائون مس هيون ڪُلي ڪرپالاڻيءَ جهڙيون پر هِند ۾ گهڻيئي ليکڪائون ۽ شاعرائون آهِن!

سِنڌ ۾ زال کي سِنڌي ڪاڌو ئي رڌڻ ايندو هو. هِتي سِنڌي زال جنهن مُلڪ ۾ رهي ٿي اُن مُلڪ جو ڪاڌو ڪائي به چاڙهي ۽ رڌي به چاڙهي ٿي. ڪيس اسپين جو پزا ناهڻ به اچي ٿو ته چائنيز سوويت ۽ ساور ناهڻ به اچي ٿو! هوءَ نانخطائي به ناهي ٿي، نان ڪيڪ ۽ بسڪيٽ به پچائي ڄاڻندي آهي؛ ۽ چاڪليٽ به ناهي ڄاڻي ٿي.

سِنڌي واپاري لوڪومل اِسپتال لاءِ ڪروڙ دان ڪندو ته سندس زال جسي ٻائي به پنهنجو نالو ۽ ٻُت اُڪرائي سگهي ٿي ۽ پوءِ جسلوڪ اسپتال نهي وڃي ٿي. اِندرُ شِوداساڻي ڳُذر ڪري ويو ته سندسِ زال لڇميءَ پنهنجي پتيءَ جي برپا ڪيل دان ڏيڻ واري رِيت قائِم رکي. اِن لئڪس نالي سان آديپور، بمبئي ۽ پوني ۾ اِسپتالون نهرايون. اِنِ اِندر جي نالي پِنيان ۽ لئڪس لڪشميءَ نالي جو ئي نمونو آهي. ساڳئي وقت لڪشميءَ پنهنجي پُٽ سميتِ گهوٽ وارو واپار وڌائي سوڳُو ڪري ڇڏيو آهي!

هِندُستان ۾ اچي سِنڌي چوڪريون ۽ زالون گهڻي ڀاڱي آفيسُن ۾ وڃي رواجي يا اوچي پد واريون نوڪريون ڪن. ڪي آهِن جي پئجاما ڪُڙتا شُبارائي وِڪڻن ٿيون. ڪي ٽرئولنگ ايجنسِيون هلائين ٿيون، منهنجون گهڻيئي شاگرديائيون اِنجنير آهِن، ڪي اميريڪا ۾ ڊاڪٽريائيون آهِن، ڪي رِيسرچ ڊِپارٽمينٽس ۾ آهِن، ڪي آسٽريليا ۾ پروفيسرِيائيون آهِن. مطلب ته وِلاينن ۾ يا هِتِ هِندُستان ۾ سِنڌي زال هر ڪيتر ۾ ڪم ڪري ٿي.

رِيتا شاهاڻي ۽ ڪملا گوڪلاڻي ساهِتڪ سيمينارن ۾ حصو وٺن ٿيون ۽ ساهِت جي هر ڪيتر ۾ اَڳريون رهن ٿيون. ڀڳونتي ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي سنگيت پروگرام

سنڌيل يا مِڪسڊ آچار مُربا بہ مُند مُند ۾ پيا نهندا هئا. ننڍن ساوَن صوفن مان مُربو ٺاهڻ لاءِ هرهڪ جي گهر ۾ چانديءَ جي صوفٽي هونديِ هئي، جنهن سان صوف جي ٽڪرين وارو حصو ڪڍي ڇڏبو هو! گُلاب جا گُل گهٽا نڪرن تہ گُلاب جو پاڻي گهر ۾ ڪرنلل جي مدد سان ڪڍبو ۽ جي موتيئي جا گُل ٿين تہ موتيئي جو پاڻي. هئي چيزون شربت ۾ وجهڻ لاءِ ڪم اينديون هيون. هونئن بہ ٻار ٻچي کي کنگهہ، ليسُ يا تپُ ٿيئي تہ اُن لاءِ چوورقيِ عرق بہ گهر ۾ ڪڍبو هو. ٻار لاءِ پنڙ ٺاهڻ يا اَکين لاءِ سُرمو پيهڻ جو ڪمُ بہ هوُندو هو. اِن طرح گهر جون زالون ٻارهوئي رُڌل رهنديون هيون. اَهڙن ڪمن وقت پاڙي اوڙي واريون مدد ڪنديون هيون. هِڪ گهر ۾ پاپڙ ٿِين تہ پاڙي جون سڀُ زالون پنهنجا چڪُلا ويلڻ ڪنيو اينديون هيون. بسِ ڪلاڪ ڏيڍ ۾ بہ سير پاپڙ اِ ٿين ويلجي ويندا هئا!

ٽوٺريءَ تي ويهي زالون آڳٺ مڙهينديون هيون، گِدڙن جا ٻچ چلينديون هيون، چادرُن يا ٽوالن جي ڏاڳن جي جهالر ٺاهينديون هيون يا ڏيڻُن جي شادِيُن لاءِ آرِ سان ٽپائيِ ڪور يا فوني جا ڪوَر ۽ پرت پري چادرون ۽ وِهاڻي جون ڇئون تيار ڪنديون هيون.

سماجڪ طرح زال پنهنجي مُڙس جو نالو ڪين وَٺندي هئي، هُن سان هميشه توهان ڪري ڳالهائيندي هئي ۽ ٻارن ۽ مُڙس جي شيوا ڪرڻ پنهنجو ڌرم سمجهندي هئي. مُڙس پڻ پنهنجيءَ زال جو نالو نہ وَٺي ڪيس فلاڻي جي ماءُ سڏي ساڻسِ عزت ۽ پيار سان هلندو هو. هئي عمر پر هِڪ هئي جو ساٿُ نِڀائيندا هئا ۽ ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ طلاق ڪين وٺندا هئا.

پر وِرهاڱي بعد زال جو اُٿڻ ويهڻ، رنگہ روپ، رهڻ ڪرڻ، سوچڻ ويچارڻ جو ڍنگہ صفا بدلجي ويو! وِرهاڱي بعد گهر جي گُذران لاءِ ڇوڪريون آفيسُن ۾ وڃڻ لڳيون ۽ اوچ تعليم وَٺڻ لڳيون. سِنڌ ۾ ڇوڪريِ يا زال اَڪيلي ٻاهر ڪين نِڪرندي هئي. پر هِندُستان ۾ ڇوڪريون زالون اَڪيلي ئي سفر ڪري لوڪل ٽرين يا اِسڪوٽر تي چڙهي آفيس وڃڻ لڳيون ۽ شام جو دير تائين گهر کان ٻاهر ڪم ڪرڻ لڳيون. اَڻ پڙهيل زالون گهرن ۾ ڪيڇا، پاپڙ، ڪچريون ۽ وريون ٺاهي، پري پري وَڃي وِڪڻ لڳيون. سِنڌي مردن ڪارخانا ۽ فرمس کوليون تہ زالون وڏا عهدا بہ ماڻڻ لڳيون.

سِنڌ ۾ حيدرآباد جا سِنڌ ورڪي هِندُستان کان ٻاهر سينگاپور، هانگہ ڪانگہ جپان ۽ جاوا ويندا هئا ۽ شِڪارپور جا پائيبند پنهنجين هُنڊين جي ڏنڌي لاءِ بغداد، بصري ۽ اِيران ڏانهن اُسهندا هئا.

ٻنهين طبقن جا ڪُٽنب پنهنجن پنهنجن شهرن ۾ ئي رهندا هئا. حيدرآباديِ زالون اِطلس ۽ بخمل جا ڪپڙا پائي لُڏنديون هيون ۽ شِڪارپوريِ زالون مانهہ جون وڙيون گهوٽي سگهاريون رهنديون هيون. پر وِرهاڱي کان پوءِ هِند سرڪار ٻاهِران پئِسو آڇڻ ئي نہ ڏِنو. انڪري سِنڌ ورڪي پنهنجا ڪُٽنب پاڻ سان وٺي ويا.

آهي. جتان کين سماج جي شيوا ڪرڻ وارن سنستائن کي گهڻي مدد، پلاٽ وغيره پڻ ملندا آهن. عجب اِهو آهي ته پڙهيل ڳڙهيل زالن جون سنستائون پڻ لنچ يا ٽي پارٽي رکي تين ٽُڪلي جو ڪم ڪري گيهر ڪارائي ان ميڙ کي سڏين سوشل ورڪ ! ڪنهن يا ڪن زالن کي سوشل ورڪ ڪرڻ جو شوق هوندو ته ساهڙين کي ساڻ ڪري ٽاٽ لڳل ۽ پڙت پريل اچي اوچي ساڙهي پهري اِسپتال ۾ موسميون وراهندي ۽ پوءِ فوٽو ڪڍائيندي، ته مان سوشل ورڪر آهيان !

ٿوري ۾ ائين ڪٿي چئجي ته ورهاڱي کان اڳ زال ۽ مرد جي جيون جيئڻ جي طريقن ۾ تفاوت هو پر هاڻ جيڪي مرد ڪري ٿو سو زال به ڪري ٿي. ورهاڱي کان اڳُ حيدراباد جي هڪ جج پهرين زال هوندي بي شادي بمبئيءَ ۾ اچي ڪئي ته واپس موٽندي اِسٽيشن تي ڪيس ڪارا جهنڊا ڏيکاريا ويا هئا. هتي ته زال بار ڇڏي وڃي بئي مرد سان وڃي ٿي ويهي تڏهين به هلي ٿي وڃي ۽ ڪير آڱر به ڏانهس نه ٿو ڪٿي ! مطلب ته سنڌي مرد ۽ سنڌي زال جي جيئڻ جي نموني ۾ گهڻو فرق ئي نه رهيو آهي ! ٿي سگهي ٿو ته ورهاڱي کان اڳ حيدراباد جي پڙهيل طبقي سان ۽ ورهاڱي بعد بمبئيءَ جي فضا ۾ مونکي ڪجهه بيءَ طرح جون زالون ئي ڏسڻ ۾ آيون هجن پر تڏهين به جيئڻ جي نموني ۾ فرق ۽ گهڻو فرق ضرور آيو آهي!

بيو به هڪ فرق آهي. سنڌ ۾ حيدرآبادي زالون ڪاليجي سکيا وٺنديون هيون ۽ گهڻي ڀاڱي بي. اي. پاس ڪنديون هيون. هتي اچي اُهي ساڳيءَ طرح بي. ڪام يا بي. ايس. سي. يا وڌ ۾ وڌ ايم. اي. سي. يا ايم. اي ڪن ٿيو.

پر اُتي سنڌ ۾ فقط شڪارپور ۾ ڪاليج هو ۽ اُتي ايڪڙ ٻيڪڙ تمام ڪي ٿوريون ڇوڪريون ڪاليجي وديا وٺنديون هيون. هتي اچي غير حيدرآبادي ڇوڪريون حيدرآبادي ڇوڪرين کي تمام گهڻي ڳوءِ ڏيئي ويئون آهن ! مون وٽ اِسڪول ۾ ڏوڏيجا ڀينرُ پڙهنديون هيون. اَڄ اميريڪا ۾ هڪڙي ڊاڪٽرياڻي (ڪئنسر اسپيشلسٽ) آهي، ٻي رسرچ ڊپارٽمينٽ ۾ ڊئريڪٽر آهي، ٽين چارٽر اڪائونٽنٽ آهي، چوٿين هتي آرچيٽيڪٽ آهي. ان طرح مسز اندُر ڪيسواڻي پريس هلائيندي آهي، اِندرا جئسنگهه سپريم ڪورٽ جي وڪيل آهي، سرلا سُجان آسٽريليا ۾ پروفيسر آهي. گوسوامي برهمانند جي ڌيءُ چندرا جا هينئر مسز شرما آهي، سنگيت يونيورسٽيءَ ۾ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ طور رهي چُڪي آهي. ان طرح اُهي هر قسم جي ۽ هر ڪيتر ۾ اوچي تعليم وٺي تمام وڏا عهدا ماڻي رهيون آهن !

ڏين ٿيون. سُشي آهوجا ريڊيو ۽ ٽي. وي. تي اچي ٿي؛ مِسز شيلا وڄيہ پاريون ڪئسيٽس پرائيِن ٿيون، اَنيلا سُندر نِرتيہ ناٽڪائون پيش ڪري ٿي، مِسز مِينو پرڪاش ٽڏاٽي بزنيس ڪري ٿي، راني ڪرنا سرڪاري ۽ سنٿائن پاران اوُچ نِرتيڪار طور اِنعام حاصل ڪري ٿي. (مان تمام ٿورا نالا مثال طور ڏيان ٿي ڇاڪاڻ تہ ياداشتون پيش ڪرڻ هِن ليکہ جو مقصد ڪينهي.)

هِڪ پاسي ڪيترين زالون ترقيءَ جي راهہ تي قدم وڌائي رهيون آهِن تہ ٻئي پاسي ماڊرن بڻجڻ جي بهاني ڪي زالون اُلٽي راهہ پڻ اپنائي رهيون آهِن. اُنهن مان ڪي انهن وِندُر جا وسيلا بہ سِنڌ کان ڦريل ڳوليا آهِن. هر هنڌ زالن جون ٽوليون ڪِٽي ناهي پارٽيون ڪن ٿيون. بمبئيءَ جي ڪولابا ۾ رهندڙ زالون ڪلب ڪِٽي، هوٽيل ڪِٽي، نيرن ڪِٽي، منجهند ڪِٽي، ڊِنر ڪِٽي، ايوننگ ڪِٽي اهڙيءَ ريت گهڻين ڪِٽيز جون ميمبرس ٿي گڏجي کِلن کائين ٿيون. ڪي وري رمي کيلڻ جا پنهنجا پنهنجا گروپس ناهِينديون آهِن.

هِتي زالن شادي مُراديءَ ۾ زبردست ڏيکاءُ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. لڪين رپيا خرچي ميندي پارٽي ۽ سنگيت پارٽي وغيره ڪري ڏي وٺ جي مرض ۾ وڌيڪ مُبتلا ٿي ويئون آهِن!

فئشنيبل ڪپڙا لٽا پائڻ ۾ پڻ چٽاڀيٽي لڳي پيئي آهي جنهن ڪري سِنڌ واري سادگيءَ کي سِنڌي زال تِلانجلي ڏيئي ويئي آهي!

مهمان مڙو اچڻ يا ڳهرائِڻ تي انيڪ ڪِترائہ شروع ٿي ويا آهِن! ڏيکاءَ ۽ شاهوڪاريءَ جو نُماءُ ڪرڻ ۾ اُنهن مان ڪي زالون هِڪ ٻئي سان شرط پڄائي رهِيون آهِن. ڪنهن کي مانيءَ تي گهراءِ تہ بہ ٽي ترِيل چيزون، بہ ٽي ڀاڄيون، گوشت ڪباب واريون پڻ بہ ٽي ڊِشِز، سلاد جا بہ ٽي قسم، مِٺي چيز جا بہ ٽي نمونا، ڪا بيڪ ٿيل ڊِش تہ ڪا چائنيز ڪا ليبنز تہ ڪا اسپئنِش! مهمان نوازي هنومان جي پُڇ وانگُر ڊِگهي ٿي ويئي آهي! نہ رُڳو گهڻيون چيزون تيار ٿيون ڪيون وڃن پر ميز ۽ ٿالهين جي سِينگار جي رواج ۽ جپاني چيني پيالا چمچا ڏيکارڻ جو پڻ نُماءُ ٿِئي ٿو!

هِتي زالون گهرن ۾ ڪٽرائي لنچ ۽ ڊِنر ڪن پر هوٽلن ۾ پڻ لنچ ڊِنر جا پرو گرام ٿيون ڪن. مطلب تہ هِتي هِند ۾ ٿوڙي هِندستان کان ٻاهر وِلائتن ۾ ڪي سِنڌي هِندوُ زالون پنهنجو وقت فضول ڳالهين ۾ ئي ٿيون وڃائين. آسودگيءَ ڪري اَڄ سِنڌي زال عيش آرام ۽ فرحت واري زندگي ڪاٽيندي، ڪِٽي پارٽين ۽ رمي رمڻ ۾ ئي پنهنجو وقت وڃائي ٿي.

ڪجهہ سال اڳہ مان حيدرآباد دکن ويئي هيس. اُتي ڏِٺم تہ عهدا سنڀاليندڙن ٿوڙي واپارين جون زالون صحيح نموني ۾ پنهنجو وقت خرچ وينيون ڪن. هِندستان ۾ هر جائيءَ کي پنهنجي راجيہ سرڪار

ريت آهي:

راجا نند نالي گرجر ذات جو هڪ راجا سنڌ جي ماٿيلي واري پاڙي تي حڪومت ڪندو هو. راجا کي ٻن ڳالهين جو ڪافي شوق هو - هڪ دؤلت ڪٺي ڪرڻ ۽ ٻيو شڪار ڪرڻ. هڪڙي ڀيري راجا نند شڪار ڪندي پنهنجو گهوڙو هڪ سوئر جي پٺيان ڪٺي ڇڏيو جيڪو ڀڄندو وڃي درياه ۾ گهڙيو. عجب جي ڳالهه اِها جو جيئن سوئر وڃي درياه ۾ اَڳتي وڌندو، تيئن درياه جو پاڻي سُڪندو وڃي کيس رستو ڏيندو. اَڳيان سوئر پٺيان راجا. نيٺ ٻئي وڃي درياه جي ٻيءَ پَرِ پهتا. پويان درياه اَڳي جيان وهندو رهيو.

راجا ڏاڍي ڪوشش سان نيٺ سوئر کي ماريو ۽ اِهو ڏسڻ لاءِ تہ سوئر جي ڪهڙي عضوي جي ڪري درياه جو پاڻي سُڪندو ٿي ويو، هُن سوئر جا ٽُڪر ٽُڪر ڪري پاڻيءَ ۾ وجهي اُنجي پَرکَ ڪندو ويو، نيٺ کيس معلوم ٿيو تہ سوئر جي ڏند ڪري درياه جو پاڻي سُڪندو ٿي ويو، يعنيٖ اها ڪرامت سوئر جي ڏند ۾ هئي.

راجا نند اُهو جادوءَ ورارو ڏند ڪٺي پنهنجي راجڌانيءَ ۾ آيو ۽ اُنجي مدد سان پنهنجو سمورو خزانو ڪٺي درياهہ ۾ پوريو ۽ اتي اهو سلامت سمجهو.

راجا نند کي ست ڏيئَر هيون جن ۾ سومل سيني کان وَڏيڪ سياڻي هئي ۽ سومل سيني کان سهڻي هئي. راجا نند جو سيني کان وڌيڪ سومل ۾ موهہ هو. کيس ڏاڍو ڀائيندو هو. سو هن اهو جادوءَ وارو ڏند سومل کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏنو. پر کيس اهو ڪونہ ٻڌايائين تہ اِن ڏند ۾ ڪهڙو راز رکيل آهي.

هڪڙي جادوگر کي پنهنجي جادوءَ رستي ڄاڻ پئي تہ جادوءَ جو ڏند راجا نند وٽ آهي. هن اهو حاصل ڪرڻ لاءِ راجا جي محل ٻاهران سين هنئي ۽ ڪنهن نموني سومل کان اهو ڏند حاصل ڪيو، راجا نند ڪنهن ڏينهن پنهنجو خزانو ڏسڻ لاءِ جڏهن سومل کان اهو ڏند گهريو تہ سومل کيس سچو احوال ڏنو تہ هن ڪيئن اهو ڏند هڪ فقير کي ڏيئي ڇڏيو. فقير تہ ان ڏند جي مدد سان راجا جو سمورو خزانو، جو درياه جي پيٽ ۾ پوريل هو، سو ڪٺي جيڏانهن جو هو اوڏانهن هليو ويو.

راجا نند پنهنجو خزانو ائين لٽجي وڃڻ جو ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هن سومل کي مارڻ لاءِ تلوار ڪنئي، تنهن تي سندس سياڻي ڌيءَ سومل کيس چيو تہ بابا توکي ملڪيت کپي يا سومل جي جان؟ مان توهان کي ملڪيت واپس وٺي ڏيندس. تڏهن راجا جو غصو لٿو.

سومل ڪاڪ محل نديءَ تي هڪ ماڙي نهرائي، پنهنجي ڀينرن ۽ ساهيڙين سان اچي اُتي رهي. سومل کي جادوءَ جي ڄاڻ هئي هن هوشياري ڪري ماڙي جي چوڌاري جادوءَ جي زور تي گلن ڦلن جا باغ رکايا جنهن جي وچان هڪ سوڙهو رستو سومل جي ماڙيءَ ڏانهن ٿي ويو، رستي جي ٻنهي پاسن کان جادوءَ جا خوفناڪ جانور بيهاري

شاه جي سورمي : مومل

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي

لوڪ ڪهاڻين ۾ تنهن وقت جي جنتا پنهنجي سورمن، پنهنجي دل پسند شخصن کي اڀاريو آهي. پوءِ اهو دودو هجي يا راءِ ڏياچ. اهڙيءَ طرح پيار ۽ سڪ. دک ۽ سک. وڇوڙي ۽ گڏجاڻي کي ڪٽي عام شخص پنهنجي دل پسند نائڪن کي پنهنجي ڍنگ سان پيئي پيش ڪيو آهي. تاريخي، سماجڪ، ڌرمي، سورمن، سورمين کي پنهنجي روزاني زندگيءَ جو هڪ حصو بڻايو آهي. ڪنهن زماني جي نائڪن، نائڪائن يعنيِ سورمن ۽ سورمين کي ڪٽي عام انهن کي ڳاتو ۽ دهرايو. شاه لطيف ڀٽائي پنهنجي سفر ۾ جدا جدا هندن، شهرن جو سفر ڪندي اهي ڳالهيون ٻڌايون. هن صاحب انهن ڪٿائن، بيانن کي پنهنجي شعر دواران ظاهر ڪيو ۽ اِهي ڪهاڻيون امر ٿي ويون. انهن ڪهاڻين ۾ آيل نائڪن ۽ نائڪائن کي شاه صاحب امر ڪري ڇڏيو. اَهڙا نائڪ آهن، چنيسر، راڻو مينڌرو، پنهون، راءِ ڏياچ، ميهار وغيره ۽ نائڪائون آهن، ليلا، مومل، سسئي، سورٺ، سهڻي، مارئيِ وغيره.

شاه لطيف صاحب جڏهن اهي آکاڻيون ٻڌيون تڏهن هن پنهنجي ڪلام ۾ اهي ڪهاڻيون سڏيون سنيون ۽ سلسليوار ڪونہ ڏنيون، بلڪ انهن جي ڪن واقعن جو شعر ۾ ذڪر ڪيو آهي.

انهن ڪهاڻين کي پهريون دفعو ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ کوج ڪري انهن ڪهاڻين کي مڪمل طور ۽ سلسليوار نموني پيش ڪيو. سنہ ۱۹۲۳ ۾ جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سوڌيل سنواريل **شاه جو رسالو** ڀاڱو پهريون ظاهر ٿيو تہ اُن ۾ جدا جدا سرن جي اڳيان انهن جي سمجهاڻي ڏيندي ڊاڪٽر صاحب سُر سهڻي ۾ سهڻي ميهار جي آکاڻي تاريخي پس منظر سان ڏني. اهڙيءَ طرح سُر مومل ۾ مومل جي آکاڻي، سُر سسئي ۾ سسئي پنهون جي آکاڻي، سُر مارئيءَ ۾ عمر مارئيءَ جي آکاڻي ڏني آهي. اڳتي هلي انهن ستن ڪهاڻين جو مجموعو ''روح رهاڻ'' جي نالي سان ظاهر ڪيو.

اڳتي هلي پروفيسر رام پنجواڻي انهن ستن ڪهاڻين کي ناٽڪي روپ ڏيندي 'سنڌ جا ست ناٽڪ'' نالي سان ڪتاب ظاهر ڪيو.

هتي ذڪر آهي مومل جو، ڪهاڻي هن

نالو : ڊاڪٽر نارايڻ پرياڻي ''ڀارتي''

جنم، تاريخ : ڪنبر، ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ۱-۱۰-۱۹۳۲

ڇپايل ڪتاب: هوجمالو، سنڌي لوڪ ڪهاڻي، لوڪ گيت، سنڌڙي ٿي ڳائي، شرت بابو وغيره

انعام : ڪيترا ئي ساهتيڪ اِنعام ۽ سنمان.

پيشو : چيف ايڊيٽر سنڌي ٽائيمس اخبار.

پتو : 56, Hiro Housing Society, opp. Old Telephone Exchange ULHASNAGAR - 3

هليا. پر انڪل ڪري ناتر وات تي ڪانئُن گُم ٿي ويئي جنهن ڪري هوُ مُنجهي پيا ۽ پويان پير ڪري پُٺتي موٽيا. چوٿين رات ناتر راڻيءَ کي ساڻُ ڪري اَڳتي هلي. راڻي يارن کان حال احوال ورتو هو تنهن ڪري هن ناتر تي اَکِ رکي، وات تي جيئن ئي ناتر اَنڪل ڪري پڇڻ لڳي ته راڻي ڪٽي ڇوٽيءَ کان ورتُسِ، نيٺ راڻو مومل جي ڪمري ۾ پهُتو. اُتي هِڪَ جهڙيون سَتَ ڪٽون ڏسي هُن سمجهيو ته اِن ۾ به ڪو راز آهي جو هڪ جَهِڙيون ڪٽون پيَلَ آهن. سو لڪُڻ سان جيئن هڪ ڪٽ تي زور ڏنائين ته هنڌ وڃي هيٺِ ڪريو، اَهڙيءَ طرح سيني ڪٽُن کي آزمائيندو سچي ڪٽ تي اَچِي ويٺو. ناتر پوءِ کيس هڪ ٻئي ڪمري ۾ وٺي آئي جتي ڪيترين سُهِڻيون ڇوڪريون، هڪ جيڏيون، هڪ جهڙيون، هڪ جهڙن ڪپڙن ۾ ۽ هڪ جهڙا هار هٿن ۾ ڪنيو بيِٺيون هيون. ناتر راڻي کي چيو ته هِنن ڇوڪرين ۾ مؤمل به آهي. پر هِنن ڇوڪرين مان جنهن جي تو ٻانهن پڪڙي تُنهنجي شادي اُن سان ٿيندي.

راڻو مُنجهي پيو ته مؤمل ڪهڙي آهي. ايتري ۾ هِڪُ يونئر هڪ ڇوڪريءَ جي وارن مَٿان ڦِرڻ لڳو، جنهن مان راڻي سمجهيو ته اُها خوشبودار وارن واري ڇوڪري ئي مؤمل ٿي سگهي ٿي. راڻي اَڳتي وڌي وڃي اُن ڇوڪريءَ جو هٿُ پڪڙيو ۽ مؤمل گلن جو هار ڪٽي راڻي جي ڳچيءَ ۾ وڌو. خوشيون ٿي ويون ۽ ٻنهي جي شادي ٿي ويئي.

راڻي جا دوست پنهنجي هارَ ۽ راڻي جي سوڀَ تي سڙي ويا ۽ ڪاوڙ ۾ اَچي روانا ٿيا. راڻو اُتي مومل سان ماڙيءَ تي رهي پيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ همير سومري ڪو بهانو ڪري راڻي مينڌري کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ راڻي کي اَهڙو ڪمُ ڏنائين جيئن هوُ مؤمل سان مِلي نه سگهي. مگر راڻي کي ڪِتي تي ماڻِ اَچي. سو هوُ لِڪَ-چوريءَ ڪاڪَ ڏانهن هليو ويندو هو ۽ مومل سان مِلي جلد واپس هليو ايندو هو.

راڻي جي جُدائيءَ ۾ مومل اُداس رهندي هئي. هر رات راڻي جي راهه نِهاريندي هئي. شاه صاحب اِنجو ذڪر هِنَ ريت ڪيو آهي :-

شمع ٻاريندي شب، پره ٻاڪون ڪڍيونِ
موٽ مران ٿي مينڌرا، راڻا ڪارڻ رَبَ،
تنهنجيِ تات طلبَ،ويٺون ويٺي آهيان.

مؤمل راڻي جي جُدائيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجيِ وڏي ڀيڻ سؤمل کي راڻي جو لِباس پهرائي گڏ سُمهاري ڇڏيندي هئي. هڪ رات راڻو جيئن ماڙيءَ تي اَچي پهتو، ته ٻئي ڀينرون گڏ سمهيون پيون هيون. اوندهه ۾ راڻو سؤمل کي سُڃاڻي نه سگهيو ۽ کيس مرد سمجهي، ڪاوڙ ۾ اَچِي، پنهنجو لڪُڻ مومل جي ڀَرِ ۾ رکي واپس عمرڪوٽ هليو ويو.

صبوح جو مؤمل پنهنجيِ ڀَرِ ۾ راڻي جو لڪُڻ ڏسي سمجهي ويئي ته راڻو ڪاوڙ ۾ هليو ويو آهي. پوءِ ته راڻي کي ريجهائڻ

چڏيائين. جن جي ڏيڍاريندڙ رڙين کان وڏا وڏا سورهيه به ڏڪي ويندا هئا. ماڙيءَ جي چئن ڪنڊن تي شينهن بيهاري ڇڏيائين. جيڪي هر وقت گجگوڙ پيا ڪندا هئا. باغ کان پوءِ جادوءَ جو هڪ تلاءُ پڻ جوڙايائين جنهن جي ڏسڻ سان پڻ خوف پيو ٿيندو هو. ماڙيءَ جي هڪ ڪمري ۾ ست ڳاڙهيون کٽون ريشمي هنڌن سان رکائي ڇڏيائين، ڇهه کٽون ڪچي سٽ سان واٽيل هيون ۽ انهن جي هيٺان اونها کوهه کوٽيل هئا. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو انهن مان ڪنهن به هڪ کٽ تي وهي ته کوهه ۾ وڃي ڪري.

جڏهين ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي اهو جادوءَ جو کيل تيار ٿيو تڏهن سومل ملڪن ۾ اهو پڙهو گهمايو ته جيڪو شهزادو باغ مان لنگهي سلامت سومل وٽ پهچندو تنهن جي شادي سومل سان ٿيندي، ٻيءَ حالت ۾ ڪيس پنهنجي مال ۽ سامان تان هٿ ڪڻڻو پوندو. سومل جي سونهن ملڪان ملڪ مشهور هئي، ان ڪري ڪيترا ئي بادشاه ۽ شهزادا ڌن دولت ساڻ کڻي سومل کي حاصل ڪرڻ لاءِ لڊاڻي جي شهر ۾، جتي سومل جي ماڙي هئي، اُتي ايندا هئا.

اُن وقت عمر ڪوٽ جو بادشاه همير سومرو هو. همير جا ٽي وزير هئا، راڻو مينڌرو سوڍو، ڏنئرو پٽي ۽ شينهڙو تماچائي. هي سڀ بهادر ۽ عقلمند هئا، پر راڻو سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ ٻين کان وڌيڪ هو. سندس ڀيڻ وري همير جي زال هئي.

هڪ ڀيري سومل جي واکاڻ ٻڌي چارئي سنيري اوڏانهن هليا. اُتي قلعي ٻاهران ڏٺائون ته هڪ سائي زار زار پيو روئي. ان کان حال احوال وٺڻ تي معلوم ٿين ته اهو به ڪنهن ملڪ جو شهزادو هو پر سومل جي سونهن تي موهت ٿي هُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آيو هو پر پوءِ پنهنجو مال اسباب ڦرائي ائين اچ اِن حالت ۾ هو.

سائيءَ جون ڳالهيون ٻڌي هنن چئن يارن به فيصلو ڪيو ته هو پهرين سومل کي حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو بخت آزمائيندا. راڻي قلعي ٻاهران پيل پير تي اَهڙو ڏونڪو هنيو جو ڪاڪ جا ڪِنارا ۽ لڊاڻ جو شهر گونججي ويو. اڃا گهوڙا ٻڌي ويٺا ئي مس ته سيڪاريل نوڪرياڻي ''ناتر'' اچي نڪتي. پهريائين کين سمجهايائين ته سومل جي پچر ڇڏي ڏين، پر چئني يارن هڪ آواز ٿي چيس ته، ''ڪاڪ آيا آهيون ته سومل حاصل ڪنداسين.'' پوءِ ناتر کين منجهيل سُٽ سلجهائڻ لاءِ ڏنو. راڻي اُن سُٽَ کي ڪاتيءَ سان ڪٽي اُن مان ڳل ناهي ڪٽي گهوڙي کي پاتو، باقي ٻين ويٺي سُٽ سُلجهايو.

ٿوري دير کان پوءِ ناتر ڪاڌو ڪٽائي اَچي سندن آڏو رکايو. ٽي چٽا ته ٽڪڙا ٿي ڪاڌي ڏانهن وڌيا پر راڻي آيل ڪاڌي مان ٿورو ذرو کڻي ڪتي کي ڏنو، جيڪو کائڻ سان مري ويو.

ناتر پوءِ به انڪلون ڪيون. پر سندس هڪ به انڪل نه هلي. آخر کين چيائين ته جي سُومل سان مِلڻو اٿوَ ته سون سان هِڪُ هِڪُ تي هلو. ۽ هو ناتر سان گڏ

ڪيائين، تڏهن ٿو شاعر مومل کي خوشخبري سڻائي:

”راڻو ريبارو، تو ڏانهن مکو تکڙو.
لڏوڻڻا لطيف چي، ماڻجهه موچارو.
صبحه سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.“

شاهه سُر مومل ۾ چوي ٿو ته:

”ڪهڙي پڇين ذات ؟ جي آئيا سي اگهيا.“

مالڪ وٽ ملڪيت جي زوربازي نه ڪٽندي، نڪي وري حسن ۽ چترائي قبول پوندا. مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي جو مرداڻا ڪپڙا پهرائي پاڻ سان گڏ سمهاريو هو، ۽ ميندري جڏهن ڏٺو ته مومل ڪنهن مڙد سان سُمهي پيئي آهي ته هو پنهنجو لڪڻ نشاني طور رکي هليو ويو هو. ڪن لوڪ ڪهاڻين ۾ ڄاڻايل آهي ته مومل جي چوڻ تي سومل اِهي مرداڻا ڪپڙا ڪونه پاتا هئا، بلڪ پنهنجي مرضيءَ سان مرداڻو ويس ڪري مومل سان سمهي پيئي هئي ۽ هن ڄاڻي واڻي ڪيو هو، جيئن ميندرو اچي ۽ غلط فهمي ۾ اچي مومل کي ڇڏي ڏئي.

منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي ته مومل راڻي بابت لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ جدا جدا روايتون آهن. پر شاهه صاحب جنهن نموني مومل کي پيش ڪيو آهي، اهو ٻئي نموني آهي.

مومل محلن ۾ رهندڙ آهي. پر سڪ ۾ سڪايل آهي. مومل جي دانهن جو بيان جيڪو شاهه ڪري ٿو، تنهن مان پڌرو آهي ته هوءَ ڪاڪ محل اندر رهي راڻي جي راهه نهاري چوي ٿي:

١. ڏيا تيل ڦليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ.

٢. وٽ سوريندي وَلها ڏئو تيل ڀريِ
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي
راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

شاهه صاحب سنڌ ۾ پرچلت لوڪ ڪهاڻيون ٻڌيون ۽ اُهي آستان به ڏنا، جتي جون اُهي ڪهاڻيون هيون. جيئن ڪِ ٿر جو مليِر ۽ اتي عمر ماروي جي آکاڻي ٻڌي.

ڪاڪ نديءَ تي ٻڌل شهر ۽ لوڊاڻا ۽ اتي مومل جو ڪاڪ محل، جنهن کي اڄ مومل جي ماڙي سڏيو ويندو آهي. قلات ڪيچ مڪران جتي سسئي پنهون جي ڪهاڻي ٻڌي. ڪينجهر ڍنڍ جي نوري ڄام تماچي . اهڙيءَ طرح ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ وارا آستان، شهر ۽ ڳوٺ ڏٺا ۽ اُتي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌيون.

هن پنهنجي پيغام لاءِ انهن ڪهاڻين جو آڌار ورتو. جيڪڏهن شاهه صاحب سڌو سنئون اُپديش ڏئي ها ته اهو شايد اهڙو اثردار نه رهي ها، جيترو ڪهاڻين جا پاتر ڪٺي اُنهن دواران ديش جون به حقيقتون ڏنيون ته انهن پاترن وسيلي پنهنجو پيغام به ڏنو. جڏهن هن انهن پاترن کي علامتي طور ڪتب آندو هجي.

مومل ته شاهه صاحب جي هڪ نائڪا، سورمي آهي. ٻيون به ته آهن. هر ڪنهن جو پس منظر پنهنجو پنهنجو آهي.

❖❖❖❖

لاءِ ڪافي ڪوشش ڪيائين، پر راڻي جي دل ۾ هڪ دفعو وهم ويهجي ويو تہ اُهو نہ لٿو. آخر مومل نااُميديءَ وچان خياتيءَ مان بيزار ٿي پئي، تنهن ڪري ڪاٺين جو وڏو مچ تيار ڪرائي جيئري ئي ستي ٿيڻ لاءِ پاڻ کي اُن ۾ اُڇلايائين.

جيئن ئي راڻي کي اِها خبر پيئي تہ هو رڙندو روئندو مومل جي مچ وٽ پهتو، پر گهڻي دير ٿي چُڪي هئي. اِن ڪري پاڻ بہ ان مچ ۾ ٽپي پيو. اهڙيءَ طرح مومل ۽ راڻي جي متي ملي هميشه لاءِ هڪ ٿي ويئي.

مون مٿي ڄاڻايو آهي تہ مومل راڻي جي آکاڻي سنڌ جي پرسڌ لوڪ ڪهاڻي آهي ۽ لوڪ ڪهاڻيءَ جا پاتر عام لوڪن جا پيارا ڪردار هوندا آهن. اهي انهن جي گڻن، صفتن کي پنهنجي پيار، پسنديءَ موجب وڌائيندا گهٽائيندا بہ آهن.

لوڪ ڪهاڻي اصل ۾ لکيل روپ ۾ ڪانہ هئي. پر پشت بہ پشت، زبان بہ زبان قائم رهندي آئي. اِن ڪري لوڪ ڪهاڻين جون ڪي ڳالهيون ڪن هنڌن تي جدا جدا روپن ۾ بہ هونديون آهن.

پروفيسر چيتن ماڙيوالا، سُر مومل راڻو ۾ هيءَ آکاڻي ڏيندي مومل جي پڇاڙي بابت هيئين ٿو لکي :

”نيٺ ڪاڪ جا وڻ ڇڏي، مومل اچي راڻي جي ويجهو رهي. تہ بہ ڪيس ريجهي نہ سگهي ۽ آخر پاڻ مات ڪري، مس مشاهدو ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ....“

سوال آهي تہ مومل ڪيئن پاڻ کي ماري مات ڪيو؟ اهو ٻڌايل نہ آهي.

شاه صاحب هِن آکاڻيءَ دوران نصيحت ٿو ڏئي تہ - هن دنيا ۾ بہ جادوئي نظارا آهن. جي ڪو انهن نظارن کي سچ سمجهي انهن ۾ پلجي ٿو وڃي، سو مومل کي حاصل ڪري نہ سگهندو يعني ايشور کي پائي نہ سگهندو. مطلب تہ منزل تي پهچي نہ سگهندو.

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ اِهي آکاڻيون ڪو آکاڻيءَ ٻڌائڻ جي مراد سان ڪونہ ڪنيون آهن. بلڪ انهن دوران، انهن جي پاترن دوران پنهنجو سنيهو ڏيڻ چاهيو آهي. اِن ڪري سندس ڪلام ۾ بہ اِهي آکاڻيون مڪمل ڪونہ آهن ۽ نہ وري سربستي طور ٻڌايل آهن پر وچ وچ مان بيتن دوران انهن جو ذڪر ڪيل آهي.

شاه صاحب کان اڳ اِهي آکاڻيون ڳاهن دوران ٻڌايون وينديون هيون. ڳاهہ لوڪ گيتن جو هڪُ قسم آهن. ڳاهن کي سلسليوار ناهي، آکاڻيءَ کي ناهيو ويو جيڪا پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي تاريخي طور چنڊ ڇاڻ ڪري پيش ڪئي آهي.

شاه صاحب مومل جو ذڪر ڪندي سندس سيرت نگاريءَ مان ڏيکاري ٿو تہ سچي سالڪ کي ايشور کانسواءِ ٻي ڪنهن بہ صحبت مان مزو اچڻ نہ گهرجي. مومل جڏنو راڻو ناهي، دل پرچائي تہ ڏک پسڻا پيس، پر جڏهين ليلايائين ۽ پنهنجيءَ خطا بخشائڻ لاءِ راڻي کي آزيون نيزاريون

نڪتو ۽ عرب فوج جي سامهون ٿي جنگ جوٽيائين. جڏهين (ٻئي طرف) ٽڪا ٽڏهن موٽي ويا.'' (صفحه ٢٤٣)

ٽئين ڏينهن هڪ ٻئي بهادر مرد کي راجا موڪليو جيڪو جنگ ڪندي پاڻ مارجي ويو، تنهن تي وزير راجا کي چيو، 'پهريائين هڪ عربن جو لشڪر ندي پار ڪري رهيو هو ۽ ننڍين ننڍين ٽولين ۾ ٻئي لنگهيا، تڏهن اسان کي مٿن حملو ڪرڻ گهربو هو، جيئن ڪين ٻيءَ جنگ کان ڊپ ٿئي ها. هاڻ جڏهن گڏ ٿي مقابلي لاءِ آيا آهن ته اسان لاءِ چڱو ائين ٿيندو ته سموري لشڪر، پيادل خواه سوارن سان، هاٿيءَ تي مٿن حملو ڪيو وڃي. (صفحه ٢٤٤).

هت ڌيان ۾ رهي ته هندن جي پراچين پرمپرا اها رهي آهي ته ڪنهن به دشمن تي اوچتو، پٺيان ۽ بي خبر حملو ڪونه ڪندا هئا. پر هن وقت اهو هندو آدرش هنن عربن سان لاڳو نٿي ٿي سگهيو، جيڪي ڌاڙيلن جيان اوچتو ۽ وحشيانو حملو ڪندا هئا. هندن فقط بچاءُ پربند سنو پئي رکيو ۽ جوابي حملو به. جڏهين ڪ هي اسلامي (اهنسا وادي) امن امان جي ليبل سان آيل، آدرش ۽ انسانيت جو ڪو ملهه ڄاڻندا ئي ڪونه هئا. هو هر موقعي تي اول، اوچتو پٺيان، بي خبر جيئن آيو حملو ڪندا هئا، جنهن ڪري هندن جي اِنسانيت ڪين مهانگي پڻ پيئي آهي، جيئن اڄ به ٿي رهيو آهي. هندن جي اَڪثر هار جو سبب اهوئي رهيو آهي. اوچتو حملو ٿيڻ کان پوءِ بچاءُ ڪهڙي قسم جو ۽ ڪهڙي دشمن سان آهي، سا سوجهه هندن ۾ گهٽ رهي آهي، تنهن ۾ به هي ته هندن جو پهريون آزمودو هو.

چوٿين ڏينهن وڏي جنگ جي تياري ٿي، جنهن ۾ اٽڪل پنج هزار سوار ۽ جنگي جوان هئا (۽ اهائي ڪل فوُج هئي راجا ڏاهر جي) چو ته هندو ڪنهنجو ملڪ ڦٻائڻ لاءِ ڌاڙيلن جيان حملا ڪين ڪندا هئا، جنهنڪري سندن لاءِ اِهو لشڪر گهڻو ڪافي هو. جڏهن ڪِ عربن جي فوُج ۾ فقط ڇهه هزار .... ۽ سٺ مست هاٿي، ڪي چون ٿا ته جنگي هاٿي هڪ سوُ هئا ۽ ويهه هزار پيادا زرهن ۽ ڍالن سميت جنگ لاءِ راجا جي اڳيان روانا ٿيا. پاڻ هڪ مست هاٿيءَ تي زرهه ڍڪي ۽ ڪمان تي زهه چاڙهي وينو. ساڻس گڏ پالڪيءَ ۾ به ٻانهيون هيون. هڪڙيءَ ڪيس هڪ ٻئي پٺيان تير پئي ڏنا ۽ ٻيءَ پانُ پئي پهچايو.'' (صفحه ٢٤٤)

هاٿي: هڪ سوُ هاٿي هڪ لک فوُج لاءِ گهربل ٿيندا آهِن ۽ سٺ هاٿي به سٺ هزار فوُج لاءِ. ان ڪري هتي هاٿي ته فقط هڪڙو هو جنهن تي راجا خود سوار هو ۽ سچ پچ جي سوُ، سٺ خواه ڏهه هاٿي به سندي سينا ۾ هجن ها ته عربن جو هڪڙو سپاهي به شام جي نماز پڙهڻ لاءِ ڪونه بچي سگهي ها. هاٿي ڪو اهڙو سولو ۽ سستو جانور ڪونهي جو هٿ ڪري پالجي. سڪندر جهڙي قديم حملي ڪندڙ جي مقابلي ۾ راجا پرؤ (پورس) وٽِ سؤ ته ڇا سٺِ به ڪونه هئا. مگر جيترا به هئا، تن سڪندر جي سينا کي يوناني ديوتائون ياد ڏياري ڇڏيا. جنگي هاٿي، سو به مست، ڇا ٿيندو آهي سو ته يوناني ٻُڌائي سگهندا. لڙائيءَ جي ميدان ۾ حالتَ ٻيءَ طرح ڏسي راجا پُروءَ (پورسَ) دشمن تي هاٿين سان ڀيانڪ حملو ڪيو، ڇاڪاڻ ته سڪندر جي اوچتي حملي راجا پورس جو رٿيل اِنتظام ٽوڙي وڌو هو. سو جيئن ئي مهاوتن هنن قداور جانورن کي دشمن جي طرف وڌڻ لاءِ ڪينا هنيا ته هن پيدل سينا پٺيان پٺيان رواني ڪئي، جهڙي طرح اڄ جي زماني ۾ پيدل فوج ٽئنڪن جي اڳيان بچاءُ ۾ پٺيان پٺيان حملو ڪندي وڌندي آهي.

هاٿي هاٿين جي چنگهاڙن (گجگورين) سان يوناني گهوڙا هڻڪارون ڪرڻ ۽ هٽڻ ٽهڻ لڳا. اِتي يوناني پيدل فوج ۾ گهبراهٽ

راجا ڏاهر هاريو يا ڪٽيو؟

گنگارام سمراٽ

صدين کان اِهو ڪوڙ ڦوهجندو پيو اچي تہ سنڌ تي عربن حملو ڪيو ۽ جيت پاتي، راجا ڏاهر هارايو ۽ ماريو ويو. ۽ اِهو سڀ هڪ پراڻي ناولَ، جنهن کي چچنامو چيو وڃي ٿو، جي آڌار تي ٻڌايو پيو وڃي. مگر چچنامو خود ڇا ٿو چوي، سو ڪنهن بہ گنڀيرتا سان نہ ڏنو نہ پڙهيو. ڇو تہ اهو ڪوڙ ۽ دوکو گهڻو ڊوهجي-ڦهلجي غلط حقيقت بڻجي چڪو هو ۽ قبول ٿي ويو هو. اِنَ ڪري بہ جو اِنَ جي مُقابلي ۾ ٻيو ڪوبہ ڪِتابُ مؤجُود ڪونہَ هو.

اِن هوندي بہ ٻين حقيقتن جو سهارو نہ وٺي، وڌيڪ بحث نہ ڪري، فقط چچنامي جي ئي آڌار تي اِهو ڏيکاريان ٿو - فيصلو چچنامو جو بہ آهي، هاڻ اوهين خود ڪريو. هيءَ مکيہ لڙائي نہ ديبل بندر تي ٿي نہ ئي الور ۾. مگر جتي بہ ٿي، ان جو احوال هي آهي؛ پهرئين ڏينهن جو:-

خبرن جي ڏيندڙن (نہ ڪِ اکين ڏٺل شاهدن) هن طرح بيان ڪيو آهي تہ، ”جڏهين محمد علافي جاسوسيءَ تان موٽي آيو، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پُٽ کي ڪجهہ لشڪر ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي موڪليو. راجڪمار هاٿيءَ تي ويهي عرب لشڪر جي سامهون اچي جنگ جوٽي. گهڻي لڙائيءَ ڪانپوءِ، جنهن ۾ سنڌي ڪُٺا (قتل ٿيا) ۽ ڀڳا. راجڪمار کي هٿيارن وارن وغيره سوڍو چؤڏاري گهيرو ڪري ورتائون. عربن جي لشڪر راجڪمار تي حملو ڪري سندس لشڪر جي گهڻي ڀاڱي کي ماري وڌو، تڏهن پيلبانَ (مهاوت) هاٿيءَ کي ٽڪو ڪري حملو ڪيو (جنهن ڪري) عرب پيادا خواهہ سوار، ٽِڙي پکڙجي ويا ۽ راجڪمار سلامت اُتان نڪري ويو ۽ ڪو بہ جاني نقصان ڪونہ ٿيو.“ ۽ چچنامي موجب ئي راجا ڏاهرَ، پنهنجي پُٽ جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ تي، ايشور جو شڪرانو مڃيو (چچنامو صفحہ ٢٢٧). ان طرح پهرئين ڏينهن جي چڪري ايئَن پوري ٿي.

ٻئين ڏينهن جي جنگ جو ذڪر ڪندي چچنامي ۾ ذڪر آهي تہ: ٻئين ڏينهن (محمد بن قاسم) اتان بہ منزل پٺي اچي ٻن سُون پنڌ تي لٿو. جڏهين عربن جو لشڪر ويجهو اچي لٿو، تڏهن راجا ڏرشيڻ (ڏاهر) پنهنجي سردارن مان هڪ ناڪر کي گهرايو ۽ چيائينس تہ توکي عربن جي سامهون وڃڻ گهرجي. حڪم جي اِشاري جي دير هئي، هوُ سوُرهيہ ناڪُر لشڪر وٺي ٻاهر

نالو	: گنگارام سمراٽ
جنم، تاريخ	: ١٩١٨
ڇپايل ڪتاب	: آريہ ورت، ڀارت ورش، سمراٽ چندر گپت، سنڌو سؤوير.
انعام	:
پيشو	: اِتهاسڪار ۽ پترڪار
پتو	: Sahajpur Bogha, AHMEDABAD - 382345

ويو !) عرب لشڪر حملو ڪري سنڌين کي اتي پهچايو جتي سندن صف(قطار - لائين) هئي. ڏينهن پورو ٿيو ۽ ٻئي لشڪر موٽي ويا.''

راجا ڏرشيڻ (ڏاهر) سينا ساڻ ڪري پنهنجي مربي پٽ راجڪمار کي موڪليو. سندن فوجي ترتيب اهڙي پختي ۽ بي خطا هئي جو پڙهندي سنڌين جي فوجي ذهنيت (قابليت) کي داد ڏيڻو ٿو پوي. جيتوڻيڪ چچنامو ته ان کي فقط رواجي طرح پيش ڪري ٿو، ته به اهڙي انتظام ۾ عرب سردارن کي ڏوڏي ڦتو ڪيو. چيل آهي : ''ايتري ۾ بڪر بن وائل ۽ بنو تميم قبيلي وارن اچي (قاسم کي) چيو ته، ''ڪافرن (سنڌين) جو لشڪر هڪ وڏي مصيبت آهي ۽ هو پنهنجا هٿيار ۽ سامان ٺاهي جنگ جي تياري ڪري خوشي ڪري رهيا آهن ۽ اوهان(عربن) جي سامهون ٿيڻ ۽ توجه ڪرڻ جي تڪڙي طلب ڪئي اٿن.'' (صفحه ٢٥٤).

حملو عرب ٿا ڪن ۽ مقابلو ڪندڙ سنڌي ڪين للڪاري رهيا آهن! پوءِ محمد بن قاسم نعرو هڻي چيو ته ''هوشيار! اي عرب جا لشڪر! ڪافر ٻن حصن ۾ ورهجي چڪا آهن، توهين حملوڪريو.'' عرب لشڪر سندن اڳيان، ساڄي کابي، پٺيان ڦري آيو. محمد بن قاسم کين لڙائيءَ جو جوش ڏياريندي چئي رهيو هو ته اڄ توهان جو ڏينهن آهي. آخر ڪُتل (قتل ٿيل) ڪافرن (سنڌين) جا ڍير لڳي ويا. اتي راجا ڍال ڪٽي سفيد هاٿيءَ تي ٿي ويٺو (جنهن تي هو شروع کان ئي ويٺل هو) ۽ چار سوَ مرد لوهي هٿيارن ۾ ٻڌل، ٻڇين ۾ ترارون ۽ هٿن ۾ نيمچا (نيم نيزا) لوهه جا دستا جنهن کي سنڌي ’سيل‘ چوندا آهن، ڪٽي اهڙي حالت ۾ ٻاهر نڪتا ۽ جنگ ڪرڻ لڳا. انهيءَ حد تائين جو سندن هٿن جون ڪلون لهي وَيون.

(پوءِ ڇا ٿيو ؟ سو ڏسو !) راجا ڏرشيڻ جي هٿ ۾ آئيني (آرسي) جهڙو ٽڪين ڪاٺين سان هڪ گول چڪرو هو. جڏهن به هاٿيءَ حملو ٿي ڪيو تڏهن جيڪو به هاٿيءَ جي ويجهو ٿي آيو ته اهو چڪرو ڪمند وانگيان وجهي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي، پيادي خواه سوار جي سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ٿي ڇڏيائين (صفحه ٢٥٧).

اهڙيءَ طرح جنگ لڳيتي هلندي رهي ۽ شام جو نماز تائين گهڻا مشرڪ(سِنڌي ڪافر) ڪُسجي ويا. صفحه ٢٥٨). پر مزو اهو جو عرب هڪڙو به نه مُئو، جو ته چچنامي ۾ اهڙو ڪجهه لکيل ئي ڪونهي. جيتوڻيڪ راجا ڏرشيڻ آرسي نما چڪر سان ماري کين عدن جو باغ پئي گهمايو. (ليڪن لڳي ٿو جيئن ئي عرب سپاهي مرندا ٿي ويا عربن جوئر جي اتي مان ناهيل لئي (پيسٽ) سان سندن سر ڪنڌ تي رکي ڳنڍي کين وري اسلامي بهشت ۾ موڪلڻ لاءِ تيار پئي ڪيو.)

هڪ دلچسپ واقعو ! ڳالهه جي راوين هڪ براهمڻ کان هن طرح روايت ڪئي آهي ته عربن ۾ هڪ ماڻهو هو جنهن کي شجاع حبشي ڪري ٿي سڏيائون. هو بهادري ۽ همت جي حد ٽپي ويو ۽ جنگ جي صف ۾ وڏا ڪارناما ڏيکاريائين. هن محمد بن قاسم جي اڳيان سخت قسم کنيو ته جيستائين راجا ڏاهر جي سامهون ٿي سندس هاٿيءَ کي زخم نه رسائيندس تيستائين ماني پاڻي نه کائيندس. ۽ جيستائين منهنجي بدن ۾ جان هوندي، لڙندو رهندس نه ته مري ويندس.

راجا سفيد هاٿيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪري اچي بيٺو. حبشي شجاع مشڪي(ڪاري) گهوڙي تي سوار هو. اڳتي وڌي ويڙهه

مچي ويئي. هاٿين ترتيب ٽيل (Disciplined) صفن (قطارن) کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ پيرن جي داب سان سندن زرهن ۽ هڏن کي چُور ڪري ڇڏيو. يوناني ليکڪ ڊايوڊورس لکيو آهي ته: راجا پورس بچيل ٤٠ هاٿين کي جيڪي ان وقت قبضي ۾ هئا، گڏ ڪري دشمن تي ٽٽي پيو. هن (راجا) خود پنهنجن هٿن سان قتلام ڪيو پر سندس خود جي هاٿيءَ کيس بچائڻ ۾ حيرت انگيز قابليت جو مظاهرو ڪيو ۽ بار بار (اڪيلي سر) دشمن کي پٺتي ڌڪي ڇڏيو.

وري به يوناني ته هڪ باترتيب فوج هئي. مگر هي عرب جا بُدو ته بلڪل بي-ترتيب ۽ جهنگلي جهنڊ هو. البت سندن لڙائيءَ جو ڍنگ قاتلاڻو هوندو هو.

چچنامي موجب راجا ڏرشيڻ (ڏاهر) سان پنج هزار سوار ۽ ويهه هزار پيدل، ڪُل ٢٥ هزار سپاهي، ۽ هوڏانهن عربن وٽ فقط ڇهه هزار. سو جي اگر چار چار سنڌي به گڏجي هڪ هڪ عرب کي لتن ٺونشن سان ڪٽي مارين ها ته به هڪ عرب به، ويندي محمد بن قاسم تائين به، سلامت ڪونه بچي ها. هي رڳو جاهل ليکڪن جي ڪوڙ لکڻ ۽ مچڻ جو نمونو لکيو اٿم، جيئن چچنامي ۾ لکيل آهي. هاڻي ڏسون اڳتي ”پوءِ راجا پاڻ لشڪر وٺي هليو ۽ پُٽ کي ڏار وٺي چيائين ته: محمد علافيءَ کي تو سان گڏ روانو ڪريان ٿو. عربن جي جنگ کي هو بهتر ڄاڻي ٿو. هو جيئن اڳتي وڌڻ يا پٺتي هٽڻ جو چوي، تون سندس اشاري جو پابند رهج. (صفحه ٢٤٥).

هتي اچي هِن سنڌي راجا پنهنجي هندو مريادا ۽ وشواس جي پيروسي هڪ اهڙي غلط شخص کي اڳوان بڻايو (جيڪو خود هڪ عرب هو ۽ راجا کيس پناهه ڏني هئي) جنهن جي ايمانداريءَ تي ايمان آڻڻ خودڪشيءَ کان گهٽ ڪونه هو. مگر هندن مريادا ۽ وشواس ۽ جي مار سچي ان مسلماني دوَر ۾ ڪاڍي آهي شايد اڄ به ان جو مزو چکي رهيا آهن.

سو جنهن فوجي ترتيب (انتظام - Discipline) رٿا سان راجا ڏرشيڻ پنهنجي فوج کي اڳتي ڪيو، اها اهڙي مدبريءَ واري هئي(جهڙيءَ طرح چچنامي ۾ ان جو ذڪر ڪيَلُ آهي) جو عربن جو ان جي سامهون ٽڪڻ موت جي منهن ۾ وڃڻ برابر هو. ليڪن عين موقعي تي علافيءَ جو هڪ (عرب) ساٿي ’عبيد بن ڪتاب‘ جيڪو ان ئي ڏينهن دوکو ڪري محمد بن قاسم وٽ آيو (يا خود علافيءَ دوکو ڪري موڪليو هجي) ۽ هن کيس هندو فوجي ترتيب جو راز ٻڌايو (صفحه ٢٤٧). بس لڙائيءَ جو رنگ ئي بدلجي ويو. محمد بن قاسم خبردار ٿي ويو . ته به کيس موت گهيرو ڪري ويٺو هو جو پنهنجو موت يقيني سمجهي هن پنهنجي سپاهيُن کي چيو ته ڙي عربو! جيڪڏهن مون تي ڪو حادثو پيش اچي ته پوءِ اوهان جو اڳوان ’محرز بن ثابت‘ آهي ۽ جيڪڏهن اهو به مارجي ويو ته توهان جو اڳوان سعيد ٿيندو. (صفحه ٢٤٨).

جنگ جي شروع ٿيڻ تي اول محرز بن ثابت حملو ڪيو پر پهرئين ئي چڪريءَ ۾ مارجي ويو. (صفحه ٢٤٨).

پوءِ سعيد لشڪر کي همٿ ڏياري(اسلامي گلوڪوز جو بوتلون چڙهائي) لڙائي ڳنڍي (پر) حسن البڪري جو آڳونو جنگ هلندي سنڌي تلوار جي ڌڪ سان شهيد ٿي ويو. (صفحه ٢٤٨).

جڏهين مست هاٿي (هاٿي نه پر سوئر هوندا) وڌيا، تڏهن عرب مضبوطيءَ سان ٽولا ٽولا ٿي هاٿين (سوئرن) جي پٺيان ڦري آيا ۽ هاٿي واپس ورائي ڇڏيائون (جن کي لفافي ۾ بندڪري رجسٽرڊ پوسٽ رستي بغداد موڪليو


ايشور چندر جو ٻال ساهتيہ ۾ يوگدان

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

ل ڳ ڀڳ سيني ٻولين جي ليکڪن جي اِها شڪايت رهي آهي تہ سندن ٻوليءَ ۾ ٻال ساهتيہ جي کوٽ آهي. سنڌي ٻوليءَ سان بہ اها ڳالهہ لاڳو ٿئي ٿي. بنگالي ، مراٺي ۽ ڪي ٻيون ٻوليون اِن ۾ اپواد ٿي سگهن ٿيون. ٻال ساهتيہ بابت اهو عام رايو، حقيقت ۾ پوريءَ طرح صحيح نہ آهي. ٻال ساهتيہ ڀارت جي سيني ٻولين ۾ ٿورو ڪِي گهٽو- لکيو ضرور ويو آهي. اِن خيال کان ٻال ساهتيہ جي کوٽ نہ آهي- سنڌيءَ ۾ بہ نہ آهي. کوٽ آهي تہ اها سٺي ۽ صحتمند ٻال ساهتيہ جي. اهڙو ٻال ساهتيہ جيڪو ٻارن جي ماحول، ڪلپنائن، چاهنائن، ضرورتن ۽ منووگيان کي خيال ۾ رکي لکيو ويو هجي تنهن جي کوٽِ ضرور آهي. اهڙو ٻال ساهتيہ تمام گهٽ ڇپجي ٿو. سماج ۾ ٿيندڙ وڪاس ۽ وگيانڪ ترقيءَ سان ناتو جوڙي ڪري، ٻارن کي سندن ذهني وڪاس ۾ مدد ڪري سگهي، اهڙي ٻال ساهتيہ جيِ سدائين کوٽ رهي آهي. ٻال ساهتيہ جي نالي ۾ اسان وٽ جهونين پراڻين لوڪ ڪٿائن، ٻين ٻولين جو نقل ڪري لکيل رچنائن، اُپديشڪ ڪهاڻين جي ڀرمار رهي آهي. اهڙين رچنائن جا ’لالچ جو ڦل‘ ’نقل جو نتيجو‘ ’چوريءَ جي سزا‘ ’محنتي ڇوڪرا‘ وغيره وغيره جهڙا سِرا ئي ٻارن جي آڪآڻي پڙهڻ جي انتظاريءَ کي ختم ڪري ڇڏين ٿا. ٻار اڳواٽ ئي سمجهي وڃي ٿو تہ هن آڪاڻيءَ ۾ ڇا هوندو!

ٻال ساهتيہ کي اهڙي پرسٿتيءَ مان ٻاهِر ڪڍڻ جي سخت ضرورت آهي. اِن لاءِ اهو ضروري آهي تہ وڏا ليکڪ بہ ٻال ساهتيہ لکڻ طرف ڌيان ڏين. اسانجي وڏن ليکڪن کي ان احساس ڪمتريءَ مان ٻاهِر نڪرڻ گهرجي تہ ٻال ساهتيہ لکڻ، ٻئي ساهتيہ لکڻ کان گهٽِ درجي جو ڪم آهي. بنگالي ۽ مراٺيءَ ۾ ڪو بہ ساهتيڪار ٽيسٽائين وڏو ساهتيڪار نہ مڃيو ويندو آهي جيسٽائين هن ٻارن لاءِ نہ لکيو هجي.

وڏن ليکڪن جي ان جوابداريءَ کي ايشور چندر محسوس ڪيو هو. هو سنڌيءَ جي بهترين ڪهاڻين مان هڪ ليکيو وڃي ٿو. هن وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ بہ ڪهاڻيون لکيون. اهي تعداد جي خيال کان ايتريون گهٽيون نہ آهِن؛ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس آهِن. هن جي ٻال ڪهاڻين جا فقط



نالو	:	ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي
جنم، تاريخ	:	لاڙڪاڻو. سِنڌ. تاريخ ٩-١-١٩٣٦
ڇپايل ڪتاب	:	هِڪ سؤجي آس پاس (جن ۾ خاص: ۽هوءَ روئي ويٺي؛ ڦيد ٿيل روشنيءَ جا ٽڪرا؛ ڇِتو ماڻهو؛ درٻاري؛ ادبي جائزو؛ درياءَ مان؛ نئي نائي؛ ڇوٽون ٻاندرُ؛ ٽنگَ جيڏو ڇوڪر؛ دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون؛ ٻارن جا لوڪ گيت؛ وغيره ڀارت سرڪار جي تعليم وڀاڳَ جي اين.سي.آر.ٽي طرفان؛ ڀارت سرڪار جي بالغ تعليم وڀاڳ طرفان اَوارڊ، سوئيٽ لئنڊ جو نهرو امن انعام، گجرات سِنڌي اڪادميءَ جو
انعام	:	انعام، راجستان سِنڌي اڪادمي اِنعام.؛ پيشو: سنڌي وشيہ آفيسر، گجرات راجيہ
پيشو	:	شالا پاليہ پستڪ منڊل. پتو: ١٧٢ - مهارٿي سوسائٽي، سردار نگر،
پتو	:	احمدآباد-٣٨٢٤٧٥

ڪيائين. راجا کي ٻڌايائون تہ توهان سان وڙهڻ ٿو اچي. راجا ڏاهر ساڻس سامهون ٿيو ۽ هاٿي مٿس هڪليائين. حبشيءَ پڻ گهوڙو ٽڙي هاٿيءَ جي اڳيان آندو. حبشيءَ جو گهوڙو هاٿيءَ کان ٽهي پاسو ڪري رهيو هوُ (اِن ڪري شجاع) هڪدم مٿي تان ٽپ لاهي گهوڙي جون اکيون ٻڌي هاٿيءَ تي ڪاهہ ڪيائين ۽ هاٿيءَ جي سونڊ تي زخم رسايائين. راجا ڏاهر بہ ڪئنچيءَ جهڙو دوشاخو تيرُ، ڪمان تي رکي، پنهنجي مخصوص استادي ۽ ڏاهپ سان ڇڪي هنيو ۽ حبشيءَ جو سر ڪلهن کان اُڏائي ڇڏيائين. باقي هن جو ڌڙ گهوڙي تي رهجي ويو. (صفحہ ٢٥٨)

لڙائي جو ميدان. چچنامو موجب، اتي مشرڪن(سنڌين) حملو ڪري پير ڪوڙي جنگ ڪئي ۽ پاسن کان ڦري آيا، جنهن ڪري عرب لشڪر لڏي ويو. ۽ صفون هيٺ مٿي ٿي ويون، جنهن تي سنڌين سمجهيو تہ عرب لشڪر پٺي ويو. ماڻهو دهشت ۽ حيرت ۾ پئجي ويا. محمد بن قاسم اهڙو مدهوش ٿي ويو جو ساقي غلام کي چيائين، مونکي پاڻي پيار، پاڻي پي، ساهہ پٽي، پڙهو ڏياريائين تہ اي عرب! توهان جو سردار محمد بن قاسم اجهو آئون آهيان. ڪاڏي ٿا ڀڄو؟ ڍالون ڪڍو صبر ڪريو، ڇاڪاڻ تہ هندو شڪست کائي چڪا آهن(هي اٿو اسلامي سچ جو سئمپل) ۽ فتح آسان جي آهي. (صفحہ ٢٥٩)

حقيقت ۾ مول عبارت موجب آهي تہ ''هندو مارجي ويندا ۽ فتح اسانجي ٿيندي!'' مگر ويچارا شڪست کاڌل اِسلامي مومِن ڪيئن مڃن؟ تن کي ڪوڙو آسرو ڏيڻ اچي. ڪوڙ ڳالهائڻ مذهبن ۾ جائز آهي. سو اِن طرح سنڌي جنگ کٽي چڪا هئا. عرب فوج ڀڄي رهي هئي تڏهن بہ محمد بِن قاسم دانهون ڪندو رهيو تہ، ''مزيم عمرو مدني ڪٿي آهي؟ ڪجلي ذهلي، مصعب بن عبدالرحمان، ۽ نباتہ بن حنظل ۽ تميم بن زيد قيسي ڪٿي آهن؟ دوستو قرب وارا! هٿيار بردار! تلوار بازو! پهريدار ۽ نيزابازو ! اِسلام جي بيڙڪ توهين ڪٿي آهيو؟ پريشان نہ ٿيو، بلڪ پنهنجي فوج جي همت افزائي ڪريو.'' (صفحو ٢٦٠)

صاف ظاهر آهي تہ عرب فوج ڀاڄ کائي چڪي هئي، سڀ سردار جنگ جي ميدان تان غائب ٿي چڪا هئا. محمد بن قاسم پنهنجي ساٿين کي اسلامي خدا جو واسطو وجهي گڏ ڪري رهيو هو. تہ بہ چچنامو لکي ٿو تہ، ''محمد بن قاسم اسلامي خدا جو نالو وٺي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هندو پڻ بيهي ويا ۽ چٽي جنگ لڳي. ترارين جي ذڪا ڏُڪيءَ کان هوا ۾ باهين جاشعلا اُڏامڻ لڳا. نيزا ۽ حربا هڪ ٻئي سان ٽڪرائبندا رهيا. نيٺ هٿيار ڀڄي پيا ۽ هڪ ٻئي ۾ ڪشتيءَ ۾ ڳنڍجي ويا. صبح ايرڻ کان شام جي گذرڻ تائين ڏاڍا هندو قتل ٿي ويا،(پر باوجود ان جي) راجا ڏاهر، راجڪمارن جي باقي هڪ هزار گهوڙيسوارن سان وچي بڇيو هو تہ سج لهي ويو.'' (صفحہ ٢٦١)

سج لٿو، لڙائي بند ٿي ڇاڪاڻ تہ عرب ان بعد جنگ ڪونہ ڪندا آهن، اهو سنڌن نيم آهي انڪري جڏهن آخرين مکيہ جنگ پوري ٿي ان بعد راجا ڏرشيڻ (ڏاهر) جيئرو ۽ بلڪل سامهون پنهنجي هڪ هزار سوارن سان مَوجود هو تہ پوءِ سنڌس هار ڪيئن ٿي ۽ مارجي ڪيئن ويو؟

ان حالت ۾ راجا ڏرشيڻ (ڏاهر) هاريو ڪٿيو ان جو فيصلو هاڻ ڪير ڪندو؟ چچنامو اوهين؟ ڇاڪاڻ تہ ان کان پوءِ وري ٻئي ڏينهن لڙائي کانہ لڳي. اِنڪري فيصلو اڄ ٿي ڪرڻو آهي

❖❖❖❖

هلڻ جي پنيان بہ اِنسان ذات جو اهو شوق هڪ ڪارڻ آهي. گهر جي اندر ڪوئي جي ڊڪ ڊوڙ ڏسي ٻار خوش ٿئي ٿو. ٻليءَ جوان جي پنيان ڊڪڻ ڊوڙڻ بہ هنکي وڻي ٿو. ڪوئي ٻليءَ جي هر چر پُر کي هو باريڪيءَ سان ڏسي ٿو ۽ مزو ماڻي ٿو. شايد اهوئي ڪارڻ آهي جو ايشور چندر پنهنجي ٻال ڪهاڻين ۾ انهيءَ وشيہ کي اڳرائي ڏني آهي. هن جي هر ڪهاڻيءَ ۾ اڄ جي زماني جو ڪوئو، ٻليءَ کي مات ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هينئر ڪهاڻين جا موضوع ٿورا تفصيلوار ڏسون:

”نئين زماني جو ڪوئو“ ۾ ننڍڙا ڪوئا ٻاهر راند ڪري رهيا هئا تڏهن انهن جي ماءُ کين ٻليءَ جو ڊپ ڏياريندي کين گهر اندر اچڻ لاءِ سڏ ڪري ٿي. تڏهن ننڍڙن ڪوئن کي خبر پوي ٿي تہ ٻلي ڏاڍي نرڏئي ٿيندي آهي؛ پوءِ اڄ جي زماني جو ڪوئو چمپڪ، ٻليءَ کي انهيءَ گهر مان ڀڄائي ڪڍڻ جي تجويز سوچي ٿو. هُو ماچيس جي ٻن پڙن مان ٽيليفون ٺاهي، هڪ پڙ ٻر ڪان ٻاهر رکي، ٻليءَ سان گفتگو ڪري ٿو. جيڪا هن کي ننڍڙو ٻار سمجهي مٺين مٺين ڳالهين سان ريجهائڻ چاهي ٿي، پر نئين زماني جي ڪوئي جي دليلن اڳيان هن جي هڪ بہ انڪل نتي هلي ۽ هوءَ هميشہ لاءِ اتان هلي وڃي ٿي.

ٻيءَ ٻال ڪهاڻيءَ، ”جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو“ ۾ وري هڪ ننڍڙي ڪُئي آهي جا ٻليءَ کي سبقُ سيکاري ٿي. هوءَ پيئل مرچن جي مٺ پري ٻليءَ جي اکين ڏانهن اُڇلي ٿي. نتيجي طور ٻليءَ جون اکيون پوسرڻ لڳن ٿيون. ان ڪارڻ ٻليءَ جي نظر گهٽجي وڃي ٿي. ڊاڪٽر هنکي نظر جو چشمو پائڻ جي صلاح ڏئي ٿو. ٻليءَ کي چشمو پاتل ڏسي ڪوئا وري پريشان ٿي وڃن ٿا. پر ننڍڙي ڪئيءَ وٽ ان جو بہ علاج آهي، هوءَ ٿورو ٿورو تيل ڪٺي ٻر ڪان ٻاهر ڦهلائي ڇڏي ٿي. ٻليءَ جي اچڻ تي ننڍڙي ڪُئي چالاڪيءَ سان ٻر مان ٻاهر نڪري ٿي. ٿلهي ٻلي جيئن ئي ڪيس چنبو هڻڻ لاءِ متائنس ٽپو ڏئي ٿي تہ زمين تي تيل هاريل هئڻ ڪري هوءَ ترڪي پوي ٿي ۽ سندس چشمو بہ وڃي پري ڪري پوي ٿو ۽ ڀڄي پوي ٿو. آخر اها ٻلي گهر ڇڏي هلي وڃي ٿي.

ٻنهي آکاڻين ۾ ڪوئي ۽ ڪُئيءَ جون مختلف تجويزون ٻليءَ کي ميدان ڇڏي ڀڄي وڃڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون. ٻنهي ۾ ٻلي ڪوئن جي دشمن آهي. اِن جي ڪري ڪوئا آرام سان بنا ڊپ ڊاء جي گهمي ڦري نٿا سگهن. جنهنجو علاج پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ڪوئو ۽ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ ڪئي آهي. ٻنهي جو مسئلو ساڳيو آهي، پر تجويزون جدا جدا آهن.

هينئر هندي ڪهاڻي ”دوسري شو والي بلي“ (ٻئي شو واري ٻلي). ان ۾ ڪوئو چمپڪ پنهنجي ماءُ سان گڏ سئنيما هالَ ۾ هڪ ٻر ۾ رهندو هو. روز فلم ڏسندو هو. هڪ دفعي هڪ فلم ڏسي ٿو، جنهن ۾ پهرئين شو ۾ مري ويل ولين کي ٻئي شو ۾ وري جيئرو ڏسي هو عجب وچان پنهنجي ماءُ کان پڇي ٿو تہ هي وري ڪيئن جيئرو ٿي ويو؟ ماءُ ٻڌائيس ٿي تہ هي ٻئي شو وارو ولين آهي. اڳلو تہ مري ويو. چمپڪ ڪوئي جي پيءُ کي بہ هڪ ٻليءَ ماري

۾ ڪتاب ڇپيل ملن ٿا. هڪ سنڌيءَ ۾ ''نئين زماني جو ڪؤئو'' ۽ ٻيو هنديءَ ۾ ''ايڪ معصوم پول'' اِنهن ٻنهين مجموعن ۾ ڏنل سڀ ٻال ڪهاڻيون اصل ۾ هن هنديءَ ۾ ئي لکيون هيون. گلستان پبليڪيشن طرفان جڏهن ايشور چندر کي سنڌيءَ ۾ مٽر موڪلڻ لاءِ لکيو ويو تڏهن هن هنديءَ جي جدا جدا پترڪائن ۾ ڇپيل ٽن ٻال ڪهاڻين جون آف پرنٽس موڪلي ڏنيون ۽ چيو تہ اِنهن کي ٺوهان ئي ترجمو ڪري ڪتابي روپ ۾ ڇپائيندا. اِنَ طرح ايشور چندر جي انهن ٽنهين ٻال ڪهاڻين کي، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري مجموعي جي روپ ۾ 'نئين زماني جو ڪؤئو' عنوان سان گلستان پبليڪيشن طرفان ۱۹۷۹ ۾ ڇپايو ويو. اِنهن آکاڻين مان ٻن آکاڻين جو ترجمو هوندراج بلواڻيءَ ڪيو ۽ هڪ آکاڻيءَ جو ترجمو شري رام پاٻڇنداڻي ''گيان'' ڪيو. ايشور چندر جون اهي ٽي ٻال ڪهاڻيون سنڌي ٻال ساهتيہ ڪري سمجهڻ گهرجن. ڇو جو هڪ تہ اهي هنديءَ ۾ ڇپيل جدا جدا ٻولين جي ٻال ڪهاڻين جي سنگرهن ۾ سنڌي ٻال ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ٻيو تہ ايشور چندر جيڪڏهن چاهي ها تہ هو پاڻ بہ سهٽي سنڌيءَ ۾ اِهي لکي موڪلي سگهي ها.

ايشور چندر جي ٻئي مجموعي 'ايڪ معصوم پول' (وجيہ برادرس اجمير طرفان ۱۹۸۷ ۾ ڇپايل) ۾ ڪل ڇهہ ٻال ڪهاڻيون آهِن. اهو هنديءَ ۾ آهي.

ٻنهين مجموعن ۾ ڪل نو (پهرئين ۾ ٽي، ۽ ٻئي ۾ ڇهہ) ٻال ڪهاڻيون آهِن. اِنهن مان ٻہ ٻال ڪهاڻيون ٻنهين مجموعن ۾ ساڳيون آهِن. اِن حساب سان ايشور چندر جون ڪل ٻال ڪهاڻيون فقط ست رهن ٿيون. ٻال ساهتيہ جي کيتر ۾ ايشور چندر جي ڪل موڙي اهي ست ٻال ڪهاڻيون ئي آهِن. فقط اِنهن ستن ٻال ڪهاڻين جي ڪري ڇا ايشور چندر جو ٻال ساهتيہ ۾ يوگدان تسليم ڪري سگهجي ٿو؟

ڪنهن ليکڪ جو ٻال ساهتيڪار طور درجو ڪهڙو آهي، اِن لاءِ هن جي رچنائن جي ڳڻپ ڪرڻ بجاءِ، اِنهن رچنائن جي معيار کي ڏسڻ گهرجي. هنديءَ جو پنڊت چندر ڌر شرما ''گُليري'' فقط ٻن ٽِن معياري ڪهاڻين، تنهن ۾ بہ خاص 'اُسني ڪها ٿا' ڪارڻ هندي ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ اهميت واري جڳهہ والاري ٿو. ايشور چندر بہ اِنهن ٿورين ٻال ڪهاڻين جي ڪارڻ ٻال ساهتيہ ۾ بہ سن درجو رکي ٿو. هن جون لکيل ٻال ڪهاڻيون ٻارن جي دنيا، ماحول، سپنن، اُڏام، ضرورتن جي عڪاسي ڪن ٿيون، تنهن ڪري اهي صحيح معنيٰ ۾ ٻال ڪهاڻيون آهِن.

ايشور چندر پنهنجين ٻال ڪهاڻين ۾ ٻليءَ ۽ ڪوئن جي وشين کي اهميت ڏني آهي. هنجي ٻنهي مجموعن ۾ ڇپيل ڪل ستن ٻال ڪهاڻين مان، پنج ڪهاڻيون ٻليءَ ۽ ڪوئن جي وشيہ تي آهن. ٻار پنهنجي آس پاس جي ٻلين ۽ پسن سا هڪ آتميتا جو ناتو ٻڌجي وڃي ڪوئي ۽ ٻليءَ کي هو روز ڏسي ٿو. تنهن بہ آد جڳاد کان هلندڙ ڪوئي ۽ ٻليءَ دشمنيءَ جي ڪٿا ۾ تہ ٻار هڪ ٿرل (thrill هڪ رومانچ، هڪ انتظاري محسوس ڪ ٿو. هوئن بہ لڙائي ۽ جهڳڙو ڏسڻ سيني عام طور وڻندو آهي. مارامارِيءَ واريون فلمون وڏ

ڏُهراءُ ڏِسَڻَ ۾ اَچي. فقط اِستان، واناوَرَڻُ، مددي گهٽنائون ۽ ٻيا ڪِردارَ بدلجندا نظر اَچَنِ ٿا. اِنهيءَ مريادا جي باوَجُود، اِيشورچندر وت ڪهاڻي ٻُڌائڻَ جي وڻندڙ ڪلا آهي، اَجُه جي جيوَنَ سان ٻارن کي مُخاطب ڪرڻَ جو ڏانءُ آهي، ٻارن جي ڪَلپنائُن ۽ ماحول کي سمجهڻ جي سوُجهہِ آهي. اِنَ ڪري هر ڪا آکاڻي اَلڳ اَلڳ پڙهڻ سان ٻارنِ کي ضرور آنندُ ڏئي ٿي.

چئن ٻال ڪهاڻين جو مکيہ نايڪ چمپڪ ڪوئو آهي. چمپڪ ڪوئو اڄ جي نئين پيڙهيءَ جي نُمائندگي ڪري ٿو؛ انڪري اڄ جي ٻارن جي ويجهو آهي. هو جديد زماني جو نئين ويچارڌارا جو آهي،ڪنهن بہ ڪم مان خفي نٿو ٿئي، هروقت پنهنجي سمجهہ ۽ عقل کان ڪم وٺي ٿو. هو اڄ جي ٻارن وانگر ٽي.وي. ۽ فلمن جي پروگرامن جو بہ شوقين آهي تہ هاڻوڪن مسئلن، ساڌنن، ۽ ذريعن کان بہ باخبر آهي. هڪ ٻال ڪهاڻيءَ ۾ چمپڪ ڪوئو ڪونهي تہ ننڍڙي ڪُئي نئين پيڙهيءَ جو پرتيڪ بڻجي اَچي ٿي.

هينئر باقي ٻہ ٻال ڪهاڻيون. اهي ڪوئي ۽ ٻليءَ جي وشيہ کان هٽي نوان وشيہ کڻي اچن ٿيون. سنڌيءَ ۾ ڇپيل ”ڏوڙيو“ ٻال ڪهاڻيءَ ۾ چنڊ ماما سان شامونءَ نالي هڪ ٻار جي مزيدار ڳالهہ ٻولهہ آهي. هوليءَ جو ڏڻ ڇا ٿيندو آهي ان کان بي خبر جڏهن ماما شامونءَ جي واتان هوليءَ جي موج مستيءَ جي ڳالهہ ٻُڌي ٿو تہ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. کيس عجب لڳي ٿو تہ هن اهو ڏڻ ڪڏهن ڏٺو ڇو نہ آهي! شامون کيس ان جو ڪارڻ ٻُڌائي ٿو، ”توهان اچو ٿا رات جو ۽ اَسان ٻار تہ رات جو هولي کيڏون ئي ڪونہ.“ ۽ جڏهن پاڻ سان لڪائي آندل گُلالُ، شامون چنڊ متان اُڇلي ٿو تڏهن چنڊ ٻڌائس ٿو، ”اهڙي هولي تہ اسان هر روز کيڏندا آهيون. جڏهن شام جي وقت سج لهندو آهي تہ فضا ۾ چوڌاري اهڙي لالاڻ ڇانئجي ويندي آهي. هاڻي جڏهن سج لهي تہ تون آڪاش ڏانهن نهارج تہ توکي لال گُلال نظر ايندو.“

قدرت پريم جي هڪ انوکي ڪهاڻي. پرڪرتيءَ جي نظارن کي پرکڻ ۽ ماڻڻ جو سنديش ڏيندڙ هن ٻال ڪهاڻيءَ جي هرڪا ڳالهہ خوبصورت هوندي بہ آخر ۾ اها هڪ عام رواجي ٻال ڪهاڻي بڻجي پوي ٿي. آخر ۾ چنڊ ۽ ٻار جي وچ ۾ ٿيل ان گُفتگوءَ کي هڪ سپني جي روپ ۾ پيش ڪري ليکڪ ان جي سچيءَ سندرتا کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. پويون ٽڪر ڪڍي ڇڏبو تہ ڪهاڻي وَڌيڪ اثردار ٿي سگهندي.

’ايڪ معصوم پول‘ (هڪ معصوم ٻُلَ)

۾ ٽوني نالي هڪ ٻار کي پُڇ پُڇ ڪرڻ جي عادت آهي. هي ڪيئن ٿيو، هوُ ڪيئن ٿيو، هيِ ائين ڇو آهي، جهڙا سوال پڇندو رهي ٿو. پِٽسِ هُنجا سوال ٻُڌي خفي ٿئي ٿو. ٽي.ويءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر کي آپريشن ڪندو ڏسي، ٽونيءَ جو پيءُ کان سوال پڇڻ، تنهنتي پيءُ جو ائن چوڻ تہ ڊاڪٽر آپريشن ڪري رهيو آهي، بيمار جو آپريشن ڪبو آهي تہ اهو نيڪ ٿي ويندو آهي. اها ڳالهہ ٽونيءَ جي مغزَ ۾ ويهجي وڃڻ، هڪ پنهنجيءَ

چڏيو هو انڪري هن پنهنجو بدلو ٻليءَ کان وٺڻ پئي چاهيو. هوُ ٻليءَ کي ولين جي روپ ۾ ڏسي ٿو. رانديڪي واري هڪ پسٽول ليجڻ تي هو ٻليءَ تي ڌڙا ڌڙ گوليون وسائي پاڻ پڇي وڃي ٿو. هن کي سنتوش آهي ته هن پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺي ڇڏيو. پر ٻئي ڏينهن تي ٻليءَ کي وري آزاد گهمندو ڏسي هو ماءُ کان پڇي ٿو ته هيءَ ٻلي وري ڪيئن جيئري ٿي وئي؟ تڏهن ماءُ سمجهائيس ٿي ته هيءَ ٻئي شو واري ٻلي آهي!

هن آکاڻيءَ ۾ به ٻليءَ کان نجات پائڻ جي ڳالهه آهي، پر بلڪل نئين ڍنگ سان. ٻارن تي فلمن جو ڪيترو اثر ٿئي ٿو تنهنجي به هن آکاڻيءَ ۾ تصويرَ ملي ٿي.

ايشور چندر جا ڪوئا ۽ ٻليون اڃا به ختم نه ٿا ٿين. چوٿين ٻال ڪهاڻي ''جب چوُهي ني بلي کو سُلايا'' (جڏهن ڪوئي ٻليءَ کي سمهاريو) به ساڳئي وشيه جي آس پاس ڦري ٿي. ان ۾ هڪ وڏوا ڪئي آهي جيڪا چئن ٻچن سان گڏ هڪ بنگلي جي ٻِر ۾ رهندي آهي. ان گهر ۾ هڪ ٻلي به آهي، جيڪا سڀني جي ڊپ جو مکيه ڪارڻ آهي، خاص ڪري رات جي وقت هلندڙ ٽي. ويءَ جي پروگرامن وقت. هو ان جي ڪري نِشچِنت ٿي ڪري سيرِيلون نه ٿا ڏسي سگهن. ٻليءَ جي چئن ٻچن مان هڪ ٻچو چمپڪ ڪوئو آهي. اهو چالاڪي ڪري گهر مان ننڊ جي گورين جو هڪ پئڪيٽ لمائي وٺي ٿو ۽ هڪ گوري ٻليءَ جي کير ۾ وجهي ڇڏي ٿو. ان طرح چمپڪ ڪوئو ٻليءَ کي روز رات جي وقت به چارڪلاڪ سمهاري ڇڏڻ جي ترڪيب عمل ۾ آڻي ٿو ۽ ڪوئن جو سڄو پريوار آرام سان رات جو ٽي.ويءَ تي ايندڙ سڀ ڪاريڪرم چاهه سان ڏسي ٿو.

پنجين ٻال ڪهاڻي 'مترتا ڪي سيما'' (دوستيءَ جي حد) ۾ به وري اهوئي ڪوئو. پر ان ۾ ٻلي عدم موجود آهي:

هڪ وڏي شهر ۾ هڪ شاهوڪار جو شاهي بنگلو، اُن ۾ رهندڙ ڪوئن جو پريوار، سڀ ڪوئا سنسڪاري- بنگلي جي پاتين جي جوٽ تي سندن گُذارو- انهيءَ پريوار ۾ ساڳيوئي چمپڪ نالي وارو ڪوئو. هڪ ڪانءُ ڏيري ڏيري هن سان دوستي ڪري ٿو. هن جو پاڻ ۾ وشواس پيدا ڪري، هڪ ڏينهن هو چمپڪ کي گهر مان ڪليجي چورائي کڻي اچڻ لاءِ چوي ٿو، پر چمپڪ ڪوئو سنسڪاري پريوار ۾ پليل، ڪيس سڌو انڪار ڪري ٿو. چويس ٿو،'' مان دوستيءَ ۾ پنهنجي جان ڏيئي سگهان ٿو پر چوري ڪري نٿو سگهان، مان نمڪ حرام نه آهيان'' پٽ جي انهيءَ ڳالهه تي چمپڪ جي ماءُ به خوش ٿئي ٿي ۽ ڪيس شاباشي ڏئي ٿي.

ايشور چندر جي مٿيَن پنجن ئي ڪهاڻيُن جي سڀ کان وڏي مَريادا اِنهن جو مُکيه موضوع ۽ اِنَ جا ڪِردارَ آهن. ڪوئن ۽ ٻليُن تي شري جيوَت گوگيا 'جوت' به تمام گهڻيون ڪهاڻيون لِکيون آهن، پر هن وٽ وِشيَن جي ايتري محدوُدگي ڪانهي جيتري ايشور چندر وٽ ڏِسڻ ۾ اَچي ٿي. هڪ ئي ڪتابَ ۾ اِنهن آکاڻيُن کي جيڪڏهن شامِل ڪجي ته پڙهندڙ کي شايد اِنهن ۾ گهڻو

آخر اسان جو وجود ڪيستائين ؟

سلامتراءِ اوچيرام گربا ڻي

اَ ٽڪل ڏهه ٻارهان سال اڳ منهنجو گواليار وَڃڻُ ٿيو. رستي تي لنگهندي منهنجي نظر اوچتو ديوار تي لکيل هڪ نعري تي پئي. نعرو هن ريت هو :-


”هندي هندي ڀائي ڀائي،
سنڌي جاتي ڪنهان سي آئي،
سنڌي ڀڳائو، ديش بچائو.“
”سنڌي هٽائو بي روزگاري سي ڇٽڪارا پائو.“

اتي ڪن ماڻهن سان ڳالهائڻ تي پتو پيو تہ هن قسم جا نعرا مڌيہ پرديش جي ڇتيس ڳڙهہ جي ٽڪري، رائپور وغيره ۾ بہ ڪيترن هنڌن تي لکيل آهن.

ڇا بہ هجي هنن نعرن جي پٺيان ڪنهن جو هٿ آهي، ڪنهن جي شرارت آهي، اِها ٻي ڳالهہ آهي، پر بهرحال اسان سنڌي جاتيءَ لاءِ هڪ گهري سوچ ۽ گنڀير ويچار جو مسئلو ٿيڻ گهرجي. هن قسم جي حرڪتن لاءِ جي اسان اک ٻوٽ ڪري ڇڏي تہ اهو وقت پري نہ رهندو جو اهڙي قسم جي نعرن جي دوارن اندران هي اندران اَهڙو ڀنيٽ ٻري نڪري جنهن جي شعلن ۽ اُلن جي لپٽن ۾ اسان جي جاتي هي سواها ٿي وڃي.

بمبئيءَ ۾ شِوَ سينا جي ڪارگذارين ۾ سنڌين جي دوڪانن کي لٽڻ، ڀِوَنڊي، ٻڙودي، اُدَيپُر، ڪوٽا، گوڌرا ۽ هينئرَ تازو ٻڙودي ۾ ڪارپوريشن دواران سنڌين جون ١٣٠ ڪئبنيون زمين دوز ڪرڻ جي گهٽنا ۽ ٻين هنڌن تي بہ سنڌين جي ملڪيتن کي سواهہ ڪرڻ جي باوجود بہ جي اسين پنهنجي جاتيءَ جي وجود قائم رکڻ بابت ڪجهہ نٿا سوچي سگهون تہ پوءِ ٻوليءَ ۽ ساهتيہ کي اسين ڪيئن قائم رکي سگهنداسين. جي اسان جي جاتي هي سلامت نہ رهي تہ ٻولي ڪير ڳالهائيندو ۽ ساهت ڪير پڙهندو. پر جي اسان چاهيون ٿا تہ اسان جي ٻولي ۽ ساهت برقرار رهي تہ ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسين پنهنجي جاتيءَ جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ ڪي اهم ۽ نوس طريقا ضرور سوچيون.

مٿين قسمن جي نعرن مان اهو محسوس ٿيڻ گهرجي تہ اهڙي قسم جا نعرا صرف ان ڪري بہ لکيا ٿا وڃن جو هتي جي مڪاني ماڻهن کي اها ڄاڻ آهي تہ اسان کي پنهنجو ڪو وطنُ، ڪو پرديش




نالو	:	سَلامتراءِ اوچيرام گُربا ڻي
جنم، تاريخ	:	پيپلهاڙو، خيرپور رياسَت، سِنڌ. تاريخ ١٢-٦-١٩٢٦
ڇپايل ڪتاب	:	ڪيترن ئي مخزنن ۽ اخبارُن ۾ عالِماڻا ليکَ.
		تعليمَ : ايم.اي(سوشالاجي)؛ ايل.ايل.بي هِنديءَ ۾ ڪووِد
انعام	:	سِنڌو سَماج، جيپور دواران سنمانِت
پيشو	:	وڪيلُ (ٽئڪس وڪالتَ)
پتو	:	٢٠٢َ - ڪنور نگر، راجا مَل ڪا تَلاب، جيپور- ٣٠٢٠٠٢

نيڏڙيءَ بيمار پيٽ جي پيٽ کي، ڊاڪٽر وانگر ڪئنچي کڻي، ڪپڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ٿو تڏهن ماڻس جو ڌيان وڃي ٿو ۽ هوءَ ٻالڪيءَ کي بچائي وٺي ٿي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻار آهن، ٻارن جي دنيا آهي، ٻارن جو مَنووگيان آهي، تنهن هوندي بہ اها ٻال ڪهاڻي نہ آهي. ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ

ڪرڻ گهرجي.

بهرحال، ايشور چندر جون ٻال ڪهاڻيون اڄ جي دور ۾ هنديءَ ۾ ٿوري ٻين ٻولين ۾ لکجندڙ ٻال ڪهاڻين کان الڳ نہ آهن ۽ اهي ان جي صف ۾ بيهڻ ٿيون. سنڌيءَ ۾ تہ اهڙيون ٻال ڪهاڻيون لکندڙ تمام ٿورا آهن. نج اصلوڪا وشيہ، ٻارن جي



۾ ڪردار ٻار هئڻ ڪري يا مسئلو ٻارن سان واسطہ هئڻ ڪري ضروري ناهي تہ اُها ٻال ڪهاڻي بڻجي. ٻارن جي جِگياسا-وِرتي واري منووگيانڪ پهلوءَ کي کڻي لکيل اها ڪهاڻي، وڏن لاءِ هڪ نازڪ مسئلي تي لکيل ڪهاڻي آهي جيڪا اسانکي ٻڌائي ٿي تہ ٻارن جي ان قسم جي جگياسا ورتي کي شانت ڪرڻ لاءِ اسانکي کهڙو رول ادا

آس پاس واري جيون مان ڪنيل واتاورڻ ۽ پاتر، پاترن جي سياويڪ ڳالهہ ٻولهہ، سِڌي سکيا يا اُپديش جي غيرموجودگي، هر هڪ گهٽنا کي سياويڪ ۽ سرل ڍنگہ سان پيش ڪر جي خوبي، وڻندڙ شئلي، وغيره اهڙيون خوبيون آهن، جن جي ڪري ايشور چند جون ٻال ڪهاڻيون صحيح معنيٰ ۾ ٻا ڪهاڻيون اڄ جون ٻال ڪهاڻيون بڻجن ٿيو

❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖

ٿيندو باقي اُن ۾ سڀ ماڻهو رهندا، جيئن ٻين پرانتن ۾ هِن وقت آهي.

اَلڳ سِنڌو پرانت هجڻ ڪري هِڪُ وڏو فائدو جيڪو ٿيندو، سو اِهو ٿيندو تہ سڄي ديش جي ٻيَن پرانتن وارن کي اِها خبر پَوَندي تہ اَسان جو ڪو دانهن ڪُوڪَ ڪرڻ وارو ۽ ٻُڌڻ وارو آهي، ۽ اَسانجي حقن جي رَکوالي ڪرڻ لاءِ بہ ڪير تہ ديش جي اَندر موجود آهي.

اَڄُ آسام پرانت ۾ جي مارواڙيُن سان ڪُجهہ ٿئي ٿو تہ راجسٿان سرڪار جو ڪير نہ ڪير عيوضي وڃي آسام سرڪار سان لهہ وچڙ ۾ اَچي، اُتي رهندڙ راجسٿانيُن ۽ مارواڙيُن جي حقن ۽ جان-مال جي حِفاظت وغيره بابت ڳالهيون ڪري ٿو. ساڳي حالت ٻين پرانتن وارن جي بہ آهي. پر اَڄُ جو اَسان سنڌيُن جي ملڪيَتُن کي سواها ڪيو ٿو وڃي تہ اَسان جو ڪيرُ آهي جيڪو اُتي جي سرڪار سان لهہ وِچڙ ۾ اَچي اَسان جي حقن جي بچاءَ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهي؟ اِن ڪري منهنجي ناقص ٻُڌيءَ موُجب هينئَر وقتُ آيو آهي جڏهن اَسان جا سائينءَ جا سنُواريا ڪا ڪاميٽي ٺاهي اِن قِسم جي سَروي ڪنِ تہ اَهڙو ڪهڙو ٽڪرو آهي جيڪو ٻوليءَ جي خيال کان بہ اَسان گهُري سگهون. اِن خيال کان راجسٿان ۾ ٻاڙمير ۽ جيسَلمير جا ضلعا ۽ جالور ضلعي مان سنچور تعلقي وارو ٽڪرو، گجرات جي سؤراشٽر مان ڪڇ، ڪانياوار ۽ ڪنڊلا وارا ٽڪرا گڏجي هڪَ 'سِنڌو پرانت' جي گهُر زردار نموني ۾ ڪري سگهجي ٿي. بنگلاديش جي هلچل جي دؤر جي نعري - "اِس پار بنگلا، اُس پار بنگلا" - وانگر ڪجهُن کي ساڻ ڪري هڪ قسم جو نئون نعرو، تہ ڪڇي سِنڌي ڀائي ڀائي - اَچو تہ گڏجي نئين سِنڌ ٻڻايون" ڏيئي ڪري اِن ٽڪري ۾ سِنڌي ٻوليءَ کي پنپائي سگهجي ٿو. ڪنهن بہ ٻوليءَ جو اُٿانُ تيسين سوڌو ممڪن ڪونهي جيسين اُن ٻوليءَ کي سرڪاري سنرَڪشڻُ (State Patronage) ڪونهي. اَلڳ سِنڌ پرانت ۾ اِهو سُڀاوِيڪ آهي تہ سِنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سنرَڪشڻُ اَزخود ملي ويندو. اَسان کي ڪڇي ڀائرن کي بہ اِها ڳالهہ محسوس ڪرائڻي پَوَندي تہ هوُ اَصل ۾ سِنڌي آهن ۽ ڪڇ وارو ٽڪرو اصل ۾ سِنڌ جو ئي حصو هو. شاهہ صاحب جي هڪ بيت مان اِها جهلڪ ملي ٿي، هو صاحب چوي ٿو -

جي پائين جوڳي ٿيان تہ منجهيئي ٻري مر،
منجهيئي بايو بکيا، منجهيئي نارائڻ سر،
بستي ڏوُر ۾ بر، تون خود آهين ٽڪيو.

نارائڻ سر هن وقت ڪڇ (گجرات) ۾ آهي، پر شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ اهو سِنڌ جو حِصو ٿو ڏسجي جو شاهہ صاحب اِن جو ورنن پنهنجي رچنائن ۾ ڪيو آهي. ڪجهُن ۾ اِها بہ ٻوجهہ اَچڻ گهرجي تہ جي اَلڳ پرانت ملبو تہ هوُ بہ گجراتِيُن جي رحم ڪرم کان ڇُٽي پوندا ۽ پاڻ هڪ سنڌيُن سان گڏجي نئين پرانت جا نيتائون ٿي سگهندا.

متي لِکيل ڳالهہ ظاهري طور هِڪَ ڏکي

وغيره ڪونه آهي. هونءَ جي اسان کي پنهنجو ڪو ٽڪرو يا پرديش هجي ها ته اهڙي قسم جي نعرن لڳڻ لاءِ مڪاني ماڻهن کي نه صرف همٿ نه ٿئي هان پر ساڳئي وقت ٻه دفعا سوچڻو به پوين هان.

مُلڪ جي ورهاڱي وقت اسانجي اُن وقت جي سِنڌي نيتائُن جي راڄنيتي، نقط نِگاهه جي ڪوتاهيءَ ڪري اُن وقت کي اهم غلطيون ڪيون ويئون، جهڙوڪِ:

(۱) ٿرپارڪر ضلع ۾ هندن جي گهڻائي هوندي به اُن ضلع کي هندُستان سان مِلائڻ جي گهر نه ڪرڻُ - جيئن آسام مان سِلهٽ جو ٽڪرو اُن وقت اوڀر پاڪستان(هاڻ بنگلاديش) سان مِلايو ويو، محظ اِن خيال کان ته اُتي مُسلمانن جي گهڻائي هئي - اُن وانگر ٿرپارڪر ضلع به هِندُستان سان مِلائي سگهجي پيو ۽ جي اِهو اُن وقت ڪيو وڃي ها، ته اڄ هندُستان ۾ اَسان جي حالت موجوده حالت کان گهڻو بهتر هجي ها؛ (۲) وِڌان نهڻ وقت اَئنگلو-اِنڊين قوم وانگر لوڪ سيا ۾ سِنڌين لاءِ ڪي جڳهيون محفوظ نه ڪرائڻُ؛ ۽ (۳) اَنگلو اِنڊين ۽ پارسِيُن وغيره وانگر سِنڌين لاءِ ٿورائيءَ واري جاتيءَ جي گهر نه ڪرڻ. (اَسانکي ٻوليوار-ٿورائيءَ واري قوم ڪري مڃيو ٿو وڃي) منهنجو مطلب ’ٻوليوار-ٿورائيءَ واري قوم‘ نه پر ’ٿورائيءَ واري جاتي‘ يعنيٰ अल्प संख्यक जाती ڪرڻ سان آهي.

هڪ ٻي غلطي جيڪا اَسان جي نام نِهاد اُن وقت جي سِنڌي نيتائن ڪئي، سا اِها آهي ته ۱۹۵۶ ۾ ٻولي-وار پرانت ٺهڻ وقت به آسان جي نيتائن اِها گهر نه ڪئي ته سنڌي ۽ سنڌيءَ سان مِلندڙ-جُلندڙ ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي ماڻهن واري ٽڪري کي، جيڪو سِنڌ جي سرحدن سان مِلي ٿو، جهڙوڪِ راجستان ۾ ٻاڙميڙ، جيسلمير ۽ سنچور جو ٽڪرو جيڪو عمرڪوٽ ۽ خيرپور رياست سان ملي ٿو، ۽ گجرات مان سؤراشٽر، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ ڪَنڊلا وارو ٽڪرو، جيڪو بدين ڊيپلو وغيره سان مِلي ٿو، اِنَ ٽڪري کي ”نئين سِنڌ“ يا ڪو ٻيو نالو، جنهن مان سِنڌي-پٽي جي جهلڪَ ملي ها، اُهو ٽڪرو اَلڳ پرانت ڪرائي سگهن ها.

ڪُجهه سال اَڳُ ’سِنڌو پرانت‘ جي هڪ هلڪي ۽ جهڪي لهر اُٿي هئي پر اُن وقت جي حالتن کي مد نظر رکندي، ڪو وزن نه مليو هئو ۽ هڪ قِسمَ جو وهم ۽ ڪوڪلو ويچار ۽ پرچار ته پرانت مِلڻ کان پوءِ ڇا سڀُ سنڌي اُتي وڃي رهندا؟ اَهڙي قِسم جي اَنديشن اُن هلچل کي بجاءِ زور وٺائڻ جي، هڪ قِسم جو ٻُنجو ڏنو ويو.

سَوال آهي ته جيڪي به پرانت آهن، ڇا اُنهن پرانتن ۾ صرف اُهي ماڻهو ٿا رهن؟ اڄُ گجراتيُن کي گجرات جو ٽڪرو آهي، پر گجراتي سڀي هِندُستان ۾ رهن ٿا. ساڳيو حال آهي مرهٽن، پنجابيُن، مدراسيُن، بينگاليُن، راجستانِيُن ۽ بهاريُن وغيره جو.

نيڪ ساڳيءَ طرح، جي اسانکي اَلڳ پرانت هجي، ته جيڪي سنڌي ٻين ٽُڪرن ۾ آهن، اُهي اُتي هي رهندا ۽ باقي جن کي اِن پرانت ۾ رهڻو هوندو سي اُن پرانت ۾ ئي رهندا. پرانت جو نالو ’نئين سنڌ‘

الڳ ڪريون؟ هونءَ به اسان سنڌي درياهه شاهه جا پوڄاري آهيون ۽ اُڏيري لال درياهي پنٿ پيدا ڪيو. جي اسان پاڻ کي درياهي پنٿي سڏائي ٽوراڻيءَ واري قوم ۾ شامل ٿي سگهون ٿا ۽ اهي سڀ حق حقوق جيڪي ٽوراڻي واري جاتين وغيره کي ملن ٿا ته اسان کي انهن وٺڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي ۽ ان ڪرڻ ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ مان ڄاڻان ٿو ته منهنجا انيڪ ساٿي منهنجي هِن دماغي اُپج کي نه صرف نه به مڃين پر مخالفت به ڪن. ڪيترا آهن جي اهو چون ٿا اسان ٽوراڻي واري جاتي چو ڪونايون. پر مان ان ويچار جو آهيان ته اسان کي ٻولي وار ٽوراڻي واري قوم نه ڪونائي ٽوراڻي واري قوم ۾ پاڻ کي شامل ڪرايون ۽ اهي سڀ حق حقوق ماڻيون جيڪي ڪِ ٻيون ٽوراڻيءَ واريون جاتيون ماڻن ٿيون ته ان ۾ نقصان ڪهڙو؟

اسان صرف سدا لاءِ ٻين جي رحم تي رهون سا به سٺي ڳالهه ڪانه آهي. وقت جي ضرورت کي ڏسندي راڄنيتڪ سطح تي ڪا اهڙي هلچل پيدا ڪرڻ گهرجي جيڪا اسان کي، اسان جي قوم کي، اسان جي جاتيءَ کي راڄنيتڪ طور زنده رکي سگهي ۽ اسان جي وجود کي برقرار رکي سگهي.

مٿي ته ٿيو اسان جي وجود جو راڄنيتڪ پهلو، هاڻي پنهنجي سماجڪ ۽ ساهتڪ وجود تي به نظر ڦيرائي ڏسون.

سنڌ مان لڏي اچڻ ڪانپوءِ اسانکي جيڪي ڪِ آرٿڪ جهٽڪا آيا آهن، اُن ڪري اَسانجي سماجڪ ڍانچي ۾ ڪجهه ڪافي ردوبدل اچڻ گهربي هئي، پر هت ته 'جيئن ٿڌ تيئن وڌ' وارو قصو آهي.

شادين وغيره تي آڏمبر، ناڻ باڻ ۽ وڌندڙ ڏيتي ليتيءَ ڪيترن وچولي درجي وارن ڪٽنبن کي ڄڻ ته پائِمال ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا اهڙا مثال ملندا جن ۾ اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته اسان جي سماج جون ڪيتريون ڇوڪريون ٻِئُن قومن ۾ وڃي ٿيون شادي ڪن. ان جو نتيجو اهو ٿئي ٿو ته اسانجي سماجڪ ڍانچي ۾ هڪ خال (imbalance) پيدا ٿيو پوي ۽ اِنڪري اسانجي ڏڻ وار، ساڻ سڳٽن، ريتين رسمن تي به ڪافي اثر ٿو پوي.

هِڪ ٻي ڳالهه ته هِتي جي مَڪاني ماڻهن سان رِلي مِلي هلڻ ڪرڻ جي ويچار ۽ خيالات (idea of assimiliation) ڪري اَسان پنهنجي جاتي به لِڪائڻ چاهيون ٿا. رواجي طرح اَسانجي آکه پُٺيان ''آڻي'' لڳل ٿئي ٿو ۽ اِن مان سِنڌي-پڻي جي ظاهرات ٿئي ٿي. اِن سِنڌي-پڻي کي لِڪائڻ لاءِ اَڄُ اَسان جا ڪيترا جوان پاڻ کي 'شهاڻي' بدران 'شاهه'، 'بالاڻي' بدران 'بالا'، 'هيراننداڻي' بدران 'هيرا'، 'سِپاهيمَلاڻي' بدران 'سِپي'، 'ايسراڻي' بدران 'اِيسر'، 'ڪَرَمچَنداڻي' بدران 'ڪَرَم'، 'گيهاڻي' بدران 'گيهي'، 'رگهواڻي' بدران 'رگهو' يا 'رگهو وَنشي' وغيره لِکائي پنهنجو سِنڌي-پڻو لِڪائڻ ٿا چاهين. اِن ۾ سندن اِهو ترڪُ آهي ته اِن نموني ڪين نوڪري وغيره

ڳالهہ پئي لڳي، پر اسان کي ٻين قومن مان پريرڻا ڪٽڻ گهرجي. اڄ آنندپور صاحب نهراءَ جي آڌار تي سِکن ڇا نہ ڪيو آهي؟ ۽ اِن قوم جي اڳيان سرڪار بہ ڪهڙي نہ نموني ۾ راضي نامو ڪرڻ لاءِ تيار پئي ٿئي. اِن مان اِهو صاف ظاهر آهي تہ ''دُنيا جُهڪتي هئہ پر ڪوئي جُهڪاني والا چاهيئي.'' - هِمٿي مردانُ، مدد دي خُدا. اسين جي شاهہ صاحب جي اِن سِٽَ تي عمل ڪري تہ ''مٿہ متي مهراڻ ۾ پڙ ٽپو ڏيئي'' ميدان ۾ ٽپي پئون تہ اِها پڪ آهي تہ سڦلتا جو سهرو اڳي ڪِ پوءِ ضرور مِلندو. هڪ ڳالهہ بہ ٿوري صاف ٿيڻ گهرجي تہ هِن قِسم جي گهر هرويرو اسان کي ڪو راشٽريہ ڌارا کان باهر ڪونہ ڪڍندي. جيڪي بہ، ڪهڙيِ بہ راڄنيتي ويچارڌارا وارا آهن، اُهي اُنهن پارٽِيُن ۾ رهندا؛ باقي ٻيا اِنسان اِن قِسمَ جي هلچل کي زور وٺائي سگهن ٿا. ڇا اڄ سِکن جي اِن هلچل جي ڪري سڀ سِکَ اڪالي دل ۾ آهن؟ اڄ بہ ڪيترا سِک آهن جيڪي ڪانگريس ۽ پارٽيہ جنتا پارٽيءَ ۾ آهن پر اڪالي دل ۾ ڪي قدر سردار آهن جيڪي اِن هلچل کي هلائين ٿا.

٦-٣-٨٩ جو ٽي.وي. تي ٨-٤٠ بجي کان ٩ بجي تائين رات واري هِندي بُليٽِن ۾ اِها خبر هئي تہ لکنئو ۾ ٿورائيءَ واري جاتيءَ جو سَميلن ٿيو جنهن ۾ مُسلمان، سِکَ ۽ عيسائي شريڪ ٿيا. اُن کان اڳہ، ١٩٨٤ ۾، دهليءَ جي فسادن ۾، سِکن سان جيڪي ٿيو هو، اُن لاءِ اُن وقت جي مُکيہ منتريءَ هِند سرڪار جي گهروُ منتريءَ کي فون ڪيو هو تہ سِک ٿورائيءَ واري جاتيءَ جو بچاءُ ڪيو وڃي، جڏهن ڪِ اُنهن کي پنهنجو پرانت بہ آهي.

هندستان ۾ رهندڙ مُسلمانَ، جيڪي ڪروڙ کن آهن، اُنهن کي جي ٿورائيءَ واري جاتي مڃيو ٿو وڃي تہ اسان سِنڌي، جيڪي اُنهن جي ڀيٽ ۾ بلڪل گهٽِ آهيون، سي ڇو نٿا ''ٿورائيءَ واري قوم'' ۾ شامِل ڪيا وڃن؟ اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مسلمان، سِکہ ۽ عيسائي، ڌرم جي آڌار تي ٿورائيءَ واري قوم ڪري مڃيا وڃن ٿا. سِکہ پنٿ جو پيدا ڪندڙ گروُ نانڪ، هِندو ڌرم ۾ جائو. هُن کان وٺي ڏهين پاتشاهيءَ تائين، سڀ گروجن هِندو هئا. نائين پاتشاهي گروُ تيغ بهادر هِندو ڌرم لاءِ بليدان ڏِنو. ڏهين پاتشاهي گروُ گوبند سِنگهہ، هِندو ڌرم خاطر اورنگزيب سان لڙايون لڙيون ۽ هُن جا ٻہ پٽ ديوار ۾ لِنبايا (چُنايا) ويا. سِکَ آدِ کان هِندو رهيا آهن. پر گرو گوبند سِنگهہ جي خالصا پنٿ برپا ڪرڻ کان پوءِ، حالتن جي چڪر ۾، سِک هينئر پاڻ کي هِندو ڌرم کان الڳہ سمجهي رهيا آهن. هاڻِ جئنِيُن کي بہ ٿورائيءَ واري قوم ۾ شامِل ڪيو ٿو وڃي، جڏهن ڪِ جَئِنَ ڌرم برپا ڪرڻ وارا بہ هِندو هئا. وقت جي دؤر ۾ سِکن ۽ جئنيُن جي پوڄا وغيره جو طور طريقو سناتن ڌرم جي پوڄا وغيره کان بدلجي ويو آهي ۽ هو هاڻ پاڻ کي هندو ڌرم کان الڳ سمجهي رهيا آهن. جي ائين آهي تہ اسان سنڌي بہ ڇو نہ پاڻ کي ''درياهہ پنٿي'' چوارائي پاڻ کي هندو ڌرم کان

تو. ڇپيل ڪتاب هڪ قسم جو اُڃايءَ لاءِ عمدو طعامُ ٿي رهن ٿا. ليڪ ڪي صرف مَنَ جي اِها تسليِ آهي تہ ڪتاب ڇپيو آهي، جيڪا تسليِ صرف تسليِ هي آهي.

ڪِن ڪِن سنستائُن پاران ٿيندڙ اَدبي ڪلاسن ۾ بہ صرف ڳالھَ-ڳٽيا سڄڻَ مؤجود رهن ٿا جيڪي ڳالهائڻ وارا بہ پاڻ، ٻُڌڻ وارا بہ پاڻ تہ رائزني ڪرڻ وارا بہ پاڻ ۾ هي رهجي وڃن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ کي پاسيِرو رکي، جي سنڌي گانن، ڀڄنن ٻُڌڻ جي راھ تي اچون تہ اِن کيتر ۾ بہ اُتساھ جَنَڪ وايوُمنڊلُ نظر نٿو اچي. سِنڌي اَکرن جي معنيِ پوري سمجهڻ ۾ نہ اَچڻ ڪري، راڳن جي تال، ليَہ وغيره جي چاڻ جي گهٽتائيءَ ڪارڻ اُنهن کي ٻُڌڻ ۾ بہ نٺڊيِ نھيءَ جي رُچي نہ جي برابر آهي. بجاءِ سِنڌي راڳن ٻُڌڻ جي، اڄُڪالھ جي ڌوُم-ڌڙاڪي واريون فِلمي ڪئسيٽون ٻڌڻ ۾ اُنهن جي رُچي وڌيڪ آهي.

سڪوُلن ۾ ماسترن جي مُقرريءَ ۾ سرڪاري پيدياو، ماسترن جي سنڌي پاڙهڻ ۾ گهٽ رچي بہ هڪ قسم جو مسئلو آهي.

هاڻِ اِهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ اسان جي سماجڪ، ساهتيڪ، راجنيتڪ طور ۽ لحاظ کان اسان جي سيني کيترن جي وجود کي هڪ قسم جو خطرو اڀري آيو آهي. اڄ جي اسانجي جاتيءَ جو وجود نہ رهيو تہ ٻولي ڇا ڪندي؟ سماج نہ رهي ۽ جذب ٿي ويئي، تہ ٻولي ڪير ڳالهائيندو؟ ڪير پڙهندو؟ ۽ انهن سيني ڳالهين کي مدي نظر رکندي اهو من ۾ سوال اٿڻ ٿئي ٿو تہ ''آخر اسان جو وجود ڪيستائين؟'' ۽ جي اسان پنهنجو وجود قائم رکي نٿا سگهون تہ پوءِ اسان جو ڇا حال ٿيندو سو خود بہ خود هڪ سوچڻ جو مسئلو آهي.

اهڙي حالت اچڻ کانپوءِ هر پرانت ۾ جيڪي سنڌي اڪادميون برپا ٿي رهيون آهن، انهن جو هِن ڏس ۾ ڪهڙي قسم جو پارٽ رهندو؟

اهي سڀ ڳالهيون سوچڻ جو وشيہ آهن. اڪادميون موجوده وقت ۾ جيڪڏهن هن ڏس ۾ ڪجھ نٺيون ڪري سگهن تہ بہ انهن جو قائم رهڻ ڪڏهن نہ ڪڏهن فائدي مند ٿي سگهي ٿو تہ من ڪنهن موقعي سان اهي هِن ڏس ۾ سرگرم ٿي سگهن ٿيون.

آخر ۾ سنڌ جي هڪ شاعر جا اکر ياد ٿا اچن تہ:

روزا ۽ نمازون اهو پڻ چڱو ڪمُ
پر اِهڙو ڪو ٻيو فهمُ
جنهن سان پسجي پريںءَ کي.

نيڪ ساڳئي طرح اسان جا هي ادبي ميڙ، سنڌيت جا ميلا ملاکڙا سڀ نيڪ آهن پر هيئنر وقت آيو آهي جو اسان مٿي ڇپل اکرن موجب''اهڙو ڪو ٻيو فهم'' سوچيون جنهن سان پنهنجي وجود کي دائمي طور هِندُستان ۾ قائم رکي سگهون. اَلڳ پرانت برپا ڪرائي پنهنجي سماڄ، ٻولي، ساهِت ۽ سيبَتا جو وجود ۽ اَستِتوَ کي قائم رکي سگهون. اِها آهي اَڄُ جي وقت جي تقاضا.

❖❖❖❖

۾ داخلا ملڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اِن کان سِواءِ اَسان پنهنجي رهڻ ڪرڻ جي طور طريقي، کاڌي پيتي جي عادتن، پهراءَ (ويس-وڳو) وغيره کي، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجا نالا، اکيون، وغيره بدلي پنهنجي سموري سُڃاڻپ کي مِٽائي ڇڏيو آهي. مدراسي، بينگالي، مرهٽا، گجراتي، پنجابي وغيره پنهنجي پنهنجي ويس ۾ پري کان پڌرا ٿي وڃن ٿا، پر سِنڌين پنهنجو ويس پهراءُ قائم نه رکيو آهي جو اُنجي آڌار تي کين پرکي سگهجي. مٿي ذڪر ڪيل جاتيُن جا آدمي جتي به پاڻ ۾ جي گڏبا ۽ پنهنجي ٻولي (ماتر ڀاشا) ۾ ڳالهائيندا ته اُن جي آڌار تي پرکي سگهبو ته هو ڪهڙي ذات جا آهن. پر اَسان سِنڌي جتي به گڏباسون ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ شرم محسوس ڪنداسين ۽ هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ ناز ۽ فخر محسوس ڪندا آهيون. يا ته جتي جتي رهيا پيا آهيون، اُتي جي مڪاني ٻوليءَ ۾ اِيتري ته قبضي سان ڳالهائينداسين ته ڄڻ ته اُن پرانت جا هي رهڻ وارا آهيون. کاڌي پيتي جي حالتَ ۾ به شادين-مُرادين ۾ مڪاني ماڻهن جي عادتن ۽ اُنهن جي ويچارن موجب کاڌو تيار ڪنداسين ۽ پنهنجي سِنڌي کاڌي جي مهڪ ۽ سُگنڌِ کان محروم ٿي ويا آهيون. اِهي سڀ ڳالهيون اسان جي سماجڪ وجود لاءِ ڄڻ ته هڪ قسم جو خطري جو باعث ٿي پيون آهن.

اَلبت آرٿڪ ۽ درشٽي-ڪوڻ کان اَسان پاڻ کي ناهيو آهي. پنهنجي محنت، اُورچائي، لگن ۽ جفاڪشيءَ سان مالي طور پاڻ کي ٺاهينڪو ضرور ڪيو ٿو ڏسجي، شرڌارٿيءَ مان پُرُشارٿي ۽ پُرُشارٿيءَ مان پَرمارٿي ٿيڻ ۾ ضرور وِکَ وڌائي آهي. پر اِهي واپاري سلطنتون وغيره واريءَ تي اَڏيَل ڪوٽَ مِثل آهن. اِنهن کي پنهنجي ٻوليءَ نه هجڻ جي حالتَ ۾ مضبوط پڪي پائي وارو بنياد ڪونهي. هن ليکه جي شروعات ۾ گواليار جي پٿرن تي لکيل نعرن جي آڌار تي عمل ڪرڻ جي حالت ۾ هڪ ئي واچوڙي يا ڏوڏي سان اَچي پٽِ پوَڻ جي نوبتَ ۾ ٿيندا.

ٻولي ۽ ساهت جي خيال کان به اسان جي حالت نيڪ نظر نٿي اچي. اَسانجي نندي ٿهي سِنڌي پڙهي-لِکي ڪونه ڄاڻي. نه رُڳو ايترو، پر جنهن واتاوَرڻ ۾ هوُ (نندي ٿهي) رهي ٿي، اُن واتاوَرڻ جي اَثر ڪري حالتن جو سُڀاوڪ نتيجو اِهو آهي ته رواجي طرح گهڻو ڪري سندن ڳالهائڻ ٻولهڻ ۾ واهپو سِنڌي ٻوليءَ جو نه رهيو آهي.

اَسانجي ڪيترن دوستن وٽ سِنڌي ڪتاب آهن پرَ اُهي به تيسين سوڏو آهن جيسين ڪِ اُهي دوست زنده آهن. اُنهن کان پوءِ سندن ڪتاب رديءَ ۾ ڪوڏين جي مُلهه ۾ وڪامي وڃي پڪوڙائيُن ۽ دال-ڀَل-ڇولن وارن جي دوڪانن تي پوَندا. اَڄ جيڪو به وڏي عمر وارو سنڌي رامَ جو پيارو ٿئي ٿو، سو پاڻ سان ٻوليءَ جو اَنش به کڻندو وڃي ٿو. جيڪي ڪِ نوان ڪتاب ڇپجن به ٿا، ته اُهي وڪامن ڪونه ٿا هرڪو مُفت ۾ ڪاپيءَ جي ڪامَنا ڪري

راجا چنڊ مهاسين جو آهي جو ڌولپور ۾ مليو آهي ۽ وڪرم سنبت جو حوالو ٨٩٨ ڏنل آهي.

وڪرم سنبت کي جن ٻين ٻن نالن سان سڏجاتو ويندو آهي، اُهي آهن 'ڪرت' ۽ 'مالوَ سنبت'. 'ڪرت' ۽ 'مالو سنبت' جو هڪ هئڻ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ڇو ته سندس ذڪر 'پريائه -واچي' جي روپ ۾ ئي ملي ٿو. پر مالو ۽ وڪرم سنبتن کي هڪ مڃڻ جو جيڪو سبب آهي اُهو هي ته ٻنهي جون شروعاتي تٿيون (تاريخون) هڪڙيون ئي آهن. مالو ۽ وڪرم سنبتن جو هڪ هئڻ جو اتهاسڪ سبب اِهو آهي جو وڪرماجيت مالوَ قوم جو ئي نيتا هو. جنهن وقت هي ڪُجھ ٿي گذريو، اُهو وقت گهڻو اُٿل پٿل جو زمانو هو. جنهن ڪري ان زماني جي تواريخي مصالحي جي باري ۾ ڪا ڄاڻ نٿي پوي ۽ اِئين لڳي ٿو ته نشت ٿي ويو آهي. فرگوسن وانگر اِهو مڃڻ ٺيڪ ڪونهي ته عيسيٰ کانپوءِ پنجين صديءَ ۾ سِشوُ ڌرما هوڻ کي هارائي هي سنبت چالو ڪيو هو ۽ ان کي اڳا به قديم ڪرڻ لاءِ ٥ صديون پوئتي ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر ڪاشي پرساد جئسوال جي هن ڳالهه کي به مڃڻ صحيح ڪونه ٿيندو ته ساتواهن ڪُل جو گوتمي پٽر شاتڪرڻي وڪرماجيت هو. سندس چوڻ آهي ته شاتڪرڻيءَ نهپاڻ کي جيتيو هو. ان ڪري هن اهو سنبت چالو ڪيو هوندو. نهپاڻ کي شتا مڃڻ ۽ گوتمي پٽر جي زماني جو مڃڻ به اتهاسڪ درشٽيءَ کان بحث جو باعث آهي. ساڻ گوتمي پٽر جو سامهون وڪرماجيت ڪونهي ۽ سندس ونش ڪٿي به وڪرم سنبت جو استعمال ڪونه ڪيو آهي. اِن ڪري شاتيڪرڻيءَ کي وڪرماجيت مڃڻ جو ارادو نه فقط ڀرم آهي پر غلط ئي آهي.

عيسيٰ کان پهرين صديءَ ۾ هتي سيني جو پهريون وڪرماجيت هئڻ جو ثبوت جين ساهتيه-پٽابليءَ جيني ڳاٿا ۽ سنسڪرت-پراڪرت جي گرنٿن ۾ گهڻن پاڙن ۾ ملي ٿو. جين ساهتيه ته ان جي اُبتڙ ثابتي ٿو ڏئي جنهن ۾ حد کان وڌيڪ هڪ جهڙائي ملي ٿي. ساتواهن نريش هال پراڪرت گرنٿ ڪٿا 'سپتشتي' ۾ وڪرماجيت نالي واري اَڏپنيءَ جو ذڪر اچي ٿو. راجا هال جو زمانو پهرين يا ٻي صدي آهي. عيسيٰ کان پوءِ آهي. ان ڪانسواءِ ڪشميري ڪوي گڻاڍيه پنهنجي 'پشاچي' پراڪرت جي گرنٿ 'ورهتڪٿا' ۾ به وڪرماجيت جو حوالو ڏنو آهي اهو به هال جي زماني ۾ هئو. گڻاڍيه جي برهتڪٿا ته هاڻي ڪونه ٿي ملي پر سومديو پاران ڪيل ڪٿا 'سَريتساگر' نالي سان سندس ترجمو پڪ ملي ٿو، جنهن ۾ وڪرماجيت جي ڪٿا جو ورڻن آهي. اِنهن ڪٿائن سان جين-اَنوشرُتين جو ميلاپُ ثابت ٿئي ٿو . هيءَ سڀ شوت پشچواتي وڪرماجيت کان پهرين جو آهي. اَوَنتيءَ جي لوڪ ڪٿائن سان به، جي گهڻي وڏي تعداد ۾ حاصل ٿين ٿيون، هن سنبنڌ ۾ گهربل جامل روشني پوي ٿي.

عيسيٰ کان اَڳُ پهرين صديءَ ۾ وڪرماجيت جي نظر هيٺ مالوَنِ ساڪن (شَڪَن) جي خِلاف وڄئه حاصل ڪئي، اُن جي ياد ۾ هيءَ سنبت چالو ڪيو. ساڪ(شَڪَ) وچ ايشيا جي هڪ زبردست قوم هئي، جنهن ڀارت جي


سنڌ جو راجا وير

لڇمڻ ڪُڪريجا ''مسافر''

سنڌ ۾ اسانجي شهر ڳڙهي ياسين ۾ ڪن هنڌن تي پرامِڊ نُما گول دڙا نهيل هوندا هئا يا وري ڪن جي گهرن ۾ ڪُنڊَ پاسيرو ڪنڊ ۾ ئي ننڍا ننڍا دڙا گول ۽ پرامِڊ نُما نهيل هوندا هئا. اهڙن هنڌن تي ڏينهن رات جوت جڳندي رهندي هئي. ڳاڙهيون، سايون، نيريون ۽ پيلون جهنڊيون، جيڪي رومالن مان نهيل هونديون هيون، ٽنگيل هونديون هيون ۽ تن سان گڏ ننڍڙيون ننڍڙيون گهنڊڙيون ۽ گهنڊ بہ ٽنگيل هوندا هئا. سنڌي زالون وري پنهنجن ٻارن جي حجم کي ساڻ ڪري، اُتي آڻي، جهنڊ لاهرائينديون هيون، رومال ٻڌنديون هيون، گهنڊ ٻڌنديون هيون. ڪوڙڙو تيل پيئنديون هيون ۽ ڏيئي ۾ بہ ڪوڙڙو تيل وجهنديون هيون ۽ ڪُجھ سکا اُتي ڏکڻا ڪري رکنديون هيون. توهان کي اِها خبر آهي تہ اُهي دڙا ڇا لاءِ هئا. اُهي دڙا ''راجا وير'' جا دڙا هئا، ان جو مطلب تہ سنڌ ۾ راجا وير جي پوڄا ٿيندي هئي. اهو راجا وير ''راجا وڪرماجيت'' ئي هو. مشهور ٣٢ پتلين وارو راجا وڪرماجيت، جو انصاف ڏيڻ ڪان مشهور هو ۽ هن راجا جي پوئتان وڪرم سنبت جي شروعات بہ ٿي.

سنڌ ۾ يا سڄي اُتر ڀارت ۾ وڪرم سنبت جي شروعات چيٽ مهيني (اپريل) جي شُڪل پکش سان مڃي ويندي آهي. ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ وري ڪارتڪ مهيني (نومبر) جي شُڪل پکش لڳڻ سان نئون سنبتُ مڃيو ويندو آهي. ان سبب اُتر ۾ وسيل 'چيٽادي' ۽ ڏکڻ ۾ وسيل 'ڪارتڪادي' چوايا ويندا آهن. جيئن سنڌ ۾ اُتر وارن کي 'اُترادي' ۽ ڏکڻ وارن کي 'ڏکڻادي' چوندا آهن. هاڻي جي خبر ڪونهي تہ سنڌ ۾ مسلمان ڀاءُ ڇا چوائيندا آهن.

اُتر ڀارت ۾ مهينو ١ تاريخ ڪرشڻ پکش سان شروع ٿي شُڪل جي ١٥ تاريخ تائين سماپت ٿيندو آهي ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ وري اُبتڙ شڪل پکش جي پهرين تاريخ کان چالو ٿي ڪرشن پکش جي ١٥ تاريخ تائين سماپت ٿيندو آهي. اِئين اُتر ڀارت ۾ مهيني کي 'پورڻمانت' (پونم انت) ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ وري 'آماوَسيانت' چيو ويندو آهي. تاريخي اٿرن ۽ ثابتين ۾ وڪرم سنبت جي شروعات تائين صدي کان اڳ۾ نٿي ملي. هي ۽ پهريون ذڪر اسانکي چاه مان



نالو : لڇمڻ ڪُڪريجا ''مُسافِر''
جنم، تاريخ : ڳڙهي ياسين، سکر، سِنڌ. تاريخ : ١٦-١٠-١٩٣٥
ڇپايل ڪتاب: موهن جي دڙي جي مُهر - ڪهاڻيون؛ موهن جي دڙي جو پوڄاري؛ سِنڌ کي وساري ڇڏ اي دوست؛ مُهرون مَن جون؛ موهن جو دڙو-اِتهاسِڪ ڪتابُ؛ آريہ ۽ ٻُڌ مت؛ جانورن جو باغ؛ جهنگل جو سڏ؛ سُهڻا ٻال گيتَ؛ ٻال دوست؛ مان بہ شاعرُ؛
انعام : چترڪاري ۾ ڪيترا ئي اِنعام، الڳ الڳ سنستائن پاران سنمانَ؛
پيشو : ايڊيٽر، ''ڪِرڻُو'' مخزن (ٽِماهي)
پتو : 245/B-41 نوان بلاڪَ، ڪُڪريجا پبلِشنگ هائوس، سِنڌونگر-٣٢١٠٠٥

راجا کي سمجھائڻ جي گھڻي ڪوشش ڪئي، پر جڏھن ھُن سندس ھِڪ بہ نہ مڃي، تہ ڪالڪا پرتگيا ڪئي تہ ھوُ راجا جي وِناش لاءِ ڪُجھ بہ نہ ورتائيندو. ڪالڪا سِنڌو نديءَ جي ڪناري پھتو جتي 'ساھي' چوائڻ واري ساڪ سردار ۽ سندس ساھانوساھي نامداري راجا رھندو ھو. ساھنساھيءَ چورانوي (94) ساھيُن سان ڪنھن ڪارڻ ڪري رُسي ڪيس ديس نيڪاليءَ جو ڏنڊ ڏنو ھو. ھيءُ ساھي ڪالڪا جي صلاح سان 'ھِندُڪ' نالي واري ديس ۾ آيو. اِن نالي مان خبر پوي ٿي تہ ديس جي جنھن ڀاڱي ۾ ھو رھندا ھئا، اُھو ڪڏھن بہ، ڪھڙيءَ طرح بہ، ڀارت جي سرحد ڪونہ ھو. ھِندُڪ نالي واري اِن ديش جي حد سؤراشٽر، گجرات ۽ اَونتي (اُجيني) جي آس پاس تائين ڦھليَل ھئي. ھي ماڻھو ڀھرين سمُنڊ رستي اَچي سورٺ ۾ لٿا. پوءِ ڌيري ڌيري سڄي ديش ۾ ڦڙي پکڙي ويا ۽ راڄ ڪرڻ لڳا. ڪالڪا ھُنن کي ھيءَ صلاح بہ ڏني تہ ھوُ اُڄيني تي حملو ڪري راجا گِردڀالل کي ھارائِن. اُن حملي ۾ راجا گِردڀالل ماريو ويو ۽ جنھن ساھيءَ وٽ ڪالڪا رھندو ھو، سو سيني ساھيُن جو مُکي ٿاھيو ويو. اَھڙيءَ طرح ساڪ(شڪ) ونش ھليو. تنھن کان پوءِ وڪرماجيت ساڪن جو ناس ڪري ڀاڻ مالوا جو راڄُ سنڀاليو. گھڻا جو ھيءُ حصو مؤل ڪٿا سان سنبنڌ ۾ ھئڻ ڪري، ٿوري ۾ ئي ڏنو ويو آھي جنھن مان خبر پوي ٿي تہ ڪھڙيءَ طرح ھِڪَ جيني ساڌوءَ شخصي اَپمانَ جو بدلو چُڪائڻَ لاءِ ديش سان وِشواسگھات ڪيو؛ ٻاھرين کان حملو ڪرايو ۽ آخر ۾ ڪھڙيءَ طرح وڪرماجيت ديش کي مُڪت ڪري آزاد ڪيو.

لوڪ ڪٿائن ۾ بہ سِنڌ جي راجا وير وِڪرماجيت جي مُکيہ جڳھ آھي. جيڪڏھن ھِن سموري ساھِت کي ڪٺو ڪيو وڃي، تہ ھِڪُ وڏو گرنٿ ٿِي سگھي ٿو. گھڻو ڪري وڪرماجيت جي باري ۾ جِن ڳالھيُن جي سيني کي ڄاڻ آھي، اُھي آھن سندس سِنگھاسَن، سندس نياءُ ۽ سندس نوَ-رتنن جي سنبنڌ ۾. 'جيوتي وردا ڀرڻ' ۾ ڌنونتريِ ڪٽيمٽڪ، اَمرسِنگھہ، شنڪوُ، بيتال ڀٽ، ڇٽڪرپر، ڪاليداس، وَراھ ۽ وَرَ رُچيِ اُنھن ۾ شامِل ڪيا ويا آھن. ڪاليداس کان وَرَ رُچيءَ تائين، سڀ جا سڀ ڀارت ۾ مشھور ودوانن جي ڳڻپَ ۾ اَچن ٿا. مالوا ۾ وڪرماجيت جي باري ۾ چيو ويو آھي: ''ڌن ري ڌن راجا وير وڪرماجيت، جاکي بغيچا ۾ متيَن کي جھاڙ جھري.'' (ڌن آھين ڌن راجا وير وڪرماجيت! جنھن جي ننڍي باغ ۾ موتيُن جا ٻوٽا باغ بھار آھن.)

وڪرم سنبت جي شروعات جي، سِنڌ ۾ ھڪ آنند ڏيندڙ لوڪ ڪٿا ملي ٿي. چوندا آھن تہ اُماسَ جي ڏينھن، راڄ سَڀا ۾ وڪرماجيت ڀاران تِٿيِ (تاريخ) پُڇڻ تي اَمرسِنگھہ 'پورنِما' ٻڌائي. دربار ۾ سَناٽو ڇانئجي ويو. پوءِ سيني پُڇيو ''چا اَڄُہ چنڊ پورو گول اُڀرندو؟'' اَمرسِنگھہ تہ چئي چُڪو ھو. اِن ڪري وري چيائين، ''ھا! اُڀرندو.'' پيءُ جي چِنتا دوُر ڪرڻ لاءِ ڌيءُ چنڊ کي آراڌنا ڪئي ۽ چنڊ کي اُماس جي ڏينھن ئي اُڀرڻ لاءِ تيار ڪيو. تنھن کان وڪرم سنبت جو چالو ٿيڻ ٿيو ۽ مھني جو اَنتُ پورنِما جي بدران اُماس کان پوءِ ڳڻجڻ ۾ آيو.

❖❖❖❖

اولهندي ڀاڱي کي پنهنجي اَڌڪار ۾ آندو هو. هيءَ قوم گجرات کان اَونتيءَ تائين ڦهلجي ويئي هئي. شڪَنِ کي پاڙ کان پٽي، هارائي ديس کان ڀڄائي ڪڍڻ، ۽ وري جيڪي بچيا، اُنهن کي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ ۽ سماج ۾ شامِل ڪرڻ جو ڪمُ وڪرماجيت راجا ڪيو هو. وِڪرماجيت جا مالَوَ گڻَ ڪافي پُراڻا آهن جيڪي پهرين سپتَ-سِنڌو پرديش ۾ رهندا هئا. سِڪندر مهان جڏهن ڀارت تي حملو ڪيو هو تڏهن مالَوَنِ ئي سِڪندر سان بهادُريءَ سان مُقابلو ڪيو هو. ڪرٽس لکي ٿو تہ جڏهن يُوناني سئِنڪَنِ کي اِن ڳالهہ جي خبر پيئي تہ ڪين ڀارت جي سڀ کان وڌيڪ بهادُر مالَوَ جوڌن سان جنگِ جوڙڻي آهي، تڏهن هوُ ايترو تہ گهبرائجي ويا جو خود سِڪندر جي خِلاف وِدروهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مالوَنِ سان ٿيل جنگِ ۾ سِڪندر کي ڇاتيءَ ۾ باڻ لڳو هو جنهن پڇاڙيءَ ۾ سندس پراڻ وني ڇڏيا ۽ پوءِ ئي سندس پُٺِ ڇڏي.

سِڪندر جي اِتهاسڪارن اُنهن جوڌن کي ''مللوئي'' ڪري سڏيو آهي. اِن وقت هو درياهہ جهيلم جي ڪِنارن تي رهندا هئا. چِناب جتي جهيلم سان مِلي ٿي، اُن سنگم جي هيٺئين حصي ۾ مالوَنِ جو نِواس هو. سندن راڄڌاني درياهہ راويءَ جي ڪِناري تي هئي. پر ٻين سندن پرتاپ ۽ يُڌ جي ڪُشلتا جي گهڻي ساراهہ ڪئي آهي. سِڪندر سان يُڌ کان پوءِ ڪنهن ڪارڻ ڪري مالوَنِ پنهنجي رهڻ واري هنڌ جو صفا تياڳ ڪري ڇڏيو هو ۽ ڏکڻ طرف هليا ويا. ڪنهن زماني تائين سندن پتو ڪونہ پئي مليو. پر شُنگ وَنشَ جي راڄ جي زماني ۾ سندن حوالو وري مِلي ٿو. عيسوي کان هڪ ڏيڍ صدي اڳ ۾ هي لوڪ اوپر-راجستان ۾ اچي وَسيا هئا. اُن وقت ئي ڀارتو ساڪن جو حملو ڀارت مٿان ٿيو هو جو سوراشٽر، گجرات ۽ اَونتيءَ تائين ڦهلجي ويو. اُنهن سان مالون جي يُڌ لڳي ۽ جنهن ۾ جيت پائڻ تي اُنهن مالوَن جي وجئہ جي ياد ۾ مالَوي، ۽ وڪرماجيت جي بهادريءَ جي ياد ۾ وڪرم سنبت چالو ڪيو. سَمُدرگُپت جي وقت ۾ جڏهن ڀارت جي راڄنيتڪ ايڪَتا برپا ٿي، تڏهن انهن جي آزادي ناس ٿي ۽ هوُ بہ سندن اَنگُ ٿي ويا. گپتن تہ خود مالو سنبت جو واهپو اختيار ڪيو.

'ڪالڪاچاريہ ڪٿانڪ' نالي واري چيني گرنٿ ۾ وڪرماجيت ۽ شڪن جي وچ ۾ هِن جنگِ جي سچي گهٽنا جو ڇٽيءَ طرح احوال ملي ٿو. هن ڪٿا اَنوسار مالوا جي ڌارا(ڌارا) نالي هڪ شهر ۾ وجرسنگهہ نالي هڪ راجا رهندو هو. هن راجا جي سُرسُندري نالي واريءَ راڻيءَ مان ڪالِڪ نالي وارو پٽ ٿيو جو جين آچاريہ گُڻاڪَر جي سِکياڻُن کان مُتاثر ٿي جيني ٿيو هو. ڪالڪا آچاريہ اُجَيني (اُجين) کي پنهنجو مرڪز ناهيو. اُجَيني ۾ تِنِ ڏينهين گرديڀل نالي وارو راجا راڄ ڪندو هو. اُن راجا هڪ ڏينهن ڪالڪا جي ننڍي ڀيڻ ساڌوي سرسوتيءَ کي ڏٺو تہ سندس روُپَ تي، لاوَڻيہ تي موهت ٿي ڪيس پنهنجي ٻل سان پنهنجي اَنتهپُر ۾ اچي قابو ڪيو. ڪالڪا

آهي، جيڪو ساڳيءَ جاگرافيائيءَ حالتن واريءَ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل ماڻهو وڏي عرصي لاءِ اَپنائن ٿا.“

سڀيتا، تهذيب ۽ سنسڪرتي شبد عام ماڻهن لاءِ سَمان اَرٿي آهن، جنهن ۾ ٻئي سماجڪ وهنوار سان گڏ اِخلاقي نيم، ريتيون رسمون، عادتون وغيره به اچي وڃن ٿيون.

ڀارت ڪيترين ئي نرالين سڀيتائن جو مَجموعو آهي. سڀني کان پراچين سڀيتا جو آغاز سنڌوُ نديءَ جي ڪِناري تي ٿيو هو. سنڌوءَ مان ئي هندوُ، هندستان، اِنڊيا ٺهيو آهي. اسانجي سنڌي سڀيتا اهميت واري آهي. سنڌي سنڌ ۾ نه آهيون پر سنڌيت اسان سان ساڻ آهي. اڌ صَدي گذري چڪي آهي، اُن ۾ تبديل برابر آئي آهي، پر وِڪاس جي چوٽ تي پهتل آهي. هر سنڌي مڃي مڙس ٿيو آهي، جنهن ڪري سنڌيت زنده آهي. اسانجي سڀيتا اهڙي آهي، جو جهنگل ۾ منگل ڪيو ڇڏي، جنهنجو اِتهاس شاهد آهي. سنڌي ريتيون رسمون، ڏڻ وار، ميلا، ساز ۽ سنگيت وغيره سنڌي سڀيتا سان نهڪندڙ آهن. اَسين کائون سٺو، پايون سٺو ۽ رهُون به سُٺي نموني ۾. سنڌي پريان ئي پڌرو! پلي ته هجن اڇا ڪپڙا کيسا خالِي پر آهيون مُلڪ جا والي! اسين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جايون، ڌنڌا ۽ نوڪريون هٿ ڪري ٿانئِيڪا ٿي ويٺا آهيون. صرف پنهنجو پرانت ڪونهي، جلاوطن آهيون. سنڌي سڀيتا سيکاري ٿي ته، ”پلي ٻُڪ پرم جي، پر شل نه وڃي شانُ.“ سنستائون ۽ ٽرسٽوُن آهن، پيون مدد ڪن. اسان جا ڏڻ وار ۽ ريتيون رسمون به ٻين کان نراليون آهن مهني جو پهريون ڏينهن ”چَنڊ“ ٿيندو آهي. هر مهني ”چَنڊ“ تي سيسائون سُکان ڪندا آهيون، پر چيٽَ مهني جو چَنڊُ ته نئين سال جو پهريون چَنڊُ آهي. هِن ڏينهن ڀهراڻو ڪڍندا آهيون ۽ سِنڌيت،

سِنڌي سڀيَتا جي جهلڪَ ڏِسڻ وٽان هوندي آهي. اِشٽَ ديوَ جهوُلي لال جي ناليءَ ۾ درياهه ۾ يا نَلَ تي، کوُهه تي اَکو پايون، پَلَوَ پايون. اَسانجي جمڻَ کان مرڻ تائين جيون-ريت اَسانجي سڀيتا تي روشني ٿي وجهي. اَسانجي سڀيتا کي پنهنجون کي علحدگيون آهن. ڪوبه اِنسان پنهنجي سڀيتا کي ڇڏي ٻي سڀيتا نٿو اَپنائي سگهي، ڇاڪاڻ ته سڀيتا ڪنهن به جاتيءَ جي پرمپرا ۽ وهنوار سان پيڙهين کان نهڪندڙ آهي. اِن ڪري هوُ اُن کي چاهيندي به صفا ڇڏي نٿو سگهي ۽ ٻي سڀيتا به کيس سؤ سيڪڙو جذب ڪونه ڪندي. نتيجي طور هوُ پاڻ کي نه هِتان جو نه هُتان جو سمجهندو.

ڏٺو ويو آهي ته ڪيترين سڀيتائن ۾ ڪي بنيادي ڳالهيون هِڪَ جهڙيون آهن، ڇاڪاڻِ ته اِنسان هِڪَ-ٻئي سان لهه وچڙ ۾ آهي. ڪِن خاص حالتُن هيٺِ سڀيتائن ۾ تبديل به اَچي ٿي، پر صديُن کان پوءِ. اِين تبديل کي محسوس ڪرڻ لاءِ پُراڻِيُن سڀيَتائُن ۽ نَيُن سڀيَتائُن جي اَڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ايندڙ سِنڌي پيڙهين کي سِنڌي سڀيتا سان جوڙي رکڻ ضروري آهي. تنهنجي لاءِ گهرن ۾ سِنڌي ريتيون رسمون ۽ ڏِڻَ ملهايا وڃن ٿا، تِن جي باري ۾ ننڍن کي سمجهائي ڏِيَڻُ ضروري آهي. ۱۹۴۷ کان پوءِ اَڄُ پوري اَڌ صدي گذري چُڪي آهي. گهڻا سنڌي وچولي طبقي وارا سُکيا سَتابا آهن. اَسين هِندو سَناتَني آهيون، ويدِڪ آهيون. مُسلِم سڀيتا جو اَثر صِرف اَسانجي ڀاشا، پهراوَ ۽ کاڌن تي پيو آهي. جيوِن ريت ويدانتي آهي- ”چنڊ“ ڏينهن مندر يا ٽِڪاڻي وڃڻ، وڏن کي پيري پئي آسيس وٺڻُ ۽ اَکو پائڻُ. سال ۾ اَسين ديويءَ جا ٻه ايڪاٽا مڃيون - هڪُ هوليءَ کان پوءِ ۽ ٻيو سِراڌن کان پوءِ. اِنهن ڏِڻن وارن سان اَسان جا لوڪ

سِنڌي سڀيتا

پروفيسر مينا روپچنداڻي
پروفيسر گوپ روپچنداڻي

اِنسان جي وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي سندس سڀيتا، جيڪا هو پنهنجي انيُوتيءَ جي آڌار تي قائم ڪندو آهي. سڀيتا جي وصف مقرر ڪرڻ انڪانيو ڪم آهي. هيءَ اِنساني سماج جي پيدائش آهي ۽ اتهاس جي هر دوَر جو اُن تي اثر آهي. هيءَ اِنسان جي ڪيترين حاصلاتن جو واحد روپ آهي، جنهن کي هڪ پيڙهي ٻيءَ پيڙهيءَ تائين پهچائي ٿي. هيءَ هڪُ ورثو آهي. جيڪو سِکِڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ساڳيءَ سماج ۾ سڀيتا جا عَلحدا روپ نظر ايندا آهن، ڇاڪاڻ ته سماج ۾ طبقا آهن، ڳوناڻا، شهري، پڙهيل، اڻ پڙهيل، ڪاموار ۽ واپاري وغيره. هڪ ماڻهوءَ جو ٻئي ماڻهوءَ سان وهنوارُ ئي سڀيتا آهي. اِتهاس ۾ پراچين سڀيتائون مشهور آهن، جيڪي ساڳي يگ جون آهن. ساڳيءَ دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل آرين پنهنجي مڪاني ٻولي، ڌرم، ڪاڏي، پوشاڪ، ڪلا ۽ ٻئي وهنوار جا نيم مقرر ڪري پنهنجي سڀيتا جو بنياد پختو ڪيو هو. سڀيتا جو مطلب آهي، ''اهو وهنوار جيڪو ساڳئي سماج ۾ ساڳين حالتن ۾، ساڳيو هجي.'' سڀيتا جا ڪي مکيه پهلو آهن :- ١. مالي پهلو، ٢. پدارٿي پهلو، ٣. سماجڪ پهلو، ٤. ڌارمڪ پهلو، ۽ ٥. ڀاشا جو پهلو.

ڊارون جو سڌانت ته، ''جيڪو حالتن سان پاڻ نڀائيندو، سو ئي قائم رَهندو؛ ٻيو ناسُ ٿي ويندو.'' هيءُ سڌانت سڄيءَ دنيا سان لاڳو آهي. فرينچ وِدوان فيبريڪ ڊي. پِلي جي وِيچار موجب ''سڀيتا تي اِنسان جي ڪم، ڌنڌي، جاگرافي، اِتهاس وغيره جو اثر پوندو آهي.'' اِنسان جو وهنوار سندس مقصد سان نڀائڻ ٿيندو آهي. سندس وشواس، عَقيدا ۽ سوچ ٻه ڪيس سندس مقصد طرف گهلِيندا آهن ۽ سڀيتا تي اثر ڪندا آهن. اِنسان جي وِگيانڪ ڄاڻ ۽ سُوجهه ٻُوجهه ۾ اضافو اچڻ ڪري سڀيتا جي اهميت گهٽجي ڪونه ٿي پر اُن کي وِگيانڪ بنياد ٿو ملي ۽ اُها مظبوط ٿئي ٿي. ڪي سماجڪ سنستائون سڀيتا جي مُدي خارج وَهنوارن ۽ عَقيدن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. ڪن ويچاروانن لاءِ سڀيتا ''جيئڻ جو اهو طريقو

نالو : پروفيسر مينا روپچنداڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي
جنم، تاريخ : .
ڇپايل ڪتاب:
انعام :
پيشو :
پتو :

ڪرمن جون ڪڙيون


ڊاڪٽر ارجن ٻجلاڻي

عا قل اُديمَ سائنْط - واچاج ڪرمن جون ڪڙيون
''پرِوَسِ'' پوندءِ چاڻ - گيان، ڌيان، ويراڳ جي

هي ڪرمن جي ڪڙين بابت 'پروس' صاحب جو اَنوکو دوهو آهي. هن ۾ 'ڪرم' اکر سوَڌرم جي اَرٿ ۾ ڪم آندو ويو آهي. اسانجو کائڻ، پيئڻ، سُمهڻ، هي به ڪرم ئي آهن، پر هتي 'ڪرم' اکر مان اِهي ڪريائون ظاهر نه ٿيون ٿين. ڪرم سان اتي مطلب آهي سوَڌرم آچرڻ.

مگر سوَڌرم آچرڻ روپي ڪرم سان نِشڪامتا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي به هڪ چيز جي ضرورت آهي. اُها آهي ڪامَ ۽ ڪروڌ کي جيتڻ جي. چِت جيستائين گنگا جل وانگر نِرمل ۽ نِشچل نه ٿيو آهي تيستائين نِشڪامتا نتي اچِي سگهي. اهڙيءَ طرح چِت شڌيءَ لاءِ جي ڪرم ڪيا وڃن انهن کي ''وِڪرم'' چيو وڃي ٿو. ڪرم، وِڪرم ۽ ڪرم هي ٽي اکر وڏيءَ اهميت وارا آهن. ڪرم جي معنيٰ آهي سوَ ڌرم آچرڻ جي لاءِ ٻاهرين ڪِريا. هن ٻاهرين ڪِريا ۾ چِت کي لڳائڻ ئي وِڪرم آهي. ٻاهران اسين ڪنهن کي نمسڪار ڪندا آهيون، پر جي اِن ٻاهرئين متي ٽيڪڻ سان ڳڏ، جي اندروني من نه جهڪندو، ته اِها ٻاهرين ڪِريا اجائي آهي. ٻاهرين ڪِريا سان اندرئين من جو پڻ مِلڻ ضروري آهي. اِهي ٻئي هڪ هجڻ گهرجن.

گهڻن سالن جي ڳالهه آهي، جڏهن برلا وارا پلانيءَ ۾ سنگمرمر جي پٿر جو مندر پيا نهرائين. مان سوير هڪ ڏينهن اُن طرف گهمڻ نڪتو هوس. اتي ڏٺم ته سنوين مزور سنگمرمر جا وڏا پٿر ٽاڪي رهيا آهن. چئني طرف صرف پٿرن وڏن جا ڍير لڳا پيا آهن جن کي هي مزور ٽاڪي رهيا هئا. مونکي خبر ڪانه هئي ته هي ڇا تي رهيو آهي. سو مون هڪ مزور کان پڇيو، جو ڏاڍي غصي ۾ ڀريل منهن سان جنهن مان ڇڻ ڪروڌ ڇلڪي رهيو هو، ته پيارا هي توهين ڇا ڪري رهيا آهيو؟ اِن تي هن جوش ۾ ڀريل منهن متي ڪيو ۽ جواب ڏنائين ته ڏسين نٿو ته پٿر ٽاڪي رهيو آهيان. مان جواب ٻڌي ڏاڍو لڇي ٿيس ۽ دل ۾ چيم ته هي ته واقعي ئي مان ڏسي رهيو آهيان، منهنجو سوال پڇڻ ته اَجايو



نالو : ڊاڪٽر ارجن ٻجلاڻي

جنم، تاريخ : خيرو ديرو، تعلقو رتوديرو، ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ : ١٩-٦-١٩٢٠

ڇپايل ڪتاب : سنڌيءَ ۾ انواد : ١. Heart-Disease and Lay man ٢. آچاريه رجنيش جو ''ساڌنا پٿ'' ٣. پاڻ پڇاڻ - رنگَ ماڻ

انعام : هڪُ به نه.

پيشو : چيف ميڊيڪل آفيسر (سيوا نِورت) مڌيه پرديش

پتو : پلاٽُ نمبر ٢٧٨/ ٢٢١، روڊ ٢، ساڌو واسواڻي نگر، اَئونڊ، پُٽي - ٤١١٠٠٧

گيتَ جُڙيل آهن. اَشٽميءَ تي نياڻِيُن کي ڪيرُ چانور هڪ ٿي ٿالهيءَ ۾ ڪارائي چوايون :
” ڏُڏُ ڏي، پُٽُ ڏي، پِپَلُ جو پنُ ڏي
پِپلُ پُراڻو، ڀانيڻُ سياڻو، سيتا سچي.“
۽ پوءِ سڀني گهر ۾ چنڊو هڻايون. اَنَ ئي ايڪاٽا يا ٻهريون، ٽيون، پنجون يا ستون ايڪاٽو ورتُ رکون.
اَسين سڀُ گرو نانڪ پنٿي بہ آهيون. سيني گُر پرين تي ٽِڪاڻي ويندا آهيون. گُر پرين کان سِواءِ، ويساکيءَ کي بہ ڪونہ وِساريون. سڀُ هندو اَکڻ-ٽيج کي مهنو ڏين. اَسين سِنڌيُن کي هِنَ ريتِ ملهائيندا آهيون. ڌيئَرُن، ڀينَرُن، نياڻِيُن، برهمڻ کي جَلُ، ڦلُ ۽ جَلُ ڀري رکڻ لاءِ باسڻ برتڻ ڏيون. چيٽَ جي اُماس، جنهن کي سيساڻُن واري اُماس چئون يا ڪُنڀُ چئون، شهري يا ڳوناڻا سڀ ملهائيندا آهيون. اَکو، ڊيُ ۽ پُٽن جي باسيَلَ سيسا هٿن ۾ جهلي چئون :
آمڙا، ليمڙا، بَندُ پَڳو پاڻي آيو
وِڇُڙيا پُٽَ مائن مِلايا،
چيٽ اَما ڪارائي
چيٽُ ليما ڪارائي
ڪائي پرياسين پيٽَ،
جيئَنِ اَسانجا جنِ رکايا چيٽَ
آيَو منهنجو سَدورو سَياڳو چيٽُ
جيڪو اَنبَ ڪارائي،
توُتَ ڪارائي، سَيوُن ڪارائي،
جيئَنِ منهنجا پُٽڙا جيئَن منهنجا پايَڙا.“
۽ اَکو پائي پَـلوَ پايون.
سانوڻ مهني جا سڀُ ڏِڻَ اَسين ملهائيندا آهيون، پر پنهنجي سيبَتِڪ نموني ۾. اُنهن ڏِڻن سان جُڙيل ريتيون رسمون، سوڻَ-اَپَسوڻَ، وَهمَ-سنسا ۽ پرمَ بہ اَسانکي آهِنِ، پوءِ ڳوڳو هجي يا ننڍي ۽ وڏي ٿڌڙي. اَسان جي سيبتا تمام پُراڻي آهي، جنهن تي هزارين سال پُراڻا آثر آهن ۽ اَجان پيئي بدلجي. رکڙي ٻنڌن يا رَکشا ٻنڌن، جنم-اَشٽمي، اَنَ-مَنُيو، چاليهو وغيره هي سڀُ اَسانجي زِندگيءَ جو حِصو آهن. ٽيجري هجي يا گڻيش چوٿِ، ٽيجري لوڏي چئون، اَرگُ ڏِيَڻ مهل چوَنديون :
ٽيجري ماتا هِندوري لُڏي،
هٿ ڪِنگڻي پير ڪري
مان لُڏان پنهنجي وَرَ گهَرَ سان.
اَرگُ ڏيان ڪـڙي تـڙي. يـــا
اُپـرُ چنـڊرا، ڪنهنبا ويس ڪري،
آيون توڏي ڪلسا ويس ڪري. يـــا
ٽيجري ماتا مان ڪڏ چڙهي ارگُ ڏيان
منهنجو ڪَرِتون سويکار،
مان ڪرين نمسڪار.
يا گڻيش چوٿِ ڏينهن چئون :-
چوٿِ منگل واري،
مان ٿي اَرگُ ڏيانءِ،
منهنجي آش پُڄائڻ واري.
سانوڻ کان پوءِ بڊي کي سِراڌن جي ڪري اَهمِيَتَ آهي. سِراڌ/شراڌ، شرڌا جونمونو آهن، جيڪا اَسان کي وڇڙي ويل آتمائن لاءِ آهي. بڊي جي مهني ۾ ئي مهالڪشميءَ جا سڳڙا، سورهن تَندُن، سورهن ڳنڍين وارا، سورهن ڏينهن لاءِ هٿڊ ۾ رنگي ٻڌون ۽ چوڙيون. مٽيءَ جو گهڙو پوڄا جي ٿاليءَ ۾ رکي، اُن مٿان گاهہ، اَکو ۽ سڳڙا رکون. اُن کانپوءِ اَسوءَ ۾ دسهڙو، ڏِياري ڪريون، هٽڙيءَ جي پوڄا ڪريون. مشعالن جي بدران ميلارا ٻاري راجا رام جي آجيان ڪريون. ڪتيءَ جي مهيني ۾ ڪتيءَ جي ڳيارس ۽ گرونانڪ جو جنم بہ پنهنجي سنڌي نموني ۾ ملهايون. پوهہ ۾ لال لوئي اُترائڻ، مانگهہ ۾ مَهاشوراتري ملاهيون ۽ ڦڳڻ ۾ هولي. هيءَ اسان جي سيبتا جي تصوير آهي. پر صرف اِهائي نہ. جمڻ کان مرڻ تائين سڀن سان اسانجي سيبتا آهن جيڪا اَسان ۾ سمايل آهي. الڳہ ڪرڻ سان الڳہ نہ ٿيندي، وسارڻ سان نہ وِسرندي ۽ اهائي سِنڌيت آهي.

❖❖❖❖

تو ته اهو ڪرم ڪجھ نرالو ٿي وڃي ٿو. تيل ۾ ٻتيءَ سان گڏ جڏهن جوت جو ميل ٿئي ٿو ته روشني پيدا ٿئي ٿي. ڪرم سان جيسين وڪرم نه ٿو ملي تيسين اهو ڪورو ڪرم جڙ آهي چيتن نه آهي.

ڪرم سان جيڪڏهن وڪرم جو ميل ملي وڃي ٿو ته طاقت ڦاٽ ڪائي نڪري ٿي ۾ اُن مان اڪرم پيدا ٿئي ٿو. جيئن ڪاٺي ٻرڻ ڪانپوءِ رک ٿيو پوي، يعنيٖ ڪجھ به نه بچي.

هاڻي ڪرم ۾ وِڪرم وجهڻ سان اَڪرم ٿئي ٿو. اِن جو مطلب ڇا ؟ اِن جو مطلب اِهو آهي ته اِئين معلوم ئي نه ٿو ٿئي ته ڪو ڪرم ڪيو ويو آهي. ان ڪرم جو بوجو معلوم نه ٿو ٿئي. اِئين ڪندي به اڪرتا ٿجي ٿو. اِئين ڪندي جي توهين چاهي جيترا به ڪرم ڪريو ته به انجو بار يا بوجو محسوس نه ٿيندو. من شانت تيجسوي ۾ اِستر رهندو. ڪرم ۾ وِڪرم وِجهڻ سان اهو اَڪرم ٿي وڃي ٿو.

هيءَ ڪرم مان اَڪرم ڪيئن ٿئي ٿو؟ هيءَ ڪلا ڪنهن وٽان ملندي؟ سنتن وٽان. سنتن وٽ وڃي ويهو ۾ انهن کان سکيا وٺو. ڪرم مان اَڪرم ڪيئن ٿيندو آهي انجو بيان ڪري نٿو سگهجي. انجو صحيح ويچار ڪرڻ لاءِ ته سنتن وٽ وڃڻ گهرجي. سنت ته هزارين ڪرم ڪندي رتيءَ جيتري ڏک جي لهر پنهنجي مانسرُوَرَ ۾ اُٿڻ نٿا ڏين. هيءَ خوبي سنت سماگم ڪرڻ بنان سمجھ ۾ نٿي اچي سگهي.

اڄوڪي زماني ۾ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ پستڪ تمام گهڻا ٿي پيا آهن. گُرَن جي به ڪمي ڪانه آهي. سکيا به سستي ۾ سرل آهي. وشو وديالبه ته ڇڻ گيان جي خيرات ورهائي رهيا آهن. مگر گيان روپي امرت پوڇڻ جي اوڳرائي، ڪنهن کي به نٿي اچي. انگريزيءَ ۾ هر سال پنجاهه هزار پستڪ نوان تيار ٿين ٿا. گيان جي ايتري ڦهلاءُ هوندي به انسان جو دماغ ڪيئن نه هيل تائين ڪوڪلو رهيو آهي ؟ ڪو چوي ٿو حافظو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪو چوي ٿو ايڪاگرتا نٿي ملي. ڪو چوي ٿو ته ويچار ڪرڻ جي فرصت ئي نٿي ملي. اِن ڪري ٻڌڻ ۾ پڙهڻ بند ڪري هاڻي سنتن جي شرن وٺون. اتي اسانکي جيون گرنٿ پڙهڻ لاءِ ملندو. اتي سنتن جا وچن ٻڌي اسين نرشنڪامبه ٿي ويندا سين. اتي وڃڻ سان معلوم ٿيندو ته لڳاتار شيوا ڪرم ڪندي به من کهڙو نه شانت رهي ٿو.

اِئين ڪرمن جون ڪڙيون، سنتن جي سنگ ۾ واڇينديون، 'پروس' صاحب فرمائين ٿا ته پونڌءِ جاڻ گيان - ڌيان - ويراڳ جي.

سنتن جي سنگ ۾ ڪرم جو گيان پراپت ڪري، ڪرمي ٿي من جي ايڪاگرتا حاصل ڪري - ڌيان ۾ پهچي وڃو ۾ اهڙو اڪرمي درجو ئي سنياس يا ويراڳ، يعني اُتم ۾ اعليٰ درجو حاصل ڪري وٺو.

❖❖❖❖

هو. مان اڳتي هلندو رهيس. اڳتي هلي ڏٺم ته هڪ ٻيو مزور هڪ ملول مرجهايل ۽ ٿڪل منهن سان پٿر ٿاڪي رهيو هو. وري به مان رهي نه سگهيس ۽ هن کان به ساڳيو سوال ڪري ويٺس. هن چيو سائين پٿر ٿاڪي ٻچن لاءِ روزي ڪمائي رهيو آهيان. مون دل ۾ چيو ويچارو ڳالهه ته برابر ڪري رهيو آهي. پر منهنجي حسرت پوري ڪانه ٿي. سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته آخر هي پٿر ڇو ٿاڪي رهيا آهن؟ ٿي ڇا رهيو آهي؟ ائين مان اڃا ڪجهه اڳتي نڪري ويس. نيٺ هڪ مزور وٽ وڃي روڪجي ويس. هي پيارو ڪو گيت گنگنائي رهيو هو ۽ ان گيت جي تال ۽ لئه سان پنهنجي هٿوڙي سان تال ملائي ساري شرير سان ڄڻ مستيءَ ۾ مگهن ٿي پٿر ٿاڪي رهيو هو. هن جي منهن مان آنند جون لهرون نڪري رهيون هيون جي مونکي پڻ آنند سان ڀري پيئون ڇڏن. مون کان رهيو نه ٿيو ۽ ڪائنس پڻ ساڳيو سوال پڇيو. هن پياري پنهنجو مشڪندڙ آنند مئه منهن مٿي ڪري چيو ته سائين مان ته ڀڳوان جو مندر ٺاهي رهيو آهيان. پڪ ئي هن پياري جي ٻاهرئين ڪرم سان اندرئين من جو ميلاپ هئو ۽ هي ڪرم چٽ شڌيءَ سان ڀريل وڪرم ئي هو.

اڄ جي ماڻهو لوڪ سيوا ڪنتا، اُهي سوَ ڌرم جو ئي آچرڻ ڪن ٿا. جڏهن لوڪ غريب، ڪنگال، ڏکي ۽ مصيبت ۾ آهن تڏهن انهن جي شيوا ڪري انهن کي سُکي بڻائڻ اسانجو سياويڪ ڌرم آهي. مگر ان مان اهو انومان نه ڪڍڻ گهرجي ته جيڪي به ماڻهو لوڪ شيوا ڪن ٿا سي سڀ ڪرم يوگي آهن. لوڪ شيوا ڪندي جي من ۾ شڌ ڀاونا نه هوندي ته امڪان آهي ته اُها لوڪ شيوا ڀيانڪ روپ اختيار ڪري. پنهنجي ڪٽنب جي شيوا ڪندي اسان ۾ جيترو اهنڪار، جيتري ڪاوڙ، جيترو غصو، جيترو سوارٿ وغيره وڪار ٿا پئدا ٿين، اوترائي سڀ وڪار لوڪ شيوا ۾ به پئدا ٿين ٿا، ۽ انجو ظاهر ظهور روپ اسانکي اڄ ڪالهه جي لوڪ شيوا سنستائن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڪرم سان گڏ من جو ميل هئڻ گهرجي. هن من جي ميلاپ کي ئي وڪرم چئجي ٿو. ٻاهريون ڪرم يعني رواجي ڪرم ۽ هي اندريون دل جو ملائڻ وارو ڪرم، يعني خاص ڪرم. جيڪڏهن ٻاهرين ڪرم ۾ هردي جو ساٿ نه رهيو ته اسانجو سوَ ڌرم آچرڻ رُکو سُکو رهجي ويندو. ان ۾ نشڪامتا روپي گل ڦل نه لڳندا. فرض ڪريو ته اسان ڪنهن مريض جي شيوا ٽهل شروع ڪريون ٿا. مگر ان شيوا ڪرڻ سان گڏ جي من ۾ ڪومل ديا ڀاوَ نه هوندو ته اِها مريض جي شيوا ٻي جسي معلوم ٿيندي ۽ ان مان دل بيزار ٿي پوندي. اها هڪ بار محسوس ٿيندي. روڳيءَ کي به اِها شيوا بار محسوس ٿيندي. ان ۾ جي من جو سهڪار نه هوندو ته ان مان اهنڪار پئدا ٿيندو. ڪرم سان گڏ جڏهن اندروني ميل ٿي وڃي

هن هِندي، گجراتي، اُردو ۽ ٿوري گهڻي اَنگريزي پڙهڻ سِکي ورتي. اَهڙيءَ ريتِ قُدرتَ جي کُلِئي اِسڪوُل مان آزموُدو پِرائي، هن اِيتري تعليم حاصل ڪئي، جو هوُ ساهِتِڪ زندگيءَ سفر سَوَلائيءَ سان طيءِ ڪري سگهي.

جهوُني وقتَ جي پَرَمپَرا موُجِب، هريءَ چوڏهن ورهيَنِ جي ننڍي ڄمار ۾ ١٩٤٥ع ۾ ڪوشليا نالي هڪ ڪنيا سان شادي ڪئي. شاديءَ کان اَڳُ ئي، هردوار ۾ رهندي، هُنجي پريتِ اُتي رهندڙ ڪنهن ڪنيا سان ٿي ويئي هُئي. اِن ڪري هري پنهنجي پتنيءَ کي پورو پيارُ ڏيئي نہ سگهيو. پيارَ جي اُن ڪميءَ سندس پتنيءَ کي چيراڪ ۽ تِکي سُڀاءَ وارو بڻائي ڇڏيو. تنهن ڪري هريءَ جي گهروُ زِندگي سُکَ چيَنَ واري ڪينَ گذري. باوَجوُد اِن جي، هري پنهنجو فرض نِباهيندو رهيو. شايد گهرَ جي اَهڙي ماحول ڪري ئي سندس لاڙو ساهِتَ ڏانهن وڌيو.

شريِ هري موٽواڻيءَ کي ننڍي هوندي کان ئي ساهِتَ سان شوق هو. ڏهن سالن جي عمرِ کان ئي هن کي جاسوُسي ناوِلَ پڙهڻ جي چوُسَ پئي. ڪيترا جاسوُسي ڪتابَ پڙهي پوُرا ڪيائين. هِڪَ دفعي هن پنگتي ناوِل پڙهيو جنهن سندس آيياسَ جي رُخَ کي بدلائي ڇڏيو. اُهو هو شرت چندر جو ناول 'آخرين اِلتجا' اُن ناول هن جي زندگيءَ تي گهرو اثر ڪيو. شرت چندر جو هو قائل بڻجي پيو. سچي شرت ساهتيہ جو گهرائيءَ سان ابياس ڪيائين. ساهتيڪ ذوق وڌڻ ڪري هُن ٻيا بہ ڪيترا ئي ڪتاب پڙهيا ۽ ساهت جو شيدائي بڻجي پيو.

ورهاڱي بعد هوُ بمبئيءَ جي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهيا. بمبئيءَ جي ادبي ماحول ۾ سندس ساهت جو شوق وڌيو. ١٩٥١ع ۾ هُن جي دوستي جيوَت چاولا سان ٿي. پوءِ ديوداس موٽواڻيءَ ۽ سگن آهوجا جي صُحبت ۾ آيو. سگن آهوجا تہ فن جي باريڪين بابت سندس رهنُمائي بہ ڪئي هئي. ١٩٦٠ ۾ جڏهن هُن ساهتڪ مخزن 'ڪونج' دوستن جي مدد سان شروع ڪئي تہ اُن جو سمپادن ڪاريہ موهن ڪلپنا ۽ سندس ڪي ٻيا دوست سنڀاليندا هئا. پوءِ ڪِن ڪارڻن ڪري جڏهن سمپادڪي جوابداري هُن پاڻ تي هموار ڪئي تہ ڪِن ليکڪ دوستن اعتراض اُٿاريو تہ هري موٽواڻي خود ليکڪ ڪونهي. اِها ڳالهہ هري موٽواڻيءَ جي دل ۾ چڀي ويئي. تنهن ڪري دوستن جي اِها للڪار قبولي، سٺو ليکڪ بڻجڻ جي عقيدي سان، هوُ ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ لڳو. سندس لڳن نيٺ رنگ لاتو. هن هڪ ڪهاڻي 'تڙي پار' نالي ١٩٦١ ۾ لکي ورتي جا ادبي ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايائين. سڀني کي ڪهاڻي بيحد وڻي. اِن ريت اُتساهہ حاصل ڪري هري موٽواڻيءَ لکڻ شروع ڪيو. 'تڙي پار' سندس

شري هري موٽواڻي 'سِنڌي'

منوهر نهالاڻي

سمپادن ڪاريه ڪندي ۽ ليک لکندي يعني سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ سان گڏ ڪو سٺو اديب ٻٽيو آهي ته اُهو آهي شري هري موٽواڻي. هري سٺو ڪهاڻيڪار، مضمون نِگار ۽ ناول نويس آهي. سندس پورو نالو آهي هري نارائڻ سنگهه موٽواڻي ''سنڌي''. سندس جنم سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ نومبر ۱۹۲۹ع ۾ موٽواڻي خاندان ۾ ٿيو. ننڍي هوندي هريءَ کي ناني گودِ ورتو هو تنهن ڪري هو هري شيوارام موٽواڻي سڏائيندو آهي. هري قد جو پورو سارو ۽ بدن جو جانٺو، شڪل جو ٺاهوڪو آهي. سندس چهري تي ڏاڙهي دَرويش هئَڻ جي ساکَ تي پري. گهرُ گرهستي هلائڻ لاءِ هُن پهرين ڪپڙي جو ۽ پوءِ بمبئيءَ ۾ مِنائي ۽ چهري مال جو ڌنڌو ڪيو. اَٽڪل ۳٦ سالن کان ساهتِڪ شيوا ۾ لڳلُ آهي.

هريءَ جا وڏا اصل خيرپور ميرس جي لُقمان نالي ڳوٺَ جا هئا. اُتي ڪين جنديءَ جي ڪم جو ڪارخانو هوندو هو. بعد ۾ هريءَ جو ڏاڏو لاڙڪاڻي گهمڻ ويو ته اُهو اَهڙو ته وڻي وِيُسِ جو ڪُٽنبُ وٺي اُتي وڃي رهيو. لاڙڪاڻي ۾ هو اَناج ۽ ڪير ڏڌ جو ڌنڌو ڪندا هئا. هري موٽواڻيءَ جي ناني جو ڪپڙي جو ڪاروبار هردوار ۾ هو ۽ سندس ڏاڏاڻو پرِيوار لاڙڪاڻي ۾ رهِيَلُ هو. تنهن ڪري ننڍي اَوَستا ۾ ئي هري ڪڏهن لاڙڪاڻي ته ڪڏهن هردوار وڃي رهندو هو. اَهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي کان هردوار ۽ هردوار کان لاڙڪاڻي چَڪر ڪاٽڻ ڪري سندس پڙهائيءَ جو سِلسِلو قائم رهي نه سگهيو. چاهيندي به هوُ لاڙڪاڻي جي دڙي محلي جي اِسڪول ۾ ۱۹۴۳ع ڌاري فقط چار درجا پڙهي سگهيو ۽ وڌيڪ تعليم حاصِل ڪري نه سگهيو تنهنجو اَرمان کيس هميشه رهندو آهي. اِيترو ضرور آهي ته هو ڪجهه وقتُ راتريِ پانشالائُن ۾ گرمُکي ۽ سِنڌي هٽائي سِکيو. گُرمُکي سِکڻَ ڪري هِندي سِکڻ ۾ کيسِ ڏکيائي نه ٿي. جدا جدا شهرن ۽ ماڻهن سان واسطو پَوَڻَ ڪري



نالو	:	منوهر نهالاڻي
جنم، تاريخ	:	مِنياڻي ڳوٺ، ضلع نَواب شاه، سِنڌ
ڇپايل ڪتاب	:	تو بن زندگي اَڌوري اَڌوُري؛ سِنڌي ساهت جا سِتارا؛ سِنڌيءَ جا اعليٰ اَديبَ؛ ۽ ترجمو ڪيل ڪِتابَ.
انعام	:	سينٽرل هِندي ڊائرَيڪٽوريٽ دهلي ۽ گجرات سِنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان - پنج اِنعام
پيشو	:	اَڌياپڪُ (سيوا نِورت)
پتو	:	A-۱۰٦، سردار نگر، اَحمداباد - ۳۸۲۴۲۵

شويا سان سندس پريت جو پيچ اٽڪجي ٿو. ليکڪ سماج جي اصلي ڇهرن کي ڪلپنا جو رنگ ڏيئي پيش ڪيو آهي. اُن ۾ هو پوريءَ طرح ڪامياب ويو آهي. پر سنڌين کي ڪيترين حالتن ۾ جلاوطنيءَ جو احساس ٿيو آهي، اُن کي هو پوريءَ طرح اُڀاري نہ سگهيو آهي. ناول جي سڄي ڪٿا فليش بئڪ ۾ هلي ٿي. ناول جو نائڪ اِسپتال جي بستري تي پيو آهي، يادگيرين جي گهيري ۾ ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي.. هڪ ٻئي پٺيان گهٽنائون ٿينديون وڃن ٿيون. موهن گهايل ٿي مارواڙيءَ جي مدد سان اِسپتال داخل ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ ڪهاڻي اثرائتي نموني ساڳئي هنڌ پوري ٿئي ٿي. ٻولي پڪي پختي ۽ نين تشبيهن سان پرپور ڪم آندل آهي.

سنڌي ساهت جي وِڪاس ۾ 'ڪونج' هري موٽواڻيءَ جي مخزن جو اهم يوگدان آهي. هِن مخزن ئي ساهتيڪارن جي فن کي اُسرڻ جا موقعا ميسر ڪري ڏنا. نئون ساهت لکندڙن لاءِ اهڙي ڪا مخزن ڪونہ هئي جيڪا نئون ساهت ڇپي ۽ کين همٿائي. 'نئين دنيا' فقط ترقي پسند ليکڪن جون رچنائون ڇپيندي هئي. ٻي مخزن جي ضرورت کي محسوس ڪري سڳن آهوجا ۽ جيوَت چاولا جي همت افزائيءَ پائي هريءَ 'ڪونج' مخزن جو پهريون پرچو ڊسمبر ١٩٦٠ ۾ ڪڍيو. ڪونج ادبي رسالي وسيلي ڪيترا ئي نوان ليکڪ اُڀريا آهن ۽ مشهور ليکڪن نيون منزلون تلاشيون آهن. مخزن جو ايڊيٽر پهرين موهن ڪلپنا ۽ سائي گنو سامتاڻي ۽ راجن چاولا هئا. پر پوءِ ڪن پرچن بعد ئي سمپادڪيءَ جي جوابداري هريءَ پاڻ تي هموار ڪئي. شروعاتي دوَر ۾ ترقي پسنديءَ خلاف نئين ڌارا رومانوادي ڌارا جو گهڻو اثر رهيو. پر پوءِ آهستي . آهستي ڪونج رومانوادين ۽ ماڊرن ليکڪن سان گڏ ترقي پسند ليکڪن جي بہ پنهنجي مخزن بڻجي پيئي. سچ تہ هري سنڌي تهذيب جو شيدائي آهي تنهن ڪري هر دوَر جي ليکڪن کي هُن پنهنجي مخزن ۾ هڪ جهڙا حق ڏنا. 'ڪونج' ئي آهي جنهن سنڌي پاڪن کي وڏن وڏن ساهتيڪارن سان سڃاڻپ جو وجهہ ميسر ڪري ڏنو. هڪ دفعي ڪنهن دُڪان تي برک هندي ليکڪ جو شخصيات پرچو ڏسي موٽواڻيءَ کي خيال آيو تہ ڪونج ذريعي زنده ليکڪن جا اهڙا پرچا ڪڍي سنڌي ليکڪن جو قدر ڪجي. اُن سلسلي ۾ شروعات ايم. يو. ملڪاڻيءَ سان ڪيائين ۽ پوءِ نارائڻ شيام، ليکراج عزيز وغيره تي پرچا ڪڍندي هيل توڻين ڇوڏهن 'خاص پرچا' ڪڍيا اٿائين. انهن ۾ بہ ٽنهي پيڙهين جا ليکڪ ۽ شاعر آيل آهن. اِن قسم جي قدر شناسيءَ واري پرمپرا 'ڪونج' ئي شروع ڪئي.

ساهتڪ تجربن جي سلسلي ۾

پهرين ڪهاڻي هئي جيڪا پوءِ ’ڪونج‘ رسالي ۾ ڇپي هئي. اهڙيءَ طرح هُن جي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪهاڻي لکڻ سان ٿي.

جڏهن هري موٽواڻيءَ لکڻ شروع ڪيو تڏهن ادب ۾ ترقي پسند ماحول هو. ڌرم ۽ مذهب جي نالي تي ڀارت جو ورهاڱو ٿيو هو. ٻنهي فرقن جي وچ ۾ نفاق هو. ڪانگريس جي راڄ هوندي ڪن پرانتن ۾ ڪميونسٽ حڪومت هئي. سنڌين جون سماجڪ حالتون آهستي آهستي بهتر ٿي رهيون هيون. مگر پنهنجي زمين کان ڌار ٿيڻ جو درد دلين ۾ سمايل هون. هر هڪ ليکڪ ڪنهن نہ ڪنهن ليکڪ يا ليکڪن کان متاثر ٿيو آهي، هن تي بہ بنگال جي شرت چندر چٽرجيءَ جي ناولن ۽ اُنهن جي ڪردارن جو گهرو اثر پيو آهي. سنڌيءَ جي ليکڪن ۾ خاص طور موهن ڪلپنا، ديوداس موٽواڻي ۽ سڳن آهوجا جو سندس رچنائن تي اثر رهيو آهي، جن جي صحبت ۾ هُن گهڻو ڪجهہ ڄاتو ۽ پاتو. اهڙيءَ طرح ترقي پسند دوُر کان وٺي سنڌيءَ جي نون دوُر تائين هر دوُر جي ليکڪن جي ويچارن جو مجموعي اثر هنجي رچنائن ۾ نظر اچي ٿو.

ڪهاڻيون لکندي لکندي هري موٽواڻيءَ سٺن ڪهاڻيڪارن ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي آهي. سندس ڪهاڻيون سنڌو، ڪونج، مرڪ، نذرانو ۽ ڪن ٻين مخزنن ۾ ڇپيون شايع ٿيون آهن. هيل تائين سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا شايع ٿي چڪا آهن: (١) هڪ لهر (١٩٧٥)، (٢) ڏرتي (١٩٨٣)، (٣) خوددار (١٩٩١) ۽ (٤) اڇا وار - ڪارا ڀونوَر (١٩٩٤). تنهن کانسواءِ سندس چار ناول (١) ابو (١٩٨٨)، (٢) آجهو (١٩٩٠)، (٣) پاڇيارا پکي (١٩٩٣)، ۽ (٤) ٻاهر نڪرڻ جو رستو (١٩٩٥). سنڌ مان گهمي اچڻ کانپوءِ لکيل سفرنامو ’جڙيل جن سان جند‘ (١٩٨٨) ۽ آتمڪٿا ’آخري پنا‘ (١٩٩٧) پڻ شايع ٿيل آهن.

ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ڪيس سندس ناول ’آجهو‘ تي اِنعام عطا ڪيو ويو. ’آجهو‘ ڪونج پبليڪيشن، بمبئيءَ دوارا ڇپايل ڀارت ۾ سنڌين جي پنرواس تي لکيل ناول آهي، جنهن ۾ سنڌين جي آجهي ۽ روزگار لاءِ پتڪاءُ واري حالت جو چٽر چٽيو ويو آهي. هري موٽواڻيءَ جيون ۾ پتڪي جيڪو حاصل ڪيو آهي پنهنجي اُن انڀوَ کي قلم دوارا اِظهاريو آهي. سنڌي پاڻ کي ٿانئيڪو ڪرڻ لاءِ ڪيئن ٿا ڪشمڪش واري جيوت گهارين. ناول جو نائڪ موهن، آدرشوادي، خوددار شخص آهي. شروعات ۾ ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ ڪم ڪندڙ ڏيکاريو ٿو وڃي. اُن کانپوءِ هنجي ڪردارنگاريءَ ۾ حيرت انگيز تبديل ايندي ٿي وڃي. اِن دوُران ڪاليج جي هڪ نازڪ ڪماري


ٻنيءَ ۾ شاهه ڀٽائيءَ جو هڪ ادب

ڇيتو لالواڻي

شاهه لطيف دنيا جي اعليٰ شاعرن مان هڪ آهي. شاهه جو رسالو سنڌي زبان جو بي-بها ۽ اَملهه خزانو آهي. هي شاهڪار پستڪ جو نج ۽ خوشگوار ٻوليءَ ۾ لکيل آهي سو اِئين آهي جيئن روميءَ جي مثنوي فارسيءَ ۾. شاهه جي سموري ڪلام ۾ ٻوليءَ جو زور ۽ رواني قائم آهي. ڀٽائيءَ جو ڪلام شفاف ۽ نرمل جل جي چشمي مثل آهي. ڀٽائيءَ جو ميغام سڄي دنيا لاءِ ڪشش آهي ۽ سنڌس پيغام ۽ فلسفو سيني حدن ۽ سرحدن کان مٿي آهي. شاهه جو ڪلام محب وطن جو پيغام ڏئي ٿو. هن جو پيغام غريبن، ڪڙمين، ڪاريگرن، لوهرن، عام اِنسان لاءِ آهي. شاهه سيني قومن ۽ سيني وقتن جي شاعرن جو سرتاج شاعر آهي اِن چوڻ ۾ ڪو ٻه وڌاءُ نه ٿيندو.

ڇيو ويندو آهي ته جواهر پاڻ ٻه سونهن واري شيءَ آهي پر سون ۾ مڙهجڻ تي اِهو اڃا کان وڌيڪ سهڻو ٿي پوي. ساڳي ڳالهه پٽ شاهه سان ٻه آهي. سنڌس شاهاڻي تاب اڳيان ٻيا سمورا ٽمڪندڙ تارا گم ٿي ويا آهن. شاهه جو ڪلام پڙهڻ کان وڌيڪ ڳايو ويو آهي. ڇيو وڃي ٿو ته شاهه صاحب جا ڪيترا اصل بيتن مان گهٽا وڃائجي ويا آهن.

شاهه صاحب نظاميءَ جيان روماني شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جڏهن هو پنهنجين ستن سورمين سهڻي، سسئي، ماروئي، مومل، ليلا، نوري ۽ سورٺ (جي سنڌس فن جا مختلف رخ آهن) کي ميناج ۽ سُر سان ڳائي ٿو تڏهن تصور جي اهڙين بلندين کي وڃيو پهچي جو ماڻهو حيرت ۾ پئجيو وڃن. حقيقت ۾ اِهي سورميون نظاميءَ جي ''خفت پيڪر'' ۽ شيڪسپئر جي سورمين کان وڌيڪ سڀاڄهيون ۽ زيبائتيون آهن. پر جتي شيڪسپئر ۽ نظاميءَ جي سورمين بابت سڄي دنيا ڄاڻي ٿي اُتي شاهه جون سورميون اڃا ٿائين ڪڇ، ڪاٺياواڙ، سوراشٽر جي علائقن تائين پهتيون آهن. اَڄُ شاهه جي سورمين سنڌي ڪڇي لوڪ ادب ۾ اهميت ڀريو آستان حاصل ڪيو آهي. ۽ اُنهن ڪانسواءِ ڪڇ، سوراشٽر، ڪاٺياواڙ جو لوڪ ادب ڇڙڪ ڦِڪو ۽ اَڌوُرو



نالو	:	ڇيلو لالواڻي (Ph.D , B.Ed, M.A)
جنم، تاريخ	:	ڪنڍيارو، ضلع نواب شاهه. ٨-٣-١٩٤٥ع
ڇپايل ڪتاب	:	سِنڌيءَ ۾ ١٥، هِنديءَ ۾ ٢، گُجراتيءَ ۾ ٦، اَنُوادَ ١٠
		گجرات سرڪار طرفان ١٥ اِنعامَ. سينٽرل هِندي ڊائريڪٽوريٽ-هِڪُ
انعام	:	'حادثا' ناٽڪ تي هِڪُ؛ 'ڪُٽنبي صحت' تي ڀارت سرڪار طرفان.
پيشو	:	اَسِسٽنٽ رجسٽرار، گجرات سِنڌي/هِندي ساهتيہ اڪادمي
پتو	:	31/1 New G. Ward Kubernagar Ahmedabad -382340

جو تواريخي رول رهيو آهي. نارائڻ شيام جا هائيڪو پهريون ڀيرو ڪونج ۾ ڇپيا. سهڪاري ناول لکڻ جي اسڪيم بہ ڪونج شروع ڪئي جنهن ۾ هر پيڙهيءَ جي ليکڪن ڀرو ورتو. ڪونج مخزن ڪانسواءِ هن ڪونج پبليڪيشن پڻ شروع ڪئي. جنهن جي هيٺ ساهت جي هر شاخ تي انڪل هڪ سؤ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا اٿائين. مکيہ آهن: سنڌي نثر جي تاريخ، پيار جي پياس، منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق، اُها شام وغيره. اهڙن انن ڪتابن کي ساهت اڪاڊمي اِنعام بہ ملي چڪو آهي.. پني جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا آهن، ڇپائي مهانگي ٿي ويئي آهي، تنهن هوندي ڪونج مخزن نيمائتي نڪري رهي آهي، اُهو سندس ڪوشش جو پرتاپ آهي. سندس محنت ۽ صادق جذبو داد جي لائق آهي. ڪلا جي کيتر ۾ بہ سندس يوگدان رهيو آهي. هن صاحب گورڌن ڀارتيءَ جي صلاح سان هڪ سنڌي فلم 'هوجمالو' پروڊيوس ڪئي هئي. جنهن ۾ جنگ جي وقت سنڌين جي قربانين جو ذڪر آهي. پروڊيوسر ٿيڻ جو شوق ڪيس ڪافي مهانگو پيو. تنهن ڪانپوءِ بہ جذباتي هٺ ڪري وري هيمون ڪالاڻيءَ جي جيون تي فلم اعلان ڪئي اٿائين. ڪونج ٿيئٽر جي بہ شروعات ڪيائين. جنهن پاران پهريون ناٽڪ ''ننڊ نہ ڪر نادان'' پيش ڪيو ويو پر پوءِ هن پاڻ محسوس ڪيو تہ ساهت ۽ ڪلا جي شوق سان هڪ ئي وقت نڀاهڻ ڏکيو آهي. تنهن ڪري هئي ڳالهيون ڇڏي هاڻي سمپورڻ ريت هن پاڻ کي ساهت سان جوڙيل رکيو آهي.

ساهت اڪاڊميءَ ڪانسواءِ کيس ڪي ٻيا اِنعام بہ عطا ٿيا آهن. پهريون خانگي اِنعام پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سنستا پاران ١٩٩٣ ۾ مليو. اُن ڪانسواءِ شرت چندر چٽرجي سؤ سالا جلسي ۾، شرت چندر تي خاص پرچو شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ قدر شناسيءَ طور کيس شرت چندر جي خاص ٽرافي عطا ڪئي ويئي. سنڌي ساهت جي آئينده بابت هيءَ آشاوادي آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ''ٻاهر بلاشڪ تہ اونده ڦهلجي وڃي، منهنجي من ۾ مگر ڏياٽيون ٻرنديون رهنديون.''

بهرحال مان هري موٽواڻيءَ کي مقبول ليکڪ تسليم ڪريان ٿو ۽ اُميد ٿو ڪريان تہ هو صاحب صحتمند ساهتيہ جو سرجن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج جي شيوا ڪندو رهندو. سنڌي ساهت ۾ سندس مخزن ''ڪونج'' جو رول اهميت وارو آهي. نامديو جي لفظن ۾ ''هري موٽواڻي ''سنڌي'' ڪجهہ بہ نہ لکي ها، پوءِ بہ سنڌي ساهت ۾ ''ڪونج'' سندس شخصيت جي ساک لاءِ، شاهي شخصيات پرچو گهرڻ جي قابل آهي.''

❖❖❖❖

شاهه صاحب ڪڇ ۾ ٽي ڀيرا ڪيا. اِن ڪري هُنَ ڪڇ کي به اصل ڪونه وساريو. برسات جي مند ۾ ڪي ڪکر اچي ڪڇ تي به وسڪارو ڪن ٿا، اُنهن جو ذڪر ڪندي شاهه سائين چوي ٿو :-

”موٽي مانڊاڻن جي واري ڪيائين وارو،
وڄون وَسڻ آئيون، چوڌس چوڏار،
ڪنهن جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير پڪار،
ڪنهن ڀڄ ڀڃائيو، ڪنهن ڍٽ مَٿي ڪئي ڍار،
ڪنهن اچي عمرڪوٽ جا وسايا ولهار،
سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“

جکرو سنڌ جي راجائي ڪل اوڍي جو سُپاتر ۽ هوٿل پدمڻيءَ جي جگر جو ٽڪرو هئو. اُن لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :-

”جکرو جس ڪرو، ٻئا سڀ ڪريل خان،
مِٿي اِنَ مڪانَ، اصل هئي ايتري.
جکرا جئين شال، تنهنجو ڪَنين مَندو مَ سُڻا
جو تو اچي ڪالهه، نالائقَ نوازيا“

شاهه صاحب جکري جي پيڻ ’سکر‘ کي به نه وساريو آهي :-

”سونهن وڃايم سومرا، سک جهڙي سونهن،
دل ۾ دکيم دونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو“

نارائڻ سروور ڪڇ جي اولهه طرف لکپت تعلقي ۾ پراڻو تيرٿ آستان آهي. هن مندر ۾ لڪشمي نارائڻ، آدي نارائڻ، گووَرڌن ناٿ، دواراڪاناٿ، مهالڪشمي وغيره جون مورتيون رکيل آهن. شاهه صاحب جوڳين سان گڏ هِن پوتر جڳهه تي زيارت ڪرڻ ويو هو. هن کي نارائڻ سروور ايترو ته ياد هو جو اُن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي هڪ ڪلام ۾ ڪيو آهي.

”منجهئين بابو بکيا، منجهئين نارائڻ سر
بستي ڏور ۾ بر، تون خود آهين تکيو“ (1)

سنڌ جو سيلاني ڀٽائي گهوٽ ڪوٽيشور جي زيارت لاءِ پڻ ڪَهي ويو هو. اُتي جوڳين ۽ پيوتين جي حالت اهڙي ته وٽيس جو چيائين :

”اوڏو آهي الله، ڪوٽيسر جي ڪنڌ ۾“ (2)

’املهه اڻتوريا‘ ۾ ڏنل شاهه جا ڪجهه بيت هن ريت آهن :

١. ٿر گجيو، بر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واهه تِنين جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.
٢. ڪو جو وَريو واءُ، واس وٿاڻن ڇڏيو،
گهوريو گهوري ساهُه، مٿان ساهڙ جنڊڙو
٣. ساهڙ ڏاران ساهُه، رهي نه رتيءَ جيترو،
مونکي محمد مهار جو، گهت منجهان ران گهاءُ،
اونهو وڃي اوڙاهه، ڪين ٻڌندين ڪڏهن.
٤. پانڌي ڀڄ پرينءَ کي، قدم پير ڌري،
پنهون پيرَ ڀري، ڌرِجه جناز جبل تي.

ڪڇ ۾ برسات جي ڏاڍي اَهمِيَتَ ۽ ضرورتَ آهي. جڏهن برسات وسي، تڏهن سڄو ڪڇ خوشيُن ۾ جهومَڻَ لڳندو آهي. اَهڙو ئي هِڪُ سمو هو. ٻنيءَ جي هڪ ڳوٺ ۾ ڪچهري چالو هئي ۽ اچانڪ اَچي برسات وسي. بس جيئَن ئي مينهن وسيو، ڀونگي ۾ وينل سڀُ جَتَ وني ڀڳا پنهنجن گهرن ڏانهن. عجيب

(1) رسالو شاهه عبداللطيف (سُر رام ڪلي)
(2) جئه ڪوٽيشور - سومدت ناٿاڻي (ڪانڌي ڏام)

آهي. شاهه صاحب سنڌ جو سرتاج شاعر ته
آهي ئي پر گجراتي، ڪڇي اديبن شاهه
صاحب کي ڪڇ جي سنت ڪوين جو سرتاج
شاعر سڏيو آهي.

پٽ ڌڻي شاهه پڙ لس ٻيلي کان ٿيندو
ڪڇ پهتو. گوهر شريف جي پرسان پٽ
ڌڻيءَ جي بيٺڪ آهي. ڪڇ ۾ خاص
ڪري ٻنيءَ ۾ ميڙن-ملاکڙن، ڪچهرين ۾
درگاهه تي شاهه صاحب جو راڳ ٿيندو آهي.
جت، سگهڙ ۽ ٻيا فقير شاهه صاحب جا سچا
شيدائي آهن. ڪڇ ۾ ڪيترا ئي پناڻي
سائينءَ جي ڪلام جا قلمي نسخا اڄ به
موجود آهن جن ۾ ڪيترو ڪلامُ اڃُ به، اڻ
-ڇپيل موجود آهي. نکتراڻا تعلقي جي
ٻنيءَ جي هڪ ڳوٺ تيدي پناري ۾ صاحب
عبدالله طلب ڌڻيءَ پرتو جت وٽ جيڪو
١٩١٥ع، هجري سنه ١٣٣٦ ۾ لکيلُ شاهه جي
رسالي جو قلمي دستخط آهي، اُن جي هڪ
ڪاپي دائود پوٽي وارا سنڌ ڪٽي ويا. اُن ۾
شاهه صاحب جا اندازي ١،٥٦٨٦١ بيت
درج ٿيل آهي. اُن رسالي تان ئي ڪجهه
وقت اڳي، سنڌ مان آيل ٽن فقيرن اٽڪل
به هزار کن نوان بيت ڪافيون ۽ وايون
اُتاري هڪ مجموعو شاهه عبداللطيف ڪلچرل
سوسائٽيءَ طرفان ڇپايو آهي، جنهن جو نالو
آهي '' اَمُله اڻتوريا''.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي ته
''لنڊن جي برٽش ميوزم ۾ رکيل شاهه جو
قلمي رسالو ۽ انڊيا آفيس ۾ رکيلُ ٻيو
قلمي نسخو، اهي ٻئي دستخط ڪڇ جي
پاسي جا آهن.'' عثمان راهمون، وينڻُ ڪوٺڙو
مڙه وارو، تعلقو لکپت، تنهن وٽ اهو قلمي
نسخو هو. ساڻ گڏ مولوي غلام مصطفيٰ
قاسمي، جنهن مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي
جي مرتب ٿيل شاهه جي رسالي جي تدوينَ ۾
ترتيبَ جو ڪم ڪيو آهي، اُن جو چوڻُ
آهي ته هن وقت شاهه صاحب جا قلمي
نسخا هِنَ ريت آهن :

١. گنج پٽ شاهه ٢. بلڙي ٣. احمدي،
٤. ابراهيم شاهه ٥. پيرُ مِل شاهه، ٦. جمعو
فقير ٧. فقير حسين ٨. خير محمد،
٩. سيد دوست علي شاهه، ١٠. رمضان جتُ،
١١. شير محمد شاهه، ١٢. مير علي احمد ٽالپر،
١٣. غلام تقي، ١٤. ماستر محمد قاسم،
١٥. محمد عمر کهڙو، ١٦. لونگَ فقير،
١٧. نوڙهو لنڊي (ڪڇ)، ١٨. مائي ملئي
نعمت، ١٩. مير عبدالحسين سانگي،
٢٠. مولوي احمد جتُ وغيره.

اِنهن مان ڪجهه قلمي نسخا ڪڇ
پاسي جا آهن. اِن ڳالهه تان اِهو اِندازو
لڳائي سگهجي ٿو ته ٻني، ڪڇ، سوراشٽر،
ڪاٺياواڙ ۾ شاهه صاحب ڪيترو نه نالو
ڪيو آهي ۽ هتان جي چارڻن، ڀٽن، فقيرن
۽ سگهڙن شاهه صاحب جي ڪلام کي ڪيترو
نه ڳاتو آهي. شاهه صاحب خود به ڪڇ جي
لوڪ ڪهاڻين لاکي ڦلاڻيءَ، سکر ۽ ڄکري
کي ڳايو آهي، سو به ڪڇ جي حُب، سِڪَ
۽ قربَ وچان. شاهه صاحب لاکي جي لکيءَ
گهوڙيءَ جو ذکر هِن ريت ڪيو آهي.

'' لاکو لکيءَ تي چڙهيو، لکي لاکي هيٺِ،
ڪندو ڏمر ڏيٺِ، سيان ساٽا سڀ ڪنهن.''

(رسالو ''نئين زندگي، جولاءِ ١٩٦٣، صفحو ١٩)

لاکي جو اوڏن لاءِ ڪافي پيار هو جنهن جو
ذکر شاهه صاحب هِنَ ريت ڪيو آهي :-

اَڏيو جو اوڏن، سو ڊنگر ڊِلو مَ ٿئي،
جني ويهي ڪن ليکو لاکي جام سين.

آرڪشڻ - راحت نه پر هڪ روڳ

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي


هن ديش ۾ هن وقت پينڪر جاتيواد ڦهليل آهي. ڪي اُونچ جاتيون آهن ته ڪي نيچ جاتيون. ڪي مٿي چڙهيل آهن ته ڪي هيٺ ڪِريل آهن. ڪي دلِت آهن ته ڪي پدَ-دَلت آهن.

ورتمان ڪال ۾ ڪي پد-دلت ۽ پڇڙي ورگ جا ٺيڪيدار آهن. اُهي چاهين ٿا ته جيڪي چڙهيل آهن اُنهن کي هٽائي اُنهن جي جڳهه تي پٺتي پيل جاتين جي ماڻهن کي وڏن پدن تي ويهاريو وڃي.

پٺتي پيل غريب پد-دلت سان ڪو به انياءُ نه ٿئي، ڪو به اَتياچارُ نه ٿئي، اِهو ڏسڻ شاسن جو پرم ڪرتويهُ آهي. پٺتي پيل کي اڳيان آڻجي، اها به نهايت سُٺي ڳالهه آهي. ليڪن هڪ کي اڳيان آڻڻ لاءِ ٻئي سان بي انصافي ڪجي، اِها به صحيح ڳالهه نه آهي.

پٺتي پيل جاتين جا ٺيڪيدار، خاص ڪري راجنيتڪ پارٽيون ۽ راجنيتڪ اڳوان طرفان هِڪدم نڪاراتمڪ (Negetive) درشٽي-ڪوڻ اپنايل آهي. هو پٺتي پيل جي اُٿان لاءِ سڀ کان پهريائين مهرشي مَنوءَ کي برو ڀلو چوڻ سان شروع ڪن ٿا. اِلزام ٿا لڳائين ته شنابدين کان انهن پٺتي پيل جاتين جي ماڻهن تي اتياچار ٿيا آهن ۽ سندن شوشڻ ڪيو ويو آهي، ان ڪري هو سندن پيروي ڪندي چون ٿا ته هينئر ستا ۾ ڀاڱيواري ڏيڻ لاءِ پٺتي پيل جاتين کي هر هنڌ آرڪشڻ Reservation ڏنو وڃي. ڪين ڪرسي ڏني وڃي، اسڪولن ۾ داخلا ڏني وڃي، نوڪرين ۾ پد-اُنتيءَ ۾ ڪين آرڪشڻ ڏنو وڃي. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ اهو مدو صرف ۱۵ سالن لاءِ هيو، جو اڄ کان پنجٽيهه سال اڳ پورو ٿي چڪو آهي. پر اِهو مدو وڌندو پيو وڃي. اِن مُدي کي سماپت ڪرڻ لاءِ ڪو به اڳوانُ آواز اُٿارڻ جو ساهس نٿو ڪري ڇاڪاڻ ته ڪيس ڊپُ آهي ته جي هو آرڪشڻ خلاف آواز اُٿاريندو ته ڪيس ۽ سندس پارٽيءَ کي ووٽ نه ملندا، ستا جي ڪُرسي نه ملندي.

پهريائين آرڪشڻ سيمت دائري ۾ هيو ۽ ڪُجهه سيڪڙي تائين محدود هيو. هينئر آرڪشڻ جو آڪارُ مهانگائي ۽ بيروزگاري جي آڪار جيان وڌي رهيو آهي.



نالو : ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

جنم، تاريخ : ميان جو ڳوٺ، تعلقو شڪارپور، ضلع سکر، سِنڌ

ڇپايل ڪتاب: رسائل ڏانهن راهي؛ ڀارت جا هِندو؛ سِنڌو مان هِندو؛ شاه جي رچنائن ۾ هِندو درشن؛ واڳ به سڄڻ تنهنجي وس. وغيره.

انعام :

پيشو : ائڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ.

پتو : پوسٽ باڪس ۸۹، سنت ڪنوررام بازار، ڪئونڊس پُرا، اجمير - ۳۰۵۰۰۱

تماشو هو. مون هِڪَ کان پڇيو، ڀائي ڳالهہ ڇا آهي؟ چيائين، ”اَدل! مينهن پوڻ شرط جلدي گهر پهچڻو پوي، ڇو جو اَگر دير ڪئيسين تہ اَسان جون زالون ويڳاڻيون ٿيو پَوَنِ.“ تڏهن هڪ ٻئي جَتَ تُرت شاهہ صاحب جو بيتُ ياد ڏياريو:-

اَڄُہ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وَسَڻَ آيون، ڪري لعل لبيسَ،
پرين جي پرديس، مونکي مينهن ميڙيا.
(سُر سارنگُ)

سڄي رات برسات وسندي رهي، فضا ۾ ٺڏڪار ڇانيل هئي. صبح جو سَويلَ جڏهن اسين ٻونگن کان ٻاهر نِڪتاسين، تڏهن ٻنيءَ جي سائي زمينَ تي ماڪَ موتِيُن جي داڻنِ جيان چمڪي رهيِ هئي. اُتي هڪ جَتَ وراڻيو:

پيئي جا پرڀات، سا ماڪ مَ پسو ماڙها،
روئي ڇڙي راتِ، ڏِسي ڏُکوئَنِ کي.
(سُر ڏهر)

اَهڙو ئي هڪ ٻيو بيتُ شاهہ صاحب جو هِڪَ ڪچهريءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ مِليو:-

حُڪم ٿيو بادل کي تہ سارنگ سات ڪڄن،
وڄون وسَڻَ آيون، ٿهہ ٿہ مينهن ٿِمَنِ،
جن مهانگو اَڇي ميڙيو، سي هٿَ ٿا هڻنِ،
پنجن منجهان پندرهان ٿيا، ائين ٿا ورق ورنِ،
ڏُڪاريا ڏيهہ مان، شل موڏي سڀُ مَرَنِ،
وري وڏي وَسَ جون ڪيون ڳالهيون
ڳنوارَنِ سيدُ چَوي سَيِنِ، آهہ تهہ تون آسرو.

اِنَ ريت شاهہ صاحب جو ڪلام ٻنيءَ، ڪچ ۾ هر هنڌِ، هر مؤسم، هر خوشيءَ جي موقعي تي جهونگاريو ويندو آهي. اُتي اَهڙي ڪابہ ڪچهري نہ هوندي آهي جتي شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام جي ٿَلَٽَ-پَلٽان نہ هجي. ڪچهري جڏهن جو مچندي آهي، تڏهن سگهڙ هِڪَ ٻئي کي ڳجهارتون ۽ پِروليون ڏيڻُ بہ شروع ڪندا آهن. اُنهن ڳجهارتُن ۾ شاهہ صاحب جون ڳجهارتون بہ شامل هونديون آهن.

ٻنيءَ جو علائقو شاهہ صاحب جي سُهڻي-ميهار، سَسُئي-پُنهوُن، عمر-مارُئي ۽ ليلا-چنيسر جي لوڪ ڪٿائُن ۽ اُنهن ۾ شامل بيتن سان گونجندو رهي ٿو. سانجهي تيِ ناهي، ۽ فضا ۾ شاهہ صاحب جي بيتن، ڪلامَ جو پراڏو ٻڌو ناهي. ٻنيءَ جو اَهڙو ڪوبہ ڳوٺُ خالي ڪونهي جتي شاهہ صاحب جي ڪلامَ تازگي نہ ڏني هجي.

ڳالهيُن دؤران، ڪچهريُن ۾ اَسانکي شاهہ صاحب جا هيٺيان ٻول پڻ ٻڌڻ لاءِ مِلن ٿا:-

هادي سين هن پار ڏي، رڙهين ساڻ رڪاب،
اڄُہ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
ڪارڻ تِن پرين، ويٺي واٽَ نِهاريان.

ڀُنِيَم اُميدون سيئي سَڄَڻ آيا،
سوڍي سين سنگہ ٿِيو.

جي ٻويون ٿئي پساهہ تہ نجاهہ مڙهہ ملير ڏي،
تو جو ٻانيو هارُ، سو سوُرن جو سگڙو
ٻلا ٻيري ٻر، ٻالهو ٻاندُ پينارَ جو.

ٻنيءَ جا جَتَ اڪثر هي بيتُ ور و
ڪري پيا ڳُنڳُناٿيندا آهِنِ:-

پيهي جان ڀاڻ ۾ ڪَيَم روح رِهاڻ
تہ نکو ڏونگرُ ڏيهہ ۾ نہ ڪا ڪيچِيُن ڪاڻ
پُنهوُ ٿِيَسِ ڀاڻَ، سَسُئي تان سوُر هئ

❖❖❖❖

سنڌي ٻوليءَ جي سڳنڌ

واسديو سيرناڻي

پـ

ـهريون اکر اُن پاربرهم جو جنهن سنسڪرت اُپائي.
وياڪرڻ ۾ وڏياجي وياڪياءَ وستارڪري چارون اُڙ ڦهلائي.
ان رنگ برنگي راند ۾ هڪ سنڌي بہ آئي،
اها وني وائي، جيڪر چوان جو سنڌي جمي سو سورمو.

ڪئين سال ٿيا - ورهيہ وهامي ويا. صدين موڙ ڪاڌو. ٻين جي حالت اُهائي پر سنڌيءَ جو سواد هي پنهنجو. ستين صديءَ ۾ عرب آيا جن عربي ڦهلائي. مڪاني ماڻهو منجهيل تہ آخر ڪهڙي لپي ٺئي سجائي؟ ڪامورن ڪم ۾ عربيءَ جو احوال وني ڪئي ڪمائي. اصل عالم عامل ٿي ويا جن ميرن جي حڪومت هلائي.

عام ماڻهو سنڌي لکن سنسڪرت ۾ تہ عرب لکن عربيءَ ۾. ائين ٻولي هئي سوني نار ٻنهي جي وچ ۾.

آيا انگريز ١٨٤٠ ۾. سنڌي سچي ديوناگريءَ ۾. هاڻي ماڻهن جي سمجهہ ڪيئَن اچي؟ هڪ واندو انگريز وينو، جنهن انگريزي-سنڌي ڪوش ناهيو. وري اُنجو اُلٽو سنڌي - انگريزيءَ ۾ ڪيائين. پر اُچارن ۾ پيو ٻت ٻت ڪري. اِها ڊڪشنري يا ڪوش ديوناگريءَ ۾ هو. پَڙوُر پيس تہ سنڌي تہ انگريزي ۽ عربيءَ کان بہ اوچي آهي پوءِ سنڌي سادا ۽ سولا هردلعزيز ٿيا تہ چا ٿيو. هيءَ ٻولي تہ ست رنگي آهي پر انهن ستن رنگن جي ميلاپ مان اصل ٻيا بہ ور نڪتا آهن جَهِڙوڪِ واپاري تہ سنڌي تہ صراف بہ سنڌي هوندو. وچ واري جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جهڙو واءُ اهڙو ڏيندو اڳ.

سائينسدانن چيو هو تہ روشني آهي ستن رنگن جي، پر هتي سنڌيءَ ۾ هي ست رنگ آهن. ونن حساب منهنجي چوٽيءَ جو.

رنگ پهريون پيروجي يا پيروزي. سنڌيءَ ۾ آهن ٥٢ اکر. جيڏانهن ڪڻ اک تہ ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ جو اکر ايندو سامهون يا هر اکر آکيندو تہ مان فلاڻي ٻوليءَ مان آيس.

سنڌيءَ جو اُصول آهي پراون کي پنهنجو ڪرڻ. دنيا جي سيني ٻولين مان اکر چونڊي اهڙي تہ سندر مالها پوتي اٿس جو سنڌي سولائيءَ سان پائي پر ٻين کي رکي منجهائي. يعني سنڌي سپ ڪا ٻولي لس هي لس سکيو وڃي ۽ سکڻ ۾ نٿي ٿِئيس ڪا اَٽڪ، پر ٻيا پيا ٻت ٻت ڪن.

نالو	:	واسديو سيرناڻي
جنم، تاريخ	:	
ڇپايل ڪتاب	:	
انعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	

هيئنر آرڪشڻ ملڻ جا اڌيڪاري آهن. انوسوچت جاتيون، انوسوچت جن-جاتيون، ٻيا پٺتي پيل ماڻهو جن کي ادر بئڪ ورڊ ڪلاسز (OBC) ڪري نوٽيفاءِ ڪيو ويو آهي، اڳيان فوجي، اُنهن جو اولاد وغيره وغيره.

آرڪشڻ جو سيڪڙو وڃي ٿو وڌندو. اِن ڪري ديش جي سرووچ نياياليه آديش ڏنو ته آرڪشڻ پنجاهه سيڪڙو کان وڌيڪ نه وڌڻ کپي. پر نيتائون اُن مان به راضي نه ٿيا آهن. هر هڪ چاهي ٿو ته ووٽ ملن اِن ڪري تامل-ناڊو سرڪار آرڪشڻ وڌائي ٦٧ سيڪڙو ڪيو آهي ۽ راشٽرپتيءَ به اُن قانون کي بحالي ڏني.

راڄنيتڪ نيتائون ووٽن جي انڌي چڪر ۾ اڃا به وڌيڪ انڌا ٿي رهيا آهن. هڪ طرف ڀارت جي جوڙجڪ ۾ لکيو اٿن ته ديش ۾ جاتيواد کي سماپت ڪيو ويندو ۽ ٻئي طرف آرڪشڻ جي آڪرشڻ پٺيان هنن نه رڳو جاتيواد قائم رکيو آهي بلڪ اُن فقري جاتيواد کي وڌايو آهي. اِن آڌار تي ناگرڪن سان ڀيد ڀاءُ ڪيو وڃي ٿو.

ڀارت جوڙجڪ جي ڌارا ١٤ ۾ لکيل آهي ته سرڪار ناگرڪن وچهر جاتيءَ جي آڌار تي، جنم جي آڌار تي ، لنگ جي آڌار تي ڪو به ڀيد ڀاءُ نه ڪندي. پر اها ڳالهه صرف وڏان جي پنن تائين سيمت رهي آهي. هيئنر سرڪار لنگ جي آڌار تي ڀيد ڀاءُ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ضلع پنچائتن، نگر پاليڪائن نگر نگمن ۾ ٽيهه سيڪڙو پد زالن کي ملڻ لڳا آهن. زالون به پڇڙي پڻ کان نجات حاصل ڪن. جڏهن ڪرسيءَ کان سواءِ زالن کي نجات نه آهي.

پٺتي پيل جاتين لاءِ جي ڪڏهين سرڪار کي سچ پچ سندن اُٿان ڪرڻ لاءِ اونو آهي ته اُن لاءِ کين سکيا ڏيئي منجهن لائقي پيدا ڪري. رزرويشن يا آرڪشڻ کين ڪڏهين به اونچو نه اُٿاريندو.

آرڪشڻ جو لاڀ ٿورن پريوارن کي ئي مليو آهي. ٤٥ سالن جي آرڪشڻ کان پوءِ انهن جاتين جي حالت خراب آهي. اِهو آرڪشڻ سوَ سالن ۾ به انهن جاتين جو اُٿانُ نه ڪري سگهندو. ان آرڪشڻ جي روڳ سبب راشٽر جيون ۾ انيڪ بيماريون ڦهلجي ويئون آهن. هر هنڌ اَيوڳيه ويڪتي ڪُرسي واري ويٺا آهن ۽ پد-اُنتيءَ تي قبضو ڪيو اٿن. ان ڪري ڀرشٽاچار، دُراچار، بلاتڪار، اَتياچار اُتپيڙن ڏينهون پوءِ وڌي رهيا آهن. هيئنر وقت آيو آهي جو اسين ٿورو ترسي اِن مسئلي تي ويچار ڪريون ۽ ان مسئلي جو صحي حل ڳولهي ڪڍون.

پٺتي پيل جاتين کي سکيا ڏيڻ لاءِ کين لائق بنائڻ لاءِ سرڪار پل سمورو خزانو لٽائي، ان لاءِ ڪنهن کي اعتراض نه ٿيندو. پر لائقي کانسواءِ ڪا به ڪرسي نه ملندي، ڪا به داخلا نه ملندي، ڪا به پد-اُنتي نه ملندي، اِهو به ڳڌو ڳڌ طئه ڪيو وڃي. ٻي حالت ۾ هي آرڪشڻ جو روڳ ڪئنسر يا ايڊس جي بيماريءَ وانگر هن راشٽر کي ڦهوڙي نيندو.

❖❖❖❖

پئي. وٺو مثال : ٻيٽ - خبرچار؛ وِهنجُ -
سنان ڪر؛ توڏو - اُٺ؛ ملوڪ - سندر؛ رَڄُ -
تمام ستو؛ ڳڏون - لوٹو؛ ڏونرو - ڏڏ؛
رينگٽ -روڄُ راڙو؛ جھانئرو-موڳو؛ سير-ڪِنارو.
اَهڙا ڪئين اَکر آهن جي نِجُ سِنڌي آهن ۽
جن جي پرؤر ڪونہ ٿي پوي.

ڇهون رنگُ آيو ڇوھ مان، جنهن سائو اثر پسايو. ڪئين اشٽئڪ لِکي ڊڪشنري تہ جارج ڏني ججمينٽ تہ مِسٽر اي.ٽرمپ اُنکي ٽيڪو ڏنو تہ سنڌي واھ جو سياڻي جنهن سنسڪرت گرامر کي اوئين جو اوئين رکيو. باقي ڀاشائن ٿورو ڪنيو، پر سِنڌيءَ سڄو هضم ڪيو.

پر جيڪي سِنڌيءَ جي صحبت ۾ آيا اُنهن بہ پنهنجا اَکر سِنڌيءَ ۾ وڃايا ۽ واتاپيءَ وانگر سِنڌي ويئي سڀ ڪجھہ جذب ڪندي ۽ طاقتور ٿيندي. اَنگريزن اَنگريزي هلائڻ لاءِ قدم کنيو تہ سنڌيءَ ديوناگريءَ کي در رکي عربيءَ کي اپنايو جيئن ماڻهو ماڻهوءَ کان نہ ڇڄي. اَڄُ اَسين هِن سٽين پيڙهيءَ ۾ پيا سمجهون تہ سِنڌي اصل عربي لِپيءَ ۾ هئي ۽ سڀ اَسان وٽ عربن وٽان آيو. تنڏهن بہ ڪو وِواد ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ وٽئي جو سُڀاءُ آهي تہ هرَ هِڪَ جي ٻُڌي ۽ جو سچُ هجي اُن کي کٽي.

ستين رنگ جو سٽُ ڏسبو بلور وانگر بلؤ. ۵۲ اَکر آيا. دُنيا جي ٻوليُن واچ وڃايا. سِنڌيءَ سڀُ پاڻ ۾ سمايا. اِن ڪري اَڄُ بہ ن ۾ ۲۲ هزار اکرن مان ۱۵ اکر سنسڪرت ـہ ست هزار باقي ٻاهريُن ٻوليُن جا ۽ سندس اصل ايجاد ڪيل. آهي ڪا دنيا جي ٻولي اهڙي شاهوڪار؟ هٽي سگهندي ڪا بہ ٻولي اهڙي هامَ؟

اِنَ سَٽَ رنگي سُگِنڌِ هوندي بہ اسين سنڌي پوئتي ڇو ٿا ليکيا وڃون؟ خود اَسان جا ٻار بہ وڃن سنڌيءَ کان سٽ قدم پوئتي ڪٽندا. ڇا اِها حالت ۾ اِن جهالت جو ڪو علاج آهي يا نہ؟

علاجُ آهي، جي اَسين سمجهي اُن کي اَپنايون.

ٻار ۾ ماءُ جو سنٻنڌ آهي دل جو. جي ماءُ سنڌي نہ ڳالهائيندي، تہ ٻارُ تہ اَڳي ئي ٻئي واتاورڻ ۾ ڏينهن ٿو گذاري. جي ماءُ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي تہ گهر ۾ واهپو سنڌيءَ جو ٿيندو. ٻيو اَکر آهي لولي، جيڪا ماءُ اڳي ٻار کي ٿيستائين ڏيندي هئي جيستائين کيس نِنڊ نہ اچي. لولي آهي سوني زنجير، ماءُ جي دل ۽ ٻار جي من لاءِ. لولي آهي پيار جي اُها تندُ جا ٻار عمر ڀر پنهنجي ڳلي ۾ پايو گهمي. سنهي هوندي بہ نڪو ڇڄي نڪو گسي. اِن ماءُ جي دل تي ڪئين ڪهاڻيون آهن دنيا جي ساهِتيہ ۾ ۽ خود سنڌيءَ ۾.

ٻارُ سڀُ وساريندو، پر ماءُ جي نہ هوندي بہ لوليءَ کي لَلاٽَ سان ٻڌي هلندو. اِهو اِن ڪري جو ماءُ پنهنجي مَنَ جون آشائون، سيني جا سُندر سپنا، ٻار جي آئينده جي اُميد ڀري، اُنهن اکرن ۾ پوُيو ڇڏي جو ٻارُ قدم قدم تي جڏهن ٿِڙڪي، تہ لوليءَ جي لئہ کي ياد ڪري.

اُچارن جو اُصول اصل جو سنسڪرت ٻان ڪنيو اَٿس. اِن ڪري ٻه وٺي ڦو اڳتي وڌندو.

ٻيو رنگ آسماني : پوري ڌرتيءَ کي ويڙهڻ وارو ڳڻ ڪنيو سنڌيءَ ۽ جيڪو مليس اُن سان ملي ويو. رِلٽو مِلٽو سياٺُ، پرائي کي پنهنجو ڪرڻ وارو، ٻئي جي ٻولي سولائيءَ سان سکي؛ اُنجا اکر جهٽي پنهنجي ٻوليءَ ۾ وجهي ۽ ائين ڳالهائي جو پروڙ ئي ڪانہ پوي تہ سنڌي آهي يا اُهو جنهن جي ٻولي پيو ڳالهائي؟

ٻين ٻولين سکڻ ۾ وقت کپي، چاڪاڻ تہ اُنهن جو وياڪرڻ ئي وائڙو آهي. پر ڌهن ڏينهن ۾ سنڌي سکڻ سولي آهي.

ٽيون رنگ ناسي : جيڪو پوڙهن کي ٻہ پيارو تہ جوانن ٻہ کيس جهٽين. ٻار تہ اصلي پٺ نہ ڇڏين. ان ڪري ئي تہ ڪافيءَ جو رنگ چاڪليٽي تہ اچو. چاڪليٽ ٻارن کي ٻہ ڪونہ وڻي. اهڙو حال آهي هڪ اکر جو جيڪو ٽن اُچارن ۾ ڪم اچي. ڪي چون پارسيءَ جو آهي تہ ڪي عربي ڪوٺين، پر اهو ٻنهي ٻولين ۾ ڪونهي. انجو نالو آهي ”همزو“. سنڌيءَ ۾ اُچار اٿس ”اَ+ جاءِ“ ۾ وري چئبو ” اِ “ پر ڪانءُ ۾ نہ هوندي. ”اَ نہ“ ”اِ “ پر اُ“ آهي. اهڙو ڪمال ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ؟ اصل سنڌي اکر سمجهہ مان نهيل.

چوٿون رنگ ڳاڙهو : جنهن اکرن جو ينيت ٻاريو. ٻين ٻولين جا اکر تہ آيا پر انهن کي ٽڪيو طوريو ۽ جي ڪا گهٽتائي هوندي تہ پوري ڪبي. انگريزي ”ڙ“ واري ”ر“ نرم آهي اُن کي سخت ڪر ”ڙ“ ۾. ساڳيو حال ٽيو ”ذ“ نرم آهي انکان سخت آهي ”ز“ تہ بلڪل ڀاري آهي ”ظ“. ”اَ“ تہ نرم آهي ”ع“ ٿوري ڳري کپي. هرڻيءَ واري ”ه“ پوري ڪانهي، انڪري حبشيءَ واري ”ح“ ٻہ هجي. ٽاري واري ”ت“ ۾ طور ڪانهي انڪري طوطي واري ”ط“ ٻہ ضروري آهي. ڪُتي جو ”ڪاف“ هلڪو آهي قلم جي ”ق“ ٻہ هجي. ساڳي حالت ٿي سولائيءَ واري ”س“، ثواب واري ”ث“ ۽ صندوق واري ”ص“ جي. اوهين چوندا تہ اهو تہ خفت آهي. پر جي جاچي ڏسو تہ سنڌيءَ سنسڪرت واري واٽ وٺي ماترا اکر جو وياڪرڻي پريوگ ڪيو آهي. اهو آهي شاستري سبب.

پر ڏسو ائين ڪرڻ مان ڀاشا اصل اهڙي ٿي ويئي آهي جو سنسار جي ڪنهن ٻہ ديس جو جيڪو اکر ڳالهائي، اهو اکرن ۾ سمائجي وڃي ۽ سمجهہ ۾ اچي. سنڌيءَ ۾ تہ جيڪر اُنکي چئجي واهپي واري پر انگريز چوندس تہ هيءَ ٻولي آهي فونيٽڪ (Phonetic). سنسڪرت جيئن هڪ هڪ اکر جو مُکَ ۾ استان مقرر ڪيو آهي، سنڌيءَ ٻہ ان سڏانت کي پورو پورو ڪم آندو ٿو ڏسجي.

پنجون رنگ پيلو : جنهن تي وس تہ وسيلو. ٻين ٻولين جا اکر اپنائي انهن کي سنان ڪرائي پنهنجو تہ ڪيائين پر پنهنجا خاص اکر ايجاد ڪرڻ ۾ ٻہ پوئتي ڪانہ

سنڌي سور ويرن جو امر اتهاس

ايسر سنگهہ بيدي


ڀارت جي ورهاڱي بعد اسان سنڌين پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۽ وسڻ لاءِ جيڪي جفاڪشيون ڪيون ۽ پريشانيون ڏٺيون، تڪليفون سٺيون، ان لاءِ ڀارت جا رهواسي بہ داد ڏيندا آهن. جنهن همت ۽ حوصلي سان اسين سيني سان ملي جلي هليا آهيون. سداءِ ڪنهن ڀيد ڀاو جي بنا سيني سان شانتيءَ سان ۽ پريم سان وهنوار ڪيو آهي، قرب - پريم ونڊيو آهي، سک ڏک ۾ هر ڳالهہ ۾ ڀاڱيدار رهيا آهيون، ديش جي وڪاس ۽ واڌاري ۾ ڀاڱ موڪيو آهي. راشٽرپتين، پرڌان منترين، مکيہ منترين کان ويندي ڪيترن ئي وزيرن ۽ اڳوانن بہ سنڌين جي ساراهہ پئي ڪئي آهي. واهہ واهہ پئي ڪئي آهي.

سنڌين جي ويرتا قربانين سان سور ويرن جو امر اتهاس ڀريو پيو آهي. حقيقت ۾ ڀارت جي آزاديءَ لاءِ سڀ کان وڏيڪ سنڌين پنهنجو پيارو پرديش سواها ڪري ڇڏيو آهي. دنيا جي تواريخ ۾ ديش جي آزاديءَ لاءِ ايڏي وڏي قرباني، اينترو مهان تياڳ ڪٿي ورلي نظر ايندو.

ڀارت جي آزاديءَ لاءِ ”ڀارت ڇوڙو“ آندولن ۾ ويهن سالن جي ڳڀرو نوجوان وديارٿي هيمون ڪالاڻي ريلوي جا ٻُلٽ ڪڍندي پڪڙجي پيو. ڪيس ڪافي تڪليفون ۽ ايذاءِ ڏنا ويا. ليڪن هُن پنهنجن ساٿين جا نالا ڪونہ ٻڌايا. منهن مان ٻُرڪُ بہ نہ ٻوليو. کلندي مشڪندي ’ڀارت ماتا جي جئہ‘ چئي ڦاسيءَ تي چڙهي ويو، شهادت جو جام پي ويو.

وير هاسارام پمناڻيءَ ڀڳت ڪنوررام جي قاتلن کي نہ پڪڙڻ سبب اسيمبلي اندر نِڊَرُ ٿي وڏي واڪي ڪليل لفظن ۾ سرڪار تي ڏوڙيو وسائيندي ننگو ڪيو. ان تي ڏينهن ڏٺي گهر ڏانهن ويندي رستي تي خبيسن کيس گوليءَ جو نشانو بڻايو.

سمراٽ ڏاهرسين سنڌ مٿان عربن جي حملي، چڙهائيءَ وقت سورويرتا سان




نالو : ايسر سنگهہ بيدي
جنم، تاريخ : شهدادپور، ضلع نواب شاهہ. تاريخ : ٢٣-١٠-١٩٢٧
ڇپايل ڪتاب: هيمون ڪالاڻي؛ نيتاجي سُڀاش؛ قومي ترانا؛ ٻارن جو ماهوار رسالو؛ ۽ ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون ڇوٽپڙيون.
انعام : سوتنترتا سيناني طور سرڪاري سنستائن، اڪادميُن، ڪاليجن ۽ اِسڪولن طرفان سنمانِت ۽ اِنعام حاصل ڪيل.
پيشو : ريلوي سروس تان رِٽائرڊ
پتو : بيدي نِواس، بابو محلا، اَجمير - ٣٠٥٠٠١

تبن عادت آڪاٽبُن جي ماءُ ڪان موڪلائي ويئي آهي. آڪاڻيءَ ڪي ڪا لپي ڪانہ ڪپي، ڪا سِکيا ڪونہ ڪپي. ٻارن جو من اُنجي گرامر ڪي بہ ڪو ڏسندو! پر جو ڏيان سان ٻُڌندو، نہ اُهو ڪيس ماءُ سان ٻـڌلُ رکندو. شِواجي مهراج ڪان، آئيني وٽ چوٽي ڪندي، ماءُ رُڳو پڇيو، اَبا ! هو قلعو ڪنهنجو آهي؟ ۽ باقي اِتِهاسُ ساکي آهي سنسڪارن جو.

ڪتبن ۾، سماج ۾ ۽ ويڪتيءَ ۾. جي اسين ويچو وساري، سنڌيءَ جو واهپو ڪريون تہ پاشا تہ رهندي نہ؟ پوءِ لِکنداسين ايئن جيڪا لِپي ايندي هوندي.

ڪي سنڌي ستيہ نارايڻ جي ڪٿا عربي اکرن ۾ پڙهن، ڪي ديوَناگري سنڌيءَ ۾، ڪي رومن لِپيءَ ۾ (اِهو وديشن ۾ آهي)، پر ڪٿا تہ ساڳي آهي، شرڌا بہ ساڳي آهي، ٻولي بہ ٻي ڪانهي؛ تہ پوءِ ويچي ڪي وسِ



چوٿون سچو سبڻ، ڪاري ٻڪريءَ جو ڪيرُ. ڇاڪاڻ تہ ٻڪري ڪاري هوندي بہ ڪيرُ اَڇو ڏئي. ماءُ جي موهہ ڪري ٻارُ چارون اور ويندو وڌندو. پيءُ سان بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو. سِنڌي دوستن سان بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو.

وياجن هٽي وچوڙو وجهي ڇڏيو آهي

ڪونہ ٿو ملي.

اَڇو تہ جهوليلال چئي گهر گهر ۾ لولي ۽ آڪاڻيءَ جو رواج وجهون، گهر ۾ سِنڌيءَ جو واهپو وڌايون.

تہ پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ لعل سائين سنڌي اَڇي گهوڙي تي نِروار ٿي آسيس ٿو ڪري. اِهو پڪو وشواسُ اَٿم.

❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖

بُڍاپي ۽ بُڍا آشرمن تي هڪ نظر


چندرا دوي

اَڄ ڪلهه هر خيراتي سنستا جو مقصد ٿي پيو آهي هڪ ٻڍا آشرم کولڻ. ٻڍا اڄڪلهه ڪٽنبن ۾ سمائجي نٿا سگهن. انهن جي لاءِ گهر ۾ جاءِ ڪونهي ڪِ نه پڻ دل ۾. ائين ڇو ٿيو آهي؟

انهن جو مکيه سبب آهي اَسان جي عمر آزادي ملڻ وقت، يعني ۱۹۴۷ ۾ هڪ هندستانيءَ جي سراسري عمر هئي اٽڪل ۳۲ سال. اڄ اِها وڌي ۶۲ سال تي آهي. مرتيوءَ تي مات ڪري، وڏي ماتا ۽ وبا، اڄ ڪلهه صرف ڪن ماڻهن لاءِ يادگيريون ٿي رهجي ويئون آهن. اڄ انسان ٻالڪپڻو گذاري، قوه جواني ماڻي، وڏي اوستا ڏي قدم رکي ٿو ۽ ان ۾ ڪروڙين ماڻهو هن جو ساٿ ڏين ٿا. ۱۹۹۱ جي آدم شماريءَ موجب سٺ کان وڏيءَ عمر وارا هندستاني ساڍا پنج ڪروڙ آهن ۽ ايندڙ آدم شماريءَ ۾ انهن جو تعداد ساڍن سٺن ڪروڙن کان وڌيڪ ٿي ويندو ۽ جيئن جيئن اسانجو جِم گهٽجندو ويندو تيئن تيئن ٻڍڙن کي سنڀالڻ وارا به ڪٽنب جا ڀاتي گهٽ ٿيندا ويندا. پر ٻڍا آشرم اسانجي ڀارتيه سڀيتا جي خلاف آهن. ٻڍن کي مان عزت ڏيڻ اسانجي شاسترن ۾ لکيل آهي. ۽ هاڻ به اسان اهڙا ويل ڪونه آهيون جو عمر کي مان نه ڏيون. فرق صرف هاڻ اِهو آهي ته گهر گهر ۾ هاڻ هڪ کان وڌيڪ ٻڍا هئڻ ڪري، ۽ ميل ميلاپ جي ڀاونا گهٽ هئڻ ڪري، ٻڍاپو هِڪُ بوجهه ٿي پيو آهي.

ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي موجب ٻڍاپو ٻن حصن ۾ ونڊڻ گهرجي. ۶۰ کان اٽڪل ۷۵ سالن جا ٻڍا ''جوان ٻڍا'' آهن ۽ ۷۵ کان وڏا ٻڍا ''ٻڍا'' آهن. پهرين ٻڍن جي حالت ۾، هو گهڻو ٺٽو يعني صحت ماڻيندڙ، پنهنجن جوابدارين کي محسوس ڪندڙ ۽ نڀائيندڙ انسان آهن. هو سماج جي سٺي شيوا ڪري سگهن ٿا. هنن کي موقعو ملڻ کپي. ٻين ٻڍن جي حالت ۾ البت کين شيوا جي ضرورت رهي ٿي. اها شيوا گهر جي هر هڪ ڀاتيءَ کي ڪرڻ کپي ۽ نه رڳو گهر ڌياڻيءَ کي جا پوءِ گهٽي ڪم جي زور هيٺ دٻجي ٿي پوي. مردن کي تمام چڱيءَ طرح، هن ڏِسَ ۾ زال جي مدد ڪرڻ کپي ۽ پڻ ٻارن کي.

ٻڍا آشرمن ۾ جيتوڻيڪ ٽن وقتن جو کاڌو تيار هٿ ۾ ملي ٿو، تڏهين به ان ۾ ڪي ڪوتاهيون رهجي ٿيون وڃن. کاڌو وڏي انداز ۾ رڌڻ ڪري، ان ۾ سوائيءَ جو وڌيڪ خيال رکيو ٿو وڃي. ڪيترن هنڌ اِهو کاڌو جست جي باسڻن ۾ رڌيو ٿو وڃي، جو صحت



نالو : چندرا دوي
جنم، تاريخ : ڪراچي، سنڌ؛ ۲۵ - ۱۱ - ۱۹۳۶
ڇپايل ڪتاب: ننڍا وڏا ليک
انعام : ڪو به نه
پيشو : سماج شيوا خاص ٻڍن جي.
پتو : لوڪمانيه نگر روڊ، پالگهر - ۴۰۱۴۰۴ (مهاراشٽر)

مقابلو ڪيو ۽ دشمن جو ڏڇيون اُڏائي ڇڏيون. آخر ۾ هن سور وير ڪي دوکي سان ماريو ويو. سمرات داهرسين جو بليدان ۽ اُن بعد سندس پورو پريوار - پتني، پُٽرين ۽ ڀيڻ سميت بليدان ڏنو.

وير اُڏيري لعلَ مرڪ بادشاهه جي ڪنڌ مان ڪلي ڪڍي سنڌي هندن جي رکشا ڪئي. ان طرح وير نيٺورام شرما، مهراج نٿوُرام شرما ۽ ٻين پڻ پنهنجا سيس ڏيئي سومان صدقي گوليءَ جا شڪار بڻيا. سنت ڪنورام جي شهيدي پڻ آمر اتهاس کي روشن ڪيو.

ڀارت جي آزاد ٿيڻ بعد پڻ سنڌي سور ويرن ديش جي سرحدن جو بچاءُ ڪندي دشمن سان لڙائيءَ ۾ لڙندي، پنهنجن پرانن جون آهوتيون ڏنيون آهن. هو مرڪندي مرڪندي ديش ڀارت مٿان قربان ٿي ويا ۽ پنهنجي سنڌي سماج جو مان مٿي ڪري ويا.

١٩٦٥ ۾ ڀارت پاڪستان جي لڙائيءَ وقت سنڌي سوروير پريم رامچنداڻي پنهنجو خوب جلوو ڏيکاريو. دشمن جا ڇڪا ڇڏائي ڇڏيا، ڏند کٽا ڪري ڇڏيا. هن سوروير جي جوش ۽ جذبي جي سندس آفيسرن ٻه ساراهه ڪئي. پاڪستان جي بدين هوائي اڏي ۽ باردر کي نشٽ ڪندي پنهنجي شهادت سان لاثاني قرباني ڏني ۽ هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

١٩٧١ ڀارت پاڪستان جي ٻي لڙائي ۾ پڻ راجسٿان مان اجمير نگر جي هونهار نوجوان ميجر جي عهدي تي ملٽري آفيسر رميش ٻدلاڻي جمون ڪشمير سرحد تي دشمن حملاور جون ڌڇيون اُڏائيندي، پنهنجي جان جي ڪابه پرواهه نه ڪري، اڳيان وڌندو ويو. اچانڪ دشمن جي سپاهين هن کي گهيري ورتو ۽ اوچتو حملي ٿيڻ سبب شهيد ٿي ويو. پنجن سٺن ڏينهن بعد هن جي شادي جو مهورت نڪتل هو.

ممبئيءَ جي نوجوان ڪشن ملڪاڻيءَ پڻ هند پاڪ لڙائي وقت پناڻڪوٽ سرحد تي پنهنجي ويرتا جو جلوو ڏيکاريندي، لڙائي ۾ لڙندي ديش مٿان قربان ٿي ويو. اندور جي ٻاويهن ورهن جو نوجوان وير ڀرت لعل مسند وري بنگلاديش جي مڪتي سنگرام ۾ وماڻي ڇٽين ۾ دشمن جي فوج سان ٽڪر کاڌو. انين ڊسمبر ١٩٧١ تي شهيدي جو جامو پائي قربان ٿي ويو.

سنڌي سور ويرن جون هي شاندار قربانيون، شهادتون اسان سنڌين جي ديش پريم، مُلڪي محبت جا مثال پيش ڪن ٿيون ته سنڌي سورويرن ڪئين نه سِرُ ترِيءَ تي کڻي ديش خاطر مري مٽجڻ ۾ سدائين اڳرا پئي رهيا آهن جنهن لاءِ سنڌي سماج کي اُنِن هميشه فخر رهندو آهي.

❖❖❖❖

آزاديءَ اسان سنڌين جو ڏکيو ڪال

ماستر ڳيلارام رائچنداڻي

پنجاهه سال آزاديءَ جي ملئي ٿيا آهن. پر اڃا اسان جي نوجوانن کي جيڪي هٿ چاوا ۽ نپنا آهن، تن کي اها ڄاڻ ۽ خبر ڪانهي ته اسان جي وڏن سنڌ ۾ ڪيترا ستم سٺا، هزارين ڪونڌر قتل ٿيا. لکين لال ڏتڙجي ويا. ڪئي ڪروڙن رپين جون جايون، زمينون ۽ ملڪيتون اتي ڇڏي لڳ ڀڳ هٿين خالي هٿ پهتاسين. سنڌ ۾ اسانجي نماڻين نياڻين ۽ ڀينرن سان زوريءَ بلاتڪار ڪيو ويو. ڪن کي ماريو ويو ته ڪن سان زوريءَ زبردستي ڪري ڌرم بدلائي، شادي ڪئي ويئي. ان ڏکيي ڪال کي ياد ڪندي اڄ به ڌرڪن ڏکي وڃي ٿي.

بنگالين ۽ پنجابين کي اڌ حصو پنهنجي پرانت جو مليو. جو اتي وڃي وسي پيڙا ٿيا. پر اسان جي راڄنيتي نيتائن جي اَدوُرانديشي ۽ بي پرواهيءَ جي ڪري پوري سنڌ پاڪستان ۾ جذب ٿي، اَسان جي هٿن مان هلي ويئي.


ورهاڱي جي ڀيانڪر اُٿل پُٿل ڪري مڙسن کان زالون، مائرُن ۽ پيئُر کان پٽ، ڀائرن کان ڀينرون، سسن کان نُونهرون، سوٽن کان سوٽيون، مٽن کان مائٽ، مطلب ته ڪويءَ جي چوَڻ موجب ته -

پاڪستان جو ڪنس ساماڻو،
جنهن وڏو لاڏاڻو اي رام!
سنڌڙي ٿي ويئي داڻو داڻو!

واري ڪار ٿي ويئي. مامو مدراس ته مامي مندسور، ڪاڪو ڪٽنيءَ ته ڪاڪي ڪلڪتي ۾ وڃڙي وڃي پهتي. سنڌين جي درد ڀري داستان ڀلاج ڪوي پنهنجيءَ ڪويتا ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته :-

مان وري ڀٽڪي ڀٽڪي بندرابن ۾ جهولا پيو جهوليان.

هندستان ۾ پهچڻ کان پوءِ گجرات، مهاراشٽر راجستان، مڌيه پرديش، دهليءَ ۽ ٻين پرانتن جي انيڪ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهلجي پيرن ڪوڙين جي ڪوشش ڪئيسون. ڀارت جي ڪنڊت ٿيڻ ڪري هڪ گهڙيءَ ۾ سُکيَنِ سڻابن جي قطار مان مال ملڪيت ڇڏي، لٽجي ڦرجي اچي غريبن جي لائين ۾ لڳاسين. مرڪزي سرڪار پراڻين ملٽري



نالو	:	ڳيلارام رائچنداڻي
جنم، تاريخ	:	ڳوٺ ٻلال، تعلقو مورو، ضلع نواب شاه، سِنڌ ١٦-١١-١٩٣٠
ڇپايل ڪتاب	:	ڪيترن ئي مئگزنن ۽ اَخبارُن ۾ الڳ الڳ وشيَن تي عالِماڻا ليکَ ۽ کهاڻيون.
انعام	:	
پيشو	:	رٽائرڊ هيڊ ماسٽر
پتو	:	A-٣٦/٢٧٦ نوَ سنت هردارام نگر، ٻئراڳره، ڀوُپال.

لاءِ نقصانڪار آهي. ڪاڌو وري وري گرم ڪيو ٿو وڃي جو به ٺيڪ نه آهي. ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جي ڪِرڻ هيٺ ٿي اُن کي اُن شيءِ جي بدران ٻي شيءِ نٿي آڇي وڃي. 'انڊين ڪائونسل آف ميڊيڪل رسرچ' موجب هڪ بالغ مرد کي ٢١٠٠ ڪئلرين جي گهرج آهي ۽ بالغ زال کي ١٧٠٠. اهي گهرجون ٻڍاپي ۾ به لاڳو آهن.
ٻڍا آشرمن ۾ جسماني ڪم تمام ٿورو ٿئي ٿو ڇو ته اتي نوڪر چاڪر ٿين ٿا. نالي طور ٻڍا ۽ ٻڍيون ڪجهه ڪم ڪن ٿا، جيئن ته ٻڍيون ڀاڃي ڪٽائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. پر آشرمن جي بانيڪارن کي خاص ان ۾ دلچسپي نٿي ٿئي ته ڪو ٻڍن ۽ ٻڍين کان ڪم وٺجي، ڪم ۾ رُڌل ٿي آهي جو انسان کي جيوت ۾ مزو وٺائي ٿو. آرام ڪري به ڪيترو ڪبو ۽ آرام جو ضرور به تڏهين آهي جڏهن ماڻهو ٿڪل آهي. هڪ ٻڍا آشرم ۾ مونکي هڪ ماڻهو گڏيو. مون پڇيومانس ته ڏينهن ڪيئن ٿو گذارين. چيائين ته مان صبح جو اٿڻ سان، رات ڪڏهين ٿيندي انجو انتظار ڪندو آهيان!
ٻڍا آشرمن ۾ دماغي ڪم بلڪل نه هيٺ ڪري به، اتي رهندڙن جو مغز ڍلو ٿي ٿو پوي، ڇو ته مغزي يادگيري تيستائين سالم آهي، جيستائين اسين انهن کي ڪتب آڻيون ٿا. ڀاڃي واريءَ کان ڀاڃي وٺي، انجو حساب ڪيون ٿا، ڌوٻيءَ کان ڪپڙا وٺي، ڳڻي رکون ٿا، وغيره وغيره. اسانجي سانير ۾ مهارشي ڪَروي، ميسور جو وڏو انجنيئر، وشويشوريه سو سو سالن تائين جيئرا رهي، مشغولين سان ڀرپور زندگي بسر ڪئي آهي. مهاتما گانڌيءَ جڏهين ڊانڊي مارچ شروع ڪئي تڏهين هو ٦٠ سالن کان وڏو هو. اسانجو هلاڪي دربار جو مهنت سوامي گونڊداس، ١٠٠ سالن کان مٿي عمر ماڻي. هو سنگت کي پاڻ ماني ڪارائيندو هو، پنگت ۾ وهاري. ٻڍن مردن کان ٻڍيون زالون پاڻ کي پٽ ننهن جي ڪتنب ۾ وڌيڪ جذب ڪري سگهيون آهن ۽ انهن کي ٻڍاپو ايترو نه لڪايو آهي جيترو مردن کي. انجو مکيه سبب آهي استريءَ جي حياتيءَ ۾ جدا جدا ڪم ۽ فرض نڀائڻ جي اديت شڪتي. نوڪري ڪندڙ زالن کي به رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ايتري تڪليف نٿي ٿئي جيتري رٽائر ٿيڻ کان پوءِ گهڻن مردن کي. ضروري آهي ته رٽائر ٿيڻ کان گهڻو اڳ ۾ زندگيءَ جي هن نما شام لاءِ تياري ڪجي. گهڻيئي ماڻهو اِئين چوندا آهن ته فلاڻو ڪم فلاڻو شونق مان نوڪريءَ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ شروع ڪندس. پر جي ننڍ پڻ کان ئي ان ڪم، ان شونق جي ڏس ۾ ڪو قدم کنيل نه آهي ته پوءِ وڏي عمر ۾ نئين سِر وڏيون عادتون پرائڻ ڏکيون آهن، جيتوڻيڪ ناممڪن نه. مثال طور: پنڌ ڪرڻ جي عادت. صبح جو سويل اُٿي لاءِ وڃڻ جي عادت صحت لاءِ ڏاڍي فائديمند آهي. پر جيڪڏهن سويل اُٿڻ جي عادت شروعات کان ڪونهي ته ٻڍاپي ۾ سويل اُٿي ڪپڙا ڪري ٻاهر نڪرڻ، نت نيم سان وڃڻ ڏکيو آهي.
ٻڍو ماڻهو سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺو هجي ۽ پيو کُنڌ کُنڌ ڪري، اِهو ڪنهن کي وڻندو؟ تنهن ڪري ضروري آهي ته ٻڍا پاڻ کي پنهنجيءَ ڪِرت ڪار ۾ مشغول رکن.
١. پنهنجي صحت سالم رکن. ڪنهن به جسماني ڪِ مانسڪ تڪليف کي اڻ ڏٺو نه ڪن. ڪابه بيماري ٻڍاپي جي ڪري آهي- ايئن چوڻ بلڪل غلط آهي. اِئين هجي ها ته سيني ٻڍن کي دل جي بيماري هجي ها.
٢. پنهنجا پئسا پاڻ سنڀالين ۽ مرڻ تائين ڪنهن کي نه ڏين. ''ٻڙا پير پئسا'' اڄڪلهه سو في صدي حقيقت آهي.
٣. پنهنجي لاءِ ڪو وندر وروند جو ساڌن ڀرين کان ئي طئه ڪن، جنهن جي اپسنا ڪن، جنهن مان هنن کي خوشي ملندي.
هنن ٽن سطحن تي عمل ڪرڻ سان ٻڍا آشرمن ۾ رهڻ، صرف انهن لاءِ محدود ڪري سگهبو جن جو ڪير نه آهي يا جي غريب ۽ لاچار آهن.
❖❖❖❖

ڊوئي پنهنجن پريوارن جي روٽي روزيءَ جو بندوبست ڪيو.

جڏهن مڙد مصيبت ۾ هجن ته اسانجن سنڌيِ ڀينرون ڪيئن پٺتي پون؟ اِنهن ڪٽنب کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ پاپڙ، وڙيون، ڪيچا آدي شيون تيار ڪري بزار ۾ وڪري لاءِ موڪليون. ٻين وري سِلائي مشين هلائي آمدنيءَ کي پورو ڪيو. مطلب ته هرهڪ ڀاتيءَ پنهنجو فرض پورو ڪري دنيا جو مارگ درشن ڪيو.

واپارين پنهنجي ايمانداريءَ سان خريِد جي اگهه ۾ وڪرو ڪري بچيل بارداني کي وڪڻي ان جو ئي فقط نفعو ڪمائي لوڪل واپارين ۽ هتي جي ماڻهن جون واِيون بتال ڪري ڇڏيون.اهي نفعي جي نئين ڳالهه ۽ ٽيڪنيڪ ٻڌيِ حيران ٿي ويا.

۾ مقابلو ڪري شرڻارٿيءَ مان پرشارٿي، پرشارٿيءَ مان پرمارٿي ٿي عام جي ڀلي لاءِ عاليشان فئڪٽريون، سڪول ڪاليج، اسپتالون، ڌرمشالائون، پيائو، ڌرمارٿ جا ٽرسٽ کولائي ۽ نهرائي، روزگار، تعليِم، سواسٿيه اِنِتي سنڪار وغيره انيڪ کيترن ۾ ڀارت ۽ پڻ وديشن ۾، کيترن استانن تي سنڌي سماج جي دانن جا ڪاريه شان سان هليِ رهيا آهِن. جي سڀ سنڌ جي سماج جا روشن منار آهِن. سنڌي سنت به اڌياتمڪ شڪشا ڏيئي ڪلياڻ ڪري رهيا آهِن. هر کيتر ۾ راڄنيتي، آرٿڪ، سماجڪ، تعليمي، ڪلا، واپار-وڻجُ، ڌارمڪ- اڌياتمڪ ۽ ٻين انيڪ کيترن ۾ سنڌي اڳرا آهِن؛ جن جو فيض ساري سنسار جا ماڻهو ۽ جيِوَ وٺي رهيا آهِن. قدرتي ڪوپ ۾ به اسان



واهه ڙي سنڌي سائين! فخُر ۽ گورؤ سان سِر اوچو ڪري، زنده دل، محنت مزوريءَ ۾ ڪوڏيا يا سختيون ستم سهڻ کان پوءِ به ڪنهنجي اڳيان ٻيکَه جيِ جهولي يا ڪٽورو نه وڌايوسيِن.

هاڻي ته اڳتي قدم وَڌائي بيابانن کي باغستان ناهي هرهِڪ کيتر ۾ واپار وڻج

پٺتي نه پوندا آهيون. تن، من، ۽ ڌن جيِ شيوا ڪري اڳتي وڌندا آهيون. اسان هر ڳالهه ۾ پاڻ موکيو آهي. هن زماني جي زواليت ۽ ڪماليت کان پوين کي واقف ڪرائي ڪين پنهنجي اِتهاس ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ڪرائڻ اسان سينيِ جو فرض آهي.

❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖

بئرڪن ۾ لڙائيءَ وقت قاتل قيدين جي ڪالي ڪئمپن ۾، ٽين جي ٽهيل جهوپڙين يا تنبن ۾ ڪجهه راشن پاڻي ڏيئي پنهنجو ٺورو گهٽو پار هلڪو ڪيو. ڪي سنڌي مسواڙي مڪان هٿ ڪري وڃي ڏنڌي ڪي لڳا. ڪن وري مسلمانن جا ڪجهه ڇڏيل ڊنگا وڃي وسايا.

ڪئمپن ۾ رهندڙن جو حال هيٺو هو. ديش جي ورهاڱي وقت لڏ پلاڻ زور هئي، سنڌين تنهن ۾ به نواب شاهه ضلع جي سنڌين اڇڻ جو پهريون رخ راجستان ڏانهن رکيو. تنهن ڪري پهريائين اسان ڪي جوڌپور، مارواڙ، ۽ مارواڙي شبد رٽجي ويا. اجمير ۾ ته ڏاڍي پيهه ۾ رش هئڻ ڪري ڪنهن به رفيوجيءَ ڪي اتي رهڻ ۾ لهڻ نٿي ڏنو ويو. تنهن ڪري سنڌ مان ڏتڙجي لڏي جانورن وانگر گهيرجي اجمير کان ٦٥ - ٧٠ ڪوهه پري اڇي ديولي ڪئمپ ۾ بند رهياسين. جتي ١١٥ ڪلوميٽر پنڌ تي اوسي پاسي ڇئني طرف کان ڪابه ريلوي اسٽيشن ڪانه هئي. ننگرن ۾ گانون ڏانهن ڪوئلن تي هلندڙ لارين ۾ بسين ۾ چڙهي وڃڻ لاءِ به شرنارٿين کي ڪئمپ ڪمانڊنٽ کان پرمٽ وٺڻي پوندي هئي. ان ڪانسواءِ لاريءَ جي ٽڪيٽ نه ملندي هئي. هڪ ڏينهن جي خاص ڪم لاءِ ٻاهر وڃڻ تي به راشن ڪارڊ مان نالو ڪٽائڻو پوندو هو. سنڌ جي هرڻ وانگر اسان جي ته هفتي ۾ اندر حاضري ۾ نالن وغيره جي جاچ جوچ ۾ تپاس ٿيندي رهندي هئي. راشن ڪارڊن جي چيڪ ڪرڻ لاءِ باقاعدي ڪرفيو لڳائي پرشارٿين کي گهرن جي اندر بند رهڻ لاءِ حڪم ڪيو ويندو هو. پرڀات جو ڪرمون ڀائي سرڪاري سيوڪ گهنڊ وڄائي روبدار، زوردار ۽ اوچي آواز سان ڪرفيو لڳڻ جو سرڪاري حڪم تعميل ڪرڻ لاءِ ٻڌائيندو هو. اِئين ڪم ڪاريون ڇڏي صبح کان شام تائين وڃي گهرن ۾ سوگها ٿي رهندا هئاسين.

راشن تمام گهٽ سو به مٽي، واري ۾ ڀتريل ملبل گاڏر جو اسان جي سنڌ جا پالتو جانور به جيڪر نه کائين. سو اسان کي نصيب ۾ ملندو هو. گڏيل ڪچا ڪاڪوس، بئرڪن جون ڇنيون وهنڌ، پالن جون پٽيون، سوَنِ سان ٻاهر گڏ سمجهبو هو. ١٧ -١٨ ڪلوميٽر پري کان روز ڪائيون ۾ ڇيٽا جهنگل مان ميڙي مٿي تي ڪٽي اڇٽو پوندو هو. اهي ان وقت جا پيڙاڊايڪ ڏينهن ناز سان پليل اسان سنڌين لاءِ دکه پريل، عجيب، انوکا ۽ انيوي هئا. هاڻي ته محنت ۽ پريوءَ جي ڪرپا سان شينهن ڪلهي چڙهي ويا آهيون. هندستان ۾ رفيوجن جي ساڳي خراب حالت هئي. جئپور جي پرسان سانگانير، درگاپور ۾ گانڌي نگر جي ڪئمپن جي خراب حالت کان ڪير واقف نه هو؟

ناز سان پليل ٻار گوليون بسڪيٽ جهولن ۾ ڪٽي گاڏين ۾ چڙهي ڪٽي جو ڪٽي وڃي وڪرو ڪرڻ لڳا ته ڪي وري ڪوهر ڪوسا چورن چٽن جا هوڪا ڏيئي پنهنجي پريوار جي دال روٽيءَ ۾ مدد ڪئي. ته نوجوان ۾ ٻڌن وري قلن-قروٽن، ڀاڄين وغيره جا گاڏا ڇڪي هلائي پاڻ کي سنڀاليو، ته ٻين وري اناج چانور وغيره سامان جون هڙون ۾ ڳنا ڪُلهن تي ڪٽي

ڪنهي ڪيل دؤلت ۽ عيش عشرت جي شين کي پنهنجو سمجهي ان سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو. البت اهي هٿ ڪيل شيون سندس پسيني جي ڪمائيءَ مان پيدا ڪيل هئڻ ممڪن آهن، پر جيون مرتيو جي چڪر کي وساري اِنهن پدارٿن سان بيحد حُب ڪرڻ لڳي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري ته جڏهن هو حقيقت شناس ٿي مرتيو کي اکين آڏو ڏسي ٿو تڏهن سندس ساهه وسامي پيو وڃي ۽ هو ٻوڙها ٻاڙڻ ٿو لڳي. مؤت کي اٽٽر ڄاڻندي ان کان ڪنبڻ جو پنجون ڪارڻ آهي چوراسيِ لکه جوڻين جو تصور ۽ نرڳ جي دل دهڪائيندڙ خيالات. انسان ڏارمڪ ڄامو پهرايل پستڪن مان ۽ گاونشين گورن جي مکن مان جڏهن چورياسي لکه جوڻين ۽ مرتيو بعد نرڳ ۾ داخلا ۽ اتي جي عذابن جو احوال پڙهي ٿو يا ٻڌي ٿو تڏهن هنجو هنيو اُجهامي وڃي ٿو ۽ هوُ درخت جي سُڪل پن جيان ڪنبڻ لڳي ٿو. مؤت کان ڊڄڻ جو ڇهون سبب آهي پريوار! جي پوين جي سار سنڀال ۽ سڪاڪاريءَ لاءِ انڌو موهه ۽ اُن موه مان پيدا ٿيل چنتا. مٿين ڄاڻايل ڪارڻن ڪانسواءِ عام رواجي انسان جي موت کان ونئه وڃڻ جا ٻيا به سبب ممڪن آهن. پر اهي سڀ سبب زمين دوز ٿي سگهن ٿا جيڪڏهن ماڻهو محسوس ڪري ته موت اٽٽر آهي ۽ اُنجو اوڏو اچڻ فقط سمي جو سوال آهي.

اسان جي شاسترن موت جي مهما سمجهائڻ لاءِ مهاڀارت جي ڀيشم پتامهَ جي پاتر کي نظرن سامهون ڌري ٻڌايو آهي ته پتامهه کي اَمر پد پراپت هئڻ سبب هو لمبي جيون جي گهارڻ بعد ”ڪڪ“ ٿي پيو ۽ منشا رکڻ لڳو ته هو جلد مرتيو کي پراپت ڪري. شاسترن ۾ اِها به ڳالهه چئي آهي ته رشين منين يا ڪامل پرشن جي وردان سبب جڏهن به ڪن ڳاڻ ڳڻين کي امر پد پراپت ٿيو آهي تڏهن سمي پڄاڻان هنن مرتيوءَ جو ڀئه ڀلائي ايمان ۾ اچي نربلن تي ظُلم ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ آسپاس جي رهندڙ جيون جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ مرتيوءَ جي آوشيڪتا قبوليندي اُنجي آمد کي فقط چولو مٽائڻ سڏيو آهي ۽ اُنجي جڳهه تي ”آتما“ کي امر سڏيو آهي جيڪو نروڪار هئڻ سبب هرش شوڪ، اُميد نااُميديءَ ۽ مانَ -اَپمان جي جذبي جي دائري کان ٻاهر آهي.

مٿين حالتن ۾ جڏهن مرتيو يا مؤت اٽٽر آهي، انجي آمد اٽري سچي آهي جيتري مقرر سمي تي سج جي آمد يا روانگي، پوءِ اُن کان ڊڄون ڇو؟ ڇونه اٽٽر موت جيستائين ڀاڪر ۾ ڀري تيستائين حياتيءَ کي سڦلو بڻائڻ لاءِ مرتيوءَ جي سينگار ۽ سنوار لاءِ سهڻا ڪاريه ڪريون، جيئن پاڻ ته مشڪندا مرون پر جيئندڙ اسانجي ڪيل ڪرمن جي خوشبوءِ کان متاثر ٿي اسانجي روانگيءَ مان پريرڻا پائي نقشِ قدمن تي هلڻ جو اُدم ڪن ۽ پنهنجي جياپي کي ”ماحول“ لاءِ وردان ثابت ڪن!

❖❖❖❖

موت جو ڊپ ڇو؟

آتمارام گوپلاڻي

هر ڪو ڄاڻي ٿو جيڪو ڄميو آهي سو اَوس مرندو، جيڪو اڄ اسانجي نظرن سامهون جذبات جو باعث بڻيو وينو آهي، سو سُڀاڻي نہ رهندو. ان جي باوَجود بہ اسان موت کان ڊڄون ٿا. موت جو نالو ٻڌندي اسان ائين هِراسجي وڃون ٿا جيئن جهنگل ۾ باهہ لڳڻ سان هرڻي هراسجي ويندي آهي. آخر اسان موت کان ايترو ڇو ٿا ڊڄون؟ موت کان ان طرح ڪنبڻ جو پهرين ڪارڻ انسان جو پنهنجي شرِير سان انڌو پيار يا موهہ آهي. اِنسان جڏهن گيتا جو گيان پلجي شرِير کي ناسونت نہ سمجهي، اِنَ کي پنهنجي پونجيِ سمجهي ٿو، اِنَ سان حُب ڪري ٿو، لاڏ لڏيي ٿو، اِنَ جي سينگار سنوار لاءِ جَتن ڪري ٿو، تڏهن اِنَ جي ناستيءَ جيِ ڪلپنا سندس ڏرن ڏڪايو ڇڏي. ڪيس مايوس ڪيو ڇڏي. مرتيو کان ڊڄڻ جو ٻيو سبب آهي اڪين آڏو جيڪو پسون پيا انکي سچ سمجهي ان سان نينهن اَٽڪائڻ. اَسان اِهو پلجي ٿا وڃون تہ اَسانجي ويدڪ وديا اسانکي دنيوي پريم کان روڪي پيئي. اسانجن رشين منين ۽ ودوانن جي اسان سکيا وساري پنهنجو ساهہ دنيوي پدارٿن ۾ اٽڪائي جياپي سان بيحد پيار ڪيون ٿا. ان ڪري موت جو تصور ڪندي ڊپ ۾ ڪنبون ٿا. مرتيو کان ڊڄڻ جو ٽيون ڪارڻ آهي موت جي باعث ٿيندڙ بيمارين، پيڙائن ۽ ٻئي مٿان پاڙڻ جي ڪلپنا ڪندي مايوس ٿيِ وڃڻ. هرڪو سمجهو انسان خواهشمند ٿو رهي تہ هو انت ويلي تائين تندرست رهي، دوا درمل ۽ سُئِن جي جهميلي ۾ نہ ڦاسي ۽ پنهنجي روز مره جي حاجتُن لاءِ ٻئي مٿان نہ پاڙي. هو جڏهن موت جي اوڏو پهتل باشندي کي پنهنجي پريوار جي ڪنهن ڀاتيءَ مٿان آڌار رکندو ڏسي ٿو ۽ اهڙين حالتن ۾ ڪڏهن متاثر شخص کي ڇڙٻ کائيندو ڏسيِ ٿو تڏهن هن جون ڊپ سبب اکيون ڦاٽيِ وڃن ٿيون ۽ ازخود وات مان شوڪارو نڪريِ وڃي ٿو ۽ پنهنجي انت ڪال جو خيال ڪندي ڪنبيِ وڃيٿو. مرتيو کان ڊڄڻ جو چوٿون ڪارڻ آهي اِنسان جي انڌي خيالات جنهن موجب هو



نالو : آتمارام ساجنداس گوپلاڻي

جنم، تاريخ : سوڀ ڏيرو خيرپور، سنڌ؛ ١٦ - ١ - ١٩٣٧

ڇپايل ڪتاب: مُلڪي مسئلا ۽ واحد حل، لوڪشاهي.

انعام :

پيشو : هندو ڊيلي اخبار جو سنواددا تا، زندگي هفتيوار احمدآباد ۾ ڪالم لکندڙ ۽ ڊائريڪٽر.

پتو : ٩-اي، هرنامداس سوسائٽي، بنگلو ايريا، ڪبير نگر، احمدآباد- ٣٩٢٣٤٠

مون رام باغ ۾ ٿيل هڪ ميڙ ۾ ڪيو هئو. ديش جي آزاديءَ جو سرتاج شهر شهر گهُمي پنهنجو سنديش ٻارن ٽوڙي ٻڌن تائين پهچائيندو هئو.

ستي هاءِ اسڪول جي هڪ شاخ فريئر روڊ تي هئي. هيٺان روزاني اخبار ''سنسار سماچار'' جو ڇاپخانو ۽ آفيس هئا ۽ پهرئين ماڙي تي منهنجو اِسڪول. هيڊ ماستر جي اُتساهه سان هِن ننڍي اِسڪول ۾ وڏي لائبرري برپا ٿيل هئي. مونکي عمدن ڪتابن پڙهڻ جو اِن خاص لئبرريءَ مان سونهري وجهه مليو هئو.

انهن ڏينهن ۾ سنسار سماچار اَخبار ۾ مهان ليکڪ منشي پريمچند جي ٻن وڏن ڪتابن ''خوني سماج'' ۽ ''رنگ ڀومي'' جا ترجما قسطن ۾ ڇپيا هئا. پوءِ انهن کي جلد بند ڪري ڪتابي روپ ڏنو ويو. ڀارتي ساهت جا ٻه اَملهه ڪتاب مون اُتان وٺي پڙهيا.

گانڌيا پاپڙي خريد ڪندي ڏٺم ته پُڙتي ٻڌڻ لاءِ سنڌي ڪتاب جو پنو ڪم ۾ پئي آيو. مون دڪاندار کان پڇيو ته اِهي ڪتاب ڪٿا ورتا هئائين. مڃاڻ ته جهوني پراڻي وڪڻڻ وارو اچا دڪان وٽ ئي ويٺو هئو. منهنجو چاهه ڏسي مونکي اسڪول جي سامهون هڪ ننڍي مڪان ۾ پنهنجي گهر وٺي هليو. ڪٽ هيٺان هڪ ٻوڻِ ڪڍي سنڌي ڪتابن جو انبار کولي سامهون رکيائين. ڪتابن جو خزانو ڏسي منهنجو من خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳو. جيترا پئسا جيب ۾ هئا، اُنهن مان عمدا ڪتاب چونڊي خريد ڪيم. پوءِ ته هر روز خرچيءَ جا پئسا ڪٽي اُتان ڪتاب خريد ڪندو رهيس. نتيجو اِهو نڪتو جو هڪ چڱي خاصي لائبرري ٺهي پئي، جا وقت گذرندي ويئي اُسرندي.

نفشي تي ڪراچي ريلوي اسٽيشن جي نشان تان ٻيو ماڊل هاءِ اسڪول جو هنڌ ڳولهي لڌم. چوٿين درجي انگريزيءَ ۾ مون فرينچ ٻولي سکڻ لاءِ نئين اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي.

ماڊل هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جي ٻين اسڪولن کان گهڻين ڳالهين ۾ اڳرو هئو. اسانجي اسڪول جي ڪِرڪيٽ ٽيم چٽاپيٽين ۾ پهريون نمبر ايندي هئي. ٽيم جو سڀ کان سرس بئٽسمن هو جي ڪشنچند، جنهن پوءِ رانجي ٽرافيءَ ۽ هندستان جي ٽيم ۾ شامل ٿي پنهنجو نالو روشن ڪيو.

مان اسڪول جي اسڪائوٽ ٽروپ ۾ داخل ٿيس. وقت گذرندي منهنجو اسڪائوٽنگ ۾ چاهه وڌندو ويو. ڪراچي سينٽرل لائبرريءَ مان اسڪائوٽنگ تي هڪ ڪتاب جي مدد سان سڀ کان وڌيڪ Badges جا امتحان پاس ڪيا. هڪ ڏينهن سڄي اسڪول جي اسيمبليءَ سامهون منهنجو سنمان ٿيو، پرنسپال صاحب پنهنجي هٿن سان

ڪراچي شهر جون يادگيريون

ڊاڪٽر هنس پوڄراج ڪٿوريا

گهمندي ڦرندي هڪ پراڻين اخبارن جي دڪان تي نظرون گهمائيندي ڪراچي شهر جو هڪ ٽورسٽ نقشو هٿ لڳي ويو. هڪ روپيو قيمت ادا ڪري، مڃاڻ ته علادين جو جادوئي چراغ ڳنهي آيو هوس. منهنجو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو هئو. اسڪول ڪاليج به اتي پڙهيس. زندگيءَ جا سونهري سال ڪراچيءَ ۾ گذاريا هئم. هن شهر سان منهنجو گهرو سنيهه ۽ اَٽوٽ ناتو رهيو هئو. پنجاه سالن جي لمبي عرصي ڪراچيءَ جون يادگيريون ميساري ڇڏيون هيون. اچانڪ هڪ اِسرار ٿي گذريو. ڪراچيءَ جو نقشو سامهون رکي جان ويٺس ته ائين لڳو ته ڪوه ڪِناري ناڙ پيو هلي ۽ اُن مان پاڻيءَ جي جڳهه تي يادگيرين جا ڪونڙ پرجي پيا نڪرن.

نقشي تي سرسري نظر گهمائيندي پهريون نشان پنهنجي ڪراچيءَ واري گهر کي ڳولهڻ لڳس. ويرع ئي ڪانه لڳي جو Y.W.C.A. اکين آڏو اچي ويئي. منهنجو گهر بلڪل اُن جي پٺيان هئو. گهر سان گڏ گهر جا ڪمرا ياد آيا. منهنجي پيءُ منهنجي پڙهڻ لاءِ خاص هڪ ننڍي ڪوٺڙي نهرائي هئي. مون اُن ۾ اضافو ڪري پنهنجي گهرو لائبرري بڻائي هئي. محنت ۽ جفاڪشيءَ سان مون وٽ ذري گهٽ اُن وقت تائين ڇپايل سنڌي ساهتيه جا سمورا ڪتاب گڏ ڪيل هئا.

سرائي ڪوارٽر جو هنڌ نقشي تي ڳولهيم. اُتي منهنجو پهريون سنڌي اسڪول هئو. منهنجو نصيب زور وارو هئو جو اهڙو هڪ هم ڪلاسي مليو هو جنهنجي گهر ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپجندڙ ڪيترا ئي رسالا ۽ مخزن اِيندا هئا. هو پڙهڻ ۾ به برڪ هئو. ۽ هنجي سنگت جو اثر منهنجي سڄي زندگيءَ تائين رهيو آهي.

اُن وقت ڪراچيءَ جو مرڪز هئو رام باغ جتي هر سال رام ليلا جو کيل لڳندو هئو ۽ دشهڙي تي راوڻ جلائيندا هئا. ننڍپڻ جي زماني ۾ مون لاءِ اِهي سڀ کان مزيدار واقعا هئا.

گانڌي جيءَ جو پهريون درشن به

نالو	:	ڊاڪٽر هنس پوڄراج ڪٿوريا
جنم، تاريخ	:	ڪراچي (سِنڌ) تاريخ ٢٢ جولاءِ ١٩٢٧ع
ڇپايل ڪتاب	:	الڳ الڳ رِسالن ۽ مئگزنن ۾ ليکَ ڪهاڻيون وغيره شايع ٿِيَل آهن.
انعام	:	
پيشو	:	ڊاڪٽر
پتو	:	٩- گُلِستان، ٢١٦ سائن (ايسٽ) مُمبئی - ٤٠٠٠٢٢

۾ ڏسي بهترين خوبصورتيءَ جا مثال آهن : سمنڊ ڪناري جو نظارو، شيڪسپيئر جو ناٽڪ ”هئمليٽ“ ۽ موسيقيءَ ۾ موزارٽ جو شاهڪار ”ڊان جووني“.

هر هفتي ڪلفٽن جي رستي واري پل تان لهي، سائيڪل ڦيرائي مان چائناڪريڪ تي Sea Scouts جي ڪاٺ جي ٺهيل ڪئبن ڏانهن ويندو هئس. هن جڳهه تان مان هڪ نه پر ٻه دفعا موت جي منهن مان بچي نڪتو هوس. انهيءَ ۾ ذرو به سنديهه ڪونهي ته ”جانڪو راکي سانئيا مار سکي نه ڪوءِ“.

سياري جا ڏينهن هئا، سو سمنڊ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ترڻ جو وجهه ڪونه هئو. مون مڇي پڪڙڻ جو سانباهو ڪري، Hook ۽ جهينگا ڪپڙي جي ٿيلهيءَ ۾ وجهي چاينا ڪريڪ ڏانهن رخ رکيو. سمنڊ ۾ لهندڙ ڏاڪڻ تان ويهي Hook واري نوڙي پاڻيءَ ۾ ڦٽي ڪري انتظار ڪرڻ لڳس. آيو جو هوا جو جهونڪو سو ڪپڙي جي ٿيلهي ويئي اڏامي پاڻيءَ ۾ ڪري. بنا اڳو پيڇو سوچڻ جي ٿيلهي بچائڻ لاءِ مان ڪپڙا لاهي پاڻيءَ ۾ گهڙيس. پاڻي هو ٿڌو يخ، جنهن منهنجي بدن کي برف جيان ڄمائي ڇڏيو. نه هٿ چوري سگهان نه پير، هڪ برف جي ڇپ وانگر پاڻيءَ ۾ ڄميو رهيس. موت اکين اڳيان نچڻ لڳو. ڪجھ ساعت گذري ته بدن ۾ حرارت موٽي، هٿ پير چرڻ لڳا ۽ مان پورو زور لڳائي تري اچي ڪنڌيءَ کي جهليو.

هيو موقعو هئو جڏهن هڪ دوست کي ٻتيلي ۾ گهمائڻ لاءِ وٺي ويس. وير ڀرپور چڙهيل هئي، ٻتيلي جو ونجهه هلائي، وڏي پاڻيءَ تائين اچي ڏاڍو خوش ٿي رهيو هوس. موٽڻ جو اِرادو ڪري ٻتيلي کي گهمائڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڇا ڪٽي ڏسان ته پاڻيءَ جي زور اڳيان منهنجو ڪوبه وس ڪونه ٿو هلي خوف وچان منهن پنو ڇڏي ويو. منهنجو دوست سامهون ويهي منهنجي مصيبت کي ڀانپي رهيو هئو. مونکي منجهدار ۾ قاتل نئيا جي مهراڻ ۾ ٻڏڻ جا ڊيڄاريندڙ نظارا گهيري ويا. چوڌاري اندڪار ڦهلجڻ لڳو هئو. پر اچانڪ هڪ چمتڪار ٿي گذريو. وير مٿي چڙهي ماٺي ٿي ۽ تيز لهرن (Current) جي وهڪ بند ٿي. ونجهه ٻتيلي کي ڦيرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اسين ٻه دوست سلامتيءَ سان ڪناري تي اچي لڳاسون. مون لکين شڪرانا مڃيا اُن مالڪ جا جنهن ٻڏندڙن تي ٻاجهه ڪري ڪناري لڳايو هئو.

وڌيڪ ڇا لکان؟ ڪراچيءَ جي نقشي تي سوار ٿي مون من جي فطرت جو عجيب ۽ غريب الف ليليٰ وارو سفر ڪيو آهي!

❖❖❖❖❖❖❖

مونکي انعام طور بئجز (Badges) ڏيئي، منهنجو اُتساهه وڌايو.

اسڪول لائبرريءَ ۾ بہ مون مانيٽر جو درجو حاصل ڪيو، انَ ڪري مان لائبرري ماستر جي ويجهي صحبت ۾ آيس. نوان ڪتاب چونڊ ڪري خريدڻ لاءِ مان ساڻس گڏ هڪيو هوندو هوس. شاگردن کي ڪتاب ڏيئي وٺي لائبرري بند ڪري، اسڪول مان گڏ گهر ڏانهن پنڌ پوندا هئاسون. هڪ اُستاد جي ويجهو رهي، ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ منهنجي تعليم جو هڪ اهم حصو ثابت ٿيا آهن.

ڪراچي شهر جي شاه راهه هئو بندر روڊ، جنهن تي شهر جون سڀ کان هاڪاريون جڳهيون نهيل هيون. سيني کان خوبصورت هئي ڪراچي مينسپالٽيءَ جي لال پٿر ۾ نهيل بي مثال عمارت. آڳنڊ ۾ ڪراچيءَ جي سرمور شخص سيٺ هرچندراءِ وشنداس جو سنگمرمر جو پتلو هنجي ديش ۽ جاتيءَ لاءِ ڪيل سيوائن جي ياد ۾ نهرايو ويو هئو.

بندر روڊ تان من جون اکيون ورائيندي بين مکيہ جڳهين جهڙوڪ ڊينسو هال، خالق- ڏنو هال، مولوڏنو مسافرخانو سئنيما جي پڙدي تي آيا ۽ گم ٿي ويا.

ٿوڙو اڳيان وڃي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو لاج هئو، جتي لڳاتار ليڪچر پروگرام هلندا هئا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڀاشڻ ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ ان هال ۾ ڏنو ويو هئو. گهڻا سال پوءِ ان رڻا کي وڌائي پروفيسر صاحب ”سنڌي ساهت جي تاريخ“ لکڻ جو وڏو ڪاريہ پورو ڪيو هئو.

آرٽلري مئدان جي ڪُنڊ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي شاندار عمارت اکين آڏو آئي. هي ڪاليج سڄي سنڌ جو سرسوتي مندر هئو. جهڙا ڪامل اُستاد هن ڪاليج ۾ سکيا جو ڪاريہ ڪندا هئا، تهڙا شايد ٻئي ڪٿي ورلا هجن. ساڌو واسواڻي، صاحب سنگه شهاڻي، هوتچند گربخشاڻي، رام پنجواڻي، نارائڻ ٻناڻي، منگهارام ملڪاڻي ۽ لالسنگهہ آجواڻيءَ جا نالا سندن شاگردن جي دلين تي هميشه لاءِ اُڪريل رهندا.

١٩٤٣ ۾ پرنسيپال نارائڻ ٻناڻيءَ مونکي پنهنجي Physics سيکارڻ جو جوهر ڏيکاريو هئو. اُنکان چاليهہ ورهيہ اڳ جو شاگرد منهنجو پيءُ بہ هن اُستاد جي سکيا جي ساراهہ مان ڪين ڍاپندو هئو.

نقشي تي ڪلفٽن وارو سمنڊ ڪِنارو ڏسي دل گدگد ٿي. هتي سدائين اڇي گجيءَ سان ڀريل سمنڊ جو لهرون گجگوڙ ڪنديون اچي پاڻ ٽڪرائينديون هيون. سمنڊ جو اهڙو سهڻو نظارو شايد ٻيو ڪٿي هجي. فلابيرٽ نالي جڳ مشهور ليکڪ جو قول هئو تہ سڄي سنسار

واٽين نتي وارن کي پناهه ڏني آهي، جا پڻ حاڪم کي ڄاڻ آهي. هينئَر حاڪم جو حُڪم آهي تہ توهان کيس پنهنجو اَنَ داتا سمجهي سندس اَڳيان جُهڪو ۽ ايمانداريءَ سان حُڪم جي بجاوري ڪريو. پنهنجو هِندُوُ ڌرم ڇڏي هميشه هميشه لاءِ اِسلام ۾ داخل ٿيو ۽ بهشت جا حقدار بڻجو. اَگر توهان آڻَ نہ مڃي، تہ توهان جو اصل نسل ناس ڪيو ويندو. ايئَن چئي هوُ غصي ۾ گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو. اَڃان ٿورو مَسَ هليو تہ پريان درياهہ جي تيز ڇوليُن جو دِل دَهلائيندڙ آواز ٻُڌڻ لڳو. اَهِيي هڪدم ڇرڪجي گهوڙي کي بيهاريو. ڇا ڏِسي تہ پلي جهڙي شِڪِل نِڪري نِروار ٿي رهي آهي ۽ مٿِسِ هِڪُ خوب صورت جوان سواري ڪري وٽِس اچي رهيو آهي. اهيو من ئي منَ ۾ چئي رهيو هو تہ اَهڙو اِنسان مون ڪڏهن نہ ڏِٺو آهي. ايتري ۾ هن نوجوانَ اَچي چَيُس، جَناب اهيا صاحب! پنهنجي حاڪِمَ کي اَسان جو نِياپو ڏج تہ اَسين هفتي اَندر سندس محلات ۾ مُلاقات ڪنداسين ۽ اِهو بہ ڇئجانئِس تہ پنهنجي ظلمَ جي گهوڙي کي لغام ڏئي تہ بهتر، ڇو جو اَسين هِندو شانتي ۽ مِنَ محبَتَ ۾ وشواسُ رکندڙ آهيون. پر اَسان سان ڪو اَجائي هلتِ هلندو تہ اسانجا بہ هٿ خود بہ خود چمڪندڙ تلوار طرف وڌندا، اها بہ ڄاڻ رکجو.

سنہ ١٠٠٧، ١٩٥١ع نصرپور ۾ شڪروار (جمع)، جنهنکي ٿارون بہ چئِبو آهي ”چيٽي چنڊ“ ڏينهن اُڏيري اصل رتن راءِ ڪُنيَر جي گهر جنم ورتو. هن جي جنم تي خوب خوشيون ملهايون ويون. جوتِشِين هن جا گرهہ گوچر ڏسي چيو تہ هي ٻالڪ ورڻ ديوتا جو اوتار آهي، هي مظلومن جي رکيا ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿيو آهي. سندس نالو اُدَيَہ چندر رکيائون. ڇَوَن ٿا تہ جنم وٺڻ سان هن ٿڃُ نہ ورتي. سندس ماتا پتا گهبرائجي ويا تہ ٻالڪ سان ڪهڙي ويڌن آهي جو ٿڃُ نٿو وٺي. ٻالڪ تہ بلڪل شانت، چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪي رهيو هو. حڪيم کي گهرائي ساڻس سموري ڳالهہ ڪيائون. حڪيم ڏسي ڪري چيو تہ ٻالڪ کي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي پر خبر ناهي هو ٿڃ ڇو نٿو وٺي، ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچيم. ايتري ۾ ٻالڪ اوٻاسي ڏيئي وات کوليو. ڏسن تہ اندر سنڌو درياهہ ڇوليون ماري رهيو آهي ۽ منجهسِ جل پراٽي نظر اچي رهيا آهِن. پريان هڪڙو اچي ڏاڙهيءَ سان ڪو مهاپرش ٻالڪ کي جل جي ڏاتِ ڏيئي رهيو آهي. ڇا تہ قدرتي نظارو ڏسي رهيا هئا. حڪيم صاحب چيو، ”توهان جلد وڃي درياهہ شاهہ تان جل ڪٽي اچو ۽ ٻالڪ جي مکہ ۾ وجهو.“ ڏات پيئارڻ سان ٻالڪ زور زور سان روئڻ لڳو. پوءِ اَنُو ڳوهي درياهہ ۾ وڌائون جو جَلَ پراڻِيُن ڪاڌو؛ جنهن کي سِنڌي هاڻي ”مودڪُ“ چَوَندا آهن ۽ ڀراڻي ۾ اُهو ضرور ڻاهيندا آهن ۽ جوتِ بہ جَلائيندا آهن. هي ٻالڪُ جڏهن ساماڻو، تہ ڪڏهن گهوڙي تي تہ ڪڏهن پَلي تي سَوار ڏِسبو هو. مرک شاهه جي ظُلم کان بچڻ لاءِ هِندُنِ وڃي اَمر لعل جي شرن ورتي. جڏهن مرک شاهه ڏٺو تہ هِندو پنهنجو حمايتي وٺي آيل آهن، تہ هوُ بہ لشڪر وٺي درياهہ جي ڪَپَ


پيگوان جهوليلعل

پريم لتا عيدناڻي

جهوليلعل لاءِ ڪيترن جو رايو آهي تہ هو هڪ اوتار هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ هو هڪ وير پُرُش هو. جو جو هن ويرتا وارن ڪمن ڪي وڏيڪ مهتوَ ڏنو آهي. هن جا ڪيترا ئي نالا آهن، جيئن تہ جندا بابا، اَمرلا، جوتيُن وارو لعل، لال سائين، جند پيرُ. پر مُسلمان هنکي زنده پير جي نالي سان سڏيندا آهن ڇو جو هنَنِ جيڪو بہ هن جو ڪَرِشمو ڏٺو هو، سو هڪ ماڻهوءَ جي رُوپَ ۾، پَلي تي سَواري ڪندڙ ٻالهائيندڙ ڏٺو هو، جنهن ڪري ئي هوُ هنکي ولي يا زنده پير ڪري سڏيندا آهن. ڪيترا هِندو هنکي جل ديوَتا، وَرُڻ ديوَتا بہ ڪري ڪوٺيندا آهن. پر ڏنو وڃي تہ جڏهن مُسلمانن جي زور زبردستي حد کان وڌيڪ وڌي ويئي، تڏهن هي هِن مهاپُرُش پنهنجو اَوَتارُ ورتو. هِڪُ هزار سال اڳُ جڏهن سِنڌي هِندُن جي عزت، آبرُوُ، جان ۽ مال جوکي ۾ هئا، پِرِٿوِي پاپَ سان جَلي رهي هئي، ڪروڙ اَيمان ٻڏجي پيو، ڪمزورن جيئڻَ جي آشا پلي ڇڏي هئي، دينُ دُنيا لاءِ دوکو ٻڏجي پيو، شيطانَ کي شرف مِلندو رهيو، تڏهن ئي هِن اَوَتارُ ڌارڻُ ڪري سِنڌي هِندُن جي عزت آبروُ جي حِفاظت ڪئي.

نتي جي بادشاه مَرک شاه اُتي جي هِندُن تي خوُب ظُلم ڪيا. اُنهن کي زوريءَ مُسلمان بڻائڻ لاءِ پنهنجي ظُلمَ جو طريقو آزمايو. تڏهن ويچارا هِندوُ، پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ، نتو نگر ڇڏي اَچي نصرپور ۾ رهيا. مرک بادشاه اُتي بہ هنن جو پيڇو نہ ڇڏيو. سندس اَڪيُن تي اَنڌ جا ڪوپا چڙهي ويا هئا. هوُ اِسلام جي اُصولن جو خوُن ڪري، پنهنجي ناپاڪ تلوار جي زور تي، هِندُن کي زوريءَ مُسلمان ڪري رهيو هو ۽ هِندُن جو سَروَنس ناس ڪرڻ وارو هو. پر هِندو اُن تلوار کان نہ ڊجي مُقابلي لاءِ تيار ٿي ويا. پاڻ ۾ فيصلو ڪيائون تہ اَسين هِندو مري وينداسون، پر اِسلام اختيار نہ ڪنداسون.

هِڪَ ڏينهن مَرک بادشاه پنهنجي وزير اهيي کي نصرپور موڪليو، جنهن اَچي پنهنجي حاڪم جو پيغامُ ڏنو ۽ چَيو تہ حاڪم کي اَوهانجي بغاوَتَ جي سمُوري ڄاڻ پئجي ويئي آهي. هِتي نصرپور جي



نالو :	پريم لتا عيدناڻي
جنم، تاريخ :	حيدراباد سِنڌ. تاريخ : ١٢-١٢-١٩٣٣
ڇپايل ڪتاب:	ڪَلي، جا گُلُ ٻڻي نہ سگهي
انعام :	ساهِتيہ اَڪادمي، دهليءَ طرفان اِنعام حاصل
پيشو :	گهر ڪارج
پتو :	٢-شباس پارڪ، ايئرپورٽ روڊ، ودودڙا-٣٩٠٠٠٥

شعر شاعري ۽ شاعر

هندوجا نند آنند

شاعري تہ آ، دل ڌڙڪن جو آواز زنده دلين جو آ، حسين احساس!

چون ٿا تہ جڏهن آسمان ۾ پکي پرندا نہ هوندا ۽ ڌرتيءَ تي شاعر نہ هوندا تہ هيءُ جڳُ رهڻ لائق نہ رهندو!

هي محفلون، بزم، مشاعره، شعر ۽ شاعري اڄ جي ڪا نئين لهر ڪانهي. صدين کان موريہ گهراڻي کان وٺي مُغل بادشاهہ جي دربار ۾ بہ مشاعره محفل جاري رهنديون هيون. وڏن وڏن شاعرن جي آبرو عزت ٿيندي هئي. بادشاهہَ، سمراٽَ، راجشاهي گهمسان کان نجات پائي، دربار ۾ شاعرن جا سخن ٻُڌي دل کي سڪُونُ ۽ جيءَ کي فرحت ڏيندا هئا. ڪجهہ لمحا فرحت پائيندا هئا.

اڄ پڻ شعر ۽ شراب- غريبن کان اميرن تائين موج ۽ آنند ڏيندڙ آهي. شاعري فقط انهن شخص کي ٺي نہ وڻندي آهي جيڪي يا تہ جانوري نسل جا هوندا آهن يا جن جي سيني ۾ اِنساني دل نہ هوندي آهي!

شاعري رنج ۽ راحت جي وچ ۾ هڪ نازڪ پُل مثل آهي. جڏهن اِنسان محبت ۽ دنيا جي غم کان بيزار رهندو آهي، تہ اهڙا گيت غزل ۽ نغما رچيندو آهي جو دُکہَ-دردَ اُنهن جي دلين مان ڪافور ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن سوخت اَمير اِهي نغما ٻُڌندا آهن تہ سکہ کي ڀلجي عيش آرام جي دنيا مان ٻاهر نڪري درد جي تلاش ۾ راحت پائيندا آهن. اِنهيءَ ڪري چيو ويندو آهي تہ ڪويتا دکہ ۽ سکہ کان پري هڪ پياري سهيلي مثل آهي! شاعري !!

آخر اها شاعري ڪيئن ٿي وجوُد ۾ اچي. چون ٿا تہ —

عشق ڪو دل ۾ جگهہ ديجئي،
شاعري آجائيگي.
علم سي شاعري آتي نهين،
آدمي ڪو انسان بنا ديتي هئہ شاعري
ڪيي ڪيي تو اِنسان ڪو،
اوليا بنا ديتي هئہ شاعري!

عوام انسانُ پڇي ٿو تہ اها محبت ڪهڙي بلا آهي؟ محبت ڇا آهي؟



نالو	:	هِندوُجا نَند آنند
جنم، تاريخ	:	لاڙڪاڻو، سِنڌ. تاريخ : ۵-۴-۱۹۳۸ع
ڇپايل ڪتاب	:	پرواز ڪهاڻيون؛ همراز؛ ناز اَنداز؛ زندگيءَ جو مرڪز؛ لاجوابُ ڪٿمِلڙو.
انعام	:	ڪيترين ئي ادبي سنستائُن طرفان سنمانِت/اِنعام.
پيشو	:	سيڪنڊري ٽيچر، نيو اِنگلِش اِسڪوُل (رِٽاير ڪيل)
پتو	:	D-712، سَن گريس، رهيجا وهار، پوائي، مُمبئي - ۷۲.

تي آيو ۽ اَمر لال کي پلي تي سَوار ڏٺائين. اَمر لال جي حُڪم تي درياه جا سيپيئي جيوَ اَچي مرک شاه جي لشڪر تي ڪَرڪيا. مرک شاه اُن مهل ڊڄي ويو ۽ اَچي اَمر لال جي قدمن تي ڪِري معافي ورتائين.

هِڪَ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ اُڏيرو لال هالن ۾ ريلوي ٽان پنهنجي ٽڪُر سان پئي لنگهيو تہ اُها زمين هُن کي خوب وڻي. زمين جي قيمَتَ لاءِ مالِڪَ کان پُڇيائين. مالِڪُ پنهنجي گهرِ زالُن سان صلاح ڪرڻ ويو. هوڏانهن وري هِنن ٻنهي کي اُسَ ۽ اُڃَ سَتائي رهي هئي. اَمر لال پنهنجو نيزو زمين ۾ کوڙيو تہ پاڻي نِڪري آيو ۽ ڇانوَ لاءِ وڏو درختُ نهي ويو. مالِڪُ آيو تہ وارياسي زمين ۾ پاڻي ۽ درختُ ڏسي وائڙو ٿي ويو. سمجهائين تہ هي ڪو وڏو وَلي يا پيرُ آهي. هُن پئسن وٺڻ کان اِنڪارُ ڪيو ۽ چيو، ”مون کي پئسا نہ کپنِ، پر توهان اِتي ڪو مندرُ ٺاهيو تہ مون کي مُجاوَرُ ڪري رکجو. اَمر لال ها ڪري هُن جي اَکيان ئي غائبُ ٿي ويو.

سِنڌ جي اِتِهاسَ تي ڪيترن ئي سِنڌي وِدوانن پنهنجي قلم آزمائي ڪئي آهي پر اُڏيري لال تي ڪا خاص روشني نہ وڌي آهي. ائين تہ مهاراشٽر ۾ ’چيٽي‘ کي ’گُڊي پڙوَ‘ جي نالي سان سَڏيندا آهن تہ سؤراشٽرَ ۾ درياه پير جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ اُتسوَ ملهائيندا آهن. چيٽي چنڊُ خاص سِنڌي، سِنڌيَتَ جو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن. ڇوَنِ ٿا تہ مرک شاه معافي وٺڻ کان پوءِ بہ بدلي جي باهہ ۾ پڄرندو رهيو ۽ پنهنجي تعصبي مددگارن کان صلاح وٺي اُڏيري لال کي نِياپو موڪِليو تہ اَگر توهان پيش نہ پيا تہ لٽي جي سيني هِندُن کي ناس ڪيو ويندو. موٽَ ۾ اُڏيري لال جوابُ موڪليو تہ هِندُن کي هٿُ لائڻ وارن جو اَنجام ڏاڍو بُرو ڏِسندؤ. بس پوءِ تہ اُڏيري لال پنهنجي ماڻهن کي آگاه ڪيو ۽ سيني کي وٺي نديءَ جي هُن پار سَلامت رکيو ۽ پاڻ بيڙيُن ۾ ٻيهي رهيا. مرکُ ۽ سندس ماڻهو اجان ننڊ ۾ ئي هئا تہ نديءَ جو پاڻي اُٿل کائي شهر ۾ کاهي پيو. ماڻهو اجان سوچين ئي سوچين تہ پاڻي اَچي مَرک شاه جي محل پهتو. هاڻي مرک شاه کي آڻَ مڃڻ کان سِواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. هُن لاچار ٿي صُلح جو جهنڊو جهولايو. اُن وقت مرک شاه، وزير اَهيو ۽ مُلا-مولوِئن اَچي شانتيءَ جي گهُرڪيائون ۽ اَمرلال جا پوئلڳ ٿي ويا.

اُڏيري لال جو آستان سِنڌ ۾ سکر ۾ آهي. جيئَن تہ هو شانتيءَ جو اَوتار هو، هُنَ شانتيءَ جو پرچار ڪيو ۽ هِڪَ ڏينهن پنهنجو ڪارجُ پورو ڪري سِنڌوءَ ۾ اَنترڌيان ٿي ويو.

❖❖❖❖❖❖❖❖

پنهنجي پنهنجي حصي جي ذميواري


ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

دُوردرشن ڪيندر، دهليءَ تان ۴ ڊسمبر ۱۹۹۷ تي هنديءَ جي پرسڌ رچناڪارن سان مُلاقاتن جي سلسلي ۾ شريمتي مُڪتا (هندي ليکڪا؛ 'هندي ساهتيہ ڪا اِتهاس' (۱۹۲۹) جي ليکڪ آچاريہ رامچندر شُڪل جي پَرَپوٽيءَ) ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ کان هڪ مُلاقات ورتي. اُنَ مُلاقات مان ڪي حِصا هتي پيش آهن :

مُڪتا - (ڊاڪٽر جوتواڻيءَ ۽ سنڌس ساهتڪ ڪاريہ جي توري ۾ واقفيت ڏيڻ کانپوءِ) اوهان هنديءَ ۾ ٽي مهتوپورڻ ننڍا ناول - 'يي لوگ'، 'پيلي بتي پر' ۽ 'نيمت' - لکيا آهن. پهريائين، مان 'پيلي بتي پر' بابت هڪ سوال ڪريان. اُنجو نائڪ منوهر ڪئبري ڊانس ۽ بلو فلم ڏسڻ وڃي ٿو. اِن ڳالهہ کي اسين مهانگر جي ماڻهن جي اُتسڪتا ڪري ڏسون، يا اُڪتاهٽ (بوريت) ڪري مڃون، يا بدليل وقت جي قبوليت چئون؟

ميم جيم (موتيلال جوتواڻي) - زندگي 'ڪامپليڪس' آهي. ڪنهن 'سمپل' خاني ۾ اچڻ واري ناهي. اِن ڳالهہ لاءِ اوهانجي ٻڌايل ٽنهي سببن مان ڪو هڪ سبب، ڪي ٻہ سببَ يا ٽيئي سببَ ٿي سگهن ٿا ... اِهي سبب 'آرگئنڪ' ڍنگ سان اچڻ ڪري، اِنهن جي جُدا جُدا شناخت ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي ... پراچين سمي ۾ گڻڪائون هونديون هيون (اِهو سڀ کان پراچين پيشو آهي). اَڄ اهي ڪئبري ڊانسر آهن. هر هڪ زماني جا منورنجن جا پنهنجا پنهنجا ساڌن آهن. منوهر هڪ اخبارنويس آهي. ڪيس ڪئبري ڊانس ۽ بلو فلم ڏسڻ جي پيشيور اُتسڪتا ٿي سگهي ٿي. منوهر پنهنجي شاديءَ جي اَٺن سالن کانپوءِ ۽ گهر ۾ هڪ ٻار پئدا ٿي وڃڻ کانپوءِ محسوس ڪري ٿو تہ سنڌس وواهت جيون جي روشني مڌم پئجي ويئي آهي. اِنڪري هُن ۾ اُڪتاهٽ (بوريت) پڻ ٿي سگهي ٿي ... ۽ بدليل حالتن ۾ اِهي ڳالهيون عام ٿِي ويئون آهن. اِهو بدليل وقت جو سويڪار تہ آهي ئي آهي.

مُڪتا - منوهر جي گهر ۾ نئون پاڙيسري شري شرما اچي ٿو ۽ هو پنهنجي زال بابت ڏاڍي سهجتا سان ٻڌائي ٿو تہ هوءَ هڪ ڪئبري ڊانسر آهي. ڇا مڌيہ ورگ جو سنسڪار اِهو قبول ڪندو؟



نالو : ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

جنم، تاريخ : سکر، سنڌ؛ ۱۹۳۶

ڇپايل ڪتاب: سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ پنجاهہ کان مٿي ڪتاب، جن ۾ ڪي ديسي پرديسي يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب طور ڪم اچن ٿا.

انعام : سينٽرل هندي ڊائريڪٽريٽ؛ هندي اڪادمي دهلي، هندي ساهتيہ سنستان لکنئو، انيڪ ديسي پرديسي سنستائن جا پرسڪار ۽ سنمان.

پيشو : ديشبنڌو ڪاليج (دهلي يونيورسٽي) ۾ ريڊر (سنڌي)

پتو : B- 14, Dayanand Colony, Lajpat Nagar, New Delhi - 110024

تڏهن شاعر چوي ٿو -

محبت ٿي ويندي آهي،
مطلبُ محبت جو نہ پڇ،
مطلب محبت جو ڀڏائڻ مشڪل آهي.

اڄ جي وقت کي ٽينشن جو يگہ سڏيو ويو آهي. سڀ آدمي سکہ پائڻ لاءِ دکي آهن. انهيءَ ڪري هر آدمي فرسٽيٽ آهي. شاعر پڻ آپي کان ٻاهر فرسٽيٽ ٿي ويو آهي. موجوده فلمن ۾ شاعر گيت لکندا آهن-

''بتي نہ بُجها مُجهي لگتا هئہ ڊر''
''چولي کي پيڇي کيا هئہ''؛ يا
''تُم چيز بڙي هو مست مست.''

هلندڙ يگہ جي فرسٽيٽ ماڻهوءَ کي ڪجهہ وقت اهڙا گيت پنيلائين ٿا- مگر جڏهن انسان اهڙا گيت ٻڌي تنگہ ٿئي ٿو تڏهن وري هن کي شاعر جون امر رچنائون دل کي ڇُهن ٿيون:

مئن تو اِک خواب هون تم خواب سي
پيار نہ کر؛
پيار هو جائي تو اس پيار کا اظهار
نہ کر. يا
ائلاتي هوا نيلم سا گگن- کليون پي
بيهوشي کي نمي
ائسي مين تُو پاس نهين، جيون مين
نہ جاني کيا هئہ کمي

آخر ۾ شاعر بہ هڪ انسان آهي، سماج جو سڀيہ پراڻي آهي. شاعر ڪو ٻيءَ دنيا يا منگل گرهہ تان ڪونہ آيو آهي. شاعر کي بہ انساني حسرتون خواب ۽ تمنائون آهن. شاعر گهڻي قدر جيڪي ڏسي ٿو زماني ۾ ڀوڳي ٿو، يا دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ ماڻي ٿو، اهوئي دنيا کي ڏئي ٿو. ليڪن سچو شاعر سنسار ۾ الڳہ الڳہ، هڪ نرالي پنهنجي ئي دنيا ۾ جيئي ٿو، نئين جڳہ جي ڪلپنا ڪري ٿو

١. دل جون گهرايون ڇهي پوءِ ڪو نغمو ڳاءِ
ڳاءِ تون زندگيءَ ۾، ڏيان ڪو ڊر نہ ڌري
(پريم)

٢. مون ئي خوشين جو آ ڪنيو نيڪو
درد و غم جو علاج آهيان مان
ڪائي دنيا ۾ نوڪرون هر هر،
تہ بہ ڏسو خوش مزاج آهيان مان
(ساقي)



ڪجهي اچي. هڪ ٻوٽي کي ٻہ پنهنجيءَ زمين مان کاڌ خوراڪ ملي ٿي. اِن ڪري اُهو ٻوٽو پنهنجي خاص رنگ ۽ بوءِ ۾ اُسري ٿو. جڏهن هڪ ٻوٽي سان اهڙي ڪار آهي، تڏهن هڪ قوم جي ضرورتَ کي سمجهي سگهجي ٿو. ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ سنڌين جون بستيون گُلن جي جدا جدا ڪونڊين وانگر آهن. انهن ۾ پوري باغ جي وسعت ڪانهي. پنهنجي هِڪَ ڪهاڻي ''ڌرتيءَ سان ناتو'' ۾ مون اهڙي روئداد کي پيش ڪئي آهي ... وري ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ اسين سِنڌي گهڻو ڪري ننڍين وڏن شهرن ۾ اچي رهيا آهيون. اِهي شهر ڀارت جي هيٺين منزل نہ، پر ڀارت جي ڇتِ آهن. اَسانجو ناتو ڌرتيءَ سان ٽٽي ويو آهي. اڪثر اسانجيُن رچنائُن ۾ گهڻو تڻو شهري مسئلا اُڀري بيٺا آهن. اسانجا ڪردار دهليءَ جي ڪنات پليس يا ممبئيءَ جي فلورا فائونٽين جا ماڻهو آهن. اُهي بلاشڪ ڳوٺن ۽ قصبن کان ٿي آيل هجن، پر اُهي اُتي پاڻ ۾ گڏجي ويندڙ افراد آهن. ڪٿي ڪٿي اُنهن منجهان سِنڌي اُپَ-سنسڪرتي لِياڪا پائي ٿي، جيئَن منهنجي ننڍي ناول 'يي لوگ' ۾ آگرا جو سِنڌي ڪالا-محل محلو پيش ٿيو آهي. ليڪن جيئَن بينگالي ناول ڇوڙَ سان بينگالي جيوَت جي ناول جي تصوير اکين آڏو اَچي بيهي ٿي، تيئَن سِنڌي ناول ڇوڙ سان اهڙي تصويرَ نٿي اُڀري ...

مُڪتا - جَنَ-واد، اُتر-آڌُنڪتاواد، جاتي پتارت واد ۽ هاڻي دَلِت واد ... اوهان جي ڪٿا ساهتيہ کي ڪهڙي واد جي نظرئي کان ڏسي سگهجي ٿو؟

ميم-جيم - مُڪتاجي، اوهين پڻ اِهو قبول ڪندا تہ ڪو بہ صحيح قسم جو ليکڪ ڪنهن هڪ واد کي سامهون رکي يا اُن جي ڪنگهري ۾ ٻڌجي رچنا ڪونہ ڪندو آهي. هو پنهنجي نبض تي زمان ۽ مکان کي سڃاڻندو آهي ۽ اُها سُڃاڻپ پاڻکن سان ڪرائڻ چاهيندو آهي. هائو، ائين مُڪت رهندي جيڪڏهن سندس رچنا ڪنهن واد جي تحت اچي وڃي ٿي، تہ بلاشڪ اَچي وڃي ... هونئَن منهنجي ڪٿا ساهِتيہ کي اُتر آڌُنِڪتا وادي قرار ڏنو ويو آهي. اِهو اِن ڪري جو اُن ۾ هر هڪ جيون اِستِتيءَ کي گهڻَن ئي پهلُن کان ڏِٺو ويو آهي، اُن ۾ هڪُ ئي حل ٻڌايل ڪونهي، جُدا جُدا اِستِتِيُن ۾ تہ پڪ ئي پڪ جُدا جُدا حَلَ ٻڌايل آهن. منهنجا ڪردار پنهنجي پنهنجي حِصي جي ذميواري نِڀاهيندا ڏسڻ ۾ اَچن ٿا يا ٻيو نہ، تہ اهڙيائي ڪوشِش ڪندا نظر اچن ٿا ... پر پوءِ بہ اُنَ ۾ هڪ جيون درشٽي آهي، جا گهٽيُن ئي ڪُليل دريُن مان ڏسڻ سان مِلي ٿي ...

مُڪتا - ''يي لوگ'' ۾ مُڪت سيڪس سنٻنڌن جو ورنن ٿيل آهي ... ''نِيَمِت'' ۾ پڻ اهو ائين آهي. پوءِ اِنهن ڪٿائُن توڻي اوهانجي آتم ڪٿا ۾ بہ ناري-مُڪتيءَ جي ڳالهہ اچي ويئي آهي. ڇا ناري-مُڪتي مسئلي جو حل وڌيڪ ڇِٽي نموني نٿي اچي سگهيو؟

ميم جيم - لڳيم ٿو، اوهان ''مُڪت'' صفت جو استعمال جنهن اِسم سان ڪرڻ گهرجي، اُن اِسم سان ڪونہ ڪيو آهي. منهنجي ڪٿا ساهتيہ ۾ توڻي آتم ڪٿا ۾، مُڪت سيڪس سنٻنڌن جو ورنن ڪيل

ميم جيم - شري شرما ٻاڻ هڪ پينٽر آهي، پينٽنگ جو هڪ اُڏياڪ آهي. سندس واسطو 'نيوڊ چٽر' ۽ 'نيوڊ ماڊل' سان پوندو هوندو ... جڏهن سندس زال هڪ ڪئبري ڊانسر آهي ۽ هو اِهو مڃي ٿو ته ڪئبري ڊانس پڻ ٻئي ڪنهن ڊانس فارم جيان هڪ ڊانس آهي يا ڪجوراهو ۽ ڪوڻارڪ ۾ اُن وقت جون ڪي ڊانسر پڻ ڏيکاريون ويئون هيون، ته پوءِ پنهنجي زال جي سُڇاڻپ ۾ هو ڇو ڪين سهج نموني اِها ڳالهه ٻڌائيندو؟ هتي هڪ ٻي وڏي ڳالهه پڻ آهي ته ڪئبري ڊانسنگ پڻ ٻين پيشن جيان هڪ پيشو آهي ۽ ڪا طوائف پڻ ٿيسنائين طوائف ناهي جيسنائين سندس من طوائف نه ٿيو آهي ... اڄ مڌيه ورگ جا سنسڪار پڻ ٻين ورگن جي سنسڪارن وانگي بدلجي رهيا آهن. شري شرما ٻاڻ اُنجو هڪ مثال آهي ...

مُڪتا - اوهانجي ڪهاڻين ۾ رشتن جو ٽُٽڻ يا ٽڏو ٿي وڃڻ ڏيکاريو ويو آهي. ڇا اِن مان زندگيءَ جي قدرن ۾ ڳِراوٽَ جو اڇڻ ظاهر آهي؟

ميم جيم - هائو، اُديوگن ۾ واڌارو ٿيڻ ڪري ۽ شهرن ۾ واڌ اچڻ ڪري رشتا ناتا ٽٽي رهيا آهن يا ٽڏا پئجيٰ ويا آهن. منهنجيُن ڪِن ڪهاڻيُن جي ڪردارن سان پڻ اِها ڳالهه هڪ حد تائين لاڳو آهي. پر پوءِ منهنجا اِهي ڪردار اِهو محسوس ڪرڻ لڳن ٿا ته اِن جو سبب پنهنجي پنهنجي حصي جي ذميواري نه نباهڻ ڪري آهي. هونئن صحيح صحيح ڏسجي ته اڄ ڪلهه زندگيءَ جي ملهن ۾ گراوٽَ ڪانه آئي آهي. منهنجي ته اِها مڃتا آهي ته ڳوڙ ڳنبوڙ جي حالتن ۾ زندگيءَ جا ملهه مضبوط ٿي رهيا آهن. ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ واري عرصي ۾، ۽ ٻين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ڪجهه سالن تائين، نئين رچنا يا نئين نظام جي اِنتظار ۾ اِها ڳِراوٽَ آئي هئي، اِها ڳِراوٽَ آيل سمجهي ويئي هئي. دک، نراسائي، ڊپُ، ڏهڪاءُ، آتم هتيا، موٽ وغيره جي ڀاونائن زور پڪڙيو هو. پر پوءِ، اُتر-آڌُنڪتا (post-modernism) جي دؤر ۾ زندگيءَ جي شفي طاقتن جو واڌارو ٿيو آهي. اَسين آس پاس ڏسون ٿا ته اَسين گهٽيئي ڀُلون چوڪون ڪريون ٿا، پر جلد ئي اِهي ڀُلون چوڪون سُڌارڻ لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا. اَسان ۾ نئتِڪ درشٽيءَ (moral vision) جو وِڪاس ٿيو آهي. عورتون ۽ پُنتي پيل جاتيون اڳتي وڌيون آهن. اِنسانيت اَڳتي وڌي آهي ...

مُڪتا - اوهانجي ڪٿا ساهتيه ۾ اوهانجو پنهنجو سِنڌي پس منظر ڪيسنائين ظاهر ٿي بيٺو آهي؟

ميم جيم - اڄ ڪالهه سنڌي ڪٿا ساهتيه مان سِنڌي جيوت جا نمونا غائب ٿيندا پيا وڃن. اَسان سِنڌي لوڪن جو پنهنجي ڀُونءِ سان رشتو ٽُٽي ويو آهي ۽ اَسين هتي، ڀارت ۾، جدا جدا پرانتن ۾ رهون ٿا. هِڪَ پرانت ۾ نه هُئڻ ڪري سِنڌي جيوتِ جي هڳاءَ جو احساس نٿو

سموري ڀارتي ساهتيہ ۾ پڻ ايم.اي. ڪورس شروع ڪريون... تيلگو، تمِل، مليالم، ڪنڙ، پنجابي، اُردو، سنڌي وغيره ارڙهن ٻولين ۾ جداجدا ايم.اي. ڪورس هئڻ سان گڏو گڏ ڀارتي ساهتيہ ۾ ايم.اي. ڪورس هوندا، تہ اُتر ڀارت جي ساهتيڪارن جي ڏکڻ ڀارت جي ماڻهن سان ڏيٽ-ويٽ وڪاس پائيندي ۽ ڏکڻ ڀارت جي ساهتيڪارن جي اُتر ڀارت جي ماڻهن سان سڃاڻپ وڌندي. هاڻي پنهنجي پنهنجي پرانت جي ٻوليءَ ۾ ئي ايم.اي. ڪورس ڪرڻ سان ”تيلگو ديش مهان“، ”ساڊا پنجاب مهان“ وغيره جون ڳالهيون تي رهيون آهن، اسان ۾ ايڪتا جي ڀاونا کي ڇيهو رسيو آهي... هوندي بہ انيڪ ٻولين ۽ لپين ۾ لکجڻ جي باوجود ڀارتي ساهتيہ بنيادي طور هڪ آهي... هڪ ٻي ڳالهہ جي تحت مون وڏي واڪي پئي چيو آهي تہ غير هندي پرانتن ۾ ڪيل هندي رچنا ڪاريہ کي اسين هندي ساهتيہ جي اِتهاس ۾ جوڳي جڳهہ ڏيون. هاڻي تائين اسان پنهنجي اهڙي اِتهاس ۾ هندي پرانتن جي هندي ساهتيڪارن جو ئي خيال ڪيو آهي ۽ غير هندي پرانتن جي هندي ساهتيڪارن کي ليکي ۾ ئي نہ آندو آهي. هڪ طرف اسين چئون ٿا تہ هندي سموري راشٽر جي ڀاشا آهي، ٻئي طرف غير هندي پرانتن جي هندي ساهتيہ جو مان-سنمان نٿا ڪريون... ٽِين اَڪاڊيمڪ ڳالهہ هيٺِ مون اِهو سڌُ پئي ڏنو آهي تہ جيئن آچاريہ رامچندر شُڪل برج، اَوڌي، مئٿلي، ڪرڙي ٻولي وغيره لهجن ۾ لکيل هندي ساهتيہ جو مُڪمل اِتهاس پيش ڪيو، تيئن اسين سَرائڪي، لاسي، ٿري، لاڙي، ڪڇي ۽ وچولي ٻولين ۾ موجود سِنڌي ساهتيہ جي اِتهاس جو نِرماڻ ڪريون...

مُڪتا - آخر ۾، اوهانکي عرض آهي تہ اوهين پنهنجي ڪا لگهوُ ڪٿا (مِني ڪهاڻي) پڙهي ٻڌايو...

ميم جيم - (ٽيبل تان پنهنجو ڪتاب ”پرتِنڌي رچنائين“ کڻي، اُن مان هڪ لگهو ڪٿا ڳولهي) هائو، هِتي هِن ڪتاب مان، مان پنهنجي هڪ لگهوُ ڪٿا پيش ڪريان ٿو، اُنجو عنوان آهي ”پنهنجي پنهنجي حصي جي ذميواري“ :

پُٽُ پنهنجي ساليانِي موڪل تي گهر آيل هو. ساڻس گڏ سندس ننڍو پريوار بہ هو. پُٽَ-نُوُنهن جي قهقهن ۽ ٻارن جي ٽهڪڙن سان گهر ڀرجي ويو.

گهر ۾ اِنڪري بہ رونق ڇانئجي ويئي جو سيني ڪمرن ۾ ڏينهن جي اُجالي ۾ پڻ بجلي بلب جڳ مڳ - جڳ مڳ ٻرڻ لڳا. صبوح جو ڪافي دير تائين باٿ روم ۾ بجلي بتي ۽ گيزر جي لال لال اکِ ٻرنديون رهنديون هيون ۽ سڄو ڏينهن ٽي.ويءَ جي ٽان-ٽان هلندي رهندي هئي.

اِهو سوچي تہ بجليءَ جو بِل منهنجي وِتَ کان ٻاهر، ڏاڍو گهڻو نہ اچي وڃي، مان پنهنجي جڳهہ تان اُٿي ڪري اِهي بتيون بند ڪندو هوس ۽ ٽي.وي. آف ڪري ڇڏيندو هوس.

هڪ دفعي بجليءَ جو بٽڻ آف ڪندي مان پنهنجي نونهن جي پڪڙ ۾ اچي ويس. هُن خفي ٿي چيو، ”چو بابا، اوهين ئي اِهي بتيون باربار بند ڪندا آهيو نہ؟

ڪونهي، ليڪن سيڪس سنبنڌن جو مُڪت ورنن ڪيل آهي. مون ڪڏهن به، ڪٿي به، ريل ڇيل سيڪس سنبنڌن جي حمايت ڪانه ڪئي آهي. من، وچن ۽ ڪرم جي ايڪتا جي تحت سيڪس سنبنڌن ۾ سنجم اپنائڻ جي ڳالهه ڪئي اٿم. هائو، اِهو ورنن مُڪت نموني ڪيو اٿم، جو اِستِنيُن جي سُياويڪتا جي تحت ٿيو آهي. ناري مُڪتيءَ جي سوال کي پڻ اُن جي سمپورنتا ۾ ڏسڻ کپي. اُن لاءِ مون ''اَرڌ ناريشور'' جي علامت ذريعي اِهو چيو آهي ته شڪتيءَ بِنا شِو (عورت بنا مرد) هڪُ شَو (لاش) آهي، ۽ شِوَ بِنا شڪتي (مرد بنا عورت) شڪتي-هيڻ (لاش) آهي، وغيره ... پوءِ به منهنجو ڪٿا ساهتيه 'لائوڊ' ڪونه ٿِيو آهي، چُپ چاپَ ۾ ڳالهه چئي ويو آهي. اوهين ڏِسندءُ، ''يي لوگ'' جي رامي، ''پيلي بتي پر'' جي رجني ۽ ''نيمت'' جي ليدا ناري-مُڪتيءَ جي صحيح مفهوم تائين پهچي ڪري ئي صحيح مفهوم پيش ڪن ٿيون. اُن لاءِ اُهي نعري بازيءَ ۾ مبتلا ڪين ٿيون ٿِين ...

مُڪتا - پنهنجي رچنا ڪاريه ۾ اوهان کهڙن 'فِڪشن' ليکڪن کان پريرڻا ورتي آهي؟

ميم جيم - سچ ته اِهو آهي ته مان فڪشن لکندو آهيان، پڙهندو ڪونه آهيان. ڪنهن زماني ۾ - خاص ڪري وديارٿي جيون ۾ - مون ٿورو گهڻو فڪشن پڙهيو هو ... جڏهن مان چوان ٿو ته ''مان فڪشن لِکندو آهيان''، تڏهن مونکي ساڳئي جُملي ۾ چوڻ کپي ته اُهو به زياده ڪونه لِکندو آهيان، چاڪاڻ ته ٻيا اڪاديمڪ ڪم پڻ ڪرڻا پوندا آٿم ... پڙهڻ لاءِ مان زندگيءَ کي زياده تر پڙهندو آهيان، اُنجي ڪچي (اَڌ-پڪل) روپَ ۾ پڙهندو آهيان. آس پاس واري زندگي ڪچو مال آهي. رچنا ڪاريه اُن کي پڪي مال (finished product) ۾ بدلائي ٿو. ڪچو مالُ هڪُ هوندي به پڪا مالَ گهڻيئي هجن ٿا ۽ هِڪُ پڪو مال ٻئي پڪي مال کان جُدا هجي ٿو. ڇو جُدا هجي ٿو؟ اُن لاءِ درشٽيءَ ۽ تڪنيڪ جو جُدا جُدا هجڻُ جوابدار آهي. اِهو ئي سبب آهي ته ٻين جو لکيل ڪٿا ساهتيه پڙهي - جڏهن جڏهن ٿورو پڙهندو آهيان - لڳندو آٿم ته مان جيڪر اُنکي ڪنهن ٻئي ڍنگ سان، ڪا ٻي معنيٰ ڇڏائيندي لِکان ها. مونکي يقين آهي ته منهنجو لِکيل ڪٿا ساهتيه پڙهي ٻين کي، ٻين ڪٿا-ليکڪن کي، ائين لڳي سگهي ٿو ...

مُڪتا - پنهنجي آٿم ڪٿا ۾ اوهان اڪاديمڪ ڪيتر ۾ ڀارتي ساهتيه جي بنيادي ايڪتا ۽ غير هندي پرانتن جي هِندي-رچنا-ڪاريه کي هندي ساهتيه جي اِتهاس ۾ جوڳي جڳهه ڏيڻ بابت ڳالهيون ڪيون آهن. اِن باري ۾ اوهين اسانجن درشڪن کي ڪجھ ٻڌائيندا؟

ميم جيم - اسين جنهن نموني 'يورپي من' (European Mind) جي ڳالهه ڪريون ٿا، تنهن نموني اسين 'ڀارتي من' (Indian Mind) جي ڳالهه ڇونه ڪريون؟ ڀارتي من پئدا ڪرڻ لاءِ يا ڀارت راشٽر ۾ ڀاواتمڪ ايڪتا آڻڻ لاءِ هڪ اها ڳالهه پڻ ضرور آهي ته اسين پنهنجين يونيورسٽين ۾

ناٽڪ

مون همت ڪري چيو، ”هائو، ڏيءُ، ڏينهن جو قدرت جي ئي روشني گهٽي آهي. پوءِ اِهي بتيون اِئين بيڪار ڇو ٻرنديون رهن؟“

پٽ پنهنجي زال جو پاسو ڪٽنديءَ وچ ۾ ئي چيو، ”اِنهن بتين کي ٻرندو ڇڏي ڏيڻ جي اَسانجي عادت ٿي ويئي آهي. اوهين پڻ اِهي بتيون ٻرنديون ڇڏي ڏيندا ڪريو. ڪهڙو ٿو فرق پوي؟“

مون پُٽَ کان پڇيو، ”تنهنجي گهر ۾ بجلي بل جو ڇا حساب ڪتاب هوندو آهي؟“

هاڻي وري نونهن وچ ۾ ڳالهايو. چي، ”بابا، پهريائين ڇهه سؤ کن بجليءَ جو بل ايندو هو. پوءِ (پنهنجي گهوٽَ ڏانهن اِشارو ڪندي) هيءُ بجلي دفتر جي بابوءَ سان مِلي - ڳَٽ ڪري هر مهني ڪيس ’رَمَ‘ جي هڪ بوتل ڏيئي خوش ڪرڻ لڳا. تڏهن کان اسانجو بل چاليهه رپياڪن مس ايندو آهي.“

هوءَ ڏاڍو خوش ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ليڪن مون چيو، ”اِها تہ خراب ڳالهہ ٿي. توهان ماڻهن پنهنجي عادت ۾ سُڌارو نہ آڻي، بجلي دفتر جي بابوءَ جي عادت ۾ بگاڙو آڻي ڇڏيو ...“

پٽَ مون ڏانهن ائين ڏٺو، جيئن مان هاڻي ڏاڍو پراڻو، پراڻن خيالن جو ٿي ويو آهيان ...

مون کيس چيو، ”پُٽَ، تون مونکي ائين نہ ڏس. پنهنجي حصي جي ذميواري نباهي ئي تون نئين زماني جو نئون ماڻهو ٿي رهي سگهين ٿو.“

❖❖❖❖ ❖❖❖❖ ❖❖❖❖ ❖❖❖❖



گاگنداس گذاري ويو

چمن شرما

پاتر :-

(١) رميش گاگنداس آهوُجا	.... سرڪاري ملازم	عمر ٣٠ سالَ
(٢) شانتا آهوُجا	.... رميش جي پتني	عمر ٢٥ سالَ
(٣) طوطارام (ٻُڍو)	.... رميش جو ڪاڪو (نڪ مان آواز)	عمر ٧٠ سالَ
(٤) شمن ماءُ (عرف شيلا)	.... طوطارام جي پتني (ٻُڍي)	عمر ٦٥ سالَ
(٥) ٺهڪَڻُ	.... رميش جو پاڙيچو (پورِڙو)	عمر ٢٢ سالَ
(٦) نريش	.... طوطارام جو دوستُ	

وقت : صبوح جا ڇهه بجا


اِستان : رميش جو گهر

گهُربلَ بہ مُکيہ آواز : (١) ٻُڍو طوطارام : نَڪَ مان آواز - جُملي ۾ وِچَ ۾ آخِر ۾ 'هين' لفظ کي ڊگهو ڪري اِستعمال ڪرڻُ.

(٢) ٻُڍي شمنَ ماءُ : ٻُڍِيُن وانگُر ڏڪڻيءَ وارو ۽ وِچَ ۾ کنگهندي آواز.

(وچين ڪمري مان رميش جي کونگهرن جو آواز اَچي رهيو آهي)

شانتا :- (رنڌڻي مان ڳالهائيندي - پنهنجي مُنهن) ڪَمال آهي! ... صبوح جا ڇهه تا تِين پَرَ هِننِ جو کونگهري مَٿان کونگهرو هليو اَچي! بند تِيَڻَ جو تہ ڪوئي آثار ئي نظر نٿو اَچي !! ... (هلندي) لڳي ٿو اِهو کونگهرو بند ڪرائڻَ لاءِ ڪي گهنڊَ گهڙيالَ



نالو :	چمن شرما
جنم، تاريخ :	ٽنڊو آدم، ضلع نواب شاه. ٩-٥-١٩٣٣
ڇپايل ڪتاب:	بونديءَ جا لَڏون، جوءِ جو مڇوُ، ڪتامِنا اَنگوُرَ، سونهن ڪمرو، اِها بہ زندگي آهي (سيئي ايڪانڪي)
انعام :	گجرات سِنڌي اَڪادميءَ طرفان ٥ اِنعامَ؛ راجَستان سِنڌي اَڪادميءَ طرفان - اِنعامُ
پيشو :	سرڪاري نوڪريءَ تان سيوا نِورت
پتو :	B-356 سردارنگر، اَحمداباد-٣٨٢٤٧٥

فهرست

ناٽڪ

رميش : ڏِسُ نہ، شانوُ! اَسان جي شاديءَ وقت موهن ڄامنگر سئنِڪ ڪاليج مان موڪلَ نہ مِلڻَ سبب، اَچي نہ سگهيو ... هئي دفعي اَسين مُمبئيءَ هلياسين تہ اُنَ وقت سندس اِمتحان چالوُ تي ڇُڪا هُئا ... ۽ سندس شاديءَ وقت وري باباجن گذاري ويا. اِنَ ڪري اَسين مُمبئيءَ نہ وڃي سگهياسين.

شانتا : اوه! ... اِنَ ۾ مُنجهڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ نئووَرني ڪُنوارِ، گهوٽَ سَميت فرسٽ ڪلاس مان لهندي، تڏهن بہ توهان ڪيس سُڃاڻي نہ سگهندا!؟

رميش : پر جي هڪ ئي وقت، ہہ ٻي ڪُنواريون، گهوٽن سميت فرسٽ ڪلاس ڏبي مان لهن تہ پوءِ؟

شانتا : (خَفي ٿنيدي) اوه! ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪَرَڻُ تہ ڪو اَوهان کان سِکي!

رميش : هِڪُ آئيڊيا آهي، شانوُ.

شانتا : اُها وري ڪهڙي؟

رميش : تہ فرسٽ ڪلاس ڏبي سامهون، مان ڳچيءَ ۾ بورڊ لٽڪائي بيٺو هجان تہ ”مان، رميشُ پُٽُ گاگنداس، موهن ۽ سندس نئووَرني ڪنوار کي وٺڻ آيو آهيان! (پاڻ ئي کِلي ٿو)

شانتا : توهان کي تہ هر وقت چرچا پيا سُجهندا آهن. هينئر مهرباني ڪري وڏيڪ وقتُ وڃائڻ بدران، پِيسٽ ڪري، هٿ مونهن ڌوئي، چانهہ پِي ۽ پنڌ پئو ... اِسٽيشن پنڌرهن منٽن جي پنڌ تي آهي ... پر ياد رکجو، موٽندي ڪين ٽئڪسيءَ ۾ وٺي اَچڻو اَٿوَ ... منهنجو ڀاءُ-ڀاڄائي شاديءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو اَحمدآباد ٿا اَچَنِ، مَتان پَڪائي ڪريو!

رميش : (اوٻاسي ڏيندي) تون ڪيترا بہ ڏگها ڀاشڻَ ڪر، شانوُ! پر ٻيلي، اَسان مؤلائِن کي پهرين چانهہ ڏي تہ چُستي اَچي، نہ تہ ڇُرڻُ بہ محال آهي.

شانتا : نيڪ آهي. پر توهين پهرين بستري تان پيرَ تہ پَٽَ تي لاهيو.

رميش : اَسَميَئو! اَسَميَئو ... !! پهرين سائينجن بِستري تي چانهہ پيئندا، پوءِ پيرَ پَٽَ تي رکندا!

شانتا : (اَندر ويندي - پريان آواز) مطلب تہ عادت اَنوسار توهان ڏڻ وار تي بہ پنهنجو ضد پورو ڪرڻ کان سواءِ نہ رهندا.... (ڪِتليءَ مان چانهہ ڪوپ ۾ اوتيندي) ڀاءُ ڀاڄائي منهنجا ٿا اچن، اِنڪري غرض منهنجي آهي.... (هلندي) نہ تہ جيڪر پيسٽ ڪرڻ کانسواءِ چانهہ تہ ڇا، مان توهان کي پاڻي بہ نہ ڏيان ها ... (ڏيندي) خير، هان وٺو چانهہ!

رميش : (کلندي) وارا ڄمارا آهن شانوُ! تون هينئر ڪجهہ بہ چئہ، اڄ تنهنجي هڪ بہ نہ هلندي. (پيئندي) آهاها ... واه واه! لڳي ٿو ڪنڊ بدران گرما گرم جليبيون چانهہ ۾ وڌيون اٿيئي!! (چانهہ پيئڻ - چسڪين جو آواز)

وڃائِڻا پَوَندا !! ... (ويجهو پهچي) مون ڇَيو، ڇَهَ ٿا ٿِيَن، (ڊونڊاريندي) اَڃا
ڪيستائين اِهو ڪونگهري جو جهازُ چالوُ رهندو؟ هاڻي بس بہ ڪريو. اِنهيءَ
جهازَ کي بريڪ لڳائي اِسٽيشن تي وڃڻ جي تياري ڪريو... (زورَ سان) صبوح
جا ڇهہ ٿي ويا آهن !!!

رميش : (اوچتو ڇرڪُ ڀريندي - ڪونگهرو بند ڪندي) ڪير آهي؟ ... ڪير آهي؟؟ ڇا
ٿيو؟ ... ڇا ٿيو؟

شانتا : اڃا تائين تہ ڪُجهہ نہ ٿيو آهي، پر هِن ڪان پوءِ ڪجهہ ٿي ضرور پوَندو.

رميش : (اوٻاسي ڏيندي) اُف، اوه ! ... صبوح ساڻُ هيءَ وري کهڙي ڪُمهلي راڳڻي
ڇيڙي ويٺيئَن، شانوُ ؟

شانتا : هيءَ راڳڻي ڪُمَهلي نہ، پر وقتائتي آهي ! ... رات اَنجام ڪيو هوَ تہ صبوح
جو ڇهين بجي پاڻيهي اُٿندُس، پر توهان جو ڪونگهرو بند ڪرائڻ لاءِ، لڳي ٿو
ڪنجهي جي ٿالي وڃائڻ ڪانسِواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ناهي !

رميش : (حيرت وچان) تہ ڇا ؟ ... ايترو جلدي ڇهہ بہ ٿي ويا !

شانتا : ٻيو وري ڇا ؟.... رات ڇيوَ تہ مان ساڍي ڇهين بجي اِسٽيشن تي پهچي ويندس
۽ پاڻ سان گڏ موهن کي ڪنوار سميت گهر وٺي ايندس.

رميش : اِهو تہ سڀ نيڪ آهي پر ... (هيڏانهن هوڏانهن نهاري خوشبوءِ سنگهندي) پر
شانوُ ....

شانتا : (وڇہِ ڪٽي) پر وري ڇا ؟

رميش : ٻيو ڪجهہ نہ شانوُ، ... پر ... (سنگهندي) پر هيءَ خوشبوءِ ڪٿان اچي رهي آهي ؟

شانتا : اُف اوه ! ... ويسر جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي ! ... اڃا رات توهان کي ٻڌايم تہ
منهنجي ڀاءُ کي جليبيون ڏاڍيون وڻنديون آهن. انڪري صبوح جو سوير اُٿي،
جليبيون ۽ سموسا ناهي رکيا اٿم، جيئن ٻارهاماهي ڏينهن منهنجو ڀاءُ ڀاڄائي،
پهريون دفعو شاديءَ ڪانپوءِ اچن تہ سندن منهن مِٺو جليبين سان ڪرايان.

رميش : پر شانوُ، ... موهن تار ۾ اِهو تہ ڪونہ لکيو آهي تہ هوُ ڪنوار کي بہ ساڻ وٺي
اچڻ وارو آهي.

شانتا : توهان کي منهنجي ڀاءُ جي سڀاءُ جي خبر ناهي ؟... هنجي هر ڪا ڳالهہ نرالي
هوندي آهي. سندس شاديءَ ۾ تہ اسين بمبئيءَ هلي نہ سگهياسين. انڪري ڇا
ڪنوار بہ ڏيکارڻ نہ ايندوَ ؟ اڄ هِن ٻارهاماهي ڏينهن، جيڪڏهن اڪيلو آيو تہ
اُها جُٽِ ڪنديسانسِ ... اُها جُٽِ ڪنديسانس ...

رميش : (وِچَ ۾ ڪٽي) اوه ! ... اُها جُٽِ توُن پوءِ ڀيئي ڪجانسِ، پر پهرين مون کي هيءَ
مُنجهيَلُ سُٽُ سُلجهائڻ ۾ مدد ڪر.

شانتا : توهانجو وري کهڙو سُٽُ مُنجهيو؟

رميش : (مشڪندي) ياءُ ياڇائيءَ جي اچڻ ڪان اڳ هي حال آهي ..... (ٿڏو شوڪارو پريندي) پوءِ تہ خدا خير ڪري !! (ويندي - پريان آواز) چڱو شانوُ.... وڃان ٿو..... دعا ڪر تہ خيرن سان تنهنجي ياءُ ياڇائيءَ سميت واپس موٽان !

شانتا : (پريان آواز) ها ها ... پر خيال سان ... سيني دبن ۾ ... چڱيءَ طرح ... ٻولهجو !!

درشيہ پيون

(ٻاهران زور سان دروازي تي نڪ نڪ جو آواز .. ٻُڍن وانگر ڪنگهڻ جو آواز)

طوطارام : (در تي نڪ نڪ ڪندي نڪ مان آواز) اڙي ياڻي، هيءَ وري ڪهڙي مصيبت آهي، هين ! ... مون چيو، آڻي وئي مهمان لاءِ هئين دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن، هين !

شمن ماءُ : (ٻُڍيءَ جو آواز - پريان) مون چيو شانتا پُٽ، صبوح ساڻ دروازو بند ڪري ڇو ويٺا آهيو ؟ ... (وري ٻئي ڇٽا زور سان نڪ نڪ ڪن ٿا. گڏو گڏ ٻڍيءَ جو ڪنگهڻ چالو)

شانتا : (ساڙهيءَ جو پلئہ نيڪ ڪندي - پريان آواز) ها ها ..... بس... اچان پيئي ... (هلندي - پنهنجي مُنهن) دروازي تي زور سان ڏڪن هڻڻ سان تہ ائين پيو محسوس ٿئي تہ شايد موهن ۽ سندس ڪنوار ٻئي اچي ويا آهن ... (وري نڪ نڪ جو آواز) ها ها ... اچي ويس ! ...(دروازي ڪلڻ جو آواز) اچو ... اچو ! (دروازي تي اڻ سڃاتل ٻُڍي ٻُڍيءَ کي ڏسي ٻُت ٻڻجي بِهي رهي ٿي)

طوطارام : (شمن ماءُ کي) اَئين ! ... ڏنئہ شمن ماءُ ! .... مون چيو ڪين، اسان جي سِڪيلڌي، اسان کي اجنبي سمجهي، پهرين تہ وات ڦاڙي بِهي ويندي، هين !!

شانتا : (هبڪندي) معاف ڪجو، مان توهان کي سڃاڻي نہ سگهيس !

شمن ماءُ : (اڳتي وڌي شانتا جي ساڙهيءَ جو پلئہ نيڪ ڪندي) اڙڙڙ ! اِهو ڇاتي ڪرين پٽ، پهرين سَهري ڪان مُنهن تہ ڍڪ ... نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ساڙهي تہ مٿي تي نيڪ طرح رکہ !!

طوطارام : اڙي ها ٻچڙي، شمن ماءُ سچ ٿي چوي ! (ٿڏو شوڪارو پريندي) پڳوان پلو ڪري اسان جي ننڍي ياءُ گاگنداس جو هين ! ... جنهن پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ اهڙو ڪو ڪلڪتي ۾ ڪارخانو کولائي ڏنو، هين ! ... جو ياءُ ياءُ ڪان وڇڙي ويو، هين !

شانتا : ها ها .. برابر ... بابا جن هڪ ٻہ دفعا ڳالهہ بہ ڪئي هئي تہ ڪلڪتي ۾ سندن سوٽ رهندو آهي.

طوطارام : اون ...هون ... هون ! سوٽ نہ ٻچڙي ياءُ چئہ ياءُ، هين !

شانتا : ها ها ... نيڪ آهي. پر پر توهين هتي ڇو بيٺا آهيو ؟ اندر هلو ... ۽ اِها ٻئہ مونکي ڏيو... (وٺندي) ۽ اَمي توهين اِها ٿيلهي بہ ڏيو ... (وٺندي)

شمن ماءُ : ٻچڙي مونکي اَمي نہ پر اَما چئہ ! (اَندر هلندي)

طوطارام : هائو، پُٽَ... شمنَ ڪُنوار بہ شَمَنَ ماءُ کي اَما چَوَندي آهي، هين ! ...(پلنگ تي وهندي)

شانتا : بس بس، هاڻي اِهي اجايون ڳالهيون ڇڏي، جلدي اِسٽيشن تي پهچي وڃو، ڪٿي گاڏي نہ اچي وڃي.

رميش : (گائڻ ڀائي وار سنواريندي) شانوُ منهنجو خيال آهي تہ ٺهڪڻ کي بہ ساڻ وٺي وڃان.

شانتا : ڇو، توهان وانگُر ٺهڪڻ بہ تہ موهنيءَ کي اڳُ نہ ڏٺو آهي، پوءِ هوُ وري توهانجي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو؟

رميش : منهنجو هرويرُ اِهو مطلب ناهي، پر هِڪ ڪان ہ ٽيندا سين تہ ڇڻو.

شانتا : ڀلي وٺي وڃوس، پر توهانجو اِهو اگهوري ڀاٽيجو جڏهن بہ وِٽ ڪان وَڏِيڪ ڪائيندو آهي تہ اَنين ڪان اَڳُ ننڊ مان نہ اُٿندو آهي. ورِي جي زوريءَ اُٿاربس تہ ننڊ ۾ اُٿرڪڻ شروع ڪندو.

رميش : پر بہ تون ڪوشش تہ ڪرِ ڪيس اُٿارڻ جي.

شانتا ۽ رميش : (گڏيل آواز ۾ ٺهڪڻ کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪندي) ٺهڪڻ! ٺهڪڻ!! اڙي او ٺهڪڻ!!! ... اڙي اُٿ ... جلدي اُٿ، ٺهڪڻ!!!

ٺهڪڻ : (ننڊ ۾ زور سان ٺهڪ ڏيندي) ها ... ها ...ها... !!! مون ئي ان گهمڻ مل جي گهر ۾ گڏه پوري ڇڏيو! .. ها ... ها... ها...!!! روز مونکي ٽيڏو ٽيڏو ڇئي چيڙائيندو آهي! ... منهنجي اک اُتر اولهہ آهي تہ سندس ڪنڌ بہ ڪاڪي ڪوڏومل وانگر ڇِبو آهي. (وري ٺهڪ ڏئي ٿو) ها ها ها !!! ... سڄي رات گڏه هينگون ڏيئي سندس ننڊ حرام ڪري ڇڏي .. (ٺهڪ) ها ها ها .. !!! (ڪل جو آواز پريان ايندو رهي ٿو)

شانتا : ڏٺو! ... چيو مانوَ، هنکي ڪچي ننڊ مان اُٿاريندا تہ اُٿڙڪڻ شروع ڪندو آهي ... توهان جو ڀاٽيجو بہ سوڪڙي آهي سوڪڙي!

ٺهڪڻ : (وري اُٿڙڪڻ چالو) ها ها ها !!! گهمڻ مل جي گهر ۾ گڏه! ... ها ها ها !!! .... (پريان ٺهڪ چالو)

شانتا : هاڻ منهنجي مڃو، وڏيڪ وقت وڃائڻ بدران سويل ئي وڃو، ڪٿي گاڏي نہ اَچي وڃي !!

رميش : اڙي ها بابا ... وڃان ٿو ... مصيبت اِها آهي تہ تو وٽ موهن جو ويجهڙائيءَ ۾ نڪتل ڪو فوٽو بہ ڪونهي. نہ تہ جيڪر ...

شانتا : (وچہر) ... نہ تہ جيڪر ڳچيءَ ۾ لٽڪائي، فرسٽ ڪلاس دٻي سامهون بِهي رهو، جيئن موهن لهندي ئي توهان جي سامهون سڌو ٿي بِهي وَڃي.

رميش : پر شانوُ، موهن، ڪنوار سميت نہ اچي، اڪيلو آيو تہ پوءِ منهنجو دماغ فرسٽ ڪلاس دٻي ۾ ئي چَڪر ڪاٽيندو رهندو.

شانتا : (خفي ٿيندي) توهان هاڻي ويندا بہ يا اجا ڳالهيون ڪندا رهندا ؟

وطارام : (مُشڪندي) ها، پُٽ! اَسان جي ياءُ گاگنداس کي سَترهن سالن کانپوءِ سِڪي سِڪي پُٽُ ڄائو تہ خوشيءَ ۾ اَچي مون سڄي پاڙي ۾ ٽماٽا ورهايا، اِن ڪري ...

من ماءُ : (مُشڪندي - جملو پوُرو ڪندي) ...سندس نالوئي ٽماٽو پئجي ويو ...(سيني جا ٽهڪَ)

وطارام : نہ صرف ايترو، پر ٽماٽي جو ڇَپَ ٽوُڙا ڪري روئڻُ مونکي ايترو تہ وڻندو هو، جو مان ڇُهنڊريون پائي بہ کيس زوريءَ روئاريندو هوس، هين ! ... (سندس ٽهڪَ)

من ماءُ : واه شمن پيءُ واه ! ... ’’مِروئان موُٽُ، مَلوُڪان شِڪار !‘‘

وطارام : تنهن کانسواءِ، شمن ماءُ ! منهنجو اِهو بہ هڪ نيم ٿي ويو، هين ... تہ ننڍ مان اُٿاري، سندس ڳلَ پٽي، سندس ننيڙي وات ۾، هين ... ننيڙو ننيڙو ٻاڙهو ٽماٽو وجهندو .....

من ماءُ : (اوچتو وچ ۾ ڪٽي) اڙ ڙ ڙ ! ... اِهو ڇا ٿا ڪريو، ٽماٽي بدران سندس ڪُنوار جا ڳلَ ڇو ٿا پيا پٽيو ؟؟

وطارام : اِن ۾ ڇا ٿي پيو، شمن ماءُ ! هين ... اڙي، اَسان جو پُٽُ ٽماٽو، تہ نونهن ٽماٽي آهي، هين !

انتا : (کِلندي) ها ها، بابا ... ڇو نہ !!

وطارام : اِن خوشيءَ ۾ ٻچڙي، واتُ کول تہ ٽماٽي بدران، رس گولو واتَ ۾ وجهانءِ، هين!

انتا : ها ها .. ڇو نہ ! (وات کوليندي) آ ... آ ... آ ... !

وطارام : اَڇا اَڇا ... وڏو وات ... هان هان .. او ائين (کارائيندي) اڙي واه واه !..واه واه !! شمن ماءُ، ڪئن ٿي پائين؟....

ئي گڏ : (کلندي) جُڳ جُڳ جيئي اسانجي ٽماٽي!!! (سيني جي ٽهڪن جو آواز).

من ماءُ : اِهو تہ سڀُ نيڪ آهي ٻچڙي، پر ڳالهہ ڀولهہ ۾ توکان سسُ سَهري کي پيري پوڻ تہ وِسري ويو.

انتا : (شِشدر ٿي- پلئہ نيڪ ڪري- پيرين پوندي) اَڙي ها.... ڇگو يادِ ڏياريوَ... سهُرم پيرين ٿيِ پوانوَ!

وطارام : سدا سُهاڳڻ هجين ٻچڙي!

انتا : اَما، توهانکي پيرين ٿيِ پوان !

من ماءُ : (آسيس ڪندي) ڇُٽ، ٻچڙي ! شلَ مون وانگُر ستن پُٽن جي ماءُ ٿيندينءَ !

انتا : (ڪنڌ هيٺ ڪري - اَدبَ سان) نہ نہ، اَما، اِها آسيس تہ نہ ڪريو. اَڄُڪلهہ جي زماني ۾ بہ ٻار بس آهن.

من ماءُ : ٻچڙي، اؤلادُ تہ ايشوَرَ جي دين ۽ گهرَ جو شان آهي.

وطارام : اوُن ... هوُن ... هون .. ! ... ٻچڙي، اِنَ ڪري تہ شمن کان سِواءِ، شمن ماءُ جي گهرِ ڪلڪتي ۾ ڇهن ڪِکَنِ ۽ ڇَئن ڪِکِيُنِ ٿي قطارَ لڳي پيئي آهي !

انتا : (مُشڪندي) ڇو، سَهُرَم، شمن ماءُ جو گهرُ ڇو ٿا چئو؟ ... اَما جو گهرُ توهان جو گهرُ

شانتا : (بئگ ۾ ٿيلهو پلنگ هيٺان رکندي) تہ ڇئيبو شمن توهان جو وڏو ڪڪو آهي.

شمن ماءُ : وڏو نہ، پر ٻيون نمبر پُٽُ آهي ...

طوطارام : (وچ ۾ ڪٽي) اُون ...هوُن .. هوُن !! .. وري اتي غلطي ڪري وئين ءَ، شمن ماءُ ! .. هين !... اڙي ڀڳوان ڀلو ڪريئي، شمن اسان جو ٻيون نمبر نہ، چوٿون نمبر پٽ آهي، هين !!

شمن ماءُ : اِهو وري ڪيئن ؟

طوطارام : ڏس نہ شمن ماءُ، اسانجو پهريون نمبر پُٽُ پيتامبر، ٻيون نمبر ٻلديو، ٽيون ٽيڪم، چوٿون نمبر سدا ھجي ...

شمن ماءُ : (وچ ۾ ڪٽي - جملو پورو ڪندي) اَسان جو شمن !

طوطارام : (خوش ٿيندي) تنهنجا ٻچا جيئَن، شمنَ ماءُ ! هاڻي ڪيئہ نہ عقل جي ڳالھہ ! ... اُن ڪان پوءِ تہ ايشور جي ڪرپا سان ڪِڪِيُن جي قطارَ شروع ٿي ويئي جنهن ۾ ڪرشنا سان گنگا ...

شمن ماءُ : (وچ ۾ ڪٽي- اڳتي) گوداوري ۾ ٻيون سڀُ شامل ٿينديون ويئون !

طوطارام : (خوش ٿيندي) تنهنجا ٻچا جيئن، شمنَ ماءُ ! (ٽهڪڙو)

شانتا : (کِلندي) توهان جو کِلڻُ ڳالهائڻُ بہ هوُبهوُ منهنجيِ سَسُ سَهري جهڙو آهي ! ... طوطارامَ جا ٽهڪَ)

شمن ماءُ : اَڙي ها، ٻچڙي ! ... تون بہ تہ اَسان جي شمن ڪُنوار جون سِڪون ٿي لاهين ! ... اُها اَسان جي سِڪيِ لڏي نونهن نيوَند ٻائي بہ نِس پَس تو جهڙي آهي !!

طوطارام : اَڙي، تہ پوءِ ڀڳوان ڀلو ڪريئي، دير ڇو ٿي ڪرين، هين ! .... ڦتاڦت ڏيئي ڇڏينس، شمن ڪُنوار طرفان، ڪلڪتي مان آندلَ ۾ ساڙهيءَ ۾ سَمايلَ سِڪَ سندي سوُکڙي، هين !

شمن ماءُ : (کِلندي - ساڙهيءَ وارو پئڪيٽُ ڏيندي) هان وٺُ، ٻچڙي. هيءَ شمن ڪنوار طرفان، ڪلڪتي واري سُرمي جي ساڙهي، شلَ توکي پسند اَچي !

شانتا : (ساڙهيءَ جو پئڪيٽ کولي ڏِسندي) واه واه ! ... واه واه !! اَما، ساڙهي تہ ڏاڍي سُٺي آهي !

شمنَ ماءُ : پرَ شمن پيِءُ، توهان وري ڇا پيا ڏِسو؟ ... ڏِيوسِ نہ اِهو ڪلڪتي وارو رس گولن جو دٻو !

طوطارام : (ڪنڌُ لوڏيندي) اوُن هوُن هوُن ! ... اهو رس گولن جو دٻو تہ مان پنهنجي هٿن سان، اسان جي سِڪيلڏي ٽماٽي کي ئي هٿَ ۾ ڏيندُسِ.

شانتا : (حيرت وچان) ٽماٽو ! ... اِهو ٽماٽو وري ڪيرُ آهي؟

شمن ماءُ : (کِلندي) اَڙي ٻچڙي، ٽماٽو ٻيو ڪير نہ، پر تنهنجو گهوٽ رميش آهي، جنهن کي ننڍي هوُندي کا وٺي اسين ٽماٽو ڪري ڇوَندا آهيون.

طوطارام : اڙي ترامون تہ ڇا، مان پنهنجي سڪيلڊي کي هيليڪاپٽر ۾ گهمائيندس، هين !

ڇڪڻ : (وري عجيب نموني کلندي) هي هي ! .. هي هي !! .. هلي آفتر !!

طوطارام : اڙي ها ڪنوار، پُٽ، تو اِهو تہ ٻڌايو ئي ڪونہ تہ اسان جو سڪيلڊو ٽماٽو يعنيٰ پُٽ رميش صبوح ساڻ ڪيڏانهن ويو آهي، هين ؟

نانا : بابا اڄ منهنجو ياءُ موهن، ڪنوار سميت بمبئيءَ مان اچڻو آهي، هي اُنهن کي وٺڻ اِسٽيشن تي ويا آهن.

طوطارام : ۽ پلا اسان جو مُربي ياءُ گاگنداس بہ، ٽماٽي سان گڏ اِسٽيشن تي ويو آهي ڇا ؟

شمن ماءُ : ها ڪنوار، نندڙو ڏير، جنهنکي اسان پٽ وانگر پاليو، اُن کي بہ ڏني ڏينهن تي ويا آهن !

نانا : (حيرت وچان) تہ ڇا، سَهُرَم مهنو اڳہ گذاري ويا تنهنجي توهانکي خبر ئي ڪانهي ؟

طوطارام ۽ شمن ماءُ } طوطارام : (روئڻهاري آواز ۾ - ٻئي گڏ) ڇا چيئہ ؟ .. گذاري ويو !!! (ٻئي گڏ روئڻ پٽڻ چالو ڪن ٿا، ساڻن گڏ ٽهڪڻ بہ روئڻ شروع ٿو ڪري)
(روئندي) اڙي هاءِ ! ... اڙي هاءِ !! ... منهنجو مُربي ياءُ گاگنداس گذاري ويو !! .. (گوڏن، ڇاتيءَ مَٿي تي زور زور سان ڌڪ هڻندي) اڙي منهنجا گاگنداس، هِن نياڳي طوطارام کي سَتر سالن جي ٻُڍاپي ۾ هيءُ کهڙو ڪاپاري ڌڪ هڻي وئين ؟ .. (سُڏڪا ۽ اوڇنگارون)

نانا : (پرچائيندي) بس بس! بابا بس! .. وڃڻ واري شيءِ تہ وڃي چُڪي !

شمن ماءُ : (پِٽيندي) هاءِ ڙي ! ... هِن نياڳي شمن ماءُ کي نندڙي ڏير جو پڇاڙيءَ جو منهن ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿيو ! .. (مَٿو پِٽيندي) هاءِ ڙي، جوتين وارا سائين، هِن نياڳيءَ کي ٻُڍاپي ۾ هينئر تہ پاڻ وٽ گُهرائي وٺ ... (اوڇنگارون، سڏڪا ۽ سِسڪيون)

ڇڪڻ : (روئندي) نانا .. !

طوطارام : (روئندي) پٽڙا ... !

ڇڪڻ : (روئندي) ناني .. !

شمن ماءُ : (روئندي) ٻچڙا، اسين سڀ هڪ ئي وقت لتجي وياسين ڙي !! .

طوطارام : (ڇاتي ڪٽيندي) اڙي منهنجا جوتين وارا سائين ! ... گاگنداس بدران هِن ٻڍڙي طوطارام کي ڇو نہ گهرائي ورتئہ ؟...(اوڇنگارون ۽ سڏڪا)

نانا : (آٿت ڏيندي) بس بابا بس ! ... گهڻي روئڻ سان، پراڻيءَ جي آتما کي ڏُک رسندو ! ... اسان کي اِشور جو ياڻو مِنو ڪري پوڳڻو ئي پوندو !

طوطارام : (اوچتو هڪ زوردار رڙ ڪري، ڇاتيءَ تي زور سان ڌڪ هڻندي) هاءِ ڙي ! ...اڙي، هِن نياڳي طوطارام جو ڪوئي جگر تہ چيري ڏسي ڙي !! .. ٻُڍاپي ۾ هي کهڙو

کونهي ڇا ...؟؟

طوطارام : اون ... هون ... هون ! ... ٻچڙي، اَڄڪلھ جي زماني ۾ گهر اَندر ڇاهي ٻاهر، راڄُ
تہ زالن جو ئي آهي، هين ! ... اَسان مُسافِرَ ماڻهو ٿياسين، ٻہ ويلا روٽي کائڻ
وارا، هين ! ... (ٺِنهي جا ٺهڪَ).

ٺهڪَڻُ : (پريان ڊوڙندو ايندي) مامي، مامي ! ... واڌايون هجنوَ مامي ! ڪملا کي ککو
ڄائو آهي مامي !! .. (عجيب نموني کلندي) مِنو وات ڪرايو مامي !!

شانتا : (کيس ٻانهن کان جهلي ٻهاريندي) اڙي، ڪملا کي ڪِکو تہ پليِ ڪري ڄائو
پر ٺهڪڻ پهرين ڪلڪتي واري ناني نانيءَ سان پيرين پئي گڏج.

ٺهڪڻ : (حيرت وچان) ڇا ... ڇيوَ .. مامي ؟ .... نانو ناني !

شانتا : وات ڇو ڦاٽي ويئہ ؟ ... ڪلڪتي وارا تنهنجو نانو ۽ ناني آهن ! ... جلدي ڪر
پهرين پيرين پئہ.

ٺهڪڻ : (پيرين پوندي) هي هي ... نانا ... ناني ! ...پيرين ٿو پوانوَ !

طوطارام ۽ } (ٻئي گڏ آسيس ڪندي) ڀڳوان وڏو ڀريو ڪندءِ ٻچڙا !
شمن ماءُ }

طوطارام : (شانتا کان) ڪنوار هي اسانجي سڪيلڌي ڌيءَ پرميشوريءَ جو پٽ آهي نہ ؟

شانتا : ها بابا ... ويچاري مهني کان متي ماءُ جو منهن نہ ڏٺو.

شمن ماءُ : هائو هائو ٻچڙي، مونکي ياد آهي. سنڌ ۾ تہ ڄائو ئي ڪونہ هو، پر ڪلڪتي
۾ کيس ڇهن مهنن جو ڏٺو هئم.

طوطارام : اسانجي ڌيءُ جي اڪيلي نشاني ! .. اَچ پُٽ ! ... ويجهو اچ !! (ٻاڪر ۾ ڳرائي
پائيندي) پُٽ، تون اسان سان گڏ ڪلڪتي هلندين ؟

ٺهڪڻ : (عجيب نموني کلندي) هي هي ! ... هي هي !! ... هي هي !!! ... نانا ... نانا،
ڪلڪتي ۾ ٽامون آهن نہ ٽامون ؟

طوطارام : اڙي ها ها پُٽ، ڪلڪتي ۾ ٽامون، پتل، سون چانديءَ جام آهي، هين ! ...ٽامي
پتل جي بازار پنيان، سون چانديءَ جي بازار بہ آهي هين !

ٺهڪڻ : (ڳالھ نہ سمجهي پنهنجي ليکي عجيب نموني کلندي) هي هي ! .. نانا ... هي
هي !!

شانتا : (ڳالھ سمجهي کلندي) نہ نہ بابا، ٺهڪڻ جو مطلب ٽامو نہ ٽرامون آهي ٽرامون
کيس ٽرامن ۾ گهمڻ جو ڏاڍو شوق آهي !!

طوطارام : (اُڇل سان) ٻلهاري ! ... اڙي ٻلهاري !! .. اڙي، مان تہ گهوريو وڃان پنهنجي
ڏوهٽي تان ! ... اڙي منهنجي ڏوهٽي کي ٽرامون کپن، هين ! ... اڙي پُٽ جام
ٽرامون دَل ٽرامون آڻي ڏيان سڪيلڌي کي، هين !!

شمن ماءُ : (خوشيءَ وچان) اڙي منهنجي لعل لاءِ جام ٽرامون.

شانتا : (آهستي - رميش کي) هنن کي بابا جن جي گذاري وڃڻ جي خبر ئي ڪانه هئي.

شمن ماءُ : (سبسڪين وچهر) هاءِ ڙي، هيءَ نياڻي، ڏير جي مُنهن ڏسڻ ڪان وانجهيل رهجي ويئي.

ٺهڪڻ : (روئندي) نانا .... !

طوطارام : (روئندي) پٽڙا ... !

ٺهڪڻ : (روئندي) ناني .... !

شمن ماءُ : (روئندي) ٻچڙا ....!

رميش : بس بس بابا .. ! ... ايشور جي اِڇا اڳيان اِنسان ڇا ٿو ڪري سگهي !! (اوچتو دروازي تي زور سان نڪ نڪ جو آواز)

نريش : (پريان آواز) رميش آهوجا گهر ۾ آهي.

رميش : (پريان - هلندي) ها ها ... اچان پيو... (ٺهڪڻ کي) اڙي ٺهڪڻ تون تيستائين چار پنج ڪوپ چانهن جا ٺاهي وٺ.

ٺهڪڻ : (اندر ويندي) ها ماما !

رميش : (دروازو کوليندي) اَچو سائين اَچو !

نريش : منهنجو نالو نريش آهي. توهان ئي مسٽر رميش آهوجا آهيو ؟

رميش : ها ها ... اندر ته اچو.

نريش : (هلندي) توهان وٽ ٻه مهمان بمبئيءَ ڪان آيا آهن... مان ٻه اُنهن سان گڏ آيو هوس ۽ اڄ ئي هِتي گڏجڻ جو پروگرام ...

رميش : (وچهر ڪتي) ها ها برابر ... هو منهنجا چاچو ۽ چاچي آهن، ڪلڪتي رهندا آهن... (اشارو ڪندي) هو رهيا سامهون !!

نريش : (اڳتي وڌندي) ها سائين مونکي خبر آهي ! بابا سائين ، پيرين ٿو پوانوَ !!

طوطارام : (آشيرواد ڏيندي) بابا، جُڙيو هجين شل جَهان ۾، هين !

شمن ماءُ : جڳ جڳ جيئين ٻچڙا !!

نريش : ته چئبو توهان جو نانڪ اڃا پورو نه ٿيو آهي !

شانتا ۽ رميش } (حيرت وچان) نانڪ ! ... نانڪ وري ڇا جو ؟؟

نريش : سائين اسانجو هڪُ ڪلاڪار دوست آهي، جو جتي ويندو آهي اُتي نانڪ پيو ڪندو آهي... وري پلائي ته اِها جو جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ٿيس، اُها ٻه اسٽيج جي هڪ زبردست ڪلاڪار .. !!

رميش : پر اُهي آهن ڪٿي ؟

نريش : ڏيرج ڌريو سائين اِهو ئي ٻڌائي رهيو آهيان، ته شاديءَ ڪان پوءِ پهريون دفعو

ڦهر تي ويو ڙي !! (اوڇنگارون) آلاڙي !!! ... (شانتا ڪانسواءِ ٺهڪ سميت سيني
جو روئڻ ۽ سِسڪيون چالو آهن... اچانڪ دروازي تي زور سان نڪ نڪ جو آوا
ٿيڻ ۽ سيني جو روئڻ هڪ ئي وقت اوچتو بند ٿي وڃڻ)

رميش : (نڪ نڪ سان گڏ پريان آواز) شانتا ! ... او شانتا !! ... جلدي دروازو کول.

شانتا : (پريان آواز) ها ها ... آچان پيئي ! ... (طوطارام کي) بابا، لڳي ٿو .. لڳي ٿو
منهنجو ڀاءُ موهن، ڪنوار سميت اچي ويو آهي ... (ويندي) توهان سان گڏجي
گهڻو خوش ٿيندا ... (دروازي کُلڻ جو آواز) موهن ۽ ڪنوار اچي ويا ؟

رميش : (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) ڪٿي آيا شانوُ ! ... سڄو سارو ڪلاڪ فرسٽ ڪلاس ته چا
سيڪنڊ ڪلاس جا دٻا به ڳوليندو رهيس، پر ڪونه آيا.

شانتا : (حيرت وچان) ڇا چيوَ ڪونه آيا ! ... ته پڪ ئي پڪ رات واري گاڏيءَ ۾ ايندا
چڱو، اندر هلو، توهان جو چاچو ۽ چاچي، ڪلڪتي وارا آيا آهن ... (هلندي) !

رميش : (عجب ۾ - هلندي) ڇا چيئه؟ ڪلڪتي وارا چاچو ۽ چاچي ! ... پر مون ته
ڪڏهن...

شانتا : (وچم ڪٽي - وچين ڪمري ۾ پهچي، اِشارو ڪندي) هي آهن توهان جا
ڪلڪتي وارا چاچو ۽ چاچي ! ... (وائڙن وانگر بيٺل رميش کي - آهستي) ڏسو
ٿا ؟ پيرين پَئون ! ... (طوطارام کي) بابا، پنهنجي ڀائٽيي سان گڏجو !!

رميش : (پيرين پوندي) بابا، اما ! ... پيرين ٿو پَوانوَ ! ... پر مون اِسٽيشن تي توهان کي
فرسٽ ڪلاس دٻي مان لهندو ڏٺو.

طوطارام ۽ شمن ماءُ : (ٻئي گڏ آسيس ڪندي) سدائين خوش هجين پٽڙا ! ... پر اسان توکي نه سڃاڻ
لعل !!

طوطارام : پُٽ، سامير ۾ اڄڻ ڪانپوءِ تون مون سان پهريون دفعو گڏجي رهيو آهين !

رميش : ها بابا، مونکي ته ڪا به يادگيري ڪانهي.

شمن ماءُ : (مشڪندي) تون تڏهن ننڍڙو هئين پُٽ ! ... اسان جي شمن کان به ننڍو ...
اسين سڀ پيار وچان توکي ٺمانو ڪري چوندا هئاسين !! .. (ٺهڪن جو آواز)

رميش : (حيرت وچان) ٺمانو !

طوطارام : (کلندي) ها پُٽ، ٺمانو، توکي ته ڪلڪتي وارو ڪاڪو طوطارام ياد به ڪونه
هوندو !

رميش : برابر آهي، پر بابا جن اڪثر ڳالهه ڪندا هئا ته ڪلڪتي ۾ سندن وڏو ڀاءُ
طوطارام رهندو آهي.

طوطارام : (اوچتو رڙ سان روئندي) اڙي گاگنداس، هن نياڳي طوطارام کي ٻُڍاپي ۾ هي
ڪهڙو وڇوڙو ڏيئي وئين ؟ ؟ .... (اوڇنگارون)

رميش : (حيرانيءَ وچان) ڇو ڇو، ڇا ٿيو ؟ (پر روئڻ چالو)

گــرھــڻ

گُرداس آھوجا ''اجيہ''

پاتر :-

(۱) موھن لال

(۲) ساوتري — موھن لال جي زال

(۳) اَشوڪ — موھن لال جو پُٽُ

(۴) ڊاڪٽر

موھن لال : (ٻاھران ئي رڙ ڪندي) ساوتري ! او ساوتري !! (در تي نڪ نڪ ڪري ٿو) اڙي گھر ۾ آھين ڪين نہ! سڏ ڪري ڪري تہ منھنجو گلو ئي سڪي ويو آھي. (ترسي) اڙي ھيءَ ڇا !؟ گھر ۾ ڪوئي آھي ڪين آھي ئي ڪونہ ؟ ساوتري اڙي او ساوتري !! (در تي نڪ نڪ چالو)

ساوتري : (اندران ئي) آھي ڇا !؟ اينتريون رڙيون ! (در کلي ٿو)، دَر ائين ٿا کڙڪايو ڄڻ ڪو جن يا ڪُتا پنيان پيا ھجنوَ. آھستي در کڙڪائڻ ۾ ڇا ٿو ٿئيوَ ؟

موھن لال : ڪيتري دير کان وني ٿو در کڙڪايان پر تون ٻڌين بہ نہ!

ساوتري : ڪير وارو ڪير ڏيئي ويو ھو ھاڻ رکيو ھوم پرائيمَس تي نہ لاھيان ھان تہ سڄو ڪير ئي ھارجي وڃي ھان. گئس بہ اڄا ڪونہ آئي آھي.

موھن لال : ڇڏو ڇڏو ھاڻي بس. خُلاصي جي ضرورت ڪانھي.

ساوتري : اڄ توھان کي ڇا ويو آھي ! خفي خفي ٿا لڳو. رڙيون وينا ٿا ڪيو. (ترسي) توھانجون رَڙيون ٻڌي ٻڌي تہ منھنجن ڪنن جا پڙدا ٿا ڦاٽن، ڄڻ.

موھن لال : تنھنجي تہ ڪنن جا پڙدا ٿا ڦاٽن نہ پر ھتي تہ منھنجو ڪليجو ٿو ڦاٽي، ڪليجو.



نالو : گرداس آھوجا ''اَجيہ''

جنم، تاريخ : راجڪوٽ (گجرات) ۴-۲-۱۹۵۴

ڇپايل ڪتاب: سپنو ھي سنسار؛ زندگي ھِڪُ دوکو؛ نئين روشني؛ ھيءَ بہ ھڪ زندگي.

انعام : الڳہ الڳہ سنستائن طرفان پنجَ ڀيرا سنمان حاصل

پيشو : گھروُ اُديوگ

پتو : پرڪاش ڀوَن، ۹ گايڪوازي پلاٽ، راجڪوٽ- ۳۶۰۰۰۱

ڪنوار کي وٺي، پيڻ شانتا ۽ پيٽوئي رميش آهوجا کي نانڪ ڏيڪارڻ هتي آيو آهي. اُهي ٻئي شخص ٻڍي طوطارام ۽ ٻڍي شمن ماءُ جي ويس ۾ توهان جي سامهون بيٺا آهن، جن کي توهين موهن ۽ سندس ڪنوار شيلا ڇئي سگهو ٿا.

شانتا : (حيرت ۽ خوشيءَ وچان) اڙي ڪير ؟ ... موهن !

طوطارام : (اصلي آواز ۾ - مشڪندي) ها شانتا ! ... (ڏاڙهي مڇون ۽ وارن جي وِڱ لاهيندي) مان آهيان موهن، ... نمستي جيجاجي... معاف ڪجو هينئر منهنجو پيرين پوڻ جو وارو آهي ! (سيني جا ٽهڪ)

رميش : (مشڪندي) نه نه موهن مونکي ته پاڻ خوشي ٿي ! (ٽهڪڙو)

شمن ماءُ : (اصلي آواز ۾، مشڪندي - وِڱ لاهيندي) معاف ڪجو ديدي، هينئر شمن ماءُ نه پر شيلا توهان کي پيرين ٿي پوي. (ٽهڪڙو)

شانتا : (خوش ٿيندي) سدا سهاڳڻ هجين شيلا ... پر واقعي مزو اچي ويو.

ٽهڪڻ : (پريان ڇانهن ڪٽي ايندو) هي هي ! ... ماما، نانو ناني وري ڪيڏانهن هليا ويا ؟

رميش : (کلندي) اڙي ٽهڪڻ، هي اٿيئي تنهنجا نانو ۽ ناني. (سيني جا ٽهڪ)

نريش : اڙي پر سيٺ ٽهڪڻ مل، ان ڇوڇي لڳي ڇانهن کي پري ڪر، هينئر ته اسين ڪلڪتي جا رسگولا کائيندا‌سين رسگولا !! (سيني جا ٽهڪ)

سڀ گڏ : (کلندي) ها ها .. ڪلڪتي جا رسگولا ! .. رسگولا !! ..

(ٽهڪڙي جو آواز پريا پريان ايندو رهي ٿو)

موهن لال : ڇو؟ تون هن جي ماءُ آهين. توکي خيال رهڻ گهرجي ته هو ڪيڏانهن ٿو وڃي اَچي.

ساوتري : ڇا مطلب؟

موهن لال : تون ماءُ آهين تون خيال رکيس نه ته ڪاڏي ٿو اچي وڃي.

ساوتري : توهان به ته هن جا پيءُ آهيو ته پوءِ توهان ڇو نه ٿا خيال رکوس. ڇا صرف منهنجو فرض آهي، توهانجو ڪوئي فرض ڪونهي؟

موهن لال : ٻار هميشه ماءُ سان سڀ ڳالهيون ڪندا آهن. تون به ڪجهه سمجهائينس ڪونه ٿي!

ساوتري : ڇا جي باري ۾؟

موهن لال : ڇا تون سمجهين ڪونه ٿي، ته گهر ۾ آوڪ بلڪل گهٽ آهي ۽ خرچ وڏيڪ آهي پورت ڪونه ٿي پوي.

ساوتري : پوءِ؟

موهن لال : اٿس ڪا گهر جي اون، ڪو فڪر، ڪا چنتا. ڪٿان ٿو اچي ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ ڇا اشوڪ جو فرض نه آهي ته هو ڪٿي نوڪري ڪري ڪجهه آڻي ڏي ته ٿوري گهٽي راحت ٿئي.

ساوتري : هن کي نوڪري ملي هان ته پاڻ ئي ڳالهه نه ڪري هان. (ترسي) هو ته پاڻ توهان کان وڏيڪ پئسا گهُري رهيو آهي.

موهن لال : ڇا جي لاءِ؟ (اُبهرائيءَ وچان)

ساوتري : هو وڏيڪ پڙهڻ ٿو چاهي. ڊگري هوندس ته نوڪري ملندس نه!

موهن لال : گرئجيوئيٽ آهي. فرسٽ ڪلاس پاس آهي. ڪٿي به نوڪري ڪونه ٿي مليس!؟

ساوتري : نه ملندي هوندس.

موهن لال : مونکي لڳي ٿو هو ڪوشش ئي ڪونه ڪندو هوندو! سڄو ڏينهن پنندو هوندو! (پاڻي هارجڻ جو آواز، هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جو آواز)

ساوتري : سڄو ڏينهن ٿو ويچارو نوڪرين پٺيان ٿو ڦري، ڇا نوڪريون رستن تي پيون آهن ڇا جو هن کي ملي ويندي.

موهن لال : ....

ساوتري : .... اِن ڪري ئي ته چوي ٿو ته وڏيڪ پڙهان، من ڪٿان نوڪري ملي وڃي.

موهن لال : (ڪنبندي) اڄ رام ڳڏيو هو.

ساوتري : پوءِ ڇا پيو چوي

موهن لال : اشوڪ لاءِ پيو چوي ته....

ساوتري : (اُبھراٽيءَ وچان) ھي ڀڳوان وري ڇا ٿيو؟

موھن لال : (ڪلندي) اڙي اڙي تون ھي ڇا ٿي ڪرين! ڇا تون سچ پچ ۾ سمجھين ٿي ڇا تہ منھنجو ڪليجو ٿو ڦاٽي! ھان!

ساوتري : توھان تہ اصل مونکي بہ ڊيڄاري ڇڏيو. پر توھان کي اڄ ٿي ڇا ويو آھي.

موھن لال : مونکي -مونکي ڇا ٿيندو؟ ڪجھہ ڪونہ ٿيو آھي. جلدي ھلي منھنجي رسوئي پاءِ تہ مان ھٿ مُنھن ڌوئي اچان ٿو (پاڻي ھارجڻ جو آواز)

ساوتري : (ويندي) ھيءَ بہ ڪا زندگي آھي! ھي ڀڳوان! مان تہ تنگ اَچي چُڪي آھيان ھھڙيءَ زندگيءَ کان.

موھن لال : ساوتري او ساوتري.

ساوتري : (واپس ايندي) اَچان ٿي، اَچان ٿي. وري ڪھڙو ڪم ڦاٿو اٿوَ؟ ھا چئو، وري ڇا آھي! (ويجھو ايندي)

موھن لال : ٽوال! ٽوال ڪٿي آھي....؟

ساوتري : ھيءَ ڇا آھي؟ سامھون ٿي تہ ٽنگيو پيو آھي، اَڄايو ويٺا رڙيون ڪيو. گھٽ ۾ گھٽ ڏسو تہ سھين! اَلائي ڪھڙن ويچارن ۾ ٿا رھو.

موھن لال : چڱو، چڱو. ھلُ، جلدي رسوئي پاءِ.

(ريڊيو چالو ڪري ٿو - ھلڪو ميوزڪ)

ساوتري : (ٿورو زور سان) رسوئي ڪٿو

موھن لال : (آواز جھڪو ڪندي) ھان! ھا ڏي مونکي ڏيءَ ٻڌ تون بہ ويھہ منھنجي پرسان تو ۾ ڪم آھي.

ساوتري : چئو ڪھڙو ڪم اٿوَ؟ (ڪرسي سورڻ جو آواز)

موھن لال : اشوڪ ڪٿي آھي.

ساوتري : الائي.

موھن لال : گھران ڪنھن مھل نڪتو.

ساوتري : ٽين چئين بجي نڪتو آھي.

موھن لال : ڪيڏانھن ويو آھي؟

ساوتري : مونکي خبر ڪونھي.

موھن لال : چو تو سان تہ ھو سڀ ڳالھيون ڪندو آھي.

ساوتري : ھا ڪندو آھي پر ھِن باري ۾ ڪونہ ڪئي اٿائين!

موھن لال : ڪھڙي باري ۾؟

ساوتري : اُن ئي وڃڻ جي باري ۾ ٻيو وري ڪھڙي باري ۾.

موھن لال : تو ڪجھہ پڇيس ڪونہ ڇا؟

ساوتري : منھنجي پڇڻ جو مطلب ڪھڙو؟

ساوِتري : توهان اَشوڪَ جي باري ۾ جيڪو سوچي رهيا آهيو، غلط سوچي رهيا آهيو.
موهن لال : ڇا غلط آهي ڇا صحيح، اِن جي خبرَ مون کي، ڪِينَ توکي !؟
ساوتري : سڀُ ٺيڪ ٿي ويندو، توهان اَجائي وينا چِنتا ڪيو.
موهن لال : چِنتا تہ ٿيندي ئي نہ، اُپٽ گهٽ ۾ ڪپٽ وڌيڪ، پوُرت ڪونہ ٿي ٿِئي. وري جو ٻُڌو اَٿم اَشوڪَ جو، تہ اَصل چِنتا وني ويئي آهي، منهنجو تہ دِماغُ ئي ڪمُ نتو ڪري.
ساوتري : چڱو، هاڻي اِهي اَجايا خيالَ ڪڍو مَنَ مان ۽ شانتيءَ سان ليٽي پئو، اَشوڪُ بہ ڇاڻ آيو، اَچي تہ مان سمجهايانس ٿي.

(ميوزڪ)

(گهڙيالَ ١٢ جا نڪاءَ هنيا ... ١ - ٢ - ٣ - ۴ - ۵ ..... ١٢)

ساوِتري : اوهه ! ٻارهان ٿي ويا، منهنجو تہ دِماغُ ئي ڪمُ ڪونہ ٿو ڪري. اَڃان اَشوڪُ گهرِ ڪونہ آيو آهي. اَلائي ڪيڏانهن ويو هوندو !؟ (ترسي) هيءُ بہ سچُ ٿا چَوَن، اَلائي ڇاڻو ڪري ٻاهر؟ ايتري دير تائين روز جو، اَلائي ڪهڙن دوستن سان سَنگُ اَٿسِ.

(دَرَ تي نڪ نڪ ٿئي ٿي، دَرُ کُلي ٿو)

ساوِتري : اَشوڪَ ! شَرَمُ نتو اَچيئي توکي !؟ ڪهڙا لڳا آهن، خبرَ اَٿيئي ڪِينَ نہ!؟ هيتري دير ڇا پيو ڪرين ٻاهر؟
اَشوڪ : مَمي ! ريس ڪورس جي رِنگ روڊَ تي ويو هوس دوستن سان گڏُ.
ساوتري : پرَ ايتري دير؟ ماڻهو سَويرَ پرو گهر اَچي، اِنَ ۾ تڪليف ڪهڙي آهي!؟
اَشوڪ : مَمي ! دوستن سان گڏ ڳالهيُن ۾ وقتُ ڪيترو گُذري ويو، خبرَ ئي ڪانہ پيئي.
ساوتري : اِهي سُنن ٻارَنِ جا لڇڻَ نہ آهِن، پُٽَ ! تنهنجو ڊئڊي بہ تنهنجي چِنتا ڪندي هينئَرَ ئي ليٽيو آهي. هوُ بہ تنهنجي اِنهن حرڪَتُن تي ڏاڍو دُکي آهي. اَڳتي ڌيانُ رکجانءِ ۽ سَويلَ پَرو گهرِ اَچجانءِ. ۽ ها ! هٿُ مُنهن ڌوئي اَچُ تہ مان رَسوئي پائي ڏيانءِ.
اَشوڪ : مَمي ! مون ٻاهر ناشتو ڪيو آهي. هينئَرَ بُکَ ڪانهي.
ساوتري : ٻاهر جو ڪِنُ-ڪِچڙو ڪائِڻُ سُٺو ٿوري ئي آهي؟ اِنَ ۾ ماڻهو بيمار ٿي پَوَندو آهي. بيمار ٿيندوَ، توهان کي بہ تڪليف تہ مائٽن کي بہ تڪليفَ.
اَشوڪ : مَمي ! هاڻي ڇڏ نہ اِنَ ڳالهِ کي. مون کي نِنڊَ ٿي اَچي.
ساوتري : مان تہ تنهنجي ڀلي لاءِ ٿي چوان. وڌيڪَ تنهنجي مرضي.

(ميوزڪ)

ساوتري : (ڪلنيندي) ڪئي هوندائين اشوڪ جي ڳِلا. هيو ڪو هن کي ڪو ڏنڊو!
موهن لال : ٻڌ ته سهين..!
ساوتري : (ڪلنيندي) ڇا ٻڌان؟
موهن لال : تون ته پاڻيءَ کان اڳ ويٺي ڪپڙا لاهين. پهرين پوري ڳالهه ته ٻڌ.
ساوتري : ڇا؟ ڇئو، ڇا پئي چيائين، توهانجي مِٺڙي دوست توهان کي.
موهن لال : چيائين اشوڪ هڪ ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ آهي جيڪا اڳ......
ساوتري : آهي نه ساڳي ڳالهه. مان اِن نياڳي کي سڃاڻان. اِهو ۽ ڳلا نه ڪري!؟ هوُن! مان اِهو ميچڻ لاءِ بلڪل تيار ئي نه آهيان ڇا سمجهيوَ! منهنجو اشوڪ اهڙو نه آهي.
موهن لال : ميچان ته مان به نٿو، پر رام ڪوڙ ته نه ڳالهائيندو.
ساوتري : ڪوڙ بلڪل ڪوڙ ڳالهائيندو هوندو.
موهن لال : ٿي سگهي ٿو شايد مذاق ڪئي هوندائين (عجب ۾)
ساوتري : مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي. نيڪ آهي اچي ته پڇانس ٿي.
موهن لال : مان به سڄو ڏينهن ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو آهيان. ڪجهه پير دٻا ڪري وٺان.

(گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ چالو آهي. گهڙيال ۹ جا ٽڪاءُ هڻي ٿو)

موهن لال : (پاڻ مرادو ڇپن ۾) اوهه! ۹ ٿي ويا آهن! پر اشوڪ اڃا تائين ڪونه آيو آهي. منهنجي نيڻن ۾ ننڊ ڪونهي. ايندي به ڪٿان!؟ هڪ پاسي اشوڪ جي چنتا ٻئي پاسي گهر جي آرٿڪ حالت چنتا ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڪنهن به نموني پورتِ ڪانه ٿي پوي. مٿان مينا جي شادي بيٺي آهي. ڪوئي مٽ مائٽ ساٿ ڪونه ڏيندو. هر ڪو سوارٿي آهي. اشوڪ گرئجيوئيٽ آهي، فرسٽ ڪلاس پاس آهي. پر هو نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪونه ٿو ڪري. ڇا هن جو فرض نه آهي ته هو ڪجهه مدد ڪري.
ساوِتري : توهان اَڃان ليٽيا ڪونه آهيو ڇا؟
موهن لال : (ڇرڪُ ڀريندي) هون! نه ... ڏگهو ساهه کڻي ٿو.
ساوِتري : ڪهڙن خيالن ۾ گُم آهيو.
موهن لال : بس، ايئن ئي.
ساوتري : ته به، ڪجهه ته ٻُڌايو.
موهن لال : اَشوڪَ جي باري ۾ ئي سوچي رهيو هوسِ.
ساوتري : اوهه! ڇا سوچي رهيا آهيو توهان هن جي باري ۾؟
موهن لال : اِهو ئي سوچي رهيو آهيان ته.....
ساوِتري : (ڪَلنيندي) ته....
موهن لال : ته ڇا ٿيندو اَشوڪَ جو، ... (ٿورو ترسي) هِنَ گهرَ جو... !!؟

ساوتري : آخر آهي ڇا !؟

موهن لال : ساوتري ! اِهي گوريون نشي جون آهن. اَلائي ڪڏهن کان تو وٺي اِهي گوريون ! اَشوڪ نشو تو ڪري، اِن جي خبرَ اَسان کي نہ پيئي. ہيو بہ اَلائي ڇا ڇا ڪندو هوندو ٻاهر ! مون کي تہ ڇننا وٺي ويئي آهي. (ڏڪندي، رُوئڻ-هارڪو ٿيندي)

ساوِتري : نَشي جون گوريون !؟ نہ نہ. توهان ڪُوڙ ٿا ڳالهايو. منهنجو اَشوڪ ڪڏهن نشو نہ ڪندو آهي. توهان ڪُوڙُ ٿا ڳالهايو !

موهن لال : ساوِتري ! مان ڪُوڙ ڪونہَ ٿو ڳالهايان. اِهي نشي جون ئي گوريون آهِنِ. تون مون تي وِشواسُ ڪر.

ساوِتري : هي ڀڳوانَ ! هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي اَسان جو ! (سُڏڪا ڀري رُوئي ٿي)

(ميوزڪ)

موهن لال : ساوِتري ! صبوح جا اَٺَ ٿِيڻ تي آيا آهن، اَجان چانهہ نصيب ڪونہَ ٿي آهي، ايڏي دير !؟

ساوِتري : هان وَٺو، چانهہ ۽ بسڪيٽَ. (بسي، ڪوپُ ۽ پليٽ رکڻ جو آواز ٿئي ٿو)

موهن لال : تون پنهنجي چانهہ نہ ڪٽي آئي آهين ڇا؟

ساوتري : ڪٽي ٿي اَچان.

(دَرَ تي نڪ نڪ ٿئي ٿو. دَرُ کُلي ٿو)

ڊاڪٽر : موهن لال جو گهَرُ هيءُ آهي؟ (ٻاهران آواز اَچي ٿو)

ساوِتري : ها ... ڇئو، توهان ڪيرُ ؟

ڊاڪٽر : مان ڊاڪٽر بِجلاٽي آهيان. موهن لال جن سان گڏجڻو آهي. ضروري ڪم آهي.

موهن لال : اَچو، اَچو ! اَندر اَچو !

ڊاڪٽر : مان ڊاڪٽر بِجلاٽي آهيان. توهان سان ضرُوري ڳالهائڻو آهي.

موهن لال : اَچو، اَچو ! ڪُرسيءَ تي ويهو. (ترسي) ڪٽو، چانهہ ڪٽو.

ڊاڪٽر : نہ، مان هينئَر ئي گهران پي پيو ٿو اَچان. مونکي اَجان بلڊ بئنڪ بہ وَڃڻو آهي. (ترسي) هي، هي توهان جو پٽُ اَشوڪ آهي نہ !؟

موهن لال : ها ......

ڊاڪٽر : مان اُنَ جي باري ۾ ئي توهان سان ڳالهائڻ آيو آهيان، نہ اَشوڪَ کي...

موهن لال : ڇا ٿيو آهي اَشوڪَ کي، ڊاڪٽر صاحبَ ؟ (اُٻهرو ٿيندي) مونکي.. مونکي جلد ٻُڌايو .... اَشوڪَ کي ڇا ٿيو آهي؟ (گهبرائيندي)

(اَشوڪ ڪنگهي ٿو. ڪنگهہ وڌندي وڃيس ٿي.

ساوِتري : ڇا ٿِيُئِہ، پُٽَ! اِها ڪنگهہ وري ڪِٿان آئي!؟

اَشوڪ : (ڪنگهندي) ممي! ممي!.. ممي! ... (سهڪندي) ٿورو پاڻي ڏي تہ! ء ها، ممي! منهنجي ڳاڙيلي هيٺان ڳوريون پيون اَٿيئي، ڪٿي اَڇُ تہ!

ساوتري : (گهبرائيندي ... اُبهرائيءَ وِچان) هيڏانهن ... هيڏانهن، ٻُڌو تہ! .....

موهن لال : (ڇرڪُ ڀريندي) هان! هان! ڇا ٿيو؟ اَشوڪَ! ... اَشوڪُ اڃان ڪونہ آيو آهي ڇا؟

ساوِتري : ها، اَشوڪُ تہ ڪنهن مهلَ کان وٺي اَچي ويو آهي، پرَ هينئَرَ ڪنگهہِ ٿي اَٿسِ. ڏسو تہ ... توهان مٿي تي هٿُ تہ گهمايوسِ تہ مان ڳوريون ڪٿي تي اَچان.

موهن لال : اَشوڪَ، پُٽَ! ڇا آهي؟ ڇا ٿو ٿِيئي، پُٽَ!؟ اَهڙو ڇا ڪاڏو اَٿئي جو ڪنگهہ بيهي ئي ڪونہَ ٿي؟

اَشوڪ : پپا، پپا! مون کي روز ڪنگهہ ٿيندي آهي (سهڪندي)

موهن لال : پوءِ تو اَسان سان ڳالهِہ بہ ڪونہ ڪئي آهي!؟ دوا ورتي اَٿئي ڪينَ نہَ؟

ساوِتري : (ويجهو ايندي) هان وَٺُ پُٽَ! ڳوريون.

موهن لال : ڏِسان اِهي ڪهڙيون ڳوريون آهين!؟ (ترسي) اَڙي! هيءُ ... هيءُ ڇا آهي؟ ڇا جون ڳوريون آهن هي، اَشوڪَ !!؟

اَشوڪ : پپا! هيِ ڪنگهہ جون ڳوريون آهن. مان اِهي وٺندو آهيان تہ مون کي فائدو ٿيندو آهي. (گهبرائيندي ... سهڪندي)

موهن لال : (غصي ۾) تون مون کي بيوَقوُفُ ٿو بڻائين!؟ هيِ ڪنگهہ جو ڳوريون آهن!!؟

ساوتري : (وچ ۾) ڪنگهہ جون ئي ڳوريون هونديون، نہ تہ وري ٻيون ڇا جون هونديون؟

موهن لال : تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ، ساوتري! (ترسي) اَشوڪَ، پُٽَ! هي ڪنگهہ جون ڳوريون نہ آهِنِ، پُٽَ! هيِ نشي جون ڳوريون آهِن، نَشي جون. پيءُ کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشِش نہ ڪر، سمجهيئِہ!

(اَشوڪ پيءُ کان ڳوريون کسي ٿو)

موهن لال : هيِ ... هيِ تون ڇا ٿو ڪرين، ڇا ٿو ڪرين، اَشوڪَ؟ تون منهنجي هٿَ مان ٿو کسين ڳوريون؟ (زور سان ڳالهائيندي، رڙ ڪندي)

اَشوڪ : پپا، هِڪَ - پپا، هِڪَ.. پليز. صرف هڪَ ڳوري ڏيو.

موهن لال : نہ، مان توکي هِڪَ بہ ڳوري نہ ڏيندُس. نہ، بلڪُل نہ. (ترسي) اَڙي! اَڙي! هيءُ ڇا ڪَيُئہ تو؟ هان! نہ وجهہ وات ۾، نہ وجهہ! مان چوانءِ ٿو نہ کاءُ. (ترسي) اُف! هي ڀڳوانَ! مون کي جيڪو ڊپُ هو، اُهو ئي ٿيو. اَسان جي تہ هڙ ئي حلال ٿي ويئي.

(۱) شريرَ جي وزنَ جي ڪمي ٿيڻُ.
(۲) هڪَ مهني ڪان وڌيڪَ لڳاتار دَستَ ٿيڻُ، ڪاڏو نہ پچڻُ.
(۳) هڪَ مهني ڪان وڌيڪ لڳاتار بُخار چالو رهڻُ.
(۴) سَدائين سخت ٿڪاوَٽَ محسوس ڪرڻُ.
(۵) دوا وَٺندي هوندي بہ هڪَ مهني ڪان وڌيڪ کنگهہ جو چالوُ رهڻُ
(٦) سُياءُ چڙ چڙو ٿيڻُ ۽ ڪروڌي ٿيڻُ.
(۷) معامولي سَرديءَ مان ٽي.بي. يا ٽڪڙي ڪمزوري
(۸) شرير روڳ ڌارڻ ڪري تہ روڳ کي دور ڪرڻ جي شڪتي نہ رهي.
ڪا بہ دوا وٺڻ سان شرير جي بيماري ٺيڪ نہ ٿيڻُ.

موهن لال : (سوچيندي) اَشوڪَ کي بہ تہ ڪيتري وقتَ کان وني کنگهہ آهي، لهيس ٿي ڪونہَ ٿي.

ڊاڪٽر : مغز جي بيماري ٿيڻُ، جهڙوڪ ننڊَ نہ اَچڻُ، چَڪرَ اچڻُ، يادِ شَڪتيِ گهَٽجيِ وڃڻُ، ڳالهائڻ ۾ تڪليف ٿيڻُ، اِهي بہ مُکيہَ نِشانيون آهِن. اِنهن مان ڪي بہ ہہ يا وَڌيڪ نشانيون هجن تہ ضروُر شنڪا وڃي تہ شايد هنکي ايڊس هجي ۽ جاچ ڪرائڻُ ضروريِ آهي.

موهن لال : ڊاڪٽر صاحب اِهي تہ نِشانيون آهِن پر اهو روڳہ ٿئي ڪيئن ٿو؟

ڊاڪٽر : جيڪي رَتَ جو واپار ڪندا آهن انهن دواران بہ ايڊس ڦهلجندو آهي.

موهن لال : اهو وَريِ ڪيئن؟

ڊاڪٽر : ڏسو ڪنهنکي ايڊس جيِ بيماريِ هجي ۽ هو پئسن جي خاطر رَتُ دان ڪندو هجي ۽ بعد ۾ ڪنهن اَڻڄاڻ ڊاڪٽر طرفان پُل ۾ ٻئي ڪنهن شخص عوُرت يا مرد کي رَتُ ملي تہ هنکي بہ ايڊس ٿيِ سگهي ٿي.

(۲) ڪنهن ايڊس جي بيمار کي هنيل سُئي پُل مان ڪنهن ٻئي کي هڻي تہ اُن کي بہ ايڊس ٿيندو آهي چاڪاڻ تہ اِها سُئيِ ايڊس جي جيوڙن سان لڳل هوندي آهي، ۽ بنا گرم ڪرڻ جي ٻين کي لڳڻ تي ان سُئيءَ کي لڳل ايڊس جا جيوڙا تندرست شخص جي شريِر ۾ وڃي ايڊس ڦهلائي سگهن ٿا.

(۳) حجم جي دُڪان تي ڪنهن شخص کي ايڊس هجي ۽ ڏاڙهيِ لاهرائيندڙ جو رتُ نڪري تہ اُهي ايڊس جا جيوڙا ان بليڊ تي لڳن ٿا ۽ وري اُها ئيِ بليڊ ٻئي ڪنهن تندرست شخص جي ڏاڙهيِ لاهِڻ ۾ ڪم آڻجي تہ اُهي جيوڙا تندرست شخص جي شريِر تي لڳن ٿا ۽ هيِ جيوڙا رتُ شخص ۾ ايڊس ڦهلائي سگهن ٿا.

(۴) اهڙيِ ڪنهن بازاريِ عوُرت سان جنهن کي ايڊس جيِ بيماريِ هجي اُن سان بنا ڪنهن ساڌن جي سنيوڳہ ڪرڻ سان بہ تندرست شخص کي ايڊس ٿئي

ڊاڪٽر : توهان جي پُٽَ اَشوڪَ کي هِڪَ خراب بيماري آهي.

موهن لال : خراب بيماري !؟ (ڏڪندي) هي، هيِ توهان ڇا چئي رهيا آهيو، ڊاڪٽر صاحبَ (عجَبَ ۾)

ڊاڪٽر : ڏسو، هِمَتَ رکو! هيءَ هِڪَ شنڪا آهي. رِپورٽَ ۾ تہ ايئَن آيو آهي، پَرَ وريِ بہ هِڪُ دفعو چيڪ ڪبو.

موهن لال : پَر اِها خراب بيماري آهي ڪهڙي !؟ توهان ٻُڌايو ڇو ڪينَ ٿا، ڊاڪٽر صاحبَ !؟ ۽ توهان کي اِها خبرَ پيئي ڪيئَن !؟

ڊاڪٽر : پاڻيءَ جو گِلاسُ مِلندو؟

موهن لال : ساوِتري ! وَڃُ تہ، پاڻيءَ جو گِلاسُ تہ ڀَري اَچُ.

ڊاڪٽر : موهن لال ! ڪالهہ اَشوڪُ ۽ سندس ڪُجهہ دوستَ رَتُ دان ڪرڻ لاءِ آيا هئا. دراصل، مان بلڊ بئنڪ ۾ ڊاڪٽر طور سَروِس ڪندو آهيان. بلڊ وٺندي چيڪ ڪيوسين تہ توهان جي پُٽَ اَشوڪَ جي رَتَ ۾ H.IV جيوڙا آهن.

موهن لال : مطلبُ....؟

ڊاڪٽر : مطلب تہ هُن کي ايڊس (AIDS) جي خطرناڪ بيماري آهي.

موهن لال : ڊاڪٽر صاحبَ !! توهان هيءُ ڇا چئي رهيا آهيو؟ توهان کي اِنَ جي ڪا خبرَ آهي !؟ موهن لال ڏڪندي چيو.

ڊاڪٽر : جي، موهن لال ! مان جيڪي چوان ٿو، اُهو سڀُ سَچُ آهي. بلڊ ٽيسٽ ۾ غلط نٿو ٿي سگهي.

موهن لال : (گرم ٿيندي) اِهو اِمپوسيبل، ائين هرگز نٿو ٿي سگهي، ڊاڪٽر صاحبَ !

ڊاڪٽر : ڪاش، اِئين هجي ها، تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿئي ها، پَرَ بدقِسمتيءَ سان اِهو سَچُ آهي.

موهن لال : ڊاڪٽر صاحبَ ! ڇا اِها رِپورٽَ غلط نٿي ٿي سگهي؟ (ترسي) ٿي سگهي ٿو توهان ڀُلَ ۾ ٻئي ڪنهن جي رپورٽَ ڏني هجي. (ترسي) يا - يا ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي ڪنهنجي رِپورٽَ ۾ منهنجي اَشوڪَ جو نالو (گهبرائيندي).

ڊاڪٽر : موهن لال ! ايئَن هرگز نہ ٿيندو آهي. رَتُ وٺڻ مهل ئي بلڊ-ڊونَرَ جو نالو وغيره سڀُ لِکندا آهيون. موهن لال ! هِنَ بيماريءَ جو ڪوبہ علاجُ ڪونهي، هيءَ خطرناڪ....

موهن لال : ڊاڪٽر صاحبَ ! ايئَن نہ چئو. ضرور ڪو نہ ڪو علاجُ هوُندو. ڳولهيو، جلدي ڳولهيو. منهنجي پُٽَ جي جان بچايو. (ڪِن پل ترسي) ڊاڪٽر صاحبَ ! هيءَ بيماري ٿيندي ڪيئَن آهي !؟

ڊاڪٽر : اِها توهان سُٺي ۽ صحيح ڳالهہ پُڇي آهي. ايڊس ٽيڻ جا هيِ ڪارڻ آهن :

ڊاڪٽر : هلو، جلد هلو! (ترسي) اَشوڪ تڪڙا ساهه کڻي ٿو؟

اَشوڪ : اَشوڪَ! پُٽَ! تون ڪجهه چوَڻُ ٿو چاهين ڇا؟

ساوتري : (روئندي روئندي، لڙڪڙائندڙ لفظن ۾) هي ڀڳوانَ، منهنجي پُٽَ جي رکشا ڪيو، منهنجو ٻچو مون کي بخشي ڏيو. مون تي رحم ڪيو. هي پريو! هي ڇا ٿو ڪرين؟ اَسان ڪان ڪهڙي خطا ٿي جو اَسان کي هھڙي سَزا ٿو ڏين؟ ڪهڙيءَ ڀُلَ ڪري اَسان کي هيءُ ڏينهن ڏسڻو ٿو پوي، پريو؟ هي ڀڳوانَ! منهنجي لال کي جيون دان ڏيو، هن تي مهر ڪيو، مالِڪَ! هن ڏائڻ بيماريءَ کان منهنجي ٻچي کي بچايو، ڀڳوانَ! منهنجي پُٽَ جي جان بچايو(روئندي)

ڊاڪٽر : پليز! توهان شانتي ڪيو. اَشوڪُ ڪجهه چوَڻُ ٿو چاهي.

ساوتري : چئُه پُٽَ! ڇا ٿو چوَڻُ چاهين تون؟ (روئندي)

اَشوڪ : مان، ... مان هاڻي وڌيڪ ڪونه جيئندُس. مان ... مان جنهن خطرناڪ ايڊس بيماريءَ ۾ ڦاٿل آهيان، جيڪا لاعلاج بيماري آهي، مان ... مان... هاڻي مؤتَ کي پنهنجي ويجهو ڏِسان ٿو. مؤتُ منهنجي سامهون ئي آهي. مان ... مان ... هاڻي ڪونه جيئَندُس. پرَ ... پرَ ... آخر ۾، ... آخر ۾ (سهڪندي) (ڪنگهي ٿو) مان ڀائرن ڀينَرُن کي اِها ئي صلاح ڏيندُس تہ توهان جلد ئي هِنَ بيماريءَ جا ڪارڻ ڄاڻو، انهن تي عمل ڪيو. مان قبول ٿو ڪيان تہ مون ۾ خراب عادتون هيون. مان ... مان ... خراب عورتُن ۾ ڦاٿلُ هوس. مان شراب ۽ نشو بہ ڪندو هوس. هِنَ دُنيا جا هر عيش حاصل ڪرڻ لاءِ مان خراب عادتُن جو شِڪار بڻيُس. نتيجو.... نتيجو.... اِهو نِڪتو جو مون هيءَ بيماري حاصل ڪئي.

منهنجِي نؤجوان ڀائرن ۽ ڀينَرُن کي اِها ئي وينتي آهي، صلاح آهي، تہ جهڙي منهنجي حالتَ ٿي آهي اَهڙي شلَ توهان جي نہ ٿئي، پنهنجو خيال ڪيو ۽ هِنَ بيماريءَ کان دور رهو، پاڻ کي سنڀاليو، خراب عادتُن کان دور رهو ... ۽ ... ۽ ... پنهنجي زندگيءَ کي نرڳُ نہ بڻايو، ايڊس جهڙي خطرناڪ بيماريءَ کان دور رهو، اِنَ کي سمجهو ۽ اِنَ کان دور رهو. جيئن منهنجي سونهري زندگيءَ کي ايڊس روپي گرهڻُ لڳي ويو آهي، جي توهان بہ پاڻ نہ سنڀاليو آهي ۽ خراب عادتن کان دور نہ رهيا آهيو تہ ڪٿي توهان بہ هِن گرهڻ جا شِڪار نہ بڻجو ... هِنَ بيماريءَ کي سمجهو ۽ ڌيان رکو، پاڻ کي سنڀاليو ... هن کان دور رهو... هِن کان دور رهو ...

اَشوڪ سهڪي ٿو ڪنگهي ٿو آخر هو چپ ٿي وڃي ٿو.

ساوتري ۽ موهن : اَشوڪ .... !! رڙ ڪندي .... روئڻ ٿا.

تو يا ڪو ايڊس بيماريءَ وارو شخص ڪنهن تندرست استريءَ سان سنيوڳ ڪري ته اُن اِستريءَ کي به ايڊس ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ اِها استري ٻئي ڪنهن پُرش سان سنيوڳ ڪري ته اُن کي ايڊس جهڙي خطرناڪ بيماري ٿي سگهي ٿي.

ايڊس وارو شخص ڪو نشو ڪندو هجي ۽ اهو سئي پنهنجي بدن ۾ هڻي ۽ اها ساڳي سُئي ڪو ٻيو شخص نشو ڪندڙ پنهنجي بدن ۾ هڻي ته اُن کي به ايڊس جهڙي خطرناڪ بيماري ٿي سگهي ٿي.

هي سڀ ايڊس جي بيماري ڦهلجڻ جا ڪارڻ آهِن. اِنَ ڪري ئي ڊاڪٽرن جي صلاح آهي ته اِنهن متيُن ڳالهيُن کي ڌيانَ ۾ رکو. هِنَ بيماريءَ ۾ شرير جو ڪوئي به روڳُ کهڙيُن به دوائُن ونڻَ سان نيڪ نه ٿيندو آهي ۽ آهِستي آهِستي اِنسان موُتَ طرف ڊوڙندو آهي.

موهن لال : پَرَ ڊاڪٽر صاحبَ! منهنجي پُٽَ کي ڪائي به اَهڙيءَ طرح جي عادَتَ ڪونهي. هو ڪڏهن به ٻاهر اَهڙا ڪَمَ نه ڪندو هوندو، اِهو وشواس آهي مون کي.

ڊاڪٽر : توهان چوويهه ئي ڪلاڪ ته ٻاهر پنهنجي پُٽَ سان گڏ ڪونه ٿا رهو جو توهان کي خبَرَ پوي!

موهن لال : پَرَ، پَرَ، مان اِهو مڃڻَ لاءِ تيار نه آهيان!

ڊاڪٽر : اِها توهان جي مرضي آهي، باقي جيڪو منهنجو فرض هو، اُهو مون پوروڪيو.

موهن لال : (نرم ٿيندي) ڊاڪٽر صاحبَ! توهان جيڪو ٻُڌايو، اُن ۾ به نِشانيون منهنجي پُٽَ ۾ آهن. هِڪَ لنبي عرصي تائين کنگهه، جيڪا لهڻ جو نالو ئي ڪونه ٿي وٺي؛ ۽ ٻي ننڊ نه اَچڻ جي تڪليف. ٻي کنگهه اَچڻَ تي هوُ هي گوريون وٺندو آهي.

ڊاڪٽر : هيءَ! اِهي ته نشي جون گوريون آهن، موهن لال! (ترسي) لڳي ٿو توهان جو پُٽُ نشو به ڪندو آهي.

موهن لال : اِها شنڪا هاڻي مونکي به آهي. (ترسي، روئڻ-هارڪو ٿيندي) ڊاڪٽر صاحبَ! مان هِڪُ دفعو وري جاچَ ڪرائڻ چاهيان ٿو، اَشوڪ جي.

ڊاڪٽر : بي‌شڪ ڪرايو. ۽ توهان کي وشواس ٿئي، اِهو ضروري آهي.

موهن لال : مان اَڄُ ئي هُنَ کي توهان وٽ وٺي ايندُس.

ڊاڪٽر : ضرور، ضرور! چڱو، مان هلان ٿو. (ميوزڪ)

ساوتري : هيڏانهن - (گهبرائيندي، ڏڪندي) هيڏانهن ٻُڌو ته، ڏسو ته سهين، اَشوڪَ کي ڇا ٿو ٿئي.

موهن لال : اَڙي! اَشوڪُ ته تڪڙا ساهه ٿو کڻي. مان اِجهو ڊاڪٽر کي سَڏي ٿو اَچان. ڊاڪٽر صاحبَ! ڊاڪٽر صاحبَ! جلد هلو، ڏسو ته اَشوڪ کي اَلائي ڇا ٿو ٿئي.

مٽي آهي تنهنجي ماتا، جنم مرڻ جا جنهن سان ناتا
رشتا رت جا ڪيئن ٽوڙيندين، جيجل ڪان ڇا مونهن موڙيندين
ڏيندءِ ماءُ مٿار او ميان
وهندين ڪيئن تون وطن وساري
وهندين ڪيئن تون وطن وساري. (فيڊ-آئوٽ گيت)

[گيت هلندي وچ ۾ پهرين گهر جو نوڪر گنگو سوٽڪيس، شولڊر بئگ آڻي رکي ٿو. ڏيءِ پنڪي ماڊرن ڊريس ۾ پوڄا جي ٿالهي، ڏيئو ٻريل آهي، کڻي ٿي داخل ٿئي ٿي ته ڪجهه پلن ڪانپوءِ پٽ چندر فل سوٽ ۾ تيار - هٿ ۾ بريفڪيس اٿس. اچي صوفا تي ويهي، بريفڪيس کولي چيڪ ڪندي.]

چندر : اَمان ... جيجل اَمان !

پنڪي : بردر ! تنهنجو پاسپورٽ، ٽڪيٽ ۽ ڊاڪيومينٽس (ڏئيس ٿي)

چندر : ٿئنڪس ! (ماءُ داخل ٿئي ٿي. چندر پيرين ٿو پويس)

ماءُ : جڳ جڳ جيءُ منهنجا پٽڙا - پٽ، اڃا به ويل ويئي ڪانهي پنهنجي مٽي، پنهنجو گهر، پنهنجو ديس ڇڏي نه وڃ !

چندر : او مم ! ...امان ٽي سال ڇپٽي وڃائيندي گذري ويندا تنهنجو پٽ، اسٽيٽس مان وڏو ماڻهو بڻجي اِنڊيا ايندو. امريڪا ۾ منهنجو پنهنجو بنگلو، بزنيس ۽ اِسٽئٽس هوندو.

پيءُ : پٽ، جهولڻ جي ديا سان عزت مان، ڌن دولت، بزنيس، سڀ ڪجهه ته آهي اسان وٽ. گهر ۾ ڪهڙي ڪمي آهي ؟

چندر : ڪمي اسانجي گهر ۾ نه پر ديش ۾ آهي.

پيءُ : ته به پٽ پنهنجا نيٽ به پنهنجا ٿيندا آهن. پٽڙا پراون ڪهڙو ساه !

چندر : (پيرين پوندي) پليز ڊئڊ ... توهان صرف آسيس ڪيو

پيءُ : ڇُٽُ، پٽ ! شل ڇُٽي ڪٿي اچين.

پنڪي : بردر ! مونکي به اَمريڪا گهرائڻ نه وسارج.

چندر : تنهنجي ويزا تيار هوندي. جهٽ تنهنجي ويزا انڊيا، پٽ! تون امريڪا (ٻنهي جو گڏيل ٽهڪ)

درشيه ٻيون

ساڳيو گهر

[ٻڍو ٻڍي گهر ۾ اڪيلا خاموش ويٺل ڏسجن ٿا ۽ ڏسجي ٿو هڪُ پڃرو جنهن ۾ ٻه پکي قيد آهن.]

پَڪيئَڙا پِڇري جا

مدن جماڻي

پاتر :-

(۱) پيءُ جي رول ۾ .... مدن جماڻي
(۲) ماءُ جي ڪردار ۾ .... پشپا مالهي
(۳) نوڪر .... راج لوچاڻي
(۴) چندر .... پوَن مُورداڻي
(۵) الف. ب. پ. .... رميش مهتا
(٦) پنڪي .... پنڪي جُماڻي
(۷) ڇي، ڇي .... اَنيل ڪتري
(۸) ڀڳت ڪنور رام .... ڪنيالعل لعلواڻي

ميوزڪ : سي. ارجن
گيت : گورڌن ڀارتي
بئڪ گرائونڊ ميوزڪ : لڇو گيهي
ميڪ اپ : هريش ڀاٽيا
پراڊڪشن انچارج : ڪي ڪمار
هدايتڪار : مدن جماڻي

پهريون درشيہ

شاهوڪاري گهر جو ديوان خانو

{سنڌي حقو، سنت ڪنوررام جو شاهي فوٽو، سنڌ جو رنگين الف. ب. پ. وچ ۾ لڪيل، فوٽو موهن جي دڙي جو، پوڄاري نرتڪي، ڏڄي جون ڏاتن جون نهيل وڏيون گهر سينگاريندڙ مُورتيون، ٽيليفون، ٽي. وي.، صوفا سيٽ، غاليچو ۽ ٻيو دلڪش گهرو سامان.}

[پيءُ ماءُ ٻيئي نظر ٿا اچن. ماءُ کي سنڌي ڊريس، نڪ ۾ نٿ، سنڌي سُٿڻ چولو وغيره پيل آهن تہ پيءُ کي سنڌي ڪرتو پئجامو، ڦتي ٽوپي وغيره.]

پيءُ : چندُر ماءُ! چندُر کي سمجهاءِ تہ، پنهنجي مِٽي پنهنجو گهر پنهنجو ديش ڇڏي، پرديس نہ وڃي! (ماءُ ڪنڌ سان ها ڪري، ڪمري طرف وڃي ٿي تہ ٻڌجي ٿو فضا ۾ گيت) :-

مِٺائي، مٺائيءَ سان مِٺا ڪريم وارا بسڪيٽ ۽ مکڻ ٽوسٽ کاوان. انڪل چوندو آهي تہ جي کارائجي تہ دِل کولي، نہ تہ نہ، ڪيئن اَنڪَل؟

پيءُ : سياڻي، اسان سِنڌي تہ، ڪيولِيون، ڪانون، ڪُتن کي بہ کارائيندا آهيون. ٻُڪين کي کارائِڻ پُڄ اَٿيئي. ٻُڪيو سمجهي کارائينس.

آلومل : اَخبار ڏيو تہ، (اَخبار ڏسندي) انڪل اَخبار ۾ منهنجو فوٽو! ڏسو - ڏسو. (وري ڏسي) لکہ جي لعنت ٿئي!

پيءُ : ڇا ٿيو؟

آلومل : اَنڪل مان توهانجي سامهون جيئرو جاڳندو ويٺو آن ني. ڏسو - ڏسو هِنَ اَخبار واري ''پڳڙين'' ۾ منهنجو فوٽو ڇاپيو آهي !!

پيءُ : اَخبار وارن کي تون پنهنجو فوٽو ڏيئي آيو هوندي، تڏهن تہ...

آلومل : اَخبار واري کي مان پنهنجو فوٽو، منهنجي آلومل بصرمل مئريج بيورو جي اِشتهار ۾ ڇاپڻ لاءِ ڏيئي آيو هوس. هُنن هِن سُرڳواسيءَ جو فوٽو منهنجي اِشتهار ۾ ۽ منهنجو فوٽو هن جي پڳڙين ۾ ڇپيو آهي. دلال آهيان. باندرا کان بوريوليءَ تائين رستن جا ڪُتا بہ مونکي سُڃاڻِندا آهِن. سوين فون پرچاڻيءَ جا گهرِ آيا هوندا.

پيءُ : ڪُتن جا؟

آلومل : نہ، توهان جهڙن جا. انڪل منهنجي جال تہ ويچارِي منهنجي جيئري ئي وڌوا ٿي ويئي، يا نہ؟ (ٻُڍِي ڇانءِ سان داخل)

ماءُ : الف. ب. پ! منهنجي چندر ۽ پنڪيءَ لاءِ بہ گهرُ ڏِسُ. سِگهَن ۾ توري دلالي ڏيندي مانءِ!

آلومل : ضرور - ضرور - آنٽي! پر هِنِ اَخبار ۾ پنهنجو پڳڙيُن ۾ فوٽو ڏسي ٻُڪہ ئي مري ويئي آهي. اَنڪل مان، هيِ اَخبار ۽ هيءَ ٽري ئي گهر کڻي ٿو وڃان. سُيان اَخبار ۽ ٽري ٻئي واپس ڏيڻ ايندُس. (وڃي ٿو)

درشيہ ٽيون

ساڳيو نظارو

[پيءُ ماءُ - گهر جو نوڪر گنگوُ ۽ آلومل نظر ٿا اچن. سيني جو ٿڏيل ٿهڪُ]

آلومل : جيڪو کوڙ ڳالهائي، سُرڳہ وڃي. اَنڪل، آنٽي! هِن سيٺ پِٽمل ڏيئومل دولتراماڻيءَ جي ڌيءُ، تارا کي پنهنجي فلم ۾ هيروئن کڻڻ لاءِ ممبئي، مدراس، ممباسا، هاليوڊ جا مشهور پروڊيوسر ڊائريڪٽر منٿون ڪري موٽي ويا. توهانجي پٽ چندر جو نصيب سُٺو آهي جو تارا چندروءَ جو فوٽو ڏسي

ماءُ : چندر ويو امريڪا ...... پنڪي بہ ويئي ڪئناڊا. ٻارن سان گھر ۾ ڪيتري نہ رونق لڳي پئي هوندي هئي. هاڻ تہ هيءُ خالي خالي گھر .... ڪائڻ ٿو اچي.

پيءُ : پنڪيءَ ماءُ ! شروع شروع ۾ مهيني ٻہ مهني چندر يا پنڪيءَ جي، چٺي يا فون ايندو هو هاڻ..... هاڻ تہ ڪيترا مهنا گذري ويا آهن.... نڪا چٺي نڪو فون !

(دروازي جي گھنٽي)

ماءُ : (ڇرڪ خواب مان جاڳي) منهنجي چندر جو فون هوندو (فون طرف جلدي وڃي رسيور کڻي) چندر ... چندر پٽ... پٽ ڳالهائي نہ، ڇو پيو ٻڌيءَ ماءُ کي ترڦائين ... چندر ... چندر... هيڏانهن ! آواز ٻڌڻ ئي نٿو اچي.. چندر پٽ ڳالهائي نہ. پٽڙا ! تنهنجو آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن ٿا سڪن. من ٿو ترڦي چندر...چندر

پيءُ : فون جي نہ، چندر ماءُ ! دروازي جي گھنٽي وڳي هئي.

(دروازي جي گھنٽي)

پيءُ : (دروازو کولي - ڏسي) اڇ اڇ الف.ب. پ.

آلومل : (داخل ٿيندي) انڪل ! منهنجي نالي جون ڇو ٿا پڳڙيون ڪيو. منهنجو نالو الف.ب.پ. نہ پر آلومل بصرمل ٻڏيراماڻي آهي. ايوءِ ٻڌيءَ ۾. شارٽ ڪٽ ڪرڻو ئي اٿوَ تہ سنڌيءَ ۾ نہ، انگريزيءَ ۾ ڪيو نہ A.B.C (خوش ٿي) اي. بي. سي. انڪل هيءُ نالو تہ ورلڊ فيمس نٿو لڳيوءِ ؟ اي. بي. سي.

[آلومل آهي ٻڍڙو پر ڪپڙا چٽاپٽي نوجوانن جهڙا پائيندو آهي ۽ پاڻ کي اجا جوان ثابت ڪرڻ لاءِ سيني کي انڪل آنٽي چوندو آهي.]

ماءُ : ادا الف.ب.پ. !

آلومل : آنٽي !

ماءُ : (کلي) ڇڱو ادا، اي. بي. سي ! آيو آن تہ وهندين ۽ چانءِ-پانءِ تہ ضرور پيئندين ؟

آلومل : نہ آنٽي. ڏاڍو تڪڙو آن ڪين ! (وهندي) وهڻ جو ٽيم ئي ڪونهي ! مان هيءَ ڪل جي اُڏاري ورتل اخبار واپس ڪري، اڄ جي اخبار اُڏاري وٺڻ آيو آهيان. انڪل وٺو هيءَ واسي اخبار، ڏيو تازي اخبار تہ مان وڃان.

پيءُ : پر وڃين ڪٿي ٿو ؟ .

آلومل : وِڏوَءِ نہ وِگھن، هاڻ ڪم نہ ٿيندو!..... آنٽي گھوڙي کي گھوڙيِ ڏيکارڻ ٿي وِيس. مائِٽي ٿيِ تہ ٻُوٽِي ٿيندي. آلومل بصرمل مئِريج بيوُرو جو نامُوس ٿيندو. هاڻ هيئن ڪيو. هِڪڙو گِلاس نِج کير جي چانءِ پيئاريو. ها، اُن ڏينهن وانگُر چانءِ ۾ ملائي جهجهي وِجهجو. ۽ اَڄ منهنجي دِل آهي تہ

گهنٽين جي وچ ۾ ليفٽ-رائيٽ ڪندي اچانڪ فون جو رِسيِوَر کڻي - آپ قطار ۾ هئِن پرتيِڪشا ڪيِجئي. چئي دروازو کولي ٿي ته گهر جو نوڪر جين ٽاءِ ۽ شرٽ ۾ مَلبوس داخل ٿئي ٿو. اندر اَچي ٻُڍيءَ کي پيرين پئي، اِشارن ۾ پڇي ٿو ته: هِنن ڪپڙن ۾ مان ڪيئن ٿو لڳان.)

ٻُڍِي : نظر نه لڳيِ، هيِرو ٿو لڳين. (خوش ٿي ٻُڍي وٽ اچي پيري پوندي هن کان به پڇي ٿو.)

ٻُڍو : اِشاري سان چويس ٿو: ٽاپ فرسٽ ڪلاس!

ٻُڍي : پر هِنن ڪپڙن سان تون گهر جا باسڻ ٻُهاري ڪندين؟

گنگو : (اِشارن سان) نه هيءُ ڪپڙا لاهي، نڪر گنجي پائي ڪندُس. (گنگوُ وڃي ٿو)

ٻُڍو : (فون ڏسي) اَڃا لَنڪيو پيو آهين فومل مَلَ! آپ قطار ۾ هئن. (رِسيِور رکي ٿو ته وري فون جي گهنٽي) هيلو، ڪيرُ؟ موٽواٽي؟ ڪيئن ياد ڪيُئِه دلبر...... ڇا؟....سچ! سنڌ جو درشن ڪرڻ جو بندوبست ڪيو اٿيئي....هِڪُ مِنٽُ - هوم مِنسٽر کان پڇان ... منهنجي موُمَـلَ ....

ٻُڍِي : ڇڻُ منهنجا راڻا.

ٻُڍو : تنهنجي ياءُ جو فون آهي. سنڌ هلندينءَ؟

ٻُڍي : پنهنجيِ جنم ڀومي، پنهنجيِ جيجل امان ڏسڻ لاءِ نه ڪيان، اهڙي نياڳي مان نه آهيان. هيڏانهن! توهانکي ته ياد هوندو ته سِنڌ ڇڏڻ وقت سنڌو جل هٿ ۾ کڻيِ مون قسم کاڌو هو ته وريِ جيستائين جنم ڀوميِ اچيِ سنڌڙيءَ جو درشن نه ڪيو اٿم، مان ماروِيءَ جيان سِنڌ جو هيِ وَڳو، هيِ ڳهڻا پنهنجي جان کان جُدا نه ڪندسِ. (گنگوُ نوڪر گنجيءَ ۾ اچي ٿو)

گنگو : (اِشارن ۾ چئي ٿو) مان به هلندسِ.

ڀيءُ : ڇاٿو چوي؟

ماءُ : چوي ٿو مان به سِنڌ ڏسندسِ.

ڀيءُ : اسانجي اڪين تي هلي...موٽواٽيِ اسان ٿي ڇٽا سِنڌ هلنداسين. پاسپورٽ ۽ پئسا سُيان گنگو ڏيئيِ ويندءِ!.... ها. ها. (فون جو رکڻ)

ڀيءُ : چندر ماءُ سِنڌ هلنداسِين. مٽيءِ ۽ ماڻهوءَ جو رِشتو ڪينترو نه پوِتر رِشتو آهي.

گنگو : (سنت ڪنور جو فوٽو ٻُڍي کي ڏيکاري اِشارن سان پڇي ٿو ته ڪيرُ آهي)

ماءُ : هيِ اَٿئي سنت شرومٽيِ، اَمر شهيد ڀڳت ڪنور رام .... هيڏانهن! توهان ڪيو هو ڪنور رام جو درشن؟

ڀيءُ : اُن وقت مان ٻار هوسِ. مون هنن اکين سان سنت ڪنور رام جن کي لوليِ ڳائي رام ريجهائي بي-جان ٻارَ کي نئون جيون ڏيڻ جو ڪرشمو ڏٺو آهي. ڇا نه ڀڳت ڪنور رام جي آواز ۾ تاثير هو.

شاديءَ لاءِ ها ڪئي آهي.

ماءُ : (فوٽو ڏسي) ٺارا مونکي وڻي.

آلومل : ۽ هي فوٽو اَٿوءَ پنڪيءَ لاءِ - پوپٽ لالَ جو، اَنڪل.

پيءُ : پنڪيءَ ماءُ ! پوپٽ هيرو ته نٿو لڳي (ڪلندي) پر، ولين به نٿو لڳي.

آلومل : ته گهرايو مهراج کي. ڪڍايو مهورت. ڪرايو ٻوٽي!

پيءُ : ٽڪڙ ڪم شيطان جو الف. ب. پ، A.B.C ....

فوٽا چندر ۽ پنڪيءَ کي موڪليون ٿا. ٻارن ها ڪئي ته نه صرف تنهنجي ٻوٽي ڪرائبي پر منهن به مٺو ڪرائبو، بس.

(سيني جو ٻڏيل ٽهڪ)

درشيہ چارِ

ساڳيو نظارو

[ٻڍو خيالن ۾ گم آهي- ٻڍي آڳرين تي ڳڻي تي چپن ۾ .]

ماءُ : پنڪيءَ پيءُ.

پيءُ : جيءُ چندر ماءُ، جيءُ. تون ته سؤ سال جيءُ!

ماءُ : چندر ۽ پنڪيءَ جي شادي ڪرائي- گهرُ ٻارن حوالي ڪري، اسان ٻڍو ۽ ٻڍي هلي وينداسين - هريدوار، لڇمڻ جهولا، جمنوتري، گنگوتري، ڪيدارناٿ، بدريناٿ - چئني ڌامن جي تيرٿ ياترا ڪري جنم سڦلو ڪرڻ، ڪيئن؟

پيءُ : چندر ماءُ ! اِنسان ڪيترو نه ڀُلو آهي. ڏس ته، تون ۽ مان چار ڏاڪا لهي چڙهي نٿا سگهون ۽ سڌون پيا ڪيون چئني ڌامن جي تيرٿ ياترا جي. نه ڪري نارائڻ، تيرٿن تي جي توکي يا مونکي ڪجهه جي ٿي پوي ته.....

ماءُ : شُپ شُپ ٻوليو. ڪٿي نه ويندا سين. بس خوش!

(دروازي جي گهنٽي، ٻڍو دروازو کولڻ وڃي ٿو).

ٻڍي : خبردار اَڳتي دروازو توهان کوليو هو، هاڻي منهنجو وارو آهي.

(وڃي ٿي ته ٽيليفون جي گهنٽي به ٿي وڄي)

ٻڍو : اَڳتي ٽيليفون تي به مون ڳالهايو هو. ڪٿي ٿي يا مان کڻان؟

(ٻڍي ٽيليفون کڻڻ ٿي وڃي ته دروازي جي گهنٽي، دروازو کولڻ ٿي وڃي ته ٽيليفون جي گهنٽي. ٻڍي دروازي ۽ ٽيليفون جي وچ ۾ ٻنهي

آلؤمل : اَنڪل ! هيءُ ڪارو ڪانءُ تہ توهان جي ڪوئل کي ڀڄائي ويو ! جلدي جلدي اَمريڪا وڃي چندر کي اِنڊيا وٺي اَچي شادي ڪرايوسِ. ڪتي کا ڪَبِرِ نہ توهان جي طوطي کي اُڏائي وڃي.
ڀُڏِيِ ڀُڏِيِ کي ها ڪري ٿي. ڀُڏِو بہ ”ها“ ڪنڌ سان ڪري ٿو.

درشيہ ڇهون

ساڳيو نظارو ! [بالڪني]

ماءُ : جڏهن کان توهان موٽيا آهيو، گُم سُم رهڻ لڳا آهيو. هر ڳالهہ مان چاهہ کڏي ڇڏيو اَٿوَ ! چندُر توهان کي ڪُجهہ چيو ڇا؟
پيءُ : چندُر ماءُ ! تنهنجو پُٽُ چندر، مونکي ايئرپورٽ تي وٺڻ ئي نہ آيو ! ... هِڪُ پرديس، مان اَجنبي. اَڌ رات جو وقتُ. اَکيُن اَڳيان اَنڌيرو ڇانئجي ويو... ۽ ... ۽ ... اَکيُن مان بي-اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا. مان .. مون ٻارَ جيان، بينچ تي ويهي، گونگا ڳوڙها پئي ڳاڙيا تہ منهنجي حالتَ تي قياس کائي هِڪُ نينگرُ مدد لاءِ آيو. گهبراهٽ وچان، ڳولهيندي بہ چندر جي اَئڊريس ۽ فون نہ مليا تہ هوُ ويچارو مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو، منهنجي خدمت ڪيائين، مون کي پناهہ ڏنائين ۽ ٻئي ڏينهن مون کي، چندر جو گهرُ ڳولهي، درَ تائين پهچائي بہ آيو.
ماءُ : تہ توهان اُتي منهنجي چندر جي گهر پهتا !
پيءُ : ها ! پر درَ تي تالو لڳلُ هو. مان صبح کان شامَ تائين، بُکيو پياسو، هڪ وفادار ڪُتي جيان چندر جو درُ جهليو ويٺو هوس، چندر ماءُ ! تہ تہ... شامَ جو اِسڪول بس آئي جنهن مان ٻار لهي، هلندو اَچي منهنجي سامهون بيٺو. هُن جي اِسڪول بئج مان خبر پِيَم تہ هوُ .. هوُ منهنجو پوٽو هو، تنهنجي چندر جو پُٽُ، چندر ماءُ ! خون خون کي نہ سُڃاتو. هوُ مون کان پري پري رهي نِهارڻ لڳو. آخر خونَ خونَ کي ڇڪيو. اَسان ٻئي هِڪَ ٻئي سان هِري مِري وياسين... اَڃا مون پنهنجي پوٽي کي ڇاتيءَ سان پئي لڳايو تہ نہ ڄاڻ ڪِٿان چندر جي امريڪن زال آ ڌمڪي. هُن مونکي گهٽِ وَڌ ڳالهايو، منهنجي بي عزتي ڪئي، مون تي ٻار چورائڻَ جو اِلزام هنيو ۽ پارت واسين لاءِ گُتا لفظ چيا. مون هُن کي ڏاڍو سمجهايو تہ

(پريان آواز... نالي الکہ جي ٻيڙو تار منهنجو....آهي آڌار تنهنجو....سنت ڪنور رام ٻنهنجي مستيءَ ۾ ڳائيندا نچندا ڏسجن ٿا)

پيءُ : ڪلاڪار تہ ڪڙورين پر اسانجو ڪنور رام ڪڙورن ۾ هڪ هو.

ماءُ : ڌنيہ آهي اُها ماءُ جنهن ڀڳت صاحبن کي جنم ڏنو. ڌنيہ آهي اُها ڀومي جتي هِنَ سنت جنم ورتو.

پيءُ : جنهنجي گهاٽ گهاٽ تي گونجي ويدن جي واڻي
متي جنهنجي ماڻڪ-موتي، اَمرتُ جنهنجو پاڻي!

درشيہ پنجون

ساڳيو درشيہ

[ٻُڍو بيڪار ويٺي ويٺي جهوٽا ٻيو کائي. ٻُڍي ٻور تي رهي آهي.]

ماءُ : پنڪيءَ پيءُ اجا گهڻا ڪلاڪ ننڊ ڪندءُ. اُٿو....اُٿو.
(ٻُڍي اُٿاريس ٿي - جاڳي ٿو)

پيءُ : هان ! ..... ڇا ٿيو؟

ماءُ : هيڏانهن ! منهنجو تہ اَڪيلائيءَ ۾ دم ٿو گهٽِجي. توهان کي نہ لڳندو آهي تہ هيءُ گهرُ گهر نہ، شاهي پڃرو آهي؟ ۽ اَسان بہ اُنَ پڃري ۾ قيد پکيئڙا پڃري جا !

ٻاهران آواز : مَمي .... !

ماءُ : هيءُ ... هيءُ تہ منهنجي پنڪيءَ جو آوازُ آهي !

پنڪي : (داخل ٿي، ماءُ کي ڀاڪي پائيندي) مَمي !

ماءُ : اَڙي منهنجي ٻچڙيِ ... اوچتو ئي اوچتو، نہ تارَ نہ ٽيليفونُ ؟
[اَلِف، ب، ٻ داخل]

پنڪي : ايئرپورٽ تان هوٽل پئي وياسين. وچَ ۾ گهر اَچي ويو. سوچيوسين توهان مُنهن ڏيکاريندا وڃون ... (سڏيندي) چو ..چو !

ٻاهران آواز: ڪَمِنگ .. (داخل ٿي) ڪمنگ. جي جي ! نَمسڪارم، ايوري باڊي !

پنڪي : ميٽ ماءِ هسبنڊ. [شيشي جي برتن ڪرڻ، ڀڄڻ جو آواز].

چو چو : آءِ ايم رَنگ ناٿم سوامي، فرام ڪئناڊا.

پنڪي : ممي ! چوُ چوُ اِز وَنڊرفُل ڪُڪ ! فاءِ اِسٽار هوٽل ۾ سروس اَٿس.

چو چو : ييس ييس ! جي جي. لَوز ماءِ فوڊ ويري ويري ويري مَچ ! ڪم ڊارلِنگ، گيٽِنگ ليٽ !

پنڪي : ساري، ممي ! وي ول ڪم اَگين. [بئي باءِ باءِ، ٽا ٽا، باءِ باءِ ڪندا وڃن ٿا].

رهاڻ

کهاڻيون

مان چندر جو پيءُ آهيان، ڪو غير نه آهيان؛ چندر سان ملڻ لاءِ خاص اِنڊ
مان آيو آهيان، پر هن نه مڃيو. ڇهائين نه چندر جا ماءُ پيءُ پنج سا
پهريون مري ويا آهِن. چندر يتيم آهي ۽.... ۽ چندر آيو نه هن به مونک
سڃاڻڻ کان اِنڪار ڪيو. چندر ماءُ، تُنهنجي پٽ گرين ڪارڊ حاصل ڪر
لاءِ زال سان ڪُوڙ ڳالهائي شاديِ ڪئي هئي- چندر پنهنجي امرِڪي زا
کي چيو نه....نه مان سندس ڏوراهون مائِٽ آهيان ۽ سندن گهر ۾ رهڻ ل
پيءُ بڻجڻ جو ناٽڪ تو ڪيان. منهنجي غيرت مونکي چندر جي گهر قد
رکڻ کان سواءِ ايئرپورٽ آندو ۽ مان پلين پڪڙي اِنڊيا واپس هليو آيس

ماءُ : پر....پر توهان نه پندرهن ڏينهن کان پوءِ گهر آيا هئا؟

پيءُ : زخم تازو هو. سوچيم منهنجي حالت ڏسي ڪٿي تون به ڏکي ٿيڻ؛
اِنڪري.... اِنڪري مان فقير ٿي سائين بابا جي شرڌيءَ وٽي رهيو هوس

ماءُ : ۽ هو اميريڪا مان آندل امپورٽيڊ سامان!

پيءُ : زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪُوڙ ڳالهايم. اُهو سامان هتان مارڪيٽ مان خري
ڪري آيو هوس چندر ماءُ.

ماءُ : اڄ توهان مونکي هِڪُ وچن ڏيو.

پيءُ : وچنُ، چندر ماءُ ! وچنُ.

ماءُ : اَڄُ کان پوءِ توهان ... مونکي... مونکي .... چندر ماءُ نه ڪوٺِيندا. (روئي ٿي

(فرِيز)

آواز

هتي آهي تنهنجيِ ماتا، جنم مرڻ جا جنهن سان ناتا؛
رِشتا رتُ جا ڪيئن ٽوڙيندي، جيجل کان ڇا منهن موڙيندين
ڏيندءِ ماءُ ميار او مِيان
وهندين ڪئن تون وطن وساري
ڌرتيءَ کان ٿي ڌار او ميان؛
وهندين ڪيئَن تون وطن وساري
وهندين ڪيئَن تون وطن وساري

(گوورڌن پارتي)

❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖

فهرست

ڪهاڻيون

ريل سَفر ۾

هرِي موٽواڻِي ''سنڌي''

سينيئر سٽيزن هئڻ جا ڪافي فائدا ملڻ لڳا. هوائي جهاز جو ڀاڙو اڌ. ريل سفر ۾ ٻه رعايت. سمهڻ لاءِ سليپر ٻه هيٺيون مليو. جئپور سيمينار تان واپس پئي موٽيس. مون وارا ٻيا دوست چتوڙ گهمڻ ويا هئا.

مان دريءَ ڪان پنهنجيءَ سيٽ تي ويٺو هوس. باقي پنجن سيٽن تي هڪ مسلم ڪٽنب اچي ويٺو. اُنهن ۾ وڏيءَ عمر وارو مردُ بيمار پئي لڳو. هڪُ ٻيو جوان هو، جنهن لاءِ پوءِ پتو پيو تہ اُهو کين ڇڏڻ آيو هو. عورت کي ڪارو بُرقعو پيل هو. ٻہ وَڏوَر ڇوڪريون، هڪ اُنهن کان ننڍي ڇوڪري ۽ هڪُ سيني کان ننڍو ڇوڪرو هو.

پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي عورت برقعو لاهي ڇڏيو. پنجٽيهن چاليهن جي وچ عمر جي هئي. وات ۾ پانُ هوس جيڪو آهستي آهستي چَٻيائين پئي. ٻئي ننڍا ٻار — ڇوڪرو ۽ ڇوڪري، دريءَ ڪان ويهڻ جو ضد ڪرڻ لڳا. آخر پاڻ ۾ صلح ڪيائون جنهن موجب دريءَ ڪان پهرين ڇوڪرو ويهندو ۽ پوءِ ڇوڪري. ٻئي وَڏوَر ڇوڪريون اَپر سيٽن تي وڃي ويٺيون. بيمار مرد عورت جي پرسان ۾ هو نوجوان منهنجي پاسي کان اچي ويٺو.

مٿي اَپر سيٽن تي ويٺل ٻنهي ڇوڪرين مان ننڍيءَ هيٺ نهاري اُن نوجوان کي چيو، ''مامو ڪجهہ مکڙنون تہ آڻي ڏيو.''


نوجوان اُٿي هيٺ لهي ويو ۽ بوڪ اِسٽال تان مکزنون وٺي آيو.

لنگهہ وارين سيٽن تي ٻہ نوجوان ويٺا هئا جي اِسٽوڊنٽ پئي لڳا. اُنهن ٻنهي پاڻ ۾ چرچو مذاق ڪندي، ڪنهن وقت اُنهن ٻنهي ڇوڪرين طرف نهاري ٿي ورتو، جي اَپر سيٽ تي ويٺيون هيون.

مونکي ريل گاڏين جا هيءَ ڪمپارٽمينٽ مني ڀارت لڳندا آهن. الڳ الڳ پرانتن ۽ الڳ الڳ ٻولين جا ڳالهائيندڙ هيءَ ڀارتواسي هڪ ايڪائيءَ ۾ بدلجي، ڀارتي ريل ياتري بڻجي پوندا آهن. وقتي اُهي پاڻ ۾ دوست بڻجي پوندا آهن.

ٽرين ڇٽڻ جو وقت ٿي ويو هو. هيءَ سپر فاسٽ ٽرين هئي جنهن بمبئيءَ پهچڻ ۾ سترهن ڪلاڪ ٿي ورتا.

ٽرين سٽي هٽي رواني ٿِي ۽ ڏِيري



نالو	: هري موٽواڻي 'سنڌي'
جنم	: لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ٣٠ - ١١-١٩٢٩
ڇپايل ڪتاب	: ٤ ناول ۽ ٥ ڪهاڻين جا ڪتاب، آتم ڪٿا ۽ سفرنامو.
انعام	: اَجهو ناول تي ساهتيہ اڪادمي دهلي طرفان، اَبو ناول تي مدر ٽريسا هٿان، 'خوددار' تي مهاراشٽر سنڌي اَڪادميءَ طرفان، رام پنجواڻي ڪلچرل سينٽر پاران قدر شناسي طور اِنعام ۽ ڪيترين سنستائن ۽ اِدارن طرفان سنمانت ٿيل.
پيشو	: ڪونج مئگزن جو سمپادن ۽ اَدبي ڪاريہ ۾ مشغول.
پتو	: 4, Great western Bldg., Shaheed Bhagat Singh Marg, MUMBAI - 400023

ڪونه هو. همراهہ ڇتو ٿي پيو. ويو نوٽ رکندو، ويو هارائيندو. پنجاهہ وارا اٺ نوٽ هارائڻ بعد هو بانوَلو ٿي پيو. رڙيون ڪري چوڻ لڳو، ”تون ننگ آهين، ٺپتائي آهين، مونکي دوکي سان ڦريو اَٿئي!“

ليڪن اُهو ٺپتائي ڪيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، ڪپڙا ڇنڊي پتا جيب حوالي ڪري، رمندو ٿيو. ڇڻ ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ ٿي هئي. اِها ڇڻ روز جي، روُٽِن ڳالهہ هئي...!

راڻيءَ تي داءُ لڳائي هارائيندڙ اُهو شخص زار زار روئڻ لڳو. ڇي مان ڳوٺ پئي ويس. مون وٽ ٻيا پئسا ئي ڪونهن، هاڻي مان ڳوٺ ڪيئن ويندس؟

سامهون وارن ٻنهي نوجوانن شاگردن، جن اُن ٺپتائيءَ جي هٿ جي صفائي ڏٺي هئي ۽ هنيئر هن هارائيندڙ جو رودن پٽڪو بہ ٻڌي رهيا هئا، افسوس ظاهر ڪرڻ بجاءِ، ڏند ڪڍي کلي رهيا هئا...! مونکي ڪاوڙ وٺي ويئي. کين ڦٽڪاريندي چيم، ”اوهان جي سامهون هڪ غريب مسافر ٺڳجندو رهيو ۽ توهين چپ چاپ تماشو ڏسندا رهيا! مونکي توهان تي عجب ٿو لڳي. ڇا توهان نوجوانن جو خون سَردُ ٿي ويو آهي؟

ڦٽڪار ٻڌي هو ٻئي ٿورو شرمسار ٿيا. اُنهن مان هڪڙي چيو، ”اسين ٽرينگ لاءِ بمبئيءَ پيا وڃون، وچہ پئون ها تہ ناحق اڙجي وڃون ها! اسان جي هڪ دوست سان جُٽِ ٿي هئي. شاهديءَ لاءِ ڪيس جهانسيءَ وڃڻو پيو هو!“

هڪ ٻئي مسافر بحث ۾ پوندي چيو، ”ريس بہ تہ جوئا آهي. اُن ۾ بہ تہ ڪيترن جا ڏيوالا نڪرندا آهن. پوءِ بہ ماڻهو ريس ڪيڏڻ ويندا آهن!

مان بحث ۾ نہ پيس. ڪوڪڙتيل نہ نڪري ها. اجايو پاڻي ولوڙڻو هو. ماٺ ڪري ويهي رهيس...

مون جو ٿوري مُڙسي ڏيکاري هنن ٻنهي نوجوانن کي ڇنيبو هو تہ ڇڻ سورمو بڻجي پيس. هو ٻئي نوجوان، جن هر هر هنن ٻنهي نوجوان پينرن کي گهوري نهاريو پئي، جنهن سبب ٻئي پريشان هيون، منهن ڦيري ويهي رهيا. ڇوڪرين سامت جو ساهہ کنيو ۽ مون طرف شڪر گذاريءَ وچان نهاريائون. سندن ماءُ پيءُ بہ هينئر بي ڦرني ٿي ويا. عورت شرارت ڪندڙ ٻنهي ننڍن ٻارن کي شانت ڪري ويهڻ جي هدايت ڪئي ۽ پوءِ اُمالڪ مون طرف مُهڙ ڪري پڇڻ لڳي، ”اَوهين ڪِٿي رهندا آهيو؟“

هُن جو اوچِتو سَوال ٻُڌي مان ٿورو هبڪِيُس. کيس مُختصر جواب ڏيندي چَيُم، ”بمبئيءَ ۾.“

”اَسين بہ اُتي رهندا آهيون. پر بمبئيءَ ۾ ڪِٿي؟“

هن جي سَهَجتا ڏسي مان بہ سَهَج ٿي ويُسِ. وَراڻي ڏيندي چيومانسِ، ”ڪولابا، ڪاما هال جي ڀرسان!“

”اَسين ڪُرلا ۾ رهندا آهيون، بس ڊيپوءَ جي نزديڪ.“

هُن اڃا ڪجهہ وڌيڪ ٻُڌائِڻُ پئي چاهيو ۽ مان اُهو ”وڌيڪ“ ٻُڌڻَ لاءِ تيار ٿي وِيس.

”منهنجا پيڪا راجستان ۾ آهِن، جئپور کان ٿورو پري. هوُ جيڪو ڇوڪرو اَسانکي اُماڻڻَ آيو هو، اُهو منهنجو ننڍو

ڏيري رفتار وڌائيندي هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. سمورا مسافر ٿانئيڪا ٿي ويا هئا ۽ پنهنجين مشغولين ۾ مصروف ٿي ويا هئا. هاڪرن پنهنجن جنسن جا هوڪا ڏئي ڏنا. مون پنهنجي لاءِ ڪافي ورتي جنهن جا چار روپيا ورتائين.

واندڪائيءَ جي وندر هڪ پڙهڻ، ٻيو همسفر ياترين سان گپ شپ هڻڻ؛ يا چپ چاپ ويهي سوچڻ. پڙهڻ مونکان پڳو ڪونه؛ گپ شپ لاءِ سامهون ڪير هو ڪونه؛ تنهن ڪري ٽيون رستو اختيار ڪيم - سوچڻ وسيلي وقت پاس ڪرڻ لڳس. منهنجي سوچ جو دائرو مسلم ڪٽنب جي گرد ڦرڻ لڳو. ڇهن ميمبرن جو هيءُ ڪٽنب جنهن ۾ زال مڙس ڪان سواءِ، چار ٻار هئا - ٽي ڌيئر ۽ هڪ ننڍو پٽ. مون پنهنجي سوچ وسيلي اُنهن ڇئني ٻارن جي عمر جو اندازو لڳائي ورتو. وڏيون ٻہ ڌيئر سورهن ۽ ارڙهن سالن جون، ٽيون نمبر ڏهن ورهين جي ۽ پٽ اٺن سالن جو. اهو بہ حساب لڳايم تہ جڏهن عورت جي عمر سورهن - سترهن سال هوندي ۽ شادي ڪيل هوندي تڏهن ڪيس پهرين ڌيءُ ڄائي هوندي؛ ٻن سالن بعد ٻي ۽ پوءِ ڪجهہ سالن جي گيپ رهي هوندي. ٿي سگهي ٿو اُهي ڪجهہ سال سندس خاوند ٻاهر ويل هجي جيئن اڪثر ڪمائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن، خاص طور گلف ڏانهن ويندا آهن. اُن بعد ٽين ڌيءُ ۽ پوءِ ڇوٽون نمبر پٽ. پٽ ڄمڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا هوندا ...!

جهڙيءَ طرح جن کي ماڻهوءَ بوءِ اچڻ تي ماڻهوءَ بوءِ ... ماڻهوءَ بوءِ.. ڪندو اچي پرگهٽ ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح ٽرينن ۾ چورَ ۽ ٺڳ بہ اچي پهچندا آهن ماڻهو سڀ تہ هرو ڀرو سياڻا نہ هوندا آهن نہ، منجهن ڪي تہ مورک بہ هوندا آهن. اُهي مورک انهن ٺڳن جي وَرِ چڙهي ويندا آهن.

هڪ ٽپتائي هٿن جي صفائي ڏيکاريندو، اسان واري ڪمپارٽمينٽ ۾ اَچي، پَٽَ تي ويهي، ٽنهي پتن کي هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڦيرائڻ لڳو. اُنهن پتن ۾ هڪ راڻي هڪُ بادشاهہ ۽ هڪ لولو هئو. ٽپتائي وڏي واڪي چوڻ لڳو، ”راڻيءَ تي داءُ لڳايو. پنجن جا ڏهہ، ڏهن جا ويهہ، پنجاهہ جا سوَ ۽ سوَ جا ٻيڻا ڪري ڏنا ويندا ...!

ڪيترا رونش ڪوڏيا ٽپتائيءَ جي هيرا ڦيري ڏسي خوش ٿي رهيا هئا. هُنن ليکي اِهو تماشو هو. هڪڙي ياتريءَ پنهنجي پاڪيٽ مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي هڪ پتي مٿان رکي رڙ ڪئي، ”راڻي!“ ٽپتائيءَ اُهو پتو سُبتو ڪيو تہ اُهو راڻي هو! داءُ لڳائيندڙ کي ڏهن جا ويهہ ٿي مليا. هُن ٻيهر ڏهہ لڳايا، وري بہ ڊبل ٿي مليس.

مان من ئي من کلڻ لڳس. مون ڄاتو ٿي تہ اُهو داءُ لڳائيندڙ شخص پڪ ئي پڪ اُن ٽپتائيءَ جو ساٿي هو جيئن هن کي کٽندو ڏسي، لالچ ۾ اَچي، ٻيا مسافر پڻ داءُ تي رقم لڳائين !

ٿيو بہ اُئين ئي. مٿيئن برٿ تي ليٽيل هڪ شخص، جنهن اِها ٽپتائي راند ڏٺي پئي، هيٺ لهي آيو ۽ پنجاهين جو نوٽ ڪڍي، هڪ پتي مٿان رکي، وشواس ڀرئي لهجي ۾ چيائين ”راڻي !“ ليڪن اُها راڻي ڪونہ هئي گولو هو. هُن هڪ ٻيو پنجاهين جو نوٽ رکيو. اُهو پتو بہ راڻي

ٽيون نمبر پڻ تنهنجي پيٽ آهي!"

هوءَ اچرج ۾ پئجي ويئي چيائين، "ڪمال آهي! ليڪن توهان اِهو انومان ڪيئن لڳايو؟"

مون اِهو شروع ۾ ئي جاچي سوچي ڇڏيو هو.

ائين ڇو؟

"اِهو اِنڪري جو مان ليک آهيان ماڻهن کي ڏسي، اُنهن بابت سوچي، انومان لڳائي، ڪي نتيجا ڪڍي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندو آهيان. لکڻ وقت اُن مان مدد ملندي اٿم."

"اڇا!" هن عجب ظاهر ڪندي چيو، "تہ توهين اديب آهيو؟"

مون مرڪندي چيو، "اديب بہ هن ئي جهان ۾ رهندا آهن!" منهنجي جواب تي هن جو هلڪو ٽهڪ نڪري ويو. چيائين، "اديب هن جهان ۾ نہ سپنن جي دنيا ۾ رهندا آهن. ڪلپنائن ذريعي ترڇيءَ تي بهشت ڏيکاريندا آهن. ليڪن اِها سچي حقيقت ناهي. هوندي سچ تہ ڪجهہ ٻيو ئي هوندو آهي. ۽ اُهو سچ بيحد تلخ هوندو آهي!"

مون اصل نہ سمجهو هو تہ هوءَ ڇوڪري اينتري سياڻي سمجهو ۽ انٽليڪچيويل هوندي. مون ڪيس داد ڏيندي چيو، "مونکي خوشي ٿي آهي جو تون اِن حد تائين سوچي سگهين ٿي. ليڪن تون منهنجي ڳالهہ ٻڌ تہ ڪو اديب اگر ڪنڊن ڀريل راهن تي گلن جون ٽوريون پنکڙيون وڇائي، سفر کي ڪجهہ سنهجو بڻائي تہ اُن ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟" "اَهڙيءَ طرح ماڻهو دوکي ۾ نٿو رهي؟"

"دوکو اگر خوشنما آهي، راحت ڏيندڙ آهي تہ بهتر آهي."

مونکي ليک جي حيثيت ۾ اَهڙا ڪردار وڻندا آهن خاص طور ڇوڪرين جا ڪردار، ارادي جون اٽل ۽ پختيون هجن. هن ڇوڪريءَ جهڙيون، جيڪي پنهنجي باري ۾ پاڻ سوچي سگهن، فيصلو ڪري سگهن ۽ آڪاش ۾ پنک پساري اُڏري سگهن...

۽ مان خوش هوس تہ مان هڪ اَهڙي برجستي ڪردار سان هم سفر هوس!

مانيءَ جو وقت ٿي ويو هو. مسافرن پنهنجا ٽفن کولڻ شروع ڪيا هئا.

مونکي بہ بک لڳي هئي. سوچيم ترين ڪنهن وڏيءَ اسٽيشن تي بيهي تہ هيٺ لهي، پنهنجي لاءِ ٿورو فروٽ وٺي ايندس.

سامهون وارو مسلم ڪٽنب پڻ باسڪٽ مان ماني ڪڍي کاڌي جون تياريون ڪرڻ لڳو. ڇئن ٻارن جي اُن ماءُ، جست جي هڪ رقابيءَ ۾ ٻوڙ ماني پرچي، پهرين پنهنجي شوهر کي ڏني. هڪ ٻيءَ رقابيءَ ۾ ساڳيءَ طرح ٻوڙ ماني رکي اُها مون طرف وڌائيندي چيائين، "ڀائي صاحب! اوهين بہ اسان سان گڏجي ماني کائو. پيڪن مان شامي ڪباب ۽ قيمي جو ٻوڙ آندو اٿم!"

مان هٻڪيس. پوءِ آهستي چيم، "اَدي معاف ڪجانءِ، اڄ سومر آهي. آنءُ اڄوڪي ڏينهن 'نان ويج' ڪين کائيندو آهيان....!"

❖❖❖❖

ڀاءُ هو. ٻارن کي وئڪيشن جي موڪل هئي.
هينئر واپس پيا موٽون."

وڏيءَ عمر ۽ اڇن وارن مان اِهو فائدو آهي ته اڳلو توهان سان اَدبَ ۽ نِوڙت سان پيش ايندو. هوءَ مُسلم خاتون مون سان اهڙي نموني ڳالهائڻ لڳي ڄڻ گويا مان هُنن جي وچ ۾ هِڪُ بزرگ ويٺو هوس. اُن ئي احساس وچان مون کانئُس پُڇيو، "توهان جو شوهر بيمار آهي؟"

هُن ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي. پنهنجي شوهر ڏانهن ۽ پوءِ مون ڏانهن نِهاري چيائين، "ڪجهه عرصي کان ڪيس سِلهه ٿي پئي آهي. علاج چالوُ آهي."

مون مَنَ ۾ چيو: ويچاري! چار ٻار ۽ بيمار خاوند! ... پوءِ به ڪيترو خيال پيئي رکي سيني جو ...

ٻنهي ڀينرن مان وڏي ڀيڻ هيٺ لهي آئي. ٽائليٽ مان واپس اَچي، مَٿي نه ويٺي، مون واريءَ بَرٿ تي ويهي رهي. مون پهريون دفعو ڪيس چڱيءَ طرح ڏٺو. تازي جميل ڏهيءَ جهڙي هئي. مون کي تازي ڏهي وڻندي آهي. صبح واري نيرَنِ ڏهيءَ سان ئي ڪندو آهيان.

ڪُجهه سوچي ڪيس چَيُم، "منهنجيءَ جاءِ تي اَچي ويهه. دريءَ کان ويهي راجستان جا ساوا ساوا کيتَ اَچي ڏس."

هوءَ مون واري سيٽ تي اچي ويٺي ۽ دريءَ کان ٻاهر نِهارڻ لڳي. ٽرين جي رفتار تمام تيز هئي. هوا جي تيز جهونڪن تي هن ڇوڪريءَ جا ڪارا ڪارا وار اُڏامي سندس پيشانيءَ کي ڍڪي رهيا هئا. هُن پنهنجي هڪ هٿ سان بار بار اُنهن کي پري هٽايو پئي مگر اُهي سندس ننڍي ڀاءُ ڀيڻ وانگر شرارتي هئا، جن ڪيس تنگ پئي ڪيو ...

مونکي سندس زُلفن جي اِها راند وڻي پئي. ليڪن هوءَ اِن راند سبب پريشان هئي. هوءَ هوا جي تيز جهونڪن جو مُقابلو نه پيئي ڪري سگهي.

مون ئي ڪيس ڇوٽڪارو ڏياريو. پڇيومانس، "ڇا پڙهندي آهين؟"

هُن سَوال ٻُڌي مون طرف نِهاريو. ڪجهه سوچي، مُختصر وراڻي ڏيندي چيائين، "ڪامرس!" هوءَ وري ٻاهر نِهارڻ لڳي ... ٻاهر ساوا کيت هئا. وڻ ٽِڻ هئا ۽ ٽيليفون جا ٿنڀا هئا ...

ڪامرس! مون پنهنجي من ۾ دُهرايو. ڪامرس ٿي پڙهي، معنيٰ ته اڪائونٽس رکڻ ٿي سِکي. پوءِ شايد ڪنهن بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي. نوڪري ڪندي ڪنهن نوجوان سان پيار ٿي وِيُس ته پيار جي شادي ڪندي! ائين ئي ٿيڻ به گهرجي. زمانو بدلجي پيو، هنن ڇوڪرين کي به بدلجڻُ گهرجي. روايتن جي ٻنڌنن کان آزاد ٿيڻُ گهرجي ..

"۽ تنهنجي هوءَ ٻيون نمبر ڀيڻَ؟ مون پنهنجي سوچَ کي پاسيرو رکي، هُن کان ٻيو سَوال پُڇيو.

منهنجو سَوال ٻڌي هُن وري مون طرف نهاريو. هلڪو مُرڪي چيائين، "هوءَ مئٽرڪ ۾ آهي ... ليڪن انڪل! توهان ڪيئن سمجهيو ته هوءَ منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي؟"

مون کِليو. چَيُم، ائين، جيئن هوءَ

خالي پئي آهي ڪاڏو وڃان. ڪاڏو ڏڏو ٿي ويو آهي. ڪاٿو هاڻ ڪاٿو.

رام :- ڪملا مان اڄ ڏاڍو ڏکي آهيان. پرڪاش جون ڳالهيون ٻڌي مان ڏاڍو بيچئن آهيان. مونکي پرڪاش مان اهڙي اميد ڪانه هئي. اڙي پرڪاش تي ته مونکي ناز هو، اهڙو ناز جهڙو هڪ هونهار پٽ تي پيءُ کي هوندو آهي. مان ته ڏاڍو خوش هئس ته هڪُ پٽ ڏهن جي برابر آهي، مون کو پرڪاش کي جنم ڏيئي ڪٿيو آهي. پر اڄ ڪملا مون هارايو آهي. سڄي برادريءَ ۾ ڀينرن ڀائرن ۾ مونکي ته اُتڻ ويهڻ ۾ ئي لڄ ايندي. ڇا توکي پرڪاش جو دير دير سان گهر ۾ اچڻ ڪانه تو کُٽڪي ؟

ڪملا :- پر پرڪاش ٻار آهي٬ توهان ڇو نٿا دير سان موٽڻ جو سبب پڇوس.

رام :- ڪملا هي سڀ تنهنجي ڇڙواڳي ڏيڻ جو نتيجو آهي. تون روز رات جو پرڪاش جي دير سان اچڻ تي اُن کان ڪجهه پڇڻ ڪانسواءِ درُ هيڏو آهستي کولين ٿي جو سمجهين ٿي ته مونکي ننڊ آهي. اڙي منهنجي نيٹڻ جي ننڊ اُڏامي وئي آهي. ماڻهن کي ڏيئرن وڏين ٿيڻ تي چنتا ٿيندي آهي. پر مونکي پرڪاش جي هلت چلت هٽي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

ڪملا :- مهرباني ڪري توهان ئي هن کان پڇو ته بهتر.

رام :- نيڪ آهي تون اڄ رات جو در نه کولجانس مان درُ کوليندس. اڄ ته مونکي پڇڻو ئي آهي. ائين چئي رام هال ۾ ويهي پرڪاش جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو اڄ هن کي ننڊ نٿي وئي. ٿي به ڪجهه ڏسڻ نه پيو وڻي. هو بيچئنيءَ سان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، ڪڏهن اُٿي هال ۾ پيو گهمي. گهڙيال هڪ جو ٽڪاءُ هنيو. رام جي دل تي زوردار ڌڪو لڳو. ايتري ۾ در تي تمام آهستي بيل وڳو. رام هال جون فل بتيون ٻاري درُ کوليو.

پرڪاش :- (اندر ايندي) ساري ممي دير ٿي وئي. اڄ تيز بتين جي روشنيءَ ۾ هن ماءُ کي نه پر پيءُ کي دروازو کوليندي ڏٺو.

پرڪاش :- ڊئڊي توهان ڇو؟ مميءَ کي ننڊ اچي وئي آهي ڇا ؟

رام :- ها پٽ، مان ڪر خبر رات جو هڪ بجي ڪٿان ٿو موٽين ؟

پرڪاش :- ڊئڊي دوستن سان گپ شپ پئي ڪئي، دير ٿي وئي.

رام :- تنهنجا سڀ دوست ڇڙا ڇانڊ آهن ڇا؟ اُنهن کي آهي ڪو گهر ٻار يا ماءُ پيءُ ڪين نه؟ جن کي گهر ڪانه هوندو آهي اُهي ائين آوارا ٿي گهمندا آهن.

پرڪاش :- پر به ڊئڊي توهان ايترو تڪو ڇو ٿا ڳالهايو ڇا ٿيو جي ٿوري دير ٿي وئي. توهين سمهي پئو ها.

رام :- (ٽوڪيندي) ها پٽ مان سمهي پوان ها ۽ تنهنجي ممي روز وانگر تنهنجو انتظار ڪري ها ائين نه. شاباس هجي پٽ، توکي اِهو به خيال ڪونهي رات جو دير سان سمهڻ جي ڪري تون صبح جو دير سان اُٿندي ۽ آفيس دير سان پهچندين.

سريتا

چندرا اين. کياٽي

رام کي اڃان ڳالھ کانہ وسري هئي، هن شراب جي بوتل ۽ پاڻ کي ايڏو تہ ٻوڙي رکيو هو تہ جيئن دل جو بوجو هلڪو ٿئي. پر اڃ بوجو هلڪو ٿيڻ جي بدران ويو ٿي ڳوئرو ٿيندو. رام دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو ڇا چوندا مت مائٽ يائر پينر يار دوست منهنجو بامبي ۾ هيڏو نالو آهي، اَڙي منهنجي تہ پَتِ ئي ويندي هلي، کهڙو کنڌ کٽي گهمندس سنڌي سماج ۾. رات جا ٻارهان لڳي چڪا هئا. گهر جي ڀاتين کان رام جي حالت ڳجهي کانہ هئي، پر ڪير بہ ڇاتي ڪري سگهيو. رام جي هن خيالن مان هِنڪي ڪڍي سگهي تي تہ هن جي هڪ ڌيءَ. ڊيٽس وڏيڪ ٻڌيءَ کي دکي ڏسي سهي کانہ سگهي، اُٿي پيءُ کي ٻانهن کان پڪڙيندي -

راڻي : - ٻڌي توهان ٽائيم ڏٺو آهي. رات جا ٻارهان لڳا آهن هيءُ ٽائيم آهي ماني کائڻ جو؟ ماني اينتري دير کان ڊائننگ ٽيبل تي پئي آهي ٿڌي ٿي ويئي آهي. پائي اسانجي تہ پيٽ ۾ ڪوئا ٿا ڊوڙن اُٿو اُٿو هلو ماني کائو.

رام ڌيءَ جي چوڻ تي بي دليو اُٿيو ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. پر هن جي همت نہ پئي ٿئي، نہ هٿ پيو اڳيان وڌي تہ کٽي ڪاڌو پليٽ ۾ پائي ڪٽي. ڪملا ڪيتري دير کان هن کي ائين ماٺ ۾ ڏسي ڏاڍو دُکي ٿي رهي هئي (اُٿي ڪري) گهوٽ جي موڊ ٺاهڻ لاءِ. چو تہ ڪملا چاهيو ٿي تہ رام کي خيالن جي دنيا مان ٻاهر ڪڍان.

ڪملا :- توهان کي خبر آهي اڄ ننڍي ديدي سروج اچي وئي آهي هوءَ دادا جي گهر لٿي آهي توهان ڀلا اسٽيشن تي وٺڻ وڃو ها تہ سڌو اسان وٽ اچي ها. رام ٻڌندو رهيو، ڪملا کي خوب خبر هئي تہ پينر رام جون ڪمزوري آهن. هو پينرن کي ڏيئن کان وڏيڪ پيار ڪندو آهي. جڏهن بہ ڪا پيڻ وئڪيشن ۾ سندس گهر ايندي هئي تہ سڄي گهر جو ماحول ئي بدلجي ويندو هو ڀلا کل ۽ مذاق جو ڪوڏيو رام سڄي سڄي رات ويهي پينرن ۽ پيٽوين سان ڳالهيون ڪندو هو. چوندو هو چار پينر ڪائي ڳالھ ڪانهي، هڪَ هڪَ پيڻ ٽي مهينا رهندي مان سڄو سال وندريو رهندس. اڄ رام کي پنهنجا ٽي ٻار هئا. هو ڏاڍو خوش هو.

ڪملا :- توهان ڪنهن جو پيا سوچيو پليٽ

نالو	: چندرا اين کياٽي
جنم	: .
ڇپايل ڪتاب	:
انعام	:
پيشو	:
پتو	: P.O. BOX 16942, Jabel Ali Free Zone , DUBAI U.A.E

هڪُ ڀيرو نہ ڇڏيو.

پرڪاش :- ها ڊئڊي مان سچ ٿو چوان سريتا تمام سٺي ڇوڪري آهي. توهين ڏسندا تہ منهنجي پسنديءَ کي ضرور ساراهيندا.

رام :- پر بہ سريتا ڏيءَ ڪنهنجي آهي؟ سندس پيءُ ڇا ڪندو آهي؟ ڪٿي جا آهن؟ پائيبند عامل يا وري لاڙڪاڻي جا، ساهتيءِ جا آکھ کهڙي اٿن؟ مان بہ ٻڌان.

پرڪاش :- سريتا مهاراشٽرن آهي، هن کي ٽي ڀينر آهن. هنجو پيءُ بزنيس مئن آهي. هو پونا ۾ رهندا آهن.

رام :- مهاراشٽرن؟ ڇا تون مرهٽڻ سان شادي ڪندين؟ اڙي ڪجھ تہ شرم ڪر ڪجھ پنهنجي ڀينرن جو تہ خيال ڪر. توکي بہ ڀينر آهن. تو اهو سوچيو آهي تہ مرهٽڻ سان شادي ڪرڻ سان تنهنجي ڀينرن جي مائٽين تي ڪهڙو اثرُ پوندو. سڀ مونکي ٺُڪون هڻندا تہ جنهن پٽ تي توکي ايڏو ناز هو اُن ئي سماج ۾ تنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

پرڪاش :- ڊئڊي مان هاڻ بالغ آهيان پنهنجي زندگيءَ جو ڊسيشن وٺڻ جو مونکي پورو حق آهي. ڇا مرهٽا ماڻهون ڪونہ آهن. سوال آهي برادريءَ ۾ پائڻ ڀينرن جو اُهي جڏهن سريتا سان ملندا تہ توهانجي سڀ ساراه ڪندا تہ واه جي چونڊ ڪئي اٿئين ننهن وٺڻ ۾. ڊئڊي اڄ ئي مون سريتا کي گهر گهرايو آهي.هلو گهر هاڻ هو اچڻ ۾ هوندي. رام بيدليو اُٿيو.

در تي بيل وڄيو، پرڪاش اُٿي درُ کوليو. هيلو، آئو آئو welcome هڪ ڇوڪري سلوار ڪرتو پاتل تمام سهڻي نہ پر ڪليل رنگ جي، ويهن ٻاويهن سالن جي ۽ اُن جي وڏي ڀيڻ گهر ۾ گهڙيون. پرڪاش (پيءُ ڏانهن مخاطب ٿي) ’سريتا يي ميري ڊئڊي هئن.‘ ڇوڪري مٿي تي رئو پائي رام کي پيرين پئي.

الاهجي ڇو رام جو غصو ڪافور ٿي ويو. هن سريتا جي مٿي تي هٿ رکيو. رام جو غصو ڪافور اِنڪري ٿيو جو شايد پاڻ بہ ڏئرن جو پيءُ هو. هن کي سريتا صرف هڪ نياڻي ڏسڻ ۾ آئي. اُن وقت هو ذات پات ڀُلجي ويو، هاڻ ڪملا آئي.

پرڪاش :- سرو يہ ميري ممي هئہ. سريتا جيئن جهڪي پيرين پئي، تيئن ڪملا پير پٺڪائيندي روم ۾ وڃي منهن مٿو پٽڻ لڳي. روئڻ جو آواز ٻڌي رام آندر ويو. زال کي چپ ڪرائيندي چيائين هيئنر تہ چپ ڪر. اُٽ هل هال ۾ سڀ وينا آهن.

ڪملا :- سائين اڄ اڃان منهنجي پيءُ جو فون آيو هيرالعل جي ڏيءَ کهڙي نہ سهڻي ڇوڪري آهي، ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ بہ تہ هيرن جا سيٽ پيو ڏئي، وري گُنين جي برسات ڪري ها. سچ پڇ مون ڏاڍي ڀل ڪئي.

رام : ڪملا پرڪاش جيڪا ٺُڪ ڦٽي ڪئي آهي اُها وات ۾ تہ واپس پوندي ڪانہ. اسين هاڻ ڇا ڪنداسين، جي نہ بہ ڪنداسين تہ پرڪاش اسانجي هٿ مان ويو، اِها پڪ سمجھہ.

رام :- ڪملا مونکي بہ عجب ٿو لڳي تہ پرڪاش نہ توکان صلاح ورتي آهي نہ

ڇا آفيس جو ڪم suffer ڪانہ ٿيندو ؟ پرڪاش ڪجھ بہ ڳالهائڻ کان سواءِ پنهنجي روم ۾ هليو ويو. پرڪاش تہ سمهي پيو پر رام جي نيڻن جي ننڊ اُڏامي وئي هئي. رام پنهنجي روم ۾ پلنگ تي ليٽي پاسا ورائيندو رهيو. گهڙيءَ اُٿي پاڻي تي پيئائين تہ گهڙيءَ اُٿي روم ۾ ٽهلڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿو صبوح ٿئي. ڪملا گهوٽ کي هيڏو بيچيڻ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو.

ڪملا :- پنهنجي طبيعت جو خيال ڪريو سمهي پئو، صبوح ٿيڻ وارو آهي. ڇو ٿا اجايو سجايو سوچيو. پٽ آهي نہ، ڌيءَ تہ ڪانهي.

رام :- ڪملا ڪيئن سمهان، پٽ تہ پيءُ جو وڏو ٿي سهارو بڻجي چنتا کان آجو ڪندو آهي. پر هي تہ اُلٽو قصو آهي. مونکي تہ شڪ ٿو پوي. لڳي ٿو دال ۾ ضرور ڪجھ ڪارو آهي.

ڪملا :- شڪ ۽ اولاد ۾ سو بہ پرڪاش جهڙي پٽ ۾ ! ڇڏو هاڻ سمهو. ڇئو رام.

رام پاسو ڦيرائي سمهي رهيو، صبوح جو اُٿي تيار ٿي رام جيئن آفيس وڃڻ لڳو تہ سوچيائين پرڪاش کي اُٿاريندو وڃان ڇو تہ اڄ يارهين بجي خاص ميٽنگون هيون. رام جيئن پرڪاش جي ڪمري ۾ گهڙيو تہ پرڪاش اڃان گهريءَ ننڊ ۾ هو.

رام :- پرڪاش اُٿ، جيئن ئي رام هٿ سان پرڪاش کي ڌونڌاڙيو تہ پرڪاش ننڊ ۾ ئي وڦلڻ لڳو : - ڇور سرو ڇور يار مُجهي بهُت ننڊ آتي هئہ. اهي اکر ٻڌندي ئي رام جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي.

رام جو شڪ سورهان آنا سچ ٿي لڳو. هو روم مان نڪري ٻاهر آيو. ڪملا کي سڏ ڪري چيائين، ڪملا مان هيٺ آفيس ۾ هلان ٿو پرڪاش جيئن اُٿي تيئن موڪلجانس.

ڪملا :- ها ها توهين هيٺ آفيس ۾ وڃو مان هيئنر ئي پرڪاش کي اُٿاري ٿي موڪليان.

رام آفيس ۾ تہ آيو پر اڄ هنجي بہ ڪم ۾ دل نہ پئي لڳي. پر ضروري ميٽنگس ٿي وڃڻ ڪانپوءِ هو ٻنهين هٿن ۾ منهن وجهي ليٽي پيو. ڪئبن جو دروازو کُليو.

پرڪاش :- Good morning ڊئڊي.

رام :- پٽ Good afternoon چئہ ٽائيم ڏٺو آٿئي. هيءُ ٽائيم آهي تنهنجي آفيس اچڻ جو. پرڪاش پنهنجي ڪئبن ۾ هليو ويو. رام بيل وڄائي پرڪاش کي پاڻ وٽ گهرايو.

رام :- پرڪاش هيءُ وري سرو ڪهڙو نئون دوست ڪيو اٿئي.

پرڪاش :- ٿورو جهجهڪي، سرو دوست نہ ڊئڊي سرينا تہ ڇوڪري آهي، مان پيار مان هن کي سرو ڇوندو آهيان.

رام :- سرينا ڇوڪري، ڪهڙي ڇوڪري ؟ ڪهڙو رشتو آهي تنهنجو هن سان ؟ مان تہ اڄ نئين ڳالھ ٿو ٻڌان !

پرڪاش :- ڊئڊي سرينا منهنجي girl friend آهي.

رام :- بس girl friend يا ٻيو بہ ڪجھ ؟

پرڪاش :- ڊئڊي مان سرينا سان پيار ڪندو آهيان ۽ شادي پڻ سرينا سان ڪندس.

رام :- (ڇرڪندي)ڇاڇيءَ ڇا چيئي وري

واپس

اندران واسواڻي

آ کر سڄائل تي لڳا پر کيس ياد نٿي آيو تہ ڪنهن جا آهن. سالن کان خط ئي ڪٿي آيو هو تنهنجو؟ جيتوڻيڪ دروازو کولڻ وقت سندس نظرون سدائين ڪليل دريءَ ڏانهن ويندڙيون هيون. متان ڪنهنجو خط هجي.

پينر پائر خط لکڻ بدران ڪڏهن ڪڏهن فون تي حال احوال پڇي پنهنجي اون لاهي ڇڏيندا هئا. ها اون جن لاءِ هن پنهنجو پيار قربان ڪيو هو. پنهنجي جيون کي سڃو بڻايو هو. ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون سڏڪندي ۽ جاڳندي گذاريون هيون. سندن آئينده لاءِ جيڪا هن جاکوڙ ڪئي هئي اها اڄ جي هِڪ، ڪڏهن ڪڏهن فون جي برابر هئي! پر هن سدائين پنهنجي من تي ظبط رکيو هو ۽ اهڙي فينسٽائيءَ سان وهنوار ڪندي هئي جو هرڪو اُن جي ساراهہ ڪندو هو.

هن ٽيبل تي پرس رکي بيٺي ئي لفافي مان چٺي ڪڍي پڙهڻ شروع ڪئي. رتنا پياري، هوءَ گهڙيءَ لاءِ ڇرڪي وئي. هينئان لکندڙ جو نالو پڙهي هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو چٺي پڙهڻ لڳي. سندس دماغ جون نسون سيٽجي ويئون. چٺي پڙهندي هن پنهنجي هٿن کي ڏٺو، چمپل لاهي پنهنجن سهڻن پيرن کي ڏٺو، آرسيءَ جي اڳيان بيهي وٽندڙ چهري کي ڏٺو ۽ وارن ۾ آيل ڪجهہ اڇن وارن جي ڇڳُن کي بہ ڏٺو. سندس رٽائر ٿيڻ ۾ باقي ٿي سال بچيل هئا. پر رتنا کي لڳندو هو تہ هوءَ اڃا ايڏي وڏي ڪونہ ٿي هئي. سندس چهري ۾ گهٽا گهنج ڪونہ پيا هئا. جڏهن نهي سنيري ڪاليج ويندي هئي تہ سندس ساهيڙيون ۽ متر ڪڏهن ڪڏهن چرچو ڪري چوندا هئس، ”رتنا! لڳي ئي ڪونہ ٿو تہ تو کو پنجاهہ سال پورا ڪيا آهِن. تون تہ ايورگرين ٿي لڳين، ايورگرين!“ خوب کلندي هئي رتنا ۽ دل کولي ٺهڪ ڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٺهڪ ڏيندي سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. ڪنهن کي سمک ئي ڪانہ پوندي هئي تہ کو اِنهن ٺهڪن پريل ڳوڙهن پنيان ڪا لکل درد پري کهاڻي بہ هئي.

چٺي پڙهندي جڏهن ڏنائين تہ سندس من جهل نہ ڏيندو تہ رنڊٽي ۾ وڃي چانهہ ناهي آئي ۽ ڏُک ڪري پيئڻ لڳي. ماني ڪائڻ جي اڃا نہ هئس. هِن چٺيءَ سندس من ۾ هلچل مچائي ڏني هئي. چٺي لکندڙ جو نالو هن الائي ڪيترا



نالو : اندران واسواڻي

جنم : ميرپور خاص، سنڌ: ٢١ - ٨ - ١٩٣٦

ڇپايل ڪتاب : نالو ناول، منجري

انعام : نئشنل اوارڊ آف ٽيچرس ڀارت جي راشٽرپتي ڊاڪٽر شنڪر ديال شرما طرفان مليل.

پيشو : پرنسيپال (رٽائرڊ)

پتو : T.H.X - 23, ADIPUR (Kutch) 370205

مونسان ئي ڪا هِن ڪان اڳ ڳالهہ ڪئي اٿس. پر هاڻ ڏڏو ڪير ٽٽڻ ۾ ڪانہ پوندو. پرڪاش اندر آيو.

پرڪاش :- ممي ڊئڊي اڄو رُبي توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهي.

ڪملا :- اسان کي ڪجھ ڳالهائڻو ڪونهي. تون اَهڙو غلط قدم کڻڻ کان اڳ اسان کان پڇين تہ ها. ڪنهن ڪئي آهي اسانجي فئمليءَ ۾ inter cost شادي. ڏسُ ڪمل گهڻا سال ڊبئيءَ ۾ رهيو، دادا چوندا هئس ڪنهن فارن جي ميم سان ئي شادي ڪر جي توکي پيار هجي تہ؟ ڪمل جو اِهو ئي جواب هو ڊئڊي ممي ڇوڪري توهان ئي ڏسي پسند ڪريو جي منهنجي لائق هجي تہ مان ها ڪندس، باقي منهنجو پيار ڪنهن سان بہ ڪونهي. ٻڌاءِ مائٽن پسند ڪري ننهن ورتي اڄ ڇا تہ ڪمل جي ڪنوار ساهرن جي عزت ٿي ڪري. تنهنجي لاءِ سنڌي ڇوڪريون کُٽي ويون هيون جو مرهٽڻ تي ڪريو آهين.

پرڪاش :- ڊئڊي ممي، ڇوڪري تہ ڇوڪري آهي توهين هڪ ڀيرو سريتا سان ڳالهايو پوءِ جي توهانکي نہ منظور هجي تہ مان بہ نہ ڪندس. ريتا، ريکا ٻئي ڀينرون سريتا سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول هيون. هنن کي تہ ڀاڀي پسند هئي. پرڪاش پنهنجي پيار جون ڳالهيون شايد هنن کي پهرين ئي ٻڌائي چُڪو هو.

رُبي :- (رام کي) انڪل هاڻ ٻڌايو ڪڏهن شاديءَ جو مهورت ٿا ڪڍايو.

رام :- (وري ٿورو خداري ڏيکاريندي) مان سوچي ڪري توهان کي ٻڌائيندس. آخر سيني سان صلاح ڪري شادي سڪ ساڻ ٿي گذري. سريتا گهر ۾ اچي پنهنجي سسُ سهري نرانن ۾ گهوٽ سان ڏاڍو مٺو ورتاءُ ڪيو آهي. هوءَ تہ سباجهي ڇوڪري آهي. اسانجي سوچ هوندي آهي تہ ٻيءَ ذات جي ڇوڪري adjustment ڪانہ ڪري سگهندي. پر ائين ناهي. جيڪو سريتا کي ڏسي ثابت ٿي چڪو آهي. هوءَ تہ هيترن نوڪرن جي گهر ۾ هوندي پاڻ ڪاڏو تيار ڪندي آهي.

پرڪاش :- (ماني کائيندي) ڊئڊي ممي توهان کي ننهن وڻي.

رام :- پرڪاش تو ڏاڍو سٺو ڪيو آهي. اسانجي منپسند ڪنوار ورتي اٿئي. اڙي اڄ منهنجو سِرُ فخر سان اوچو ٿي ويو آهي تہ منهنجي پٽ پرڪاش بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪري هڪ هونهار ڪنوار آندي آهي. ڪملا سچ چيو اٿم تہ، سريتا هڪ سباجهي ڇوڪري آهي، جيڪا اسان کي چوندينديءَ بہ ڪانہ ملي ها. ڪملا جي اسين هيرالعل جي ڌيءَ ونون ها تہ اڄ اُها هيرن ۾ تُنبين سان گڏ ڏنڊو بہ سون جو کڻي اچي ها، جنهن سان اسان سيني کي اُت ويه ڪرائي ها. مونکي آش هئي تہ مان پرڪاش لاءِ سگهڙ ڪنوار ونندس. اڄ پرڪاش منهنجي آش سريتا سان شادي ڪري پوري ڪئي آهي. پٽ شل خوش هجين. پنهنجي ونيءَ سان هاڻ منهنجون سڀ چنتائون دوُر ٿي ويون.

سريتا جل جو اهو جهرنو آهي جنهنجي پيهر رکڻ سان منهنجو غرور ڏوپجي ويو آهي.

❖❖❖❖

وسرڻ جي نہ آهي. اَهڙيون گهٽيئي ڇوڪريون رتنا جون سُڃاڻل تہ هيون، پر ڪي تہ سندس ساهيڙيون بہ هيون. ها، اينرو ضرور هئو جو ڪن جون جڏهن جوابداريون پوريون ٿي ويئون هيون، تہ اُنهن وڏيءَ عمر ۾ بہ شادي ڪري ڇڏي، پر ڪيترين تہ اڃا تائين ڪُنواريون هيون.

ڪاليج ۾ رتنا کي ٻن ٽن ڇڻن شاديءَ جي آڇ پڻ ڪئي پر هن نمرتا سان نہ ڪري ڳالهہ کي اڳتي وڌڻ ئي ڪونہ ڏنو. موهن جي پيار جا گل سندس دل کي سگنڌ سان پُر ڪندا رهيا ۽ اڄ هيءُ خط ... !؟

سال گذري ويا، پنجتيه سال ! موهن لکيو هو، ”رتنا پياري ! هن خط کي تون ڇڳيءَ طرح پڙهج ۽ ٿڌي دماغ سان سوچج. منهنجي طرفان ڪا زبردستي ڪونهي. پر منهنجي من ۾ تو لاءِ قرب ۽ عزت ساڳيا آهن. مونکي ڪا تڪليف ڪانہ آهي. تندرستي سٺي اٿم. پنهنجو بنگلو اٿم. چار مهينا اڳ رٽاير ڪيو اَٿم. پئسي جي ڪا چنتا ڪونهي. ٻار ويل سيٽلڊ آهن منهنجي پتني بہ سال اڳ گذاري ويئي.

رتنا مان سدائين سڏ لهندو آيو آهيان تنهنجي. مون پنهنجي پهرئين پيار بابت ٻارن سان ڳالهہ ڪئي آهي. مان تو وٽ اچڻ ٿو چاهيان، ڪين ڪو اعتراض ڪونہ آهي. رتنا تون ڪجهہ بہ غلط نہ سمجهج زندگيءَ جا پويان سال مان تو سان گڏ گذارڻ ٿو چاهيان. مان واپس تو وٽ اچڻ ٿو چاهيان....

رتنا ڇا ڪري؟ ڇا نہ ڪري... ها ڪري .... نہ ڪري .. يا ها ڪري... ڪيس ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيو. ڪنهن سان صلاح ڪريان ؟ نہ نہ... وينا سان ؟ نہ بلڪل نہ... اِهو فيصلو مان قدرت تي ڇڏيندس نہ تہ مان پريشان ٿي ويندس.

منجهند جو بہ ٽي گرهہ کائي سمهڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين پر من ڏاڍو پريشان رهيو هوس. شام جو تيار ٿي هوءَ بازار ويئي مٺائي وٺي آئي. منجهيل من سان تياري ڪندي رهي. هڪ بہ ڀاڄي ٺاهي فرج ۾ رکيائين. موهن جي دلپسند پڊنگ ٺاهي رکيائين. سڄي رات هن اڌ کليل اکين ۾ اڌورا اڌورا سپنا ٿي ڏٺا. صبح جو آئي تہ ڪيس لڳو هو تہ رات جو سمهي ئي ڪونہ هئي. فون ڪري گاڏيءَ جو صحي ٽائيم پڇيائين ۽ تيار ٿي اِسٽيشن تي پهتي. هاڻي سندس دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. ٽرين جي بيهندي موهن ڇڻ ٻوڙندو رتنا ڏانهن آيو ۽ بيءَ گهڙيءَ هوءَ هُن جي ٻانهن ۾ هئي.

ٻن ڏينهن کانپوءِ موهن جا سيئي ٻار اچي پهتا. رتنا جا ڀائر ڀاڄايون بہ ٻارن سان اچي ويا. هڪ ڀيڻ بہ آئي. رتنا پاڻ کي ڪيترن ڇڻن جي وچ ۾ گهيريل ڏٺو، ”رتنا هي منهنجا ٻار آهن، پٽ، ننهر، ڏيئر، ناتي پوٽا، پوٽيون، ڏوهٽا ڏوهٽيون.“ موهن ڪيس ڇيو. رتنا ڇڻ نيم بيهوشي ۾ هئي. هن هر وقت پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پنج ڏينهن ڪيئن گذري ويا خبر ئي ڪونہ پئي. ڇهين ڏينهن موهن ڪانسواءِ باقي سيني کي وڃڻو هو. صبوح جو ئي هو گرودواري مان ٿي آيا. رتنا ڏاڍي سٺي ٿي لڳي. سندس سينڌ ۾ سندور هئو. هاڻي ڪيس پاڻ کي اِهو ئي وشواس ڏيارڻو هئو تہ هوءَ هِن ڪٽنب ۾ هنن ٻارن جي نئين ماءُ هئي. جيڪي ساڻس قرب سان وهنوار ڪري رهيا هئا ! ڪيس لڳو تہ هوءَ هاڻي اڪيلي ڪونہ آهي. هيءُ سڀ سندس پنهنجا هئا ۽ ڍال وانگر موهن ساڻس گڏ بيٺو هئو !

❖❖❖❖

دفعا پڙهيو. سندس اکيون ڳوڙهن سان ٽمٽار ٿي ويون، جن ۾ کي ڊنڊلا ڊنڊلا چٽر چٽا ٿيندا ٿي ويا. هوءَ روئي پيئي ۽ ٻارن وانگر سڏڪا پرڻ لڳي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اهڙي خوب دل کولي رتنا روئي رهي هئي. روئندي روئندي من ئي من ۾ چيائين،" هي ايشور! تو سدائين مونکان امتحان ورتا. ڪن ۾ پاس ڪيئي، ڪن ۾ ناپاس. هاڻي هن عمر ۾ مونکان ڪيئن ٿو، امتحان وٺين، جڏهن مان زندگيءَ جي لاهه تي اچي پهتي آهيان."

رتنا ۽ موهن جو پاڻ ۾ بيحد پيار هئو. پرسندن شادي نه ٿي سگهي هئي. موهن جڏهن رتنا سان شادي ڪرڻ لاءِ سندس پيءُ گوپالداس سان ڳالهائڻ آيو تڏهن گوپالداس نه نه ڪانه ڪئي. چيائين 'ڌيءُ جي شادي ڳنگا اشنان آهي پر ...."

گوپالداس وڌيڪ ڪجهه چئي ڪونه سگهيو هئو. رتنا جي ماءُ گوميءَ سوچيو،" بنا ڏيتي ليتيءَ جي رتنا جي شادي ڪئي وڃي ته هڪ ڌيءَ جو بار لهي ويندو. پر...."

پر رتنا دل تي پٿر رکي هال پيءُ کي چيو،" دادا پاپي، هاڻي منهنجو فيصلو ٻڌو. اسان جيڪا ڪئمپ جي دکن پري زندگي گذاري آهي اُها وري مان توهان کي جيئڻ نه ڏيندس. مون شادي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن مان پنهنجن ننڍن ڀائرن ڀينرن کي پڙهائي سندن زندگي ٺاهي سگهان." گومي ۽ گوپالداس ڪجهه نه چئي سگهيا. گوپالداس جو ڪنڌ هيٺ هئو ۽ گوميءَ رئي سان ڳوڙها پئي اُگهيا.

گوپالداس جي پگهار اينتري ٿوري هئي جنهن مان ڏاڍو ڏکيائيءَ سان وقت گذرندو هو. جيئن ئي رتنا مئٽرڪ پاس ڪئي ته يڪدم کيس هڪ خانگي آفيس ۾ نوڪري ملي ويئي. هڪ ننڍي جڳهه وٺي هوءَ سيني کي ڪئمپ کان الڳ ڪري آئي. هن کي پڙهڻ جو شوق هئو، جيڪو هن نوڪريءَ کان پوءِ به جاري رکيو. کيس پروفيسر ٿيڻو هو. هن کي آفيس جي نوڪريءَ مان مزو نٿي آيو. اُن ئي آفيس ۾ هوءَ موهن جي ٽائيپسٽ هئي.

موهن کي هوءَ پهرئين ڏينهن ئي وڻي ويئي هئي. سهڻي، سئي ناهوڪي. پنهنجي ڪم جي هوشيار. ڏينهون ڏينهن موهن جي دل ۾ قرب سان گڏو گڏ سندس لاءِ عزت به وڌندي ٿي ويئي.

هن جڏهن موهن سان شادي نه ڪرڻ جو کيس پنهنجو محڪم اِرادو ٻڌايو، ته موهن سراپجي ويو. رتنا کيس چيو،"موهن! مان پنهنجي پيار خاطر پنهنجي ڀائرن ڀينرن جي زندگي ڏکي نه ڪري سگهندس - مان سمجهان ٿي توسان شادي نه ڪرڻ معنيٰ تو کي وڃائڻ، تنهنجي پيار کي وڃائڻ. پر نه موهن! تنهنجي پيار کي مان سدائين پنهنجي منَ ۾ هڪ ٻوٽي وانگر سنڀاليندس، جيڪو اَڳتي هلي خوشبودار گل ڏيندو رهندو. اِها تنهنجي پيار جي سُڳنڌ ...." هوءَ اَڳتي چئي نه سگهي ۽ روئڻ لڳي. موهن رُڳو سندس هٿَ کيَ جهلي سگهيو هو، ڪجهه چئي نه سگهيو. پنهنجي پيار کي وقت جي حالتن ۾ ختم ٿيندي نٿي ڏسي سگهيو. سندس من ٽٽي پيو. پر ساڳئي وقت هن جي منَ ۾ رتنا لاءِ قرب ۽ عزت وڌندا ويا. ٿوري وقت ۾ کيس جڏهن سرڪاري نوڪريءَ جو آرڊر آيو، ته هوُ اهو شهر ئي ڇڏي هلي ويو.

رتنا اُنهن سنڌي ڇوڪرين مان هئي جن ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي قرباني ڪري، پنهنجي پيار جو تياڳ ڪري، گهرَ جون جوابداريون پنهنجي ڪُلهن تي کڻي پنهنجن ڪُٽمبين کي جيڪا مدد ڪئي هئي سا ڪڏهن

ڪاليج پڙهندي مجبورن قيمت کي لاڪ مِل ۾ مزور جيان نوڪري ڪرڻي پيئي هئي. ڪڏهن تہ رات جو بہ مِل ۾ ڪم ڪرڻو پوندو هيس. پُرشارٿ ڪري ڪِل خوشيءَ سان حالتن کي منهن ڏيڻ هن جو عقيدو هوندو هو. پونجيپتين ۽ سوارٿي عناصرن خلاف آڪروش جو اِظهار ڪندي هو سماجڪ برابري، ايمانداري ۽ حق جي طرفداري ڪندو هو. وڌندڙ پرشٽاچار هن جي ذهن کي ڄڻ زخمي ڇڏيو هو. چوندو هو تہ اِن بديءَ خلاف آندولن هلائڻ گ هرجي. سمورين برايُن جي جڙ، اِهو پرشٽاچار ئي آهي!

قيمت ائين تہ پڙهائيءَ ۾ ڏڏُ هوندو هو پر سماج ۽ ديش جون خبرون حاصل ڪرڻ ۾ ماهر هوندو هو. پڙهيل ساهتيہ، خبرن ۽ بدِل پاشڻ جي اثر هيٺ هوُ ڪاليج جي جوان ٽولن وچ ۾ بيهي نعري بازيءَ جيان پنهنجا تيزابي ويچار ظاهر ڪندو هو. اڪثر شاگرد سندس ويچارن سان سهمت هوندا هئا. جوان رتُ ٽهڪي اُٿندو هو. بدتر ٿيندڙ حالتن کي سُڌارڻ لاءِ ڪُجهہ ڪرڻ ۽ ڪري ڏيکارڻ جا انسنا لڏا ويندا هئا.

ڪڏهن هوُ کيس چوندو هو تہ ”قيمت لڳي ٿو نيتا بڻجڻ جو تنهنجو پليٽفارم نهندو ٿو وڃي.“

قيمت چوندو هو، ”نہ يار مان تہ هڪ غريب مزور آهيان. رات جو سُپنا لهڻ بجاءِ مزوري ڪندو آهيان، ڏينهن جو پڙهڻ ۽ ڪم ڪار، ڇا زندگي آهي يار؟ بس دل ۾ سانديل باهہ اوڳاريندو ٿو رهان!“

ڪڏهن وري هو چوندو هيس، ”قيمت لڳي ٿو تہ تنهنجي مٿان ساميوادي ويچارڌارا حاوي پوندي ٿي وڃي.“

قيمت چوندو هو، مان تہ سڪہ سهنج ۽ سمانتا جي ڳالهہ ٿو ڪريان، ڪنهن واد سان منهنجو ڪو مطلب ڪونهي.“

ڪاليجي پڙهائيءَ دوران قيمت نوڪريءَ لاءِ درخواستون ڪندو رهيو هو. آخر کيس سرڪاري نوڪري ملي ويئي هئي.

پڙهائيءَ جي پوري ٿيڻ ۽ الڳ الڳ نوڪرين ۾ جوڙجي وڃڻ سبب ٻنهي دوستن کي بہ الڳ ٿيڻو پيو هو. جيڪي هر روز پاڻ ۾ گڏ هوندا هئا، اُهي هاڻي وقت بہ وقت پيا پاڻ ۾ ملندا هئا. ٻنهي جو سنٻنڌ ساڳيو ئي ويجهڙائيءَ پريو رهيو هو. تڏهن تہ هن جي ڊائريءَ ۾ پهريون نالو قيمت جو درج ٿيل هو.

پر پوءِ، جيئن جيئن عرصو گذرندو ويو هن جي ڪن تي عجيب و غريب پرلاوَ پوندا رهيا هئا. سرڪاري نوڪريءَ کي قيمت شايد ڪامڌينوُ سمجهي ورتو هيو. هن جي ٽيبل جو ڪم جادوئي طريقي سان هلندو هو. ڪو ڪم عرصي تائين اينگهجندو رهندو هو تہ ڪو اڪ ڇنڀ ۾ ٿي ويندو هو.

پنهنجي ويجهي دوست جي ايترې ڇوُ پوُ ٻُڌي هن کان رهيو نہ ويو هو. هڪ ڏينهن هن قيمت کي ورجايو هو، ”تنهنجي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ٻُڌجي پيو!“

”ڇا؟“

”اِهو ئي تہ وزن رکڻ کان سواءِ ڪو پنو تنهنجي ٽيبل تان چُري پُري نٿو.“

ڪڻ پر قيمت هن جي سامهون نهارڻ بعد چيو هو، ”اِن ۾ بُرائي ڪهڙي آهي؟

خللُ

جينت ريلواڻي

ڪشش نئين نہ بلڪ سونهاري ڏائريءَ جي هيس. ايئين تہ هر سال ڪيس ڪا نہ ڪا نئين ڏائري، ڪنهن نہ ڪنهن وٽان اچي ويندي هيس؛ پر هن لاءِ اُن جو خاص ڪو استعمال نہ هوندو هو. ڪنهن دوست دڙي کي ڏيئي ڇڏيندو هو يا وري گهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم آڻي ڇڏيندو هو. پر هن سال مليل ڏائريءَ ڪيس موهي ڇڏيو هو. ڏائري پاڻ وٽ ۽ پاڻ سان رکڻ جي دل سُرڪي آئي هيس.

ڏائري پاڻ وٽ رکڻ جي فيصلي سان گڏ من ۾ سوال تري آيس تہ هِن جو کهڙو جوڳو اُپيوڳ ڪري سگهجي ٿو، جو اُها سانده ساڻ رهي سگهي. سوچيندي ڪيس خيال آيو تہ ائڊريسون ۽ فون نمبر نوٽ ڪرڻ لاءِ هيءَ نئين ڏائري وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿي سگهندي. هوئن بہ، ائڊريسن جي ڏائري ڪيتري عرصي کان پُراڻي ٿي چڪي هيس. ڪتان پنا ڦاٽي ويا هئا يا سٽيبن آگرين لڳڻ سبب اکر ڍهي ويا هئا. ڏائري نئين سِر ناهڻ جي اِڇا ڪي وقت بہ وقت هو ٽاريندو آيو هو. پر هاڻ هِن سونهاري ڏائريءَ جي موهہ ۾ هن فيصلو ڪري ورتو تہ، جهونيون سڀ ڏائريون ڪڍي نئين سِر هِن ڏائريءَ ۾ سڀ ائڊريسون ۽ فون نمبر نوٽ ڪري ونجن.

هن ٽيبل جو هيٺيون خانو کولي ڏائرين جو ٿهو ٻاهر ڪڍي ورتو. اُن سان گڏ ئي هن جي من ۾ اِها چاهنا بہ جاڳي اُٿي تہ هِن نئين ڏائريءَ ۾ جيڪا لنبي عرصي تائين سالم رهڻ جي گنجائش رکي ٿي، پهريون نالو ڪنهن اهڙي رشتي جو نوٽ ڪريان جيڪو منهنجي وڌيڪ ۾ وڌيڪ ويجهو رهيو هجي.


خاني مان ڪڍيل ڏائرين مان هڪ ڏائري کولي، پهريون نالو ڏسندي ئي هو ڇرڪي ويو -. قيمت!

ويچارو!

ڪجهہ سال اڳ ئي وچولي عمر ۾ ئي راهہ رباني وني ويو!

ڪيترو نہ ويجهو دوست هو؟ پر پوءِ؟

هن جي ذهن ۾ يادگيريون تري آيون. اسڪول کان ڪاليج تائين گڏ پڙهيا هئا. گڏ رانديون ڪيون هئاسون.



نالو : جينت ريلواڻي

جنم : لاڙڪاڻو، سنڌ؛ ٣ - ٩ - ١٩٣٦

ڇپايل ڪتاب : سنڌيءَ ۾ ١٢، گجراتي ٻوليءَ ۾ ٢٩، هنديءَ ۾ ٢

انعام : مرڪزي ڪاتي دهليءَ طرفان، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان، سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان ١٥ هزان جو، ڪيترين سنسٿائن طرفان سنمان.

پيشو : سمپادڪ گُرجر سنڌو هفتيوار، آرپڻ انگريزي گجراتي ماهوار؛ اخبارنويس، ڪالمنسٽ.

پتو : ٩/٢، شاستري نگر، گردواري جي پٺيان، راجڪوٽ - ٣٦٠٠٠١

کھڙو آهي جو تو جهڙي ساتوڪ ماڻهوءَ کي هيءَ بيماري ڏني آهي. شال ايشور توکي چڱو ڀلو ڪري، چاهي اِها بيماري مونکي ڏئي.''

دل جي صداقت وچان اِئين چوڻ سان گڏ هُن همت افزائي ڪندي چيو هيس، ''گهبرائج هرگز نه. اڄ ڪالهه هيءَ ڪا بيماري نه ليکي ويندي آهي. وگيان چڱي ترقي ڪئي آهي. جلد ئي تون نوبنو بڻجي پوندين. ڪاڏي پيتي جو ڌيان رکندي ته اڳ کان به اڳرو ٿي پوندين.''

ڊاڪٽر جي هدايت موجب هُن ڪيس بيضا کائڻ جي صلاح ڏني. تڏهن هُن هچڪندي چيو هو، ''اسين ته برهمڻ آهيون، اِها شيءَ نه ورتائي سگهبي.

هُن ڪيس ۾ سندس پتنيءَ کي سمجهائيندي چيو هو، ''نيڪ آ اگر گهر ۾ نه ٺاهيو ته مان توهان کي پهچائيندو رهندس. دوا سمجهي ڪري کائڻا آهن.''

نه صرف بيضا، پر مرض جي ڪورس ۾ سندس صحت سڌرڻ تائين، هو پنهنجي گهر ۾ خاص طور ٺهرايل پُڊنگ ميوو وغيره به پهچائيندو رهندو هو. ڀاون اڳي کان به اڳرو ٿي ويو هو صحت ۾.

پر پوءِ اوچتو ئي سندس زندگيءَ چمتڪار ڀريو موڙ کاڌو هو. هڪ ڏينهن هو آفيس نه آيو هو ته هُن گهر وڃي پڇا ڪئي هيس. ڀاون چيو هيس، '' دوست مونکي اچانڪ ايشور جو آواز آيو آهي. پوڄا ۾ ويٺو هوس ته اوچتو مونکي اندر مان آواز آيو. سڄو ڪمرو گهمندو نظر آيو. هِن مورتيءَ مان ڪا جوت پرگهٽ ٿي. چوطرف مونکي چِٽ پرلئه ٿيڻ جو آياس ٿيو. آواز آيو - موُت طرف جي ياترا لاءِ تون هي جيون اجايو ڇو وڃائي رهيو آهين ؟ هليو اچ منهنجي چرنن ۾ !''

هو ڀاون طرف ڏسندو رهيو ۽ ٻڌندو رهيو. ڀاون چيو، '' بس دوست، هاڻ مان هتي مندر ڪندس، جيون سمرپت ڪندس، سڪارٿو ڪندس !''

ڀاون نوڪري ڇڏي ڏني. ڏسندي ڏسندي چمتڪار جي ڳالهه چوطرفي ڦهلجي ويئي. سندس گهر جو اِهو ڪمرو هاڻي مندر ۾ تبديل ٿي ويو هو. چوطرف وهندڙ سڳنڌي ماحول ۾ ساتوڪتا ڀري شانتي !

هو ڪڏهن ڪڏهن ڀاون سان ملڻ ويندو هو. ڀاون ڪڏهن پوڄا ۾ هوندو هو ڪڏهن ستسنگ ڪندو هو ته ڪڏهن اُپديش. صبح شام ماڻهن جي چهل پهل وڌندي رهي هئي. ڳچهه عرصي بعد ڪمري جي مندر الڳ مندر جو روپ ورتو هو. خلق وڌندي رهي هئي ۽ اُن سان گڏ ڀاون به! هاڻي هو پاڻ کي ايشور جي قريب سمجهڻ لڳو هو. هو جيڪي اُچاريندو هو اُهو ست وچن ليکيو ويندو هو. اُپديش سان گڏ هو اڪثر اِها ڳالهه ضرور ذهن نشين ڪرائيندو هو ته، اِنسان جنم سان گڏ ئي موُت طرف اڳتي ڌڪجندو تو وڃي. ان سبب جنهن کي اوهان جيون سمجهي رهيا، اُهو جيون ته موُت طرف جي ياترا آهي !

هو ڪڏهن ڪڏهن ڀاون کي سندس اِظهاريل ويچارن، اڀياس ۾ ڳوڙهي فيلسوفيءَ لاءِ داد ڏيندي، پنهنجي هم عمر جهوني دوستيءَ جي ناتي هن سان چرچو مسخري به ڪري وٺندو هو. ڪيس چوندو هو، ''تو عوام کي

جيئڻ ٻيا تيئڻ مان ! اِهو نہ ڪم جي
محنت جو اُجورو آهي؟''

''اِهو اگر اُجورو آهي تہ پگهار ڇا
آهي ؟'' هن پڇيو هو.

''ڇا تون چاهين ٿو تہ اينتري محدود
پگهار ۾ گهر جي وڌندڙ جوابدارين وچ،
زندگي ڀر ڪنهن مزور جيان ڪشمڪش ڪندو
رهان ؟ زندگيءَ جا ڪي سپنا بہ هوندا
آهن....'' قيمت چيو هو.

''تہ پوءِ ڀرشٽاچار ڇا کي چئبو آهي
؟'' هن پڇيو هيس.

''خبر ناهي، هي تہ ڪم جو اُجورو ۽
محنت جو ڦل آهي، يار!'' قيمت چيو هو.

هو چپ ٿي ويو هو.

پر اُن بعد ٻنهي جي دلين ۾ الاجي
ڪهڙي وٿي اچي ويئي هئي. هاڻي هو
ملندا تہ هئا، پر ڄڻ رشتو نباهڻ خاطر. اڳ
جهڙي گرمائش نہ رهي هئي رشتي ۾.
ڏسندي ڏسندي قيمت وڏو ماڻهو ليکجڻ لڳو
هو. ڪوارٽر مان جاءِ ۽ بعد بنگلي جو مالڪ بڻيو
هو. شهر جي معزز شخصن ۾ سندس ڳڻپ
شروع ٿي هئي. پر پوءِ اچانڪ ڇا ٿيو هوس
جو هو سانده بيمار پوڻ لڳو هو. دل جي
آپريشن بہ ڪرائڻي پيئي هيس. ۽ بعد ۾
اچانڪ هو موڪلائي هليو ويو هو.

سندس موت جو ڄاڻي هن کي ڌڪو
رسيو هو. هو سندس گهر ويو هو. بيجان
دوست کي ڏسي هن جي دل ڀرجي آئي
هئي. ٻچپن کان بيجان گهڙيءَ تائين جون
يادگيريون سندس ذهن تي اُڀري آيون هيس.
سماج ۾ سمانتا چاهيندڙ ۽ ڀرشٽاچار خلاف
بغاوت اُٿارڻ جا انسنا لهندڙ جوان جو چهرو
هن جي اکين اڳيان تري آيو هو. هن بنگلي ۾
چوطرف نظر ڦيرائي هئي، سک سهنج جي هر
چيز ميسر ۽ موجود هئي. پر هڪ دوست!؟

هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هو.

ڊائريءَ جي مٿان پاڻيءَ جون ٻُوندون
پوندي وري هو ڇرڪي اُٿيو. هو يادگيرين
۾ اينترو تہ کوهجي ويو هو ۽ غم ۾
غلطان، جو هٿ ۾ رکيل ڊائريءَ مٿان
اکين جڏهن آب جي انجلي ڏني تہ،
ڇرڪي ڪري هو زمان حال ۾ واپس موٽي
آيو هو.

هن اِها جهوني ڊائري بند ڪري ڇڏي.

هن ٻي ڊائري کولي، اُن ۾ قيمت
جو نالو ڪيترو هيٺ ڀرو يا اندرين پنن
تي هليو ويو هو. پر پهريون نالو هو پاون جو!

پاون ! سندس سهڪرمي ويجهو
دوست. نوڪريءَ جي شروعات کان آفيس
جو سڀ کان نزديڪ جو ساٿي. سندس
مٺاج ڀري واڻي فضيلت ڀري هلت ۽
ڪشش پيدا ڪندڙ صورت ڪانسواءِ خاص
طور تہ ويچارن جي هڪ جهڙائيءَ ٻنهي
کي نزديڪ آندو هو. سڄو ڏينهن آفيس ۾
گڏ هئڻ سان گڏ ۽ هڪ ٻئي کي مددگار
ٿيڻ سان گڏ سندن گهرو رشتو بہ وڌندو
ويو هو.

هڪ ڏينهن جذباتي سڀاوَ جي پاون
لاءِ ڊاڪٽر ظاهر ڪيو هو تہ ڪيس ٽي.
بيءَ . جي مرض پڪڙي ورتو آهي. اُن
سبب هو پوٽو پوندو ٿو وڃي.

ڄاڻي ڪري هو بيحد پريشان ٿي
اُٿيو هو. پاون کي ڀاڪر پائيندي ۽ ڪيس
دلداري ڏيندي، هن چيو هو، '' ايشور بہ

اَڏرمي

ايشور ڀارتي

ٽرين جي جنرل ڪَمپارٽمينٽ ۾ مسافر سَٿيا پيا هئا. ڪاريڊار به ماڻهُن سان ڀريو پيو هو. ڪنهن مسافر ڪي جي ٽائليٽ جو خيال تي ٽيو، نه في الحال ته ڀيڙ پار ڪرڻ جي زحمت سبب خود کي روڪي پئي ويٺو. مسافرن جي ساهه ڇڏڻ جي ايڏي ته هٻ هئي جو پکن جي هوا دٻجي ويئي هئي.

دريءَ جي لڳو لڳ هو ويٺو هو. هُن جو سرير ڀاري ڀرڪم هو ۽ پيٽ ڪافي ٻاهر نڪتل هوس. ٿُلهي متاڙي هئڻ ڪري هو ٻن ڄڻن جي جڳهه روڪي ويٺو هو. سامان به گهڻو کنيو هئائين. هڪ وڏو سوٽڪيس، بيڊ ڪوَرُ، به وڏا ٿيلها ۽ هڪ وڏو ٽِفِن.

ڪاريڊار ۾ بيٺل مسافرن ڏانهن هُن حقارت سان نهاريو. هوا ئي بند ڪري ڇڏي اَٿن! هُن اندر ۾ ڀڻڪيو، ٻيءَ ٽرين ۾ چڙهن ها. هُن ڀنڪي ڏانهن شُوڪي نِهاريو ۽ تازي هوا کائڻ لاءِ ڪنڌُ دريءَ مان ٻورو ٻاهر ڪڍيو. ٽرين هڪ ڳوٺ وٽان لنگهي رهي هئي. پريان هڪ مندر جو ڪلشُ ڏسي هُن هٿ جوڙي، ڪنڌ جهُڪائي، ڪُجهه ٻڙٻڙايو.

ڀيڙ جي باوجود ڪمپارٽمينٽ ۾ ڦيري وارا گهورڙيا پرگهٽ ٿي ويا. خاص فن سان ماڻهن مان رستو ناهيندا هوُ پنهنجين پنهنجين چيزن جا هوڪا ڏيئي رهيا هئا:


- چانهه، گرم چانهه
- ڀيل پوُري، چٽپٽي ڀيل پوُري
- ڪاري سينگ، ڪاري سينگ
- ڪيلا، ملائي ڪيلا
- سئنڊوِچ، ويجيٽيبل سئنڊوِچ
- پاٽي، ٿڌو پاٽي

ڦڙتيءَ سان هوُ ڌنڌو ڪري رهيا هئا. هڪ ١٢-١٣ سالن جو ڇوڪرو، جنهن کي ڇتين لڱل ۽ ميري ڇڊي خميص پيل هئي، هٿ ۾ ٿيلهي جهلي مسافرن کي مخاطب ٿي رهيو هو:

- پالش، صاب پالش، سيٺ پالش.

هِڪَ مُسافِرَ ڇوڪري کي سڏي ڇيو - گهڻو ٿو وٺين چمپل پالِش جو؟

- پنجاهه پئسا، صاب.
- سُٺي ڪجانءِ.
- هڪدم فرسٽ ڪلاس، صاب.



نالو	:	ايشوَر ڀارَتي
جنم	:	ٽَنڊو آدم، ضلع نواب شاهه، سِنڌ. تاريخ: ١٧-٧-١٩٤٢
ڇپايل ڪتاب	:	ديوارون، پهاڙ، زهر، دشمن، گردِش، خَوشيرامَ جي ڳولها ۾؛ باڊِ (هِنديءَ مو ڪهاڻيون)
انعام	:	راجستان سِنڌي اَڪادميءَ طرفان به اِنعام، گجرات سِنڌي اَڪادميءَ جو هِڪُ اِنعام؛ هيمون رِسورس وٽان هِڪُ اِنعام.
پيشو	:	خانگي ڌنڌو
پتو	:	ديونس بيوٽي، اِليڪٽريسِٽي هائوس جي سامهون، رِليف روڊ، اَحمدآباد-٣٨٠٠٠١

جهانج ۾ نازيون وجائيندڙ ٻٽائي ڇڏيو آهي، يائي !''

هن کي اِئين بہ محسوس ٿيندو هو تہ، جيئن پوءِ تيئن پاون پاڻ کي ڳراٽ وڏيرو شخص سمجهڻ لڳو هو. هُو جيترو اهم جي ناشتيءَ لاءِ اُپديش ڏيندو هو، شايد اوتري انداز ۾ هن جو اهم بہ اونچو ٿيندو رهيو هو.

هڪ دفعي هي پاڻ غلطيءَ سبب ڪنهن گوريءَ جو وڏيڪ ڊوز وٺي ڪري، نازڪ حالت ۾ پهچي ويو هو. اوچتو اسپتال داخل ٿيڻو پيو هيس. ڊڪٽرن ٻي. پي. نات رڪارڊيبل جو اعلان ڪندي سندس عزيزن کي چتائي ڇڏيو هو. بعد ڊاڪٽرن جي ٿي سرجوشيءَ سبب هو نارمل حالت ۾ پهتو هو. هوش ۾ اچڻ بعد هن پنهنجي ارد گرد عزيزن جي ڀيڙ جمع ٿيل ڏٺي هئي. ڪي هفتا اسپتال ۽ بعد ۾ مهنا گهر رهڻو پيو هيس. اُن دوران جي اچ وڃ ۾ هن کي ڪڏهن بہ پاون جو درشن نصيب نہ ٿيو هو.

اُن کان اڳ هن ڪيترا ئي دفعا، بدليل جيون بعد، پاون کي گهر اچڻ جي نينڊ ڏني هئي. هر دفع هن جو جواب هوندو هو تہ، ''اڳ ايندو هوس هاڻي وقت ئي نٿو ملي. اٺ ئي پهر ايشور جي نزديڪ رهندو آهيان، سنساري جهنجهٽن کان دور!''

هڪ دفع هو گهر کان ٻاهر نڪري رستي تي آيو تہ ڏسي، پاون اچي رهيو آهي. هو خوش ٿي ويو. سمجهيائين گهر اچي رهيو آهي. آجيان ڪندي هن گهر هلڻ لاءِ چيس. پاون چيو،'' تنهنجي گنڀير حالت جو ٻڌو هو، پر مونکي وقت ئي ڪٿي آهي ؟ ڪيڏانهن بہ نہ ويندو آهيان.''

''پر تون هيستائين تہ آيو آهين، مون سمجهيو....'' هن چيو هو.

''نہ مونکي ضروري ڪم سان نڪرڻو پيو آهي. پرسان هتي منهنجي ڀڳتياڻي رهندي آهي. ڪنهن پريشانيءَ ۾ آهي، سندس دل رکڻ لاءِ ٻہ منٽ ٿي اچڻو آهي. تون ايندو ڪر نہ! چڱو، مونکي تڪڙ آهي...!'' پاون چيو هو.

هن کي ياد ڪونهي تہ هُو اِن بعد پاون وٽ ويو هو يا نہ!

هن خاني مان ٽين ڊائري ڪڍي. پر اُن سان گڏ، سندس من ۾ هڪ احساس اُڀري آيو. هِن ڊائريءَ ۾ بہ اڳلي ڊائريءَ جو پهريون نالو پهرين نمبر تي نہ هوندو. ضرور ڪنهن ٻئي زشتي ناتي جو نالو مٿي اُڀري آيو هوندو ۽ اڳلو نالو، ڪنهن اِندرئين پني تي هٽي ويو هوندو. يادگيرين جي گهمساڻ، سندس من ۾ خلل پيدا ڪري ڇڏيو. ڪيس لڳو، سڌي ليڪ جيان جي سندس زندگي شايد بيسوُد ۽ بي سواد رهي آهي. هڪ ڏُريءَ جيان هوُ، هڪ هنڌ بيجان ۽ اُڀو ٽنگيو رهيو آهي. رشتا ناتا ڪڏهن قريب ڪڏهن دور، ايندا ويندا رهيا آهن. پرٿويءَ جا هي پاڇولا پرٿويءَ سان گهمندي، ڪڏهن اونداهي طرف وڃي الوپ بہ ٿي ويا آهن.

ڪيس لڳو نئين سِر نئين ڊائري کولڻ بي مطلب آهي!

جهونين ڊائرين سان گڏ، هن، نئين ڊائري بہ خاني جي اندر اُڇلائي ڇڏي، ڪوري جا ڪوري!!

❖❖❖❖

وينو ۽ ڇوڪري تي ڪڙي نظر رکڻ لڳو. ڇوڪرو سليپرَ کي پالش مٿان پالِش پياري رهيو هو، ليڪِن شڪَلُ نوٽ ڇمڙو اُها چَمڪَ نہ آڻي رهيو هو، جيڪا ڇوڪري چاهي ٿي. ڇوڪرو سليپرَ کي تيز تيز برش سان چمڪائڻ لڳو.

- اڙي، ڇوڙا! رُڳو پيو برش رهڙين. پالش لڳاءِ، پالِش.

ڇوڪري هنجي ڪڙڪ آواز کان گهبرائجي سليپرَ تي پالِش لڳائي.

- هيءَ پالِش ٿو لڳائين؟ صفا ٿِرَ جيتري! ٻي بہ لڳاءِ.

ڇوڪري ٻي بہ بالِش لڳائي ۽ سليپر پالِش ڪرڻ جو گويا مٿِسِ جنون سوار ٿي ويو. پالِش ۽ برشُ، برشُ ۽ پالِش، پالِش ۽ برش ...

بس، بس، ڇورا! جِنُ تہ نہ سَوار ٿيو اَٿيئي؟ هڪَ مُسافر، جنهن بوٽُ پالِش ڪرايو هو، سليپر جي ڪايا ڪَلپ ڏسي چيو.

مُسافر جي آواز تي ڇوڪري ٿمجي سليپَرُ ڏٺو ۽ خود ئي ڪِڻَ لاءِ حيرت ۾ پئجي ويو. سليپَرُ تِجلا ڏيئيِ رهيو هو، ڄڻِ نئون نڪورو هجي.

- ڪٿو، سيٺ. ڇوڪري ساڻي لهجي ۾ چيو.

هُنَ سليپَرَ تي تنقيدي نظر اُڇلي، ليڪِن مِين-ميک جهڙو بہ ڪُجهہ نہ ڏِسِي، کِيسي مان هڪ پُراڻو سُراڻو نوٽُ ڪڍي ڇوڪري کي ڏنائين. هاڻِ ڇهَ مهينا ڪنُ نئون سليپَرُ نہ وِنِڻو پَوَندو، هُنَ سوچيو.

ڇوڪري نوٽُ کيسي ۾ وِڌو ۽ پالش جي دٻي ۽ برشُ ٿيلهي ۾ وِڌائين. ٻين مُسافرن کان پالش جو پُڇڻُ هُنَ کان ڄڻِ وسري ويو. فرش تان اُٿيو تہ مٿي ڦِرَڻَ سبب ڪريو تہ هُنَ ٿيلهو ڏيئي ڇَٻُسِ - اَڙي، ڇوڙا! سنيالي هلُ، مٿان پيو ڪِرين.

ڇوڪري پاڻ سنڀاليو.

- هيءَ چمپلُ پالِش ڪر. هڪ مُسافر ڇوڪري کي چيو. ليڪِن ڇوڪري ڪُجهہ ٻُڌو ئي ڪونہ.

مُسافِرَ ڇوڪري کي ٻانهن کان ڌونڌاڙي چيو - ٻوڙو آهين ڇا؟ چمپل پالِش نہ ڪرڻي اَٿيئي؟

- ها صاب، ڪرڻي آهي. ڇوڪرو گويا غشيءَ مان سُجاڳُ ٿيو.

ٽرين هِڪَ اِسٽيشن تي بيٺي تہ ٿيلهي مان لوٽو ڪڍيَ هُن پاڻيءَ واري کي سڏيو. اِهو اِسٽيشن جو موبائل پيائو هو. پاڻيءَ واري اچڻ ۾ ٿوري دير ڪئي تہ هو زور زور سان رڙين مٿان رڙيون ڪرڻ لڳو. هُن لوٽو ڀرائي سيٽ تي رکيو.

ڇوڪرو چمپل پالش ڪري ڪمپارٽمينٽ جي ٻئي خاني ڏانهن هلي ويو. ٽرين هلي تہ هُن پنجن پُرن وارو وڏو ٽفن کوليو. ڊزن کن پوريون، چانور، ٻہ ٽي سبزيون، آچار ۽ مٺائي وغيره هو. لوٽي مان هٿ تي پاڻي لاهي هُن پٽ تي ڇٽڪايو. فرش تي گپ جهڙو ڪجهہ ٿي پيو. مسافرن تنهن هوندي هُن ڏانهن عزت جي ڀاوَ سان نهاريو. لوٽو سيٽ تي رکي ڌوتيءَ سان هٿ اُگهي روٽيءَ کي هٿ جوڙي، هُن کائڻ شروع ڪيو. روٽي کائي، دريءَ مان گرڙي ڪري، پاڻي پي، هُن ٽفن بند ڪيو. هُن ڊِوَ جون چار پنج اوڳرايون ڏنيون.

هاڻي ٽرين هڪ پُل تان هلي رهي هئي. پُل تان هلڻ سبب ٽرين جو آواز بدلجي ڀاري ٿي ويو. هُن دريءَ مان ٻاهر نهاريو. هيٺ نديءَ جو جل هو. هُن کيسي مان ڪجهہ سڪا ڪڍي نديءَ ۾ اُڇلايا ۽ ڪنڌ جهوڪائي هٿ جوڙيائين.

❖❖❖❖

چوڪري ٿيليءَ مان پالش جي دٻي ۽ بُرُش ڪڍيو. چمپل کي بُرُش سان ڇپرين صاف ڪيائين ۽ دٻيءَ مان پالش ڪڍي، چمپل تي لڳائي، برش سان چمپل چمڪائڻ لڳو. چمپل پالش ڪرڻ ۾ هوُ ايترو تہ محو ٿي ويو گويا چمپل ڪنهن ڪامپيٽيشن لاءِ رکٽي هئَس. چمپل پالش ٿي چڪي تہ هن جي چهري تي هڪ رچناڪار جهڙي خوشي اُڀري آئي.

- صاب، ڏسو چمپل. چوڪري فخر سان چيو.

- واهہ! چمپل تہ بلڪل نئين ڪري ڇڏي اٿيئي، منهنجي بہ چمپل پالش ڪر. لڳو لڳ ويٺل مُسافرَ چيو.

چوڪري ۵۰ پئسا وٺي ڪيسي ۾ وڌا ۽ هڪ ٻي چمپل پالش ڪرڻ لڳو - ساڳئي نموني، ساڳي لگن سان. چوڪري پالش ڪري هڪ ڪلاڪار وانگر جاچي ۽ جڏهن تسلي ٿيس تہ اُها پٽَ تي رکي پئسا ورتائين. اُنهن ٻن پالش ٿيل چمڪندڙ چمپلن جي اڳيان، پرسان ويٺل مُسافرن کي پنهنجا بوٽَ ۽ چمپلون ميريون سيريون لڳيون. هڪ مسافر چوڪري کي چيو - بوٽ پالش جو گهڻو؟

- هڪُ رُپيو، صاب.

مسافر بوٽُ لاٿو.

دريءَ مان منهن ڪڍي آس پاس سَرسَري نظر گهمائي. پرسان ئي هڪ سنهڙي سيپڪڙي ۽ ميري گندي چوڪري کي بوٽ پالش ۾ مشغول ڏٺائين. آلاجي گهڻن ڏينهن کان سنانُ ئي ڪونہ ڪيو هوندائين، هُنَ سوچيو. آرامَ سان ويهڻ لاءِ هوُ پيرن ۾ پيَلُ سليپر لاهي پَلٽي ماري ويٺو. لڳو لڳ مُسافر کي سوڙهہ ٿي تہ هن ڏانهنس ڌيانُ ئي ڪونہ ڏنو ۽ اَکيون پوري ڪنهن منتر جو جاپُ ڪرڻ لڳو. هُن جي سامهون سيٽ تي ويٺل مُسافِرن هن ڏانهن عزت جي ڀاوَ سان نِهاريو.

چوڪري بوٽ پالش ڪري لاٿو تہ مُسافر کيس روپئي جو سِڪو ڏنو. چوڪري سِڪو کيسي ۾ وجهي ٻين مسافرن کي پالش ڪرائڻ لاءِ مخاطِب ڪيو. چوڪري جي لاڳيتي آواز تي هُنَ اَکيون کوليون. سامهون سيٽ تي ويٺل مسافرن جا چمڪندڙ جوُتا ڏسي هن پنهنجي سليپَرَ ڏانهن نظر گهمائي ۽ آزخود هُن جي منهن مان نِڪتو - هِنَ سليپَرَ جي پالش جو گهڻو وٺندين؟

چوڪري سليپَرُ ڏِٺو تہ عجب ۾ پئجي ويو ۽ تيرَسَ وچان هُن ڏانهن نِهاريائين. سليپَرَ کي شايد پالش جو ڇُهاءُ ڪڏهن بہ نصيب ڪونہ ٿيو هو. بنجر زمين جيان سيرون پئجي ويئون هئس ۽ بدرنگُ بہ ٿي ويو هو.

چوڪري کي سليپَرَ ڏانهن گهوُريندو ڏسي هن چيو - ڇو، ڙي! واتُ ڇو ڦاٽي ويو اٿيئي؟

- سيٺ، هِنَ جي پالش جا ٻہ روپيا لڳندا.

- ڇا! ٻہ روپيا! مغزُ خراب تہ نہ ٿيو اٿيئي؟

- سيٺ، هِنَ تي تمام گهڻي پالش لڳندي ۽ محنت بہ ڏاڍي ٿيندي.

- اڙي، ڇوڙا! مونکي ٿو ڏنڊو سمجهائين؟ نِرڪائو پالش جي دٻي کنئي اَٿيئي ۽ آڪڙ پيو ڏيکارين.

- سيٺ، هيءَ سُٺي پالش آهي. چڱو ڀلا، ڏيڍ روپيو ڏِجو.

- نہ نہ، روپيو ئي مِلندُءِ، روپيو بہ گهڻو اَٿيئي.

- سيٺ، ڀلا سَوا روپيو ڏجو.

- مغزُ نہ چَٽِ، روپيو ئي مِلندُءِ.

- چڱو، سيٺ.

چوڪرو سليپَرُ پالش ڪرڻَ ۾ جُنبي ويو. هوُ ڪڙو ٿي

شويا پنهنجي سالگره تي پنهنجي ڪاليج جي ساٿين کي نينڊ ڏني تہ ڪويتا هن کان پڇيو انيل ايندو چا؟ شويا معنيٰ خيز نظرن سان ڪويتا کي چيو توهين انيل جي ڳالهہ ڇڏي ڏيو، توهان اگر ڪنهن کي نينڊ ڏيڻ چاهيو ٿا تہ ٻڌايو ؟ ضرور نينڊ ڏينديس. ڪويتا شرمائيندي چيو ،نہ نہ مونکي ڪنهن کي انوائيٽ نہ ڪرڻو آهي. شويا شرارتي انداز ۾ چيو، ديدي صاف صاف چو نہ ٿا چئو تہ ڪئلاش کي ضرور سڏج. اوهين فڪر نہ ڪريو مون اڳ ۾ ئي ڪيس نينڊ ڏني آهي. هاڻي تہ خوش آهين نہ ؟

ڪويتا شرم ٻوٽيءَ جيان نيڻ جهوڪائي ڇڏيا.

ڪويتا گهر کي خوب سجايو لذيذ طعام تيار ڪيا. شويا کلي چيو ديدي توهان تہ ايڏيون تياريون ڪيون آهن ڄڻ منهنجي سالگره نہ بلڪ شادي خانا آبادي جو جشن آهي. اڄ تہ رنڌڻي جي پچر ڇڏيو. شام جو سالگيره واري پارٽيءَ ۾ جڏهن انيل سان گڏ ڪئلاش کي ڏٺو تہ ڪويتا جا نيڻ ٺري پيا. شويا انيل جو پنهنجي پيءُ سان تعارف ڪرائيندي چيو ڊئڊي انيل جو اِمپورٽ ايڪسپورٽ جو بزنيس آهي ۽ هنن جي ڊئڊيءَ جون وڏيون اِنڊسٽريز آهن. شويا جي پيءُ کي پنهنجي ڌيءَ تي فخر ٿيڻ لڳو تہ ايڏي وڏي ماڻهوءَ سان سندس واقفيت آهي. انيل ڪئلاش جو تعارف ڪرايو. پر شويا جي پيءُ ان کي نظر انداز ئي ڪري ڇڏيو. شويا کي پنهنجي پيءُ جي وهنوار تي افسوس ٿيو. جڏهن انيل کي محفل ۾ ڪو گيت پيش ڪرڻ جي فرمائش ڪئي ويئي تہ هن چيو مونکي ڳائڻ ڪونہ ايندو آهي. باقي ڪئلاش تمام سنو ڳائيندو آهي. ڪئلاش جي غزل پيش ڪرڻ تي شويا داد ڏيندي پنهنجي پيءُ کي چيو ڊيڊي ڪئلاش جو آواز سنو آهي نہ ؟

گهنشام طنزايہ انداز ۾ چيو ها محمد رفي آهي. انڪري هن پڙهڻ ۾ ڪو ٻوڻو نہ ٻاريو آهي.

ڪويتا کي پيءُ جا لفظ تير وانگر چڀي ويا. دل ۾ سوچڻ لڳي دادا هن لاءِ اهڙا لفظ ڇو ٿو ڳالهائي، هو غريب آهي انڪري.

انيل ڪئلاش کي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ڪجهہ پئسا پنهنجي پيءُ کان وٺي ڏنا. ڪويتا جي گهر کان ٿورو پَرڀرو سندس دڪان هو. هوءَ لنگهندي پائيندي ڪئلاش سان پنهنجي دل جو حال اوريندي هئي. هو بہ پنهنجي ننڍپڻ جون ڳالهيون ۽ زندگيءَ تي وقت جي مار جو ذڪر ڪندو هو. ڪويتا جي دل چاهيندي هئي تہ هوُ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هن سان روز ملي. هو جڏهن بہ سندس گهر ايندو هو تہ هن جو پيءُ گهنشام ٽوڪ مخول ڪندو هو. ٻئي طرف انيل جي اچڻ تي خوشيءَ ۾ ڪٿو نہ سمائيندو هو. هوُ چاهيندو هو تہ سندس ڌيءَ جي شادي هن سان ٿئي تہ هو ٽري هٿي وچي تخت تي وهندي. هوڏانهن ڪئلاش وڏن جو ادب ڪرڻ وارو محنتي نوجوان هو. هن پنهنجي جذبن کان ڪيترا دفعا ڪويتا کي واقف ڪرڻ چاهيو پر سندس زبان ساٿ نہ ڏيندي هئي. ٻنهي جي دل ۾ هڪ ٻئي لاءِ بي اِنتها پيار هو. ڪويتا پنهنجي پيءُ اڳيان دل جي ڳالهہ ڪرڻ جي جرئت نہ پئي ڪري سگهي. وقت گذرڻ لڳو. ٻنهي ڪاليج جي پڙهائي پوري ڪري ورتي. گهنشام پنهنجي ڌيءَ جو رشتو انيل سان ڪرڻ لاءِ اُتاولو

پنهنجا پرائوا

وينا شرنگي

ڪويتا جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي ئي گذاري ويا هئا. ڪويتا کي ڀاءُ ڀاڄائيءَ پاليو. سندس عمر ۽ ڀاءُ گهنشام ۾ پندرهن سالن کان مٿي جو فرقُ هو. گهنشام کي ڌيءَ ڄائي جنهن جو نالو شوڀا رکيو. ڪويتا ۽ شوڀا ۾ عمر جو فرق هو پر ٻنهي قدبُت جي لحاظ کان هڪ جيتريون ٿي لڳنديون هيون. ڪويتا فهميدي ۽ شوڀا شوخ ۽ چنچل. ڪويتا سهڻي سنجيده ۽ شوڀا ناز-نخري واري. شوڀا جو پڙهڻ ۽ لکڻ طرف ڌيان گهٽ ۽ ڪائڻ پيئڻ جو شونقُ وڌيڪ. ڪويتا کي پڙهڻ-لکڻ جو بيحد شونق پر قسمت هن سان بي وفائي ڪئي. ماءُ پيءُ جي گذاري وڃڻ ڪري هن جي پڙهائي اَڌ ۾ رهجي ويئي. گهر جي ڪم ڪار جو بوجهه سندس نازڪ ڪُلهن تي اَچي پيو. شوڀا جڏهن ڪاليج کان ايندي هئي ته هوءَ ان کان ڪتاب وٺي پڙهندي هئي. هن پنهنجي ڀاءُ گهنشام کي ميڙون-منٿون ڪيون ته ڪيس پرائيويٽ طور اِمتحان ڏيڻ جي اجازت ڏئي. پهرين ته هن ڪافي آناڪاني ڪئي پر پوءِ ميڙن منٿن ڪري نيٺ هن ها ڪئي. ڪويتا ۽ شوڀا ڪڏهن به هڪ ٻئي سان حسد نه ڪيو. هڪ ڏهاڙي شوڀا ڪاليج جي شاگردن سان پڪنڪ تي وڃي رهي هئي. هن ڪويتا کي به هلڻ لاءِ چيو پر گهنشام هن کي منع ڪري ڇڏي. جڏهن شوڀا کي خبر پئي ته هن پنهنجي پيءُ جي اڳيان ضد ڪرڻ شروع ڪيو. مجبور هن کي پنهنجي لاڏلي ڌيءَ اڳيان جهُڪڻو پيو.

پڪنڪ تي شوڀا سندس سڃاڻپ پنهنجي هم ڪلاسي انيل ۽ ان جي ٻئي دوست ڪئلاش سان ڪرائي. ڪئلاش جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي ئي گذاري ويا هئا. سندس ڪچن ڪلهن تي پيءُ جي بزنيس جو بوجهه پئجي ويو. جنهن ڪري هو پنهنجي پڙهائي جاري نه ڪري سگهيو ۽ سندس دوست انيل مالدار پيءُ جو سڪي لڏو پٽ هو.

خير سان امتحانن جا نتيجا نڪتا. شوڀا رواجي نمبرن سان پاس ٿي ته ڪويتا سُٺي نمبرن سان. ڪويتا خوشيءَ خوشيءَ وچان جڏهن ڀاءُ کي ٻڌايو ته هن منهن ڦيري ڇڏيو. ٻنهي جي پڙهائي جاري رهي.



نالو : وينا شرنگي

جنم : لاڙڪاڻو، سِنڌ ١٦ فيبروري ١٩٤١

ڇپايل ڪتاب : سنڌ جون يادگيريون؛ ڪيئَن وساريان ويڙيهچن؛ سِنڌ جا سفرناما؛ پکا پنهوارَ؛ ڏِٺي مون ڏينهن ٿيا؛ واسنا جا واسينگَ؛ ڪچا ن ته ڪافر؛ اَجنتا جي مورت؛ ٻيا مختلف

انعام : هِنڌي ڊائريڪٽوريٽ دهلي؛ نئين دنيا پبليڪيشن؛ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي گولڊ ميڊل؛ رامبخشاڻي فائونڊيشن؛ آل اِنڊيا ڪلچر سون دکي جئپور طرفان.

پيشو : سينئر پروڊيوسر، پرڏيهي نشريات آل اِنڊيا ريڊيو

پتو : ٠، اِن.درَ پري، نئين دهلي-١١٠٠١٢

سنڌوءَ کان شپرا جو سفر

جهمون چڳاڻي

ڪلياڻ ڪئمپ وارا اُلهاس نگر کي سنڌو نگر بڻائڻ لاءِ گذريل پنجاهه سالن کان پاڙي وِلوڙي رهيا آهن پر اجا تائين کو ڪڙُ-تيلُ ته ڪونه نڪتو آهي. هيڏانهن بئراڳڙه وارن به سوچيو ته ڪئمپ جو نالو بدلي سنت هردارام نگر ڪريون ۽ هنن اِهو ڪم پارت جي وڏان جي داعري ۾ ڪيو. شهر جي نگرنگم جي ميئر طرفان نالي بدلائڻ جو پرستاو پاس ڪرائي راجيه سرڪار معرفت مرڪزي سرڪار کي موڪليائون. پر لڳي ٿو سنڌي جو آهي اللهُ واهي. مدراس جو نالو ’چينئي‘ ۽ بمبئيءِ جو نالو ’مَمبئي‘ ته ٿيو آهي پر بئراڳڙه وارا اجا به بئراڳين وانگر پيا واجهائين.

ويجهڙ ۾ جو وري سنڌين کي چاڻ ملي ته سنڌو نديءَ جو اُدگم اِستل ته ڪئلاش مانسروور آهي ۽ اُتان ئي سنڌو نديِ وهندي جمون ڪشمير جي ليهه ۽ لداخ کان ٿيندي پوءِ سِنڌ (هاڻي جنهنکي پاڪستان ٿا چون) ۾ چيهُ ٿيِ ڪري ته موتيِرام کي به ڪُڏ ڪنيو ته جڏهن گنگا، گوداوري، ڪاويري ۽ جهيلم ندين جي نالن پٺيان ريل گاڏيون هلن ٿيون، ۽ جيڪڏهن راشٽر-گان ۾ سنڌ جوذڪر آهي، ته پوءِ ”سنڌو ايڪسپريس“ چو نه هجي.

موتيرام آهي ته جل ڦٽاڪو، سو هن به ڪئمپ ۾ ”ريلوي سُوِڌا سنگهرش سَمِتيِ“ برپا ڪري گهڙَ ڪئي ته هِڪ ته مدراس کان جئپور جيڪا ايڪسپريس ريلگاڏيِ ٿيِ هلي اُها بئراڳڙه ۾ به بيهي، ڇو جو سِنڌين جا سوين رِشتيدار جئپور ۽ وچ وارين اسٽيشنين تي رهن ٿا ۽ ٻيو ته انهيِءَ ايڪسپريس گاڏيءَ جو نالو به رکيو وڃي ”سنڌو ايڪسپريس“

موتيِرامَ جي وريِ مساڻيِ ٻاون سان ڳ هٽيِ دوستيِ هئي ۽ هڪ مساڻيءَ کيس صلاح ڏنيِ ته جيئن ته توهانجو مسئلو سِنڌوءَ جهڙيِ پوِتر نديِءَ سان جڙيل آهي تنهنڪري جيڪڏهن ويجهيِ ڪا پوِتر نديِ هجي ۽ اُنهيِءَ ۾ توهان سنان ڪندا ته توهانجو ڪارج سِڌ ٿيندو.

هاڻي موتيِرام طئہِ ڪيو ته وڃبو ته اُجين ڇو جو اُتي شِپرا جهڙيِ پوِتر ندي



نالو	:	جهمون چُڳاڻي
جنم	:	حيدراباد سِنڌ ۵-۹-۱۹۴۰
ڇپايل ڪتاب	:	مهامَتي پراڻ ناٿ جي واڻي (ٻه ڀاڱا)؛ هِڪُ ٻيو وِرهاڱو
انعام	:	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان (مهامَتي پراڻ ناٿ تي) سنڌي اَڪادمي دهلي طرفان (ساهت اِنعام ۱۵۰۰۰ رُپيه)
پيشو	:	ريجنل اِنسٽيٽيوٽ آف ايڊيوُڪيشن، ڀوپال (مڌيه پرديش)
پتو	:	G-1 Ram Laxman Niwas, Baira Garh, Bhopal-462030

هوءَ ڪويتا کي ڪٿي نہ ڪٿي انڪائڻ جو فڪر. پر ڪويتا تہ اڳ ۾ ئي پنهنجي سُپنن جي سوداگر کي دل ڏيئي چڪي هئي. هن اڻ سڌيءَ طرح شويا سان اِظهار ڪيو تہ ڪئلاش فهميدو آهي ادب وارو آهي. شويا کي ڪويتا جي دل جي ڳالهہ سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي. هن چيو ديدي تون فڪر نہ ڪر مان موقعو ڏسي ڊيڊيءَ سان ضرور ڳالهہ ڪندس.

هڪ ڏهاڙي پنهنجي پيءُ کي موڊ ۾ ڏسي شويا چيو ڊيڊي ڪئلاش سٺو ڇوڪرو آهي نہ ؟ سندس پيءُ چيو ها ڏاڍو قابل آهي تڏهن تہ انيل جي پيءُ جي پيسن تي پيو ڏنڊوڇمائي. ڪويتا جيڪا پردي جي پٺيان بيٺي هئي تنهن جڏهن پنهنجي پاءُ جا لفظ ٻڌا تہ هن جي دل ٽٽي پيئي. پنهنجي پيءُ جو موڊ ڏسي شويا کي وڌيڪ ڳالهائڻ جي جريت ئي ڪانہ ٿي.

هڪ ڏينهن جڏهن شويا پنهنجي پيءُ کي ڪنهن سوچ ۾ غلطان ڏٺو تہ چيو، ڊيڊي ڇا پيا سوچيو. چيائون تنهنجي آئيندي جي باري ۾. اِن وچ ۾ ڪئلاش اچي نڪتو جا ڳالهہ هن کي نہ وڻي. هو بنا سبب پڙڪي اُٿيو. ڪئلاش کي چيائين مهرباني ڪري مهلو ڪمهلو اسان وٽ اچي اسان کي ڊسٽرب نہ ڪندو ڪر.

ڪئلاش کي هن جي ان طرح جي وهنوار تي نہ صرف عجب لڳو پر بيحد افسوس ٿيو. ڪئلاش جي وڃڻ کان پوءِ ڪويتا زار زار رنو. هن پنهنجي قسمت تي ملال ڪيو.

هڪ ڏينهن هوءَ گهران لڪ چوريءَ ڪئلاش سان ملڻ ويئي. ڪئلاش چيو مان تنهنجي جذبن کان واقف آهيان. مان توکي اهڙي ڪا صلاح نہ ڏيندس جنهن سان تنهنجي پاءُ جو ڪنڌ جهُڪي، دنياداريءَ ۽ سماج کي ڏسڻو آهي. هو مايوس ٿي واپس هلي ويئي. ٻئي طرف گهنشام جڏهن شويا جي رشتي جي انيل سان ڳالهہ ڪئي تہ هن چيو توهان کي غلط فهمي ٿي آهي. شويا منهنجي دوستِ آهي. رشتي جي لحاظ کان اسان جي خاندانن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. گهنشام جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. هو جڏهن گهر واپس وريو تہ شويا روئي رهي هئي. هن ڏڪندڙ هٿن سان ڪويتا جو خط پيءُ کي ڏنو. هن خط پڙهڻ شروع ڪيو.

پيارا پاءُ

اڄ ڏينهن تائين مون پيءُ ۽ ماءُ جي ڪمي محسوس نہ ڪئي هئي. مون اوهان کان ڪڏهن بہ ڪجهہ ڪين گهريو. اڄ مان اِئين محسوس ڪري رهي آهيان تہ جن جا ماءُ پيءُ نہ هوندا آهن سي بدنصيب ۽ بدبخت هونديون آهن. جن مان، مان بہ هڪ آهيان، يتيم لاوارث، پيار کان محروم. توهان هميشہ مون ۾ ۽ شويا ۾ فرق ڪيو، جڏهن ڪِ شويا مونکي پنهنجي جان کان بہ پياري ۽ مان شويا لاءِ سڀ ڪجهہ هيَس. ڪئلاش جي شرافت غربت ڪري شڪست کاڌي. هن لاءِ اوهان جي دل ۾ هميشہ نفرت رهي. منهنجي زندگي ڪئلاش کان سواءِ اڌوري آهي. جيستائين اوهان کي هيءُ خط ملندو تيستائين مان پنهنجي اما بابا وٽ پهچي چڪي هوندس. توهان لاءِ پئسو ئي سڀ ڪجهہ آهي. مون سوچيو هو تہ پنهنجا تہ پنهنجا ئي هوندا آهن. مونکي خبر ڪانہ هئي، پنهنجا بہ پَراوا ٿيندا آهن.

توهانجي ناسمجهہ ڌيءُ

ڪَويتا

ڪويتا جو خط پڙهي گهنشام جي اکين مان لُڙڪ لڙي آيا.

❖❖❖❖

موتيرام مليٽريءَ جي جوان کي چيو ته ڏس کھڙو نه عجيب زمانو اچي ويو آهي جو ڳُذريل هڪ ڪلاڪ کان اسين دروازي تي لٽڪيا پيا هلون پر هنن جي دل ۾ ديا نٿي اُپري ته دروازو کولي اسانکي اندر اچڻ ڏين. هاڻي مليٽريءَ جي جوان کي تاءُ آيو ۽ زور زور سان شيشي واري دريءَ کي ڌڪ هڻڻ لڳو. اينتري ۾ گاڏيءَ ۾ جنهن سيٽ تي هڪڙو ننڍڙو ٻالڪ ليٽيو پيو هئو تنهنجي اُٿڻ تي سندس ماءُ، جيڪا هڪ ڪنڊ کان ويٺي هئي اُها به پنهنجي ٻار کي ڪجهه ڪجهه چوڻ لڳي- لڳو پئي ته هوءَ سگريٽ ڇڪيندڙ جي پريوار مان هئي. ملٽريءَ جي جوان تنهن کي ڳالهائيندو ڏنو ته هن کان رهيو نه ويو ۽ هوُ وري دريءَ تي زور زور سان ڌڪ هڻڻ لڳو ۽ زور زور سان واڪا ڪرڻ لڳو، پر ٽرين جي تيز رفتار ۽ دريءَ جي بند هئڻ ڪري سندس واڪن جو ڪو اثر ڪونه ٿيو.

گاڏيءِ پنهنجي تيز رفتار هاڻي ڌيري ڌيري گهٽائڻ شروع ڪئي. ٻنهين کي هاڻي ساهه ۾ ساهه پيو ته شايد اڳئين اسٽيشن تي کي پل گاڏي بيهي ۽ هي هيٺ لهي به پل سامت جو ساهه پٽيندا- پر ائين نه ٿيو- شايد آئوٽر تي انهيءَ وچ ۾ سگنل هيٺ ٿيو هوندو ۽ گاڏي ڌيري ڌيري اڳتي وڌڻ لڳي ۽ ٿوريءَ دير ۾ وري رفتار پڪڙي هوا سان ڳالهيون ڪندي وڌڻ لڳي.

موتيرام مليٽريءَ جي جوان کي گاڏي جي اندر جيڪا هلچل ٿي رهي هئي اُنهيءَ بابت اِشاري سان ڏسڻ لاءِ چيو- ٻنهين ڏٺو ته اندر ويٺل مائي ڪنهن مهل پنهنجي ڳلي ۾ پيل سون جي زنجير کي پيئي ڏسي ته ڪنهن مهل وري پنهنجيءَ پيل ساڙهيءَ سان پيئي اُن کي ڏڪي ۽ جيڪو مسافر سگريٽ ڇڪي رهيو هئو اُنهيءَ سان سُس پُس ڪرڻ لڳي. ٿوريءَ دير کان پوءِ اُها عوِرت پنهنجيءَ سيٽ تان اُٿي ته ٻنهي کي لڳو ته شايد دروازو کولڻ لاءِ اُٿي آهي- اِنتظار ڪندا رهيا ۽ ڏهن کن منٽن کان پوءِ هوءَ وري اچي پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهي. شايد باٿروم ۾ ويئي هوندي.

ٿڌِ هاڻي برداشت کان ٻاهر ٿيڻ لڳي. موتيرام جي همت هينئر پست ٿيڻ لڳي. ڪمپارٽمينٽ ۾ مٿي ويٺل مسافر هينئر هيٺ لٿو، اِنهيءَ وچ ۾ هيٺئين مسافر به وڃين سيٽ کولي اُنهيءَ تي ٻار ۽ عوِرت کي ويهاريو ۽ مٿان لٿل مسافر دريءَ جا ٻئي تاڪ لڳائي ڇڏيا.

هاڻي اندريان اَندر ۽ ٻاهريان ٻاهر. گاڏيءَ کي لڳاتار هلندي ٻه ڪَلاڪَ کن ٿي ويا هئا. اَڃا به اَڌَ-مُني ڪَلاڪَ جو سَفرُ طئہ ڪرڻو هئو.

مِليٽريءَ جي جوانَ کي ياد آيو ته هنَ شولڊر بئگ ۾ دستانا به رکيا هئا. دروازي جي هئنڊل مان اَندران ئي هٿُ وجهي ٻئي هٿَ واريءَ ٻانهن جي کُلهي ۾ لٽڪيل شولڊر بئگ ۾ هٿُ وجهي ۽ اَندران ئي اَندران ٽٽوليندي هِڪُ دستانو ڪڍي ورتائين ۽ موتيرامِ طرف هٿُ وڌائيندي چيائين ته ”وَٺُ يارَ! هٿَ ۾ پاءِ ته ٻيو دستانو ڪڍي وٺان.“ موتيرام کي ٿڌِ ته ڏاڍي لڳي رهي هئي، پر وري به ٻاهريون ٻنو رکندي چيائين، ”نه يارَ، مان دستانا پايان ۽ تون ڏسندو رهين. اِهو ٺيڪ نه آهي.“ اينتريءَ دير ۾ مِلٽريءَ جي جوانَ شولڊر بئگ مان جيئَن ئي ٻيو دستانو ڪڍي موتيرام اَڳيان وَڌايو، ته سندس هٿَ مان کِسڪي ويو ۽ وڃين هيٺ فوٽ بورڊ تي ڪريو. مِلٽريءَ جي جوانَ ڪوشش ته گهڻي

آهي ۽ وچبو بہ اُنهيءَ مدراس جئپور ايڪسپريس ۾. پر جڏهن ڪان اِها ٽرين ڀوپال ڪان لنگهڻ لڳي هئي تہ اُجين ۽ ڪوٽا وارا ماڻهو بنا رِزرويشن جي هر ڪنهن سليپر ڪوچ ۾ چڙهي پوندا هئا ۽ اُجين اَدائي ڪن ڪلاڪن ۾ ايندي هئي- وهڻ لاءِ جڳهہ نہ بہ ملندي هين تہ ادائي ڪلاڪ گاڏيءَ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي گهمڻ ۾ ئي پورا ڪري ڇڏيندا هئا. هوڏانهن ڀوپال مان رزرويشن جي ڪوٽا هئي آٽرين تي ٽِڪڻ جيتري، تنهنڪري جن گاڏن ۾ ڀوپال جي ڪوٽا نہ هوندي هئي اُنهيءَ گاڏي وارا ڀوپال اسٽيشن اچڻ کان اڳوات ئي گاڏيءَ جا دروازا بند ڪري هيٺان متان بولٽ ڪري ۽ دريءَ واري پاسي جون ٻئي ڪڙڪيون تيستائين بند رکندا هئا جيستائين گاڏي پليٽفارم نہ ڇڏيندي هئي.

موتيرام تہ اڳيئي طئہ ڪيو هو تہ ويندس تہ مدراس جئپور ايڪسپريس ۾. ادائي ڪلاڪن ۾ اُجين پهچندس، رات جو سُنڌي ڌرمشالا ۾ رهندس ۽ صبوح جو سِج اُڀرڻ وقت شپرا نديءَ ۾ سنان ڪري پشپانجلي ارپت ڪندس. جهوليلعل سائيںءَ جي مهر ٿي تہ ايڪسپريس گاڏيءَ جو نالو ''سنڌوُ ايڪسپريس'' ضرور ٿيندو.

موتيرام آهي بدن ۾ ڀريل سو پنهنجيءَ متوالي چال سان جڏهن پليٽفارم تي پهتو تہ گاڏيءَ هلڻ جي سيٽي وڄائي. هيءَ سچڻ هِڪ گاڏي کان ٻئي گاڏي ڏانهن ڊُڪڻ لڳو، پر دروازا سيني گاڏن جا اندران بند. ايتري ۾ گاڏي ڌيري ڌيري هلڻ لڳي، هن بہ تڙ تڪڙ ۾ هڪ دروازي جي هئنڊل کي پڪڙي ورتو. هن کي فوٽ بورڊ تي بيٺل ڏسي هڪ ملٽري جوان بہ ساڳئي فوٽ بورڊ جي هئنڊل کي جهلي چڙهي پيو. خوشقسمتيءَ سان نڪو موتيرام کي ڪو سامان هيو ۽ نڪو ملٽريءَ جي رنگروٽ وٽِ ڪو سامان هئو. موتيرام کي اُجين لهڻو هو ۽ ملٽريءَ جي رنگروٽ کي ڪوٽا تائين وڃڻو هو.

تهہ سِياري جا ڏينهن هئا. هن سال ٿڌ بہ ٿڌ جهڙي هئي. ڀهرين پنج ڏهہ منٽ تہ ٻنهين کا چُرپُر ڪانہ ڪئي پر هڪ تہ ٿڌي هوا متان گاڏي وري پوري رفتار سان هلي رهي هئي. ملٽريءَ جو جوان پنهنجيءَ پوريءَ طاقت سان دروازي کي ڌڪ بہ هڻڻ شروع ڪيا ۽ زور زور سان واڪا ڪري گاڏيءَ ۾ اندر ويٺلن جو ڌيان بہ ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هيڏانهن دريون بند هئڻ جي ڪري گاڏيءَ جي اندر جا وهي واپري رهيو هئو تنهنجي خبر ئي نتي پيئي.

گاڏي هِڪ طرف هوا سان ڳالهيون ڪندي هلي رهي هئي تہ ٻئي طرف ٿڌِ بہ وڌي رهي هئي. موتيرام جو سڄو شرير هاڻي ٿڌ جي ڪري ڏڪي رهيو هو-

ايتري ۾ اندران گاڏي مان دريءَ جي ڪلڻ جو آواز ٿيو. سامهون ويٺل هڪ مسافر اُٿيو ۽ هڪ دري تہ کوليائين پر شيشي واري دري اڃا بند هئي، گاڏيءَ ۾ اندر اڃا لائيٽ ٻري رهي هئي. سامهون نظر ايندڙ مسافر پنهنجي ڪرتي جي هڪ پاسي واري کيسي مان ڀهرين سگريٽن جو پئڪيٽ ڪڍيو ۽ تنهن کان پوءِ وري لائيٽر ڪڍي سگريٽ دُکائي ۽ آرام سان سگريٽ مان وڏا وڏا سوُٽا هڻڻ لڳو ۽ دروازي جي فوٽ بورڊتي بيٺل ٻنهي مسافرن ڏانهن نهارڻ لڳو.

ٻيا ٻہ غم گهٽا- محبت جي غم کانسواءِ

ايشوري جوتواڻي

سريش اڄ ڏاڍو اُداس هو. کيتري وقت کان آفيس ۾، پنهنجي ڪرسيءَ تي گم سُم ويٺو رهيو. اِها ڳالهہ سندس ساٿين کان لڪل نہ رهي. ڇو تہ هو تمام سوشل سڀاءُ جو هو. آفيس ۾ ڪنهن کي موٽو ڏسندو هو تہ چرچو ڀوڳ ڪري نہ فقط اُن کي کلائيندو هو پر آفيس جي مايوس ماحول کي ئي بدلائي ڇڏيندو هو. سڀئي ننڍا وڏا ڪلارڪ مرد توڙي ڇوڪريون کيس چاهينديون هيون. هو هر ڪنهن جي مدد ڪندو هو. ڪا ڇوڪري ڪم ۾ ڍلي نظر ايندي هيس تہ کيس هٿ وجهائي ڪم پورو ڪرائي ڇڏيندو هو. پاڻ تہ ڪم جو جبرو ۽ تکڙو هوندو هو ۽ ان ڪري صاحب جو بہ فيوريٽ هوندو هو. کيس ملول ۽ موٽو ڏسي آفيس وارا بہ ڄڻ منجهي پيا. سُريش کي چانهہ سان دِل هوندي هئي. نہ صرف پاڻ پيئندو هو پر ٻين کي بہ دِل کولي پيئاريندو هو. ٿهل، موهن ۽ نينا پاڻ ۾ گڏجي وٽس ويا ۽ چيائونس تہ سُريش هل چانهہ تہ پيئون منجهندِ جا ساڍا ٻارهان ٿيا لڳن تنهنجو هڪ بہ ٿهڪ نہ ٻڌو اٿئون. نيٺ ڪهڙي ڳالهہ ۾ منجهيل آهين؟ پر سُريش ڦڪي مرڪ مرڪي ڳالهہ ٽاري ڇڏي. سُريش جو رستو يوگيتا سان هوندو هو. يوگيتا نينا جي آفيس ساهڙي هئي. هنکي خبر هئي تہ نينا مائٽن سان جئپور گهمڻ وئي هئي. مهيني جي موڪل ورتي هئائين ليڪن اڃا تائين واپس نہ موٽي هئي. سريش جي دل وٽڻ لاءِ چيائين، "يوگيتا جو خط پٽ نہ آيو اٿئي ڇا؟" جواب ۾ سريش خاموش نگاهن سان ڏانهس نهارڻ لڳو. ۽ نينا ڏٺو تہ سريش جو چهرو وڌيڪ مايوس ٿي ويو!

سُريش کي خبر ملي تہ ڪنهن لکاپتيءَ جي پٽ سان يوگيتا جي پيءُ سندس شادي ڪرائي ڇڏي. "هني‌مون" لاءِ جوڙو ڪُلوُ-مناليءَ جي برفاني پهاڙن ڏانهن ويل آهي. سُريش کي ڌَڌِڪو اچي ويو. ڇا يوگيتا کيس هڪ خط لکي ٻڌائي نٿي سگهي؟

يوگيتا جي ياد کيس آفيس ۾ بہ



نالو : ڪُماري ايِشوَري جوتواڻي

جنم : سيوَڻ، ضلع دادو، حيدراباد سنڌ تاريخ ٣٠ نومبر

ڇپايل ڪتاب : محبت جو ٿياڳُ؛ اُلفتَ جي آگِ؛ اُمنگن جا آبشارَ.

انعام : ڪيندريہَ هِندي سَنستان، دهلي، ۽ ساڌو واسواڻي پرائيز

پيشو : آنرر سُپَرِنٽينڊَنٽ، ميران گرلس ڪاليجُ، پُٽي.

پتو : ايم.ڪي.ايم. هاسٽِل، ١٠ ساڌو واسواڻي مشن مارگ، پونو- ٤١١٠٠١

ڪئي تہ بوٽَ جي مٿان دستانو ڪڇي اَچي، پر ٽرين اُنهيءَ وقتِ جهوڙو کاڌو ۽ دستانو هيٺ ڪري پيو. مِليٽريءَ جي جوانَ پنهنجي زنده دِلي ڏيکاريندي موتيرامَ کي چيو، ”يارَ، تنهنجو هِڪُ هٿُ تہ هٿِنڊل ۾ آهي، ٻِئي ۾ ڪٽِ بِئي هٿَ کي تہ ٿوري گرمائش مِلَندي. دستانو پائي ڇڏِ.“

ٿڌِ اَڄُ ضرورت کان وڌيڪَ هئي يا گاڏيءَ جي تيز رفتار ڪري ٻنهي کي ٿڌ محسوس ٿِيَڻَ لڳي. موتيرامَ جهڙو رَڄَ مڙسُ بہ ڌِڄي پيو هئو. مِليٽريءَ جي جوانَ سندس هِمٿ وڌائيندي چيو تہ ”يارَ، ٻہ ڪَلاڪَ ڪن تہ گذري ويا آهن،“ چانڊوڪي رات هئَڻ ڪري واچَ کي ڏِسندي چيائين، ”پندرهن ڪن منٽَ ٻيا بہ ٿي ويا آهن. هاڻي ڪنهن وقتِ بہ اُجين اَچي سگهي ٿو. اُتي لهي پهرين تہ هڪُ هڪُ ڪوپُ گرم چانهہ جو پيئنداسين ۽ پوءِ هِڪَ ٻئي موڪلائينداسون.“ موتيرامَ جو دماغ هُن کان ٻہ ٻہ رتيون تيز هئو. چيائين، ”يارَ، چانهہ ٻانهہ پوءِ پيئِجانءِ، پهرين جيڪو گاڏو کُلي اُنهيءَ ۾ گهري وڃجانءِ. چانهہ تنهنجي لاءِ مان وٺي ايندُس.“ مِلِٽريءَ جي جوانَ کي اِها صلاح وَڻي. هاڻي پريان کان بجليءَ جي بتِيُن جي روشني ڏسڻ ۾ اَچڻَ لڳي.

ٿڌِ تمام تيز ٿي ويئي هئي.

مِليٽريءَ جي جوانَ موتيرامَ کي نِستو ٿيندو ڏسي ڪيس هِمٿ ڏِياريندي چيو تہ ”دروازي جي ٻنهي هٿِنڊلن کي سوگهو جهلِ ۽ مَٿان وريِ مان ٿو توکي سَهارو ڏيان.“

گاڏي هاڻي سِگنَل ڪراس ڪرڻ لڳي. موتيرامُ ۽ مِليٽريءَ جو جوانُ دروازي سان سَٽِجي بيٺا، جيئَن سِگنل وغيره جي ٿنڀن سان نہ ٽڪرائجن.

گاڏيءَ هاڻي رفتار ڍِلي ڪئي. شهر جي بجليءَ جي روشني صاف ڏِسَڻَ ۾ اَچڻَ لڳي. موتيرام جي حالتَ ڏِسڻ وٽان هئي.

پنهنجي اِشٽَ ديوَتا ڀڳوان جهوليلال کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ من ئي من ۾ آراڌنا ڪرڻَ لڳو تہ جهوُليلالَ! اَسان جي آسَ پُڄاءِ. ايڪسپريس جو نالو ”سِنڌوايڪسپريس“ ڪراءِ.

هاڻي اِسٽيشن جي پليٽ فارمَ تي گاڏي بيِٺي. سامهون ڪافيءَ جو اِسٽالُ هئو. موتيرامَ مِلِٽريءَ جي جوانَ کي اِشارو ڪيو تہ هوُ سامهون ڪَمپارٽمينٽ کُليوآٽيئي. تون اُتي پهچُ، مان تنهنجي لاءِ ٿرموڪول واري گِلاسَ ۾ ايڪسپريسو ڪافي ٿو وٺي اچان.

مِليٽريءَ جوجوانُ کُليَلَ ڪمپارٽمينٽ ڏانهن ڊُڪيو ۽ ڏٺائين تہ قسمتَ سان هِڪَ مٿيون بَرٿِ خالي پيو هئو. پنهنجي شولڊر بئگ کي اُتي رکي اَچي گاڏيءَ جي دروازي تي بيِٺو. ايتري ۾ موتيرامُ ٻنهي هٿَنِ ۾ ڪافيءَ جا ٻہ گِلاسَ ۽ پَٽاٽن جي چِپس جو پئڪيٽُ جهوليءَ ۾ وِجهيو اَچي دروازي تي پهتو.

ٻنهي ڪافيءَ جا وَڏا وَڏا ڍُڪَ ڀريا. گاڏيءَ هلڻَ لاءِ سيِٽي هنئين. موتيرامَ پهرين پٽاٽن جي ويفرس جو پئڪيٽُ مِليٽريءَ جي جوانَ ڏانهن وڌايو ۽ چيو تہ، ”يارَ! هيءُ سفر سدائين ياد رهندو.“ تنهن تي مِليٽريءَ جي جوانَ چِيُس تہ، ’سفرُ سدائين ياد رهندو يا هم-سفر بہ ياد رهندُءِ؟‘ موتيِرامَ پنهنجي هٿَ ۾ دستانو ڏسِي لاهِڻَ جي ڪوشِش ڪئي تہ مِليٽريءَ جي جوانَ چيُسِ تہ ”رکي ڇڏ، رکي ڇڏ، اِها ياد پاڻَ وٽِ.“ گاڏي هلڻ لڳي. موتيرامَ کي ڌيان آيو تہ هُن هم-سفر مُسافر کان تہ سندس نالو ئي ڪونہ پُڇيو هو. ۽ جيستائين هو پُڇي پُڇي، گاڏيءَ رفتارَ پڪري ورتي.

❖❖❖❖

اهڙو ڪو جادو هو اُن سنتياڻيءَ جي آواز ۽ سپرش ۾، جو سريش چڻ سڏڪندي چيو، ”مونکي آشيرواد ڏيو مان توهان جو ڪم ضرور ڪندس.“

”ما“ هڪ ششياڻيءَ کان ١٠٠ جو نوٽ وٺي سريش کي هٿ ۾ ڏيندي چيو، ”پٽ فلاڻي گهٽيءَ ۾ اندر هڪ گهر اٿئي جتي هڪ ودوا پنهنجن ٻارن سميت رهندي آهي. اُنهيءَ کي هنن پئسن مان سيڌو وٺي پهچائي پوءِ جيئن وڻيئي تيئن ڪج ۽ سريش ڪجهه چوي تنهن کان آڳ هوءَ ششن سان گڏ اڳتي وڌي ويئي.

سريش دال، چانور، اٽو، گيهه، چانهن، کنڊ ۽ ڪجهه ڪيلا صوف ورتا. اُهو گهر ڳولهي اُتي پهتو ته رات جا ساڍا اٺ لڳي چڪا هئا. دروازو هڪ اٺن سالن جي ٻار اچي کوليو. سريش سڀ سيڌو اندر رکندي ڪيس ڪيلا ڏنا ته ايتري ۾ ٻه ٻيا ٻار آيا. ڪيلا ڏسي سندن اکيون چمڪڻ لڳيون. ”انڪل هي ڪيلا ڪنهن موڪليا آهن؟ مونکي ته ڏاڍي بک لڳي آهي.“ سريش هڪدم هڪ ڪيلو ڇلي کيس کارائڻ لڳو. هو ڏاڍو خوش ٿيو. ايتري ۾ ٽيون ٻالڪ آيو، سريش هن کي به ڪيلو کائڻ لاءِ ڏنو.

اچانڪ سريش پاڻ کي ڏاڍو خوش محسوس ڪرڻ لڳو. الاجي ڪيترن مهينن کان پوءِ هن دل ۾ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيو هو!

ٻالڪ چيو، مهرباني انڪل، سچ ته گهر ۾ اَن جو داڻو به نه آهي. ڪالهه کان امان ڪجهه به نه رڌو آهي. اڄ توهان دال چانور آندا آهن امان کي وچين ٿو ٻڌايان. اڄ ته پيٽ ڀري گرم گرم دال چانور کائينداسين. ٻيا ٻار به نچڻ لڳا.

سريش جون اکيون ڀرجي آيون. ۽ پيار مان ٻارن کي ڀاڪر پائي چيائين، ”مان توهان لاءِ سڀاڻي به کاڌو کڻي ايندس.“

”سڀاڻي به؟“ عجب ۽ خوشيءَ مان ٻارن پڇيو. ۽ سريش ٻاهر نڪري آيو. وٺرت زندگيءَ کي چڻ دشا ملي ويئي هئي ۽ هو گنگنائڻ لڳو:-

ٻيا به غم گهڻا دنيا ۾
محبت جي غم کانسواءِ

❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖❖

ستائڻ لڳي. ڇو ته هڪ دفعو هُئي ڳڌجي چانهه ضرور پيئڻ ويندا هئا. ساهيڙيون يوگيتا سان رشڪ ڪنديون هيون. ڇو ته سريش اشراف ۽ ڏاڍو پيارو انسان هوندو هو.

سريش جي گهر ۾ فقط سندس ماءُ هئي. اوچتو اُها به دِل جي دوري ۾ رمندي رهي. سريش کي ڇڻ اڪيلائي کائڻ لڳي. ڪيس آفيس مان به مزو نٿي آيو. پاڻ سان پيو پڙ پڙ ڪندو هو ته جيون ته وئرٿ آهي منهنجو. ڇا لاءِ ڪمايان؟ ڇا لاءِ جيان؟

مهينا گذري ويا هاڻي ته سندس راتين جي ننڊ به ڦٽي پئي هئي! هو ڏاڍو اجايو سجايو سوچيندو هو. هڪ دفعي دِل تي ايڏو ته غم سمجهيائين جو ٿڌو ساهه کڻندي چيائين، ”ڪاش ڪو روشن روح انسان هجي جو مونکي هن بيڪار زندگيءَ جو ارٿ سمجهائي! مون کي هن پيڙا کان ڇڏائي!“

بس شيطان کي وجهه ملي ويو شيطان اهڙن مايوس انسانن جي تلاش ۾ هوندو آهي. آواز آيس اندر مان، ’سولي ڳالهه آهي ڇو نه تو زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏي. رات جي وقت بندگاردن جي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي ڇڏ. ڪيل ختم سڀ پيڙا گم!

سريش هڪ ڏينهن شام جو دير سان آپگهات ڪرڻ لاءِ بندگاردن ڏانهن پنڌ پيو. هو ميران ڪاليج جي پل پار ڪري بلو ڊائمنڊ هوٽل واري رستي جي سامهون واري ننڍڙي گهٽيءَ کي ڏسي سوچڻ لڳو ڇو نه اتان اندرا ئي اندران وڃي بندگارڊن واري رستي تي پهچان. گهٽي اڌ پار ڪيائين مس ته سامهون ڪجهه ڏٺائين! ڪير جهڙي اڇن وسترن ۾ ملبوس هڪ استري جنهن جو روشن مکڙو چمڪي رهيو هو، اُها ڪيس ڪوٺي رهي آهي. ان سنت استريءَ سان گڏ چار پنج هيون به ڇوڪريون گڏ هيون. اچانڪ سريش سوچيو مرڻ کان اڳ ڇو نه سندس آسيس وٺان. ۽ اچي انهن استرين جي ويجهو پهچي بيهي ويو.

نجاڻان ڪهڙي ڪشش هئي ان سنتياڻيءَ جي مکڙي ۾! هن سريش ڏانهن نهاريو ته سريش هيٺ جهڪي سندس چرن ڇهيائين ۽ جيئڻ منهن مٿي ڪنيو ته سندس چهري جي مايوسي سنتياڻي کان ڳجهي نه رهي. سندس مٿي تي هٿ رکندي چيائين ”پٽ ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ سريش ان سوال تي حيران ٿي ويو. پوءِ هٽڪندي چيو ”ما، مان ڏاڍو دکي آهيان، پنهنجي جيون وئرٿ پيو ڀايان. سو وڃان ٿو بندگارڊن ۾ ٻڏڻ.“

سنتياڻي ڏاڍي پيار مان چيس، تنهنجي جيون وئرٿ ڪين آهي. پر جي هرو ڀرو پاڻيءَ ۾ ٽپي ڏيڻ جو شونق جاڳايو اٿئي ته پهرين منهنجو هڪڙو ڪم ڪر. ٻڏائي ڪندين؟

نہ هوندي هئي. پر ٻہ شينهن ٻيلي ۾ ڪونہ ٿهندا آهن. سيٺ هيرالال ويچار ڪيو تہ هيءَ سڄي سڦلتا منهنجي هنر ۽ عقل جي ڪري آهي، سو جي ڌنالال هٽي وڃي تہ سڄي ملڪيت ۽ عزت اِقبال جو مان اڪيلو اَڌيڪاري بڻجي ويندس.

هڪ ڏينهن اوچتو خبر ڦهلجي وئي تہ ڪارخاني ۾ بجليءَ جي ڪرينٽ لڳڻ ڪري، سيٺ ڌنالال جو موُت ٿي ويو آهي. ڪارخانو بند رکيو ويو ۽ پوليس اچي وئي. موقعي جو جائزو وٺندي پوليس چيو تہ هن ۾ ڪا هٽراڌو سازش ڪئي وئي آهي. سيٺ ڌنالال جو موُت حادثو نہ پر هتيا آهي. سيٺ ڌنالال جو ڌن، ڌنالال جي هتيا کي حادثي ۾ بدلڻ جي ڪم آندو ويو. پوليس جو منهن بند ڪيو ويو. ڊاڪٽرن جن پوسٽ مارٽم ڪيو، اُنهن جو بہ هٿ گرم ڪيو ويو. سيٺ هيرالال پنهنجي سازش ۾ ڪامياب ويو ۽ اڪيلو ڪارخاني ۽ ملڪيت جو مالڪ ٿي ويو.

سيٺ ڌنالال جي مرتيوءَ جو شوڪ مناٺڻ لاءِ، شوڪ سڀا ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ شهر جا معزز ماڻهو، ڪارخانيدار، ۽ ڪارخاني جو عملو شامل ٿيا. سيٺ هيرالال اُٿي ڪري ٻريل گلي سان سيني آيلن کي مخاطب ٿي ڪري چيو تہ ”اسان سيني کي سيٺ ڌنالال جي اوچتي سرڳواس ٿيڻ ڪري سخت صدمو رسيو آهي ۽ ڪاخاني کي بہ زبردست ڌڪو لڳو آهي. منهنجي تہ ڄڻ هڪ ٻانهن ئي ڀڄي پئي آهي. مان اِهو خال ڪڏهن بہ ڀري ڪونہ سگهندس، مونکي اڪيلي سِر ايڏي وڏي جوابداريءَ کي منهن ڏيڻو پوندو. ايشور سرڳواسي ڌنالال جي آتما کي شانتي بخشيندو. سيني آيلن جو ڌنيواد جن اچي ڪري هِن ڏُک جي وقت مون سان ساٿ ڏنو آهي.“ آيل ماڻهو اعزاپرسي ڪري اُداس من سان اُٿي هليا ويا.

هيرالال جلد ئي ڪارخانو وري چالو ڪيو ۽ اڳئين کان اڳري ترقي ڪرڻ لڳو. هيرالال من ئي من ۾ خوش ٿي رهيو هئو ۽ پنهنجي عقل ۽ هوشياريءَ کي ساراهي رهيو هئو.

هن حادثي کان اَٽڪل سال کن پوءِ هيرالال کي هڪ پٽ ڄائو. سڄي شهر ۾ واڌايون وري ويون. ڪارخاني جي ملازمن ۾ مٺائي ورهائي وئي ۽ خوشيءَ ۾ هڪ ڏينهن جي پگهار سان موڪل ڪئي وئي ۽ جشن ملهايو ويو. جشن ۾ شهر واسين ۽ ملازمن ڀاڱ ورتو. جنهن بہ واڌايون ڏنيون ٿي، تنهنجي مرحبا ڪئي وئي. ماڻهو جلد ئي ڌنالال کي ڀُلجي ويا ۽ هيرالال جا ڳڻ ڳائڻ لڳا. هيرالال جي خوشيءَ جي سيما نہ هئي جو هيترن سالن جي نااُميديءَ کانپوءِ کيس هڪ پٽر رتن مليو ۽ هوڏانهن اڪيچار ڌن جو ڍڳي بہ ٿي ويو هئو. ڀار جو نالو ديپڪ رکيو ويو، جو هن جي نراش جيون ۾ آشا جو روشن ديپڪ بڻجي آيو هئو. هيرالال بيحد خوش هئو.


حساب چُڪتو

اين. ٻي. مولچندائي

ھ يرالال ڪي هنر تہ گھٽو ئي هئو پر پيسو اينرو ڪونہ هوس جو پنهنجو ڪارخانو وڏي پئماني تي کولي سگھي. هو اونچن اونچن محلن اڏڻ جا خواب لهندو هو پر ڌن جي ڪميءَ ڪري ڪجھ ڪري نٿي سگھيو. هن ڪي اِهو گويا خفت هو تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ نموني اونچي هستي ٿيان ۽ اُن لاءِ ترڪيبون تجويز ڪرڻ لڳو. هن ڪي ڪو اولاد بہ ڪونہ هئو، جنهن لاءِ هن ڊاڪٽرن ۽ سَنتَن سادن جا خوب در ڪڙڪايا پر شاديءَ جي ڏهن سالن کان پوءِ بہ هوُ بي-سَنتان رهيو. اِن ڪري هن جو سچو ڌيانُ ۽ شڪتي اونچي هستي بڻجڻ ۾ لڳو رهيو.

هن اَخبارُن ۾ اِشتِهارَ وجهايا تہ ڪيس هِڪَ پوُنجيپتي ڀائيِوارَ جي ضرورَتَ آهي جنهنجي پوُنجيءَ ۽ هن جي هنر سان اِنڊسٽري وڏي پئماني تي کولي سگھجي. آخر ڌَنا لال نالي هڪ ڌني سيٺ سان هن جي مُلاقات ٿي. تفصيل سان ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. رِٿا تي غور ڪري پاڻ ۾ اَئگريمينٽ ڪيائون تہ سچي پونجي سيٺ ڌنالال جي ۽ هنر جو ڪمُ سچو هيرالال ڪندو. ڀائيواريءَ ۾ نفعو نُقصانُ اَڌو اَڌُ.

زمين ورتي ويئي نئين ڪارخاني جا نقشا نهي ويا، جاءِ نهي وئي ۽ مشينري اچي وئي. جلد ئي ڪارخاني جو مهورت ٿيو ۽ ڪارخانو چالو ٿي ويو. ڌن ڌنالال جو ۽ هنر هيرالال جو جڏهن گڏيا تہ ڪارخانو گهوڙي جي ٽاپين جيان ترقي ڪندو ويو ۽ ''ڌنالال هيرالال اينڊسٽريز'' جي نالي سان ڪارخانو مشهور ٿي ويو. خوب مال نهي رهيو هو ۽ گرم ڪيڪن وانگر مال خوب وڪامي رهيو هئو، ڇاڪاڻ تہ هي مال سيني برابر جي ڪارخانن کان گوءِ ڪٽي ويو. ٿوري ئي وقت ۾ ڌنالال ۽ هيرالال اوچ ڪوٽيءَ جا سيٺيون ڳڻجڻ لڳا، هر هنڌ سندن عزت آبرو ۽ روب رُتبو هلڻ لڳا. علائقي ۾ اهڙو ڪو بہ جلسو يا ميڙ ڪونہ هوندو هئو جنهن ۾ هنن سيٺن کي دعوت



نالو : نانڪرام مولچندائي
جنم : دولت پور تعلقو مورو، ضلع نواب شاه، ٣٠ - ١٠-١٩٣٢
ڇپايل ڪتاب : ڪيترن ساهتيڪ رسالن ۽ مخزنن ۾ ليک مضمون، ڪهاڻيون
انعام : راجستان سنڌي اڪادمي طرفان اکل ڀارت سطح تي ڪهاڻين ۾ اِنعام
پيشو : سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائرڊ
پتو : مڪان نمبر ٣ ڊي ١٩ هائوسنگ بورڊ، شاستري نگر، جئپور-٣٠٢٠١٦

تنها

هولارام هنس

تِـ ـن ڏينهن ۾ مون ايم.ئي. پئي ڪئي انگلش ۾. امتحان جي ڏينهن ۾ ـمان چيمبور ۾ ڪليڪٽرس ڪالونيءَ ۾ ماسيءَ ـوٽ رهيل هئس. منهنجو اُنهن ڏينهنِ ۾ مُکيہ ـشغل هو ٽي دفعا پنڌُ ڪرڻُ ۽ سڄو ڏينهن ـاِمتحان جي تياري ڪرڻُ. پنڌ ڪرڻَ وقتِ ـمان هميشه هُن کي ڪليڪٽرس ڪالونيءَ وٽِ ـڏِسَندو هوسِ. سندَسِ شاهاڻي شِڪِل کُلِيَلَ ـپيشانيِ، گورو بَدَنُ، پوُرو پُنو قَدُ، خميس، ـپينٽ ۽ پيرَنِ ۾ باٽا جي چمپل ... اُنَ وقتِ ـمون وٽ هُن جي واقِفيَتَ صِرف ايستاءِ ـهئي. ڇا ڪندو هو؟ .. سندس نالو ڇا هو؟.. ـمون کي ڪا ڪَلَ ڪانہ هئي.

سندس شِڪِل مان مون کي هوُ شاعر ـلڳندو هو. ”اڪيلو“ ... ”تنها“. هميشه ـمون هُنَ کي اڪيلو ئي ڏسيو هو. اِنَ ڪري ـمَنَ ۾ مون هُن جو نالو ”اڪيلو“ رکي ـڇڏيو هو.

اِمتحان لاءِ تياري ڪندي مان ـجڏهن فرانس جي شاهاڻي شاعر بادليئر جو ـنظم ”گُناهن جا گُلَ“ پڙهندو هوس ۽ ڏِسندو هوس تہ عظيم شاعر بادلِيئَر کي بادَلن سان ڪيڏي نہ مُحبت هئي ۽ هئي مَمَتا ۽ موه، تہ اُنَ وقتِ منهنجي ذهن جي ڪئنوَاس تي چيمبور وارو اَڪيلو شاعر ڪِڙي بيهندو هو.

مون کي هيءُ اَڪيلو اِنسان، تنها اِنسانُ، بادليئَر جي بادل مِثل لڳندو هو... بادلن وانگُر لڳندو هو ... بادل جي ويندا رهندا آهِنِ ... اَزلي، حيرتَ اَنگيز بادلَ !

اَڳِتي هلي مون کي پتو پيو تہ هوُ اَڪيلو اِنسانُ برابر هِڪُ شاعر هو، جنهنجو تخلص هو ”شيام“. جيئَن جيئَن مان بادِ ليئَر کي پڙهندو وِيُسِ، تہ مون کي هن اَڪيلي اِنسانَ ۾ وڌيڪ ۽ وَڌيڪَ دِلچسپي ٿِيَڻَ لڳي.

بادلن تي بادلئَر جو شعرُ سندس روح جي نغمي مثل آهي. بادليئَر جو روح مونکي مانسَرووَرَ ڍنڍ مِثل لڳندو آهي، جنهن هنج مثل جڏهن جڏهن مان ٽُٻيون ڏيندو آهيان، تہ مونکي الڳ الڳ موتي مِلندا آهن. ساڳئي نموُني جڏهن آءٌ

نالو	:	هولارام ”هنس“
جنم	:	قمبَر، لاڙڪاڻو، سِنڌ. جنم تاريخ : ١٥-٦-١٩٣٤
ڇپايل ڪتاب	:	ڪهاڻيون هنسَ جون ۽ ٻيا ڪيترا ڪتابَ هِندي، مرهٽي ۽ اَنگريزيءَ مان ترجمو ڪري شايع ڪرايا.
انعام	:	
پيشو	:	ليکڪُ
پتو	:	٣/٣، سَرَسوَتي نگر، ٿاڻا ايسٽ، ٿاڻا-٤٠٠٦٠٣

ديپڪ جي کاڌي پيتي، راند وندر ۽ صحت رکڻ جي پوري پوري سنڀال ٿيڻ لڳي. اوچ گهراڻن جي ٻارن لاءِ سُٺي ۾ سُٺي اِسڪول ۾ وديا پڙهڻ لڳو. جلد ئي پڙهي لکي هوشيار ۽ جوان ٿيو. هيرالال سوچڻ لڳو ته هاڻي مان ڏيري ڇوڪري کي سڄو ڪاروبار سنڀالي ڏيندس ۽ مان ڪجهه آرام ڪندس.

ديپڪ هاڻي ويهن سالن جو ٿي ويو هئو. پر چوندا آهن ته شاهوڪاري ٻار ڇريو يا ڪڙيو. سو هو اينري دولت ۽ ماءُ پيءُ جو پيار پائي خراب سنگت ۽ خراب عادتن جو شِڪار ٿي ويو هئو. هن جي صحت ڪِرندي وئي ۽ جلد ئي سخت بيمار ٿي پيو. هن جي علاج لاءِ وڏا وڏا وئد ۽ هوشيار ڊاڪٽر علاج ڪرڻ لڳا، پر بيماري سمجهه ۾ ئي نه پئي اچين. هيرالال ڏاڍو پريشان هئو ته پريوار جو هڪ ئي ديپڪ جليو پر اُهو به هيئنر بيماريءَ جي آنڌيءَ ۾ لوڏا کائي رهيو آهي. هن پنهنجو ڌن داوَ تي لڳائي ڇڏيو. ديس وديشن کان خاص ڊاڪٽر وڏيون فيون ڏيئي گهرايائين ۽ ليلائي ڪري ڊاڪٽرن کي چوڻ لڳو ته ڪيترو به ڌن خرچ ٿي وڃي پر ديپڪ کي بچائي ڏيو.

هوڏانهن ڪارخانو رُلي ويو. ”ڌڻ ته ڌڻي نه ته وڪڻ ڪٽي“. نفعي بدران نقصان پوڻ لڳا. مئنيجر ۽ ملازم مال هڙپي رهيا هئا. سنڀالڻ وارو ڪير ڪونه هئو. جن کي جتي هٿ لڳو ٿي اُتي لُٽ لڳائي ويٺا هئا. ڪبر سيٺ هيرالال لڳ ڀڳ ڏيوالي جي حالت کي اچي پهتو. ملازمن کي پگهارون ڪونه مليون، ملازمن هڙتال ڪئي ۽ ڪارخانو بند ڪيو ويو. هيرالال گهرو ملڪيت، زيورات، سون چاندي به نيڪال ڪري رهيو هئو. پر بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي. ديپڪ چاڪ نه ٿيو ۽ بي هوشيءَ جي حالت ۾ هليو ويو. هيرالال گهٽيئي سڏ ڪيس، ڏونڏاڙيس پر ديپڪ ڪوما ۾ ئي رهيو. ڊاڪٽرن جو علاج چالو هئو. آخر امريڪا مان هڪ جراح ڊاڪٽر کي هوائي جهاز رستي گهرايو ويو، ڦن کي ڇڱي ڳري في ڊالرن ۾ ڏني وئي. ڦن جي علاج سان ديپڪ ڪجهه هوش ۾ آيو. هيرالال خوش ٿي پٽ کي ڳراٽڙي پائي، منهن چمي چيو پٽ ديپڪ ڪيئن آهين؟ مونکي سڃاڻي ٿو، مان تنهنجو پاپا آهيان. ديپڪ پوري هوش ۾ اچي رڙ ڪري چيو ته هيرالال مان تنهنجو پٽ نه آهيان پر ڏنالال آهيان! مونکي تو ڇل ڪري ماريو ۽ مون توکان تنهنجو پٽ ٿي ڪري سڄو حساب ورتو؛ هِن ڊاڪٽر جي في ۽ ٻئي خرچ کانپوءِ سڀ حساب چڪتو ٿيو ۽ مان هيئنر موڪلايان ٿو. اينرو چئي ديپڪ هميشه لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. هيرالال چرين وانگر پنهنجو مٿو پٽڻ لڳو ۽ وار ڇنڻ لڳو، ڇاتي ڪُٽڻ لڳو ۽ هيانءُ ڦاڙي ٻاڪاڙي رهيو هئو، پر ديپڪ راهه رباني ٿي ويو هئو ۽ حساب چڪتو ٿي ويو.

❖❖❖❖

شاعر شيام کي هميشه ڳوناڻو ماحول
پئي پسند پيو آهي. اِن ڪري هُو ڳوٺ ۾ مهينو به
رهي سگهيو ۽ ڪائنات جي ڪوملتا ۽ ڪايا تي
لِکي سگهيو. مُکڙيءَ مان گُل، ٻُوٽي مان وَڻُ، ۽
جيئن وَڻَ تي سِپاويڪ نموني ڦَلَ پيدا ٿِين ٿا،
تيئن شاعري هُن جي ذهن، جِسم جُسي ۽ زبان
مان سِپاويڪ نموني نکري نِروار ٿيندي هئي.
ڳوٺاڻو ماحولُ ئي هن شاعر لاءِ ساز بڻيو هو.

شاعر شيام هِڪَ گُلَ جي تلاش ۾ هو.
ايشوَرَ سندس آس اونائي، کيس ڌيءَ ڄائي.
ڪويتا ۽ شيام ڏاڍو خوش ٿيا. پر ايشور
کي ڪجهه ٻيو منظوُر هو. ڪنهن بيماريءَ
۾ هنجي سِڪيلڌي ڌيءَ هيءُ فاني سنسارُ
ڇڏي وڃي پرميشور وٽ پهُتي.

شيام اڃا هن ڏُک کي ڀُلائي نه سگهيو
هو جو هُن جي پريتَما، ڪويتا به هِنَ
سنسارَ مان راه رباني وٺي ويئي. هِنن ٻن
ڏُکن، سوز ڀريل صدمن، شاعر کي، شاعر جي
جيءَ کي جهوري وڌو. شاعر ڏُک ۾ روئندا
ناهِن. اُنَ وقت شيام، عظيم شاعر شيخ اَياز
جي لفظن ۾، موتَ کي پاراتو ڏِنو هو....

هِڪُ هِڪُ ٿيندا هوتَ، وڃن پيا هيڪلا
مارَ ڀَوَئي شل موتَ، جاني ڪوڙ جُدا ڪيئي!

پنهنجي ٻن پيارن جي وڇوڙي ۾ شيام
کي ايئن محسوس ٿيو ته وقتُ ڇڻڪِ بيهجي
ويو آهي. ڇون ٿا ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو
آهي، ڪا گهڙيِ اهڙِي ايندِي آهي جا وقت کي
بيهاري ڇڏيندي آهي. اُن گهڙيءَ ۾ شيام
پنهنجي نيڻن جي لُڙڪن کي روڪي نه سگهيو
هو، هن جي نيڻن جا بادل ڦِسي پيا ۽ وهڻ لڳا.

ڪنهن دانشور درويش چيو آهي :-
”زندگي فنا جي وڻ جو اهو ڦول آهي جيڪو
زندگيءَ جو ميوو ڏيئي اجل جي واءُ جي جهوٽي
تي ڇڻي فنا جي مٽيءَ ۾ ملي ويندو آهي!“

هاڻي وري تنهائي.....اڪيلائي شيام
جي جيون ۾ رات جي چادر تاڻي سمهي
پيئي هئي. انهن ڀاري ٻن صدمن جي ڪري
شيام ڪيترا سال ڪجهه لکي ڪونه سگهيو.
ائين پي لڳو ته ڏاتِ ڏاهيءَ کي ڇڻڪ هن
تلانجلي ڏيئي ڇڏي هئي. پر ڏات پکيڙن
مثل پرڙا ڦرڙائيندي هن وٽِ ايندي هئي ۽
هو ان ڪان منهن موڙي ڇڏيندو هو.

ڇون ٿا شاعري ڇئبو ئي پيڙا جي
اظهار کي آهي“.... ته پوءِ هو اِن شاعريءَ کان
ايترا سال پنهنجو پلاند ڪيئن ڇالهو ڪري
سگهيو. ۽ آخر ڪيترا سال اڪيلو ۽ تنها گُذارڻ
کان پوءِ ڏاتِ ڏاهيِ هن کي ريجهائي سگهي.

اڪلهه اڪيلو شخص تنها اِنسان
ڪويتائون نه پر ڪهاڻيون لکندو آهي. ادب
جي شاخ ڪويتا تي جيترو هنکي عبور هو
اوترو هنکي ڪهاڻيءَ تي به آهي. سندس
هر ڪهاڻيِ سندس اندر جي اِظهار کي لفظن
جي ڪٽوري ۾ اوتڻ لاءِ آتي هونديِ آهي.
آخر هو ماٺِ جي ديوار کي اِظهار جو وار ڪرڻ
۾ ڪامياب ٿيو هو ۽ ڪهاڻيون ڪرڻ لڳو هو.

هاڻي هو پنهنجيءَ ڪهاڻيءَ واريءَ
ڪلا جي وسيلي پاٺڪن کي اڳتي وڌڻ جا خواب ڏيندو
آهي ۽ پڙهندڙن جي دلين تي راڄ ڪندو آهي.

اڄ زندگيءَ جي شام ۾ هن اڪيلي
اديب جي جيون ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي. هن
محسوس ڪيو آهي ته موت لاءِ نه جيئجي پر
جيئڻ لاءِ موت جي ڇپن تي ڇُمي ڏيڻ گهرجي.
زندگي اهو اٿاهه ساگر آهي جنهن جي امرت مان
اڄ ٿائين ڪو به پنهنجي اُڃ اُجهائي نه
سگهيو آهي........ زندگيءَ کان وڌيڪ
زندگيءَ جو آدرش پيارو هئڻ کپي.

❖❖❖❖

اڪيلي اِنسانَ، اڪيلي شاعرَ جي جيوَنَ ۾ اندر گهرو اُتران ٿو، تہ مونکي ھيءُ اڪيلو اِنسانُ ھِڪُ مھان اِنسان نظر اَچي ٿو.

ھيءُ تنھا اِنسانُ ڪليڪٽرس ڪالونيءَ جي ھِڪَ فليٽ ۾ اَڪيلو رھندو ھو. سندس ساٿيءَ ۽ سچَ ھو ساھتيہ. سندس فليٽ ۾ چوطرف ڪتابَ ئي ڪتابَ. سندس خزانو، مِلڪيت اُھي ڪتابَ ئي ھئا. جڏھن شامَ جو ھُو باغَ ۾ ھوندو ھو، تہ سندس دوست ھوندا ھئا وڻَ، ۽ جڏھن گهرَ ۾ ھوندو ھو، تہ سندس مِتر ھئا ڪِتابَ.

ھُو ھِڪَ پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري ڪندو ھو. شادي ڪرڻُ نہ پيو چاھي. ھُنَ جو خيالُ ھو تہ ھُنجي شادي اَڳ ۾ ئي شاعريءَ سان ٿِيَلَ آھي. آخر ھِڪَ ڪومَل ڪنيا، جنھنجو نالو 'ڪَوِتا' ھو، اُن ڪيس موھي وڌو.

دوستَ ڪيس چوَندا ھئا، ''ھاٿي تو وٽِ بہ ڪَوِتائون آھن. ھِڪَ مياڻ ۾ بہ تلوارون ڪيئَن ماپنديون؟'' آکيندو ھو : ٻئي ساھيڙيون ٿي وَيون آھن. ھن شام نالي واري ڪويءَ جي ڪُنوار ڪويتا، سانوَلي، سلوٽي ھئي. ھيءُ شام ھو تہ ھوءَ ڇايا ھئي. ھيءُ رنگُ ھو تہ ھوءَ پچڪاري ھئي.

شامَ جو جڏھن شيامُ نوڪريءَ تان موٽندو ھو، تہ ھوءَ ھُنَ کي ايئَن چنبڙي پوَندي ھئي جيئَن ڪائي وَلِ وَڻَ کي چنبڙي! بس، پوءِ شاعريءَ وارو شغل چالو ٿي ويندو ھو. ھُن جي مُک مان نظم ۽ آزاد نظم اِئين وھي چُڻندا ھئا جيئَن ھِماليہ تان گنگا ۽ جمُنا. ھن جي ڪومل ڪلامَ ۾ پيار جي سُگَنڌِ ۽ سنگيتَ جي مَڌُرتا ھوندي ھئي. شيام ڪائنات جو شاعر ھو. ھُن کي ڪڏھن ماٿيران تہ ڪڏھن مھابليشوَر وٽِ پسِيو ھو، ڪڏھن اَجنتا تہ ڪڏھن ايلورا وَٽِ، ڪڏھن لوناوَلا تہ ڪڏھن کنڊالا وٽِ، ڪڏھن پوني تہ ڪڏھن پنچمڙھيءَ وٽِ. ٻئي ڪويتائون ھُنَ جي سنگ ۾ شاٽ ھونديون ھيون. ھِڪَ ڪُنوار ڪويتا تہ ٻي ''ذاتِ ڪويتا''... ھِڪَ ساڄي پاسي، ٻي کاٻي پاسي.

ھِنَ شاعرَ نہ صرف مُشاھدو ڪيو ھو، پر شاہ، سچل ۽ ساميءَ جو ھن گهرو مُطالعو بہ ڪيو ھو. ھن پُشڪِن ۽ مايا ڪووَسڪيءَ کي بہ پڙھيو ھو. اِنَ ڪري ھن جي ڪويتا ۾ قديم ۽ جديد، پراچِين ۽ نئين ڪويتا جا رنگَ بِرنگي گُلَ نظر ايندا ھئا.

ھُو شاعرُ ھو ڇاڪاڻ تہ ھُنجي فطرَتَ ۾ شاعري ھئي. ھُو جَذباتي ھو. حَساس دِل ھو. ھنجي شاعريءَ ۾ اوُنھائي ھئي، گهرائي ھئي ... سونھن ھئي، سَچُ ھو! مطلبُ تہ ھن جو فنُ سچائيءَ ۽ سوُنھن جي مسلسل جُستَجوُ ھئي. ھن کي شاعريءَ لاءِ ايئَن ڇِڪَ ھئي جيئَن سمُنڊ جي ڇولِيُن کي چنڊ کي چُمَڻَ لاءِ چاھنا ھوندي آھي.

ھِڪَ دفعي مون کي راھيءَ ٻڌايو ھو تہ ھن شاعر گوا جي پس منظر تي نظم ۾ ناول لکيو ھو. مان عجب پيو ڪان تہ نظم ۾ ناول ڪيئن لِکبو؟ تنھن تي راھيءَ ٻُڌايو ھو تہ فِردوسيءَ ''شاہ نامو'' لکيو ھو جو نظم ۾ ناول آھي. ساڳيءَ طرح شيام پنھنجي طويل نظم ''گوا'' ۾ گوا جي ھَرَ پھلوءَ، ھَرَ پاسي جو بيباڪ نموني بيانُ ڪيو آھي جو گوا تي ھڪ داستان آھي، دستخط آھي. شيام گوا ۾ ھڪ مھينو رھيو ھو ۽ اُتان جي تواريخ ۽ جاگرافيءَ جو بہ اَڀياس ڪيو ھو. گوا جي سوُنھن، سوڀيا ۽ سادگي، ڪوملتا، ڪروٽا ۽ ڪلا جو بہ بھترين بيانُ آھي ھن ''گوا'' نالي واري نظم ۾ جنھن کي راھيءَ ناول ٿي سڏيو.

اِنتظام - رُڳو ڪاڏو ۽ آواس مفت ٿيو تہ ڇا ٿيو؟ هن پڙهيو هو تہ هندو رياستن ۾ شرڻارٿين کي مفت راشن/ آواس ڪان سواءِ ٻيون سرڪاري سهوليتون ميسر آهن ۽ ڪاڏي پيتي جون سڀ شيون سستيون آهن. مهاراجائن ۽ ماڻهن جي شرڻارٿين سان همدردي آهي.

ريل ان وقت شرڻارٿين لاءِ مفت هئي. ساجن چڙهي پيو ريل ۾. اجمير، جئپور، پرتپور، اديپور، گواليئر، اُجين ۽ اِندؤر، گهميو. هن کي سيني ڪان اِندور جي هوا پاڻي، ساوڪ، صفائي، آچار-وهنوار وڻيا. روزگار بہ هو. جٿي هر نئين جڳهہ ۽ نئين ماڻهوءَ کي دقتون اينديون آهن، تٿي هن کي بہ آيون . آر.ايس.ايس. جي سوَيمٰ-سيوَڪن ساجن کي هر طرح جي مدد جو آسرو ڏنو. اِن ڪري هو ڪُٽنبُ وٽي اندور ۾ رهڻ لڳو. سنگي ساٿين جي ڪري هنکي روڊويز ۾ ڪنڊڪٽر جي نوڪري ملي ويئي، پر هيءَ نوڪري هن کي پسند . نہ هئي. لاچاريءَ کي کهڙي آچاري. هو بس ڊرائيورن لاءِ آفت بڻجي پيو؛ نہ حرام جو پئسو پاڻ کائي نہ ٻين کي کائڻ ڏي. هوُ هن مان تنگ تہ هي بہ هنن مان تنگ. پر مسافر ۽ دڪاندار هن مان خوش هئا. دڪاندارن جو مال صحيح سلامت پيو پهچي؛ هنن کي شهر وڃڻ جي ضرورت ڪانہ ٿي پئي . هو ڪانٽُن ڪو سامان بہ وٺندو، تہ اُن جي قيمت بروقت چُڪائيندو. شروع شروع ۾ دڪاندارن هن جي ايمانداري پرکڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪين هنجي سچائيءَ اڳيان سر جهڪائڻو پيو. اِنڪري دڪاندارن لاءِ هوُ ساکيات ڀڳوان هو. هنن جو منجهس پورن وشواس هو. هوُ مسافرن سان بہ ڏاڍي فضيلت سان پيش ايندو هو ۽ وقت پوڻ تي هننَ جون هڙون-وڙون سهايتا ڪندو هو. تنهنڪري جنهن بہ لائين تي ڪيس موڪليو ويو هن سچائيءَ ۽ سنيهہ جو پيغام ڏنو.

اِنهيءَ نوڪريءَ جي ڏهن سالن ۾ هن پئسو تہ ڪونہ ڪمايو پر دُڪاندارن ۽ مسافرن جو هنکي اَٿاهہ پيار ۽ سنمان مليو. آخر هن نوڪري ڇڏي ڏني ۽ پنهنجو ٽرانسپورٽ جو دُڪان چالو ڪيو ۽ ڳوٺن جي دڪاندارن هنجو خوب ساٿ ڏنو. هن هڪ ٽرڪ هاير-پرچيز تي خريد ڪئي. سڄو ڏينهن دڪان تي مال جي بُڪنگ ڪندو هو ۽ رات جو انهن ڳوٺن جو مال پري ڪين پهچائيندو هو. ساجن رات اَچي پنهنجن ٻچن سان گذاريندو هو. جي ڪو مُسافر جڏهن بہ هُن سان ملي ويندو تہ هُنن جي نيڻن ۾ سنيهہ ۽ سنمانَ جا ڳوڙها تري ايندا هئا. هڪ ٽرڪ مان ڪيس ايترو ملي ويندو هو، جو قسط ڀرڻ کان پوءِ بہ ڊِوَ تي کائيندو هو.

ساجن کي سُکي ڏسي هن جو ڀاءُ بہ لڏي آيو. هن جي حالت سقيم هئي. زالس ساجن کي چيو تہ ”ڏيرَم جا ٻارَ ڏُکي آهن. هُن کي ڪٽي پاڻ سان گڏ رَهايو، جڏهن کِ توهان کي ماڻهوءَ جي گهُرج آهي. هي بہ اَسان جا ٻارَ آهن نہ؟“ پر ساجن ٻُڌو اَڻٻُڌو ڪري ڇڏيو.

ساجن ٻي ٽرڪ وٺڻ بجاءِ هڪ سُڇاٽيپَ واري مرهٽي جي ٽرڪ کي پنهنجي ٽرانسپورٽ

گودِ وَرتلُ پُٽُ


ڪرشڻ مسرور

ورهاڱي کان پوءِ منهنجو سيٺُ هندستان لڏي آيو هو. سکر ۾ هو بئنڪ ۾ ڪئشيئر هو ۽ آر. ايس. ايس جو برڪ ڪاريڪرتا هو.

سکر سنڌو نديءَ جي ڪَپَ تي هِڪ سهڻو ۽ واپاريِ مرڪز آهي. سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ هڪ ٻيٽ تي هندن جو تيرٿُ ساڌ ٻيلو آهي. ساڌ ٻيلي جي سامهون نديءِ جي ٻئي ڪناري تي آهي منزل گاهه مسجِد. اِها مسجِد ئي سکر ۾ هندن-مسلمانن جي نفاق جي جڙ هئي ۽ ڪٽرپنٿيُن لاءِ اَنگريزي حڪومَتَ جو سهارو هو؛ جڏهن چاهينِ، سکر ۾ هِندو-مُسلم فَسادَ ڪرائي ٿي سگهيا.

فسادن سکر جو نالو هِندُستانَ جي نقشي تي آندو هو. سکر ٻين ڳالهين ۾ به اَڳيرو هو - ديش ڀڳتي ۽ اِنقلابي سرگرمين جو مَرڪز هو. شهيد هيمون ڪالاڻي، هاسارام پمناڻي، ڀڳت ڪنوَر رام ۽ ديش ڀڳت ويرُومَلُ سکر جا هئا. لئنڊسڊائون (بنا ٿنڀي) سِنڌو نديءَ تي وڏي لوهي پُل ايشيا جو نڪُ هئي. اُن پُل ۾ سَٽِ دروازا آهن جي سِنڌ ۽ بلوچستان جي کيتن کي پاڻي پياريندا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هِندُن کي ڀارت اَچڻو پيو. هندو رياستن ۾ شرڻارٿين کي شرڻ تہ ملي، پر هنن رياستن ۾ مُفت راشن ۽ سرڪاريِ آواس جون سهوليتون ميسر ڪونہ هيون، اِن ڪري پنهنجن پيرن تي بيهڻ وارن لاءِ سرڪاريِ سهوليتون ميسر هيون. تنهنڪري سنڌ مان جا لڏ پلاڻ ٿي سي هند سرڪار جي ڪئمپن ڏانهن پيئا. ساجن بہ ڪٽنب ونئي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ آيو هو، هن جا ماما ڪئمپ ۾ اَڳيئي هئا ۽ بئرڪ ۾ جاءِ والاري رکي هئائون. تنهنڪري هن کي رهڻ-ڪائڻ جي تڪليف درپيش ڪانہ آئي.

ٿوري وقت کان پوءِ هو ۽ هنجا ٻارَ ڪئمپ جي نرڳ زندگيءَ کان بيزار ٿي پيا. زالس ۽ ڏيٽس ساجن کي ڪئمپ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪٿي بئنڪ جو بابوُ ۽ ڪٿي ڪئمپ جي نرڪنُما زندگي، جٿي نہ ڪاڪوس نہ پاڻي! نہ پارٽيشن جو اِنتظام، ۽ نہ وري صفائي ۽ دوا-درمل جو



نالو : ڪرشڻ ريلومل سيتلاڻي ''مسرور''
جنم : جيڪب آباد شهر، سنڌ؛ ٢٠ - ٦ - ١٩٢٠
ڇپايل ڪتاب : ڪيترن ئي اخبارن، رسالن ۽ مخزنن ۾ مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون شايع ٿيل.
انعام : الڳ الڳ سنستائن دواران سنمانت ٿيل.
پيشو : تيل، سيمنٽ، رنگ پينٽ ۽ سينٽري سامان جو.
پتو : ٣٨ اي.، پليسڪر ڪالوني، اِندور - ٤٥٢٠٠٤

نِـڌڙکي

ڪشور پهوجا ''جيون''

مُ نهنجي ڀاڻيجي جي شادي هئي
پر مِٽ مائِٽ ۽ مهمان گهڻا ڪونہ
هئا انڪري منهنجي رهائِش جو
دوبست پنهنجي گهر جي پهرئين ماڙي
ي ڪيو هئائون. ڪمرو ڇڱو وڏو هو جنهن ۾
مان ٻيا پڻ رهايا ويا. مان ايڪانت وڌيڪ
سند ڪندو آهيان، گوڙ شور مونکي بلڪل
ڀِ ڀاءِ نہ پوَندو آهي. انڪري مون سيني
ن پاسي واري ننڍڙي ڪمري جي گهر
ٺي تہ ٻُڌايائين اُهو ڪمرو ساوتريءِ کي
واڙ تي ڏنل آهي.

''توکي کهڙيِ بکہ پيئي هئي جو
واڙي ويهاريو اٿيئي؟'' مون ڪانئس عجب
ن پڇيو هو.

''ويچاريِ وڏوا آهي. نونهن جي ستايل.
دس پٽ سان ڀائرن جهڙو رستو آهي، هو
ڻ ئي ڪيس هِتِ ڇڏي ويو آهي. خرچ
ندو اٿس. هاڻي تہ اسان سان ڏاڍيِ هري
ي ويئي آهي.'' ايترو چوندي ڀيڻ گنڀير
ي ويئي - ''سيڪو ائين سمجهندو آهي تہ
سون ڏاڍيون ڏاريون ٿينديون آهن. پراڻين

ڏيئرن کي پنهنجي ڏيئرن جيان پيار ڪونہ ڪنديون آهن. ڪين سدائين پيون ڏنيِ ڏينديون آهن. پر ساوتريءِ جي حالت اُلٽيِ آهي. هوءَ نونهن جيِ سَتايَل آهي. نُهٽس گهر مان لوڏي ڪڍيو اَٿسِ. نِـڌڙکيِ ٿي پيئي آهي!''


ساوتريءِ بابت اُن وقت صرف ايتريِ ئي ڄاڻ مليِ سگهيِ هئي ڇو تہ ڀيڻم شاديءَ جي ڪاريہ ۾ گهڻو رڌل هئي. ڀيڻم پوءِ ساوتريءَ سان ٻاڻ واقفيت ڪرائيِ تہ هوءَ ٻن ڏينهن اندر ئيِ مونسان هريِ مريِ ويئي. هوءَ منهنجي ڀيڻ لاءِ ڄڻ ماءُ سمان هئي پر اِن هوندي بہ هوءَ مونکي ''دادا دادا'' ڪري ڪوٺڻ لڳي. موقعو ملندي ئيِ مون ساوتريءَ کان پڇيو، ''هِتِ اڪيلي رهڻ ۾ توکي مونجهہ ڪانہ ٿيِ محسوس ٿئي؟''

''مونجهہ تہ ٿيندي ئي آهي. پر ڪري بہ ڇاتو سگهجي؟''

''توکي گهڻا پٽ آهن؟''

''سدائين جيئي، هِڪڙو ئيِ آهي.''

نالو	:ڪشور پهوجا ''جيون''
جنم	:ڳوٺ مولاداد ضلع جيڪب آباد، سنڌ؛ ۵-۱-۱۹۲۲
ڇپايل ڪتاب	:لاڄ، روشن مستقبل، منهنجي ناني،، جيون جوت، الا منهنجي دل تي جلي ۽ ٻيا.
انعام	: سنڌي ٻولي پرچار ۽ پڙهائي تي جيئہ سنڌ پاران، نئين دنيا پاران ۽ ٻہ سِنا چنائيتيءَ تي.
پيشو	:رٽائرڊ
پتو	:۱۴۵-۱، پرتاپ نگر هائوسنگ بورڊ ڪالوني، پرتاپ نگر اديپور -۳۱۳۰۰۱



سان اَٽيهه ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن وٽ ٻه ٽرڪون ڪم ڪرڻ لڳيون. هن کي ٻه ڌيئر هيون. هن وٽ جهجهو پئسو هو. هن کي پٽ جي چاهنا هئي. پٽَ کان سواءِ ڌنڊو، ڌن ۽ دولت کي وِرثت ٿي سمجهائين. اِن پٽَ جي چڪر ۾ ڪيس هڪ ٻئي پُنيان ٻه نياڻيون پلئه پيون. زالس سرسوتيءَ سمجهايس ته ”ڏيرم جي هڪ پُٽَ کي ٿي ڪڻي گودِ وَٺو. هوُ ٻه پنهنجا پُٽَ آهن نه؟ آخر ته پنهنجو خون آهي. رتَ کي رهنڊ پوندي آهي.“ سرسوتيءَ جون ڳالهيون هن کي نٽي آئڙيون. اِنَ ڪري اُنَ جو ڪو جوابُ نه ڏيئي چُپ چاپ رهندو هو.

آگري مان سالي جي ڌيءَ جي شاديءَ جو نِينڊ پتر آيس ته هو اوڏانهن هليو ويو. گهر ۾ زال جون ڳالهيون ٻُڌي ٻُڌي هوُ تنگ ٿي پيو هو. تنهن ڪري هوُ اَڪيلو ئي آگري هليو ويو. اُتي هنَ سالي سان پنهنجي دل جو درد ونڊيو. ٻئي ڏينهن جڏهن شاديءَ جا مهمان ٽڙي پکڙي ويا، تڏهن سالنس ساجَنَ کي اَنات آشرم وٺي ويو ۽ هن کي هڪَ سالَ جو هِڪُ ڇوڪرو ڏيارِيائين. سڀ فارملٽيز پوريون ڪري هوُ ڇوڪري کي وٺي رستي لاءِ ڇوڪري جي خوراڪ ڪڻي اِندؤر لاءِ روانو ٿيو.

هن سرسوتيءَ کي گودِ ۾ ڇوڪرو ڏيئي چيو، ”هي اَٿيئي پُٽُ. تو ته پُٽُ ڪين ڏنو، پر مان تو ڏيانءِ.“ هوءَ ساجن جي اِها ڳالهه ٻُڌي هڪي ٻڪي ٿي ويئي، اِئين ڪُڇي جهڙي پِٿ. هوءَ ساجنَ جي منهن ڏانهن تڪي رهي هئي. هنَ سوچيو هو آخر هڪ ڏينهن ساجن کي ساجهِ ايندي ۽ هو هڪ پرائي کي گود ونندو، پر هِتِ ته معاملو ئي اُبتو ٿي ويو. هوءَ ڏيراڻيءَ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندي؟ مائٽن کي، پاڙي وارن کي، ساهيڙين سنبنڌين کي ڪهڙو جوابُ ڏيندي ته مُڙسس اِهو ڪمُ ڇو ڪيو؟ جي گود ڇوڪرو وِٺو ئي هو ته ڀاءُ جو پُٽُ ڇونه ورتائين؟ ضرور اِن ۾ سرسوتيءَ جو ڏوهه هوندو. هن جي چرچ تي ئي آشرم مان ڇوڪرو ساجن آندو هوندو. لوڪُ ته آهي ٻوڪُ، ڪنهن جو واتُ جهلِبو. هن صرف ايترو چيو ته، ”سُٺو نه ڪَيَوَ.“

سرسوتيءَ ۽ ڇوڪرين ڇوڪري کي ڇاتيءَ تي پٿرُ رکي، ساجن جي خوشي ۽ ڇوڪري جي آئينده جو خيالُ رکي، ٻار کي پنهنجو ڪري پاليو ۽ نِپايو. هنن ڇوڪري جو نالو پرڪاش رکيو ۽ هن کي پُٽن جيان پاليو ۽ نِپايو. ڇوڪريون ته ويهن اُڻويهن گهرن ۾ پرڻجي ويون. پر پرڪاش جڏهن جوان ٿيو ته مائٽيون چوائڻ لڳا. ساجن ۽ سرسوتيءَ کان جڏهن ڇوڪريءَ وارا ڇنيءَ جي گهُرَ ڪن، ته هو هڪ ٻئي جي منهن ڏانهن نِهاريندا هئا ۽ ڪو جوابُ نه ڏيئي سگهندا هئا. آخر پرڪاش اهي ڳالهيون ٻُڌي ٻُڌي تنگ ٿيو هو. هنَ پاڻ کي سنڌي جوان سڏائي ۽ پيءُ جو نالو ساجنداس ٻُڌائي، آشرم مان هِڪَ سُهڻي ڪنوار وٺي آيو ۽ پيءُ جي مال مِلڪيتَ، ڌن دولت ۽ ڌنڌي جو مالڪ بڻجي ويٺو.

❖❖❖❖

سماج ۾ ماءُ پيءُ تہ ڌيءُ جي در جو پاڻي بہ نہ پيئندا آهن، پوءِ ساوتريءِ پنهنجي ڌيءُ وٽِ ڪيئن وڃي رهي آهي؟''

'' آخر ڌيئر ماڻهو ڇو گهرندا آهن؟'' پيڻ سوال ڪيو.

'' ڌيئر....؟ اڄ ڪالهہ ڪٿي ٿا گهرن ڌيئر... پاڻ مٿو پٽيندا آهن!''

''ٻيو ڪوئي ڪانهي،'' پيڻ چيو، '' مائٽن کي ڌيئر وڌيڪ ڪم اينديون آهن. ڏک سک جون ڀاڳي ڀائيوار وري بہ ڌيئر ئي ٿينديون آهن. ساوتريءَ ۾ پڻ ڌيءَ جو موهہ وڌيڪ آهي. هوءَ ماءُ جو ڏک سهي نہ سگهي، ڪيس زوريءَ وٺي ويئي!''

''تہ ڇڏيو سندس نونهن جا افعال اڃا ساڳيا آهن،'' مون ارمان ظاهر ڪندي چيو. هوءَ تہ هينئر نونهن ڪانہ رهي آهي، ماءُ بڻجي ويئي آهي. اڄ نہ سڀان ڪيس بہ نونهن ملندي. اولاد جو پيار ڇا ٿيندو آهي، اِن جو احساس اڃا بہ ڪيس نہ ٿيو آهي؟ اِنسان آهي يا پٿر؟''

''احساس تہ پري رهيو،'' پيڻ چيو ''هوءَ پاڻ مڙس کي ڌمڪيون ڏيندي رهندي آهي تہ جيڪڏهن ماءُ کي واپس وٺي ايندو تہ هوءَ آپگهات ڪندي! ڪيس جيل جي هوا ڪارائيندي!!جيل جون چڪيون پيهارائيندي!!!''

'' ساوتريءَ کي سڪيلڊو پوٽو بہ تہ آهي نہ؟'' مون پڇيو هو، ''مُوڙ کان وَڌِ تہ وياج پيارو ٿيندو آهي. ڇا وٽس پوٽو بہ ڪونہ ايندو اهي؟''

''ڪڏهن ڪڏهن ايندو اٿس، هنڪي بہ ماءُ اهڙو تہ ڌمڪايو آهي جو ٻالڪ هيسجي ويو آهي!''

بعد ۾ مون ساوتريءَ ۽ سندس ڌيءُ سان پڻ ملاقات ڪئي. سندس ڌيءَ جو گهر پري ڪونہ هو. مونکي اِهو ڏسي خوشي ٿي تہ ساوتريءِ اڳي کان صحت ۾ بهتر هئي ۽ سرهي پڻ لڳي رهي هئي. سندس چهري تان ڏک ۽ ڪيلاڪِپ جا بادل پري ٿي ويا هئا. هوءَ ڌيءُ تي بہ بارُ ڪونہ هئي؛ ڇو تہ خرچ تہ ڪيس پٽ ئي پهچائيندو هو. هوءَ پنهنجو رڌي پچائي کائيندي هئي. پر پنهنجي پٽ نونهن ۽ پوٽي کي ڏسڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڇِڪ بنھ ڪانہ ٿيندي هجي، ائين ڪونہ هو. اِنَ ڪري منهنجي منهن مان اُمالڪ نڪري ويو هو -''سچ پچ افسوس جي ڳالهہ آهي. ماءُ پٽڪندي رهي، رنج ۽ غم جا بار ڍوئيندي رهي، ڇُڙي ڇُڙي پڇاڙيءِ ڪاٿي ۽ پُٽَ کي ڪو ڪهڪاءُ نہ اچي؟ اهڙن پُٽن کان تہ ڌيئر ئي چڱيون!''

منهنجي لفظن تي ساوتريءَ جو هنياءُ جهري پيو هو ۽ هوءَ پوءِ سڏڪا ڀري روئڻ بہ لڳي هئي؛ جڻ ڪيس ورهين بعد همدرد مليو هو، جنهن سندس پُڪار ٻُڌي هجي ۽ صحيح لفظ چيا هجن! منهنجو انداز صحيح نڪتو هو تہ جيتوڻيڪ هوءَ ڌيءُ وٽِ سکي هئي، پر پٽ، نونهن ۽ پوٽي جي جُدائيءَ جو غم سندس هنياءَ کي اُڏوهيءَ جيان کوکلو بڻائي رهيو هو.

”تنهنجي پٽ کي بہ اولاد هوندو؟“

”ها... کيس بہ سڪيلڊو هڪڙو ئي آهي.“

”پوءِ تہ پريوار وڏو نہ چئبو... اِن هوندي بہ.... توکي تنهنجو پٽ پاڻ سان گڏ ڇو نٿو رهائڻ چاهي؟“

ساوترِيءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. چپ ڏندن سان لڳي ويس. اهڙو ڪجهہ جهڙپ پِيتِ. جواب ڏيڻ بجاءِ هوءَ اُٿي، مٿي پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ مان پنهنجي جلد بازِيءَ تي پاڻهي پشيمان ٿي ويو هوس.

فرصت ملڻ تي پيڻ وٽان ڄاڻ پيئي تہ ساوترِيءَ جي شادي سنڌ جي خيرپور رياست ۾ ٿي هئي. اُتيئي کيس هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄاوا هئا. ان بعد هوءَ وڌوا بڻجي ويئي هئي. ورهاڱي بعد سندس ڏيرَ کيس ڀارت وٺي آيا هئا، پر کين روزگار ڪونہ لڳو تہ اُنهن مان ڪو ڪوٽا تہ ڪو اِندؤر تہ ڪو ڀوپال هليو ويو. ساوترِيءَ کي کيرُ بہ پاڻ سان وٺي ڪونہ ويو ۽ هوءَ نڌڻڪي بڻجي ويئي! ساوترِي چاهي ها تہ اُنَ وقت ٻي شادي ڪري سگهي ها. سُهڻي سُڊوَل ۽ سُلڇڻي ساوترِيءَ کي قبول پوڻ ۾ ڪا دقت آڏو نہ اچي ها؛ پر اولاد جي موهہ سندس اهڙي خواهش کي روڪي ڇڏيو. سندس پيرن ۾ ٻيڙيون ٻڌي ڇڏيون. ساوترِيءَ اولاد جي صدقي گهر-گهر جو پورهيو پسند ڪيو. ٻهاري پائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ وغيره مان کيس پيٽ گذر جيترو ملي ويو تہ هن

پنهنجي زندگيءَ جي عيش-عشرتن ۽ سکن کي اولاد مٿان نڇاور ڪري ڇڏيو. ٻنهي ٻارن کي لاڏ ڪوڏ سان پالي پوسي وڏو ڪيو؛ پڙهايو ۽ لائقيءَ سان لڳايو. ٻنهي ٻارن جي شادي ڪرائي. ڏيٺس تہ پرائي گهر وڃي سکي ٿي، پر ساوترِيءَ کي نُنهن وٽان سک نصيب نہ ٿيو.

چوندا آهن عورت گهر جي لڪشمي ٿيندي آهي. سندس پيرن ۾ ئي ڀاڳ ٿيندو آهي. نئين ڪنوار خوشحالين جا ڀنڊار پاڻ سان گڏ کڻي ايندي آهي. پر ساوترِيءَ جي نونهن جا لڇڻ ئي ڪجهہ اُلٽا نڪتا. گهر جي مالڪياڻي، نونهن اڳيان نوڪرياڻي بڻجي ويئي! ساندهہ اٺ سال ڏکہ سهندي سهندي، ساوترِيءَ جو سرير سکي ڪنڊا ٿي ويو ۽ اکين جي جوت پڻ جهڪي پئجي ويس. ساوترِيءَ جي عمر پنجاهہ ورهين کان مٿي نٿي لڳي، پر هلڻ وقت سندس ٽنگون ڏڪي رهيون هيون، سبزِيءَ کي چاقوءَ سان ڪٽيندي سندس هٿ ڏکي رهيا هئس. سندس حالت بلڪل قياس جوڳي نظر آئي هئي.

اٽڪل ڏهہ سال اڳہ مون جڏهن اُديپور ۾ مقام ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن پيڻ سان وري ملاقات ٿي، پر ان وقت مڪان ۾ ساوترِي نظر ڪانہ آئي هئي. پيڻ ٻڌايو تہ هوءَ هاڻ پنهنجي ڌيءَ سان گڏ رهندي آهي. مونکي ڏاڍو عجب لڳو هو - ”سنڌي

نئون دؤر

ڪملا ٻُٽاڻي

اَ مان! واڌايون هجَنِوَ، گهرَ ۾ لڇمي آئي آتوَ. نرسِ جا اِهي اَکرَ ڪنن ۾ چڻ زهرُ اوتي ويا. چانديءَ جو بدنُ ڪنڌارجي ويو. هوءَ ٻئي هٿَ متي تي رکي روئڻَ لڳي. ”هاءِ، پهرين ئي ڌيءَ ڄائي، ڪُلُ نہ تريو ئي ڪينَ.“

چاندي چانديءَ جي ڪنڌارن جي جيڪا ڳنڍِ ٻڌي آئي هئي، ڇوڙي نہ سگهي. ڊاڪٽر، نرس يا نوڪرن کي خرچي ڌيءُ ڄمڻ تي نہ، صرف پُٽَ ڄمڻَ تي مِلندي آهي.

راڌا ڏٺو نہ سَسُ جو ٻوٿ سُڄيل هو. مُنهن تي جيڪا مُرڪ ويم کان اَڳَہ هئسِ غائِب ٿي وئي هئسِ. ٽي ڏينهن نہ اسپتال ۾ هوءَ چپ رهي پر جڏهن ئي گهر آئي نہ سڀِ ڪاوڙ چندروءَ تي اچي ڪڍيائين.

ڇٺيءَ جي ڏينهن چندروءَ دوستن کي پارٽي يا روٽي کارائڻ جي پيشڪش ڪئي نہ چاندي هيڪاري اچي ڪُلي ”ڇي وَڏو بورُ ڄٽيو آتائين جو داوتون ڪندو. اَڙي ڏئي ها ڪو ڦَٽڙو نہ مان ئي شهنايون وڄرايان هان.“

چندرو :- ”پر بہ امان اِها بہ ڪا ڪنهنجي وَسَ جي ڳالهہ آهي نہ پُٽُ ئي ڄمندو، ڌيءَ نہ.“

چاندي :- ”مون نہ پنڊتن کان جاپ ڪرايا هئا، چيائون پُٽُ ئي ڄمندو. هِن جا ئي ڪرم خراب هوندا. لڇڻ نہ سڀ پُٽ جا هئسِ.“

چندرو :- ”امان اَڄ ڪلهہ ڇوڪرا ڇوڪريون برابر آهِن. پاڻ ڇوڪريون ماءُ پيءُ جي وَڌيڪ شيوا ڪن ۽ ٻانهن ٻيلي ٿيون ٿين. ڏسو نہ توهانجون بہ نہ ٽي ڌيئَر آهِن اُهي توهانکي ڪيڏيون نہ مٺيون آهِن.“

چاندي سندس ڌيئرن جو ذڪر ايندئي چپ ٿي وئي. پر نونهن کي نہ سچو گيهہُ کارايائين نہ لڏون. نہ دِل سان ڪا شيوا ڪيائينسِ. يارهين ڏينهن تي ئي سنان ڪرائي رسوئي سندس حوالي ڪري ڇڏيائين



نالو : ڪملا ٻٽاڻي

جنم : ڪراچي، سنڌ؛ ١-٨-١٩٤٠

ڇپايل ڪتاب : پرائي درد جو احساس، هڪ ٻيو مسيحا، نئي زندگي،انسانيت جي راهہ.

انعام : راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان ناول تي، راجستان سطح تي ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ ٻيون اِنعام.

پيشو : ليڪچرار گورمينٽ ماڊل سينئر سيڪنڊري اِسڪول.

پتو : اِي. آءِ. يو. آءِ. ٽي. ڪالوني ناڪا مَدار، اَجمير.

مون اُڏيپور ۾ پڪيءَ طرح مُقام ڪيو ته ڀيڻ وٽ هر گهڙيءَ ڦيرو ڪرڻ جو موقعو ملندو رهيو. ساوتريءَ ۽ سندس ڌيءُ سان به ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيڻ لڳي. خبر ناهي ته ڇو مون دليون چاهيو پي ته ساوتريءَ پنهنجو ٻڍاپو سک ۽ چين سان گذاري. هوءَ ماءُ آهي ۽ ماءُ سرڳ سمان ٿيندي آهي. سندس چرنن ۾ ئي سُرڳ آهي. هر عورت کي ڪڏهن نه ڪڏهن ماءُ جو پد ملي ئي ملي ٿو، پوءِ اُها ڌيءُ هجي يا نونهن! هرڪنهن عورت کي اِن پد تي پهچڻ جي لالسا ٿيندي آهي. ساوتريءَ جي ننهن پڻ اِهو پد حاصل ڪيو آهي. ڪڏهن نه ڪڏهن ته کيس اهو احساس ٿيندو ئي. اِها مونکي اُميد هئي ۽ مون ڏسڻ پي چاهيو ته اِها خواهش حقيقت جو روپ ڌارڻ ڪري ٿي يا نه. اها سچ پچ اِنسانيت جي تقاضا پڻ آهي.

۽ سچ پچ هڪُ ڏينهن اُهڙو اَچي ويو، جو ساوتري مونکي سندس ڌيءُ جي گهرِ نظر ڪانه آئي. ڏيٽس خوش ٿيندي چيو: ''دادا، امان جي نيٺ ڀڳوان ٻڌي. ڏيڍ سال اڳ ڏوهٽي جي شاديءَ تي هئس. ان وقت اوهان سنڌوُ نگر ويل هئا؛ اِنڪري اوهانکي اها خبر پيئي نه سگهي. پر دادا، منهنجي ڀاڀي پنهنجي نونهن کي به سکي رکي نه سگهي. ڀلا نونهن ورتائين ڪمائيندڙ. خيال ٻنهين جا الڳ الڳ. نونهن ئي کانئس جدا ٿي ويئي! پٽ جي جُدائيءَ کيس محسوس ڪرايو ته ڳ ذريل ڪيترن سالن کان جنهن سسُ کي پٽ جي پيار کان وانجهي رکيو هئائين، تنهنجو ئي ايشور کيس بدلو ڏنو. ايشور وٽِ نياءَ جي دير آهي پر ملي ضرور ٿو! هڪ ڏينهن منهنجي ڀاڄائي پاڻ چڙهي آئي ۽ اَمان جي قدمن ۾ اچي ڪري پيئي!! ۽ اَمان ساڻس هلي ويئي.

ساوتريءَ جي اَنتم زندگي سکدائي بڻجي ويئي، اِهو ڄاڻي مونکي بيحد خوشي ٿي ۽ اها چرم-سيما تي تڏهن پهچي ويئي جڏهن ڏيٽس وڌيڪ ٻڌايو: '' اَمان هينئر ڏاڍي خوش آهي. هوءَ هاڻي گهڻو وقت پنهنجي پوٽي جي نونهن وٽ ئي گذاريندي آهي هوءَ اَڄ نڌڪي ناهي. هينئر ته کيس پرپوٽو به گود ۾ مليو آهي. اٿين پيئي پائين ته هن ڪلجڳ ۾ کيس سرڳ ملي ويو آهي. هر گهڙيءَ چوندي آهي - مان ته خبرپور پهچي ويئي آهيان. هيءُ منهنجو ٿيندڙ فرشتو پوٽو ناهي پر منهنجي گهوٽ جي هوبهوُ صورت آهي. دادا.... اَمان ايترو خوش آهي....ايترو خوش آهي جو...''

۽ ڏيٽس جي اکين مان خوشيءَ جا آنسو ن ڇُلڪڻ لڳا!

****

آهڙيءَ طرح ٻنهي ڇوڪرين جو لالن-پالن چندروُ تمام سُٺي ڍنگَ ۽ پيار سان ڪندو هو. پُٽن جي هن کي تمنا ئي نہ رهي. ٻالڪيون بس ڏاڏيءَ جي پيار کان وانجهيل هيون تہ بہ ڏاڏيءَ جي دل جيتڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون هيون.

ٻئي ٻالڪيون تمام سُٺن اسڪولن ۾ پڙهي تمام هوشيار ۽ لائق ثابت ٿيون.

وقت ويندي ويرم ئي نہ ٿي. سونا ۽ روُپا، اڄُ نِنديون، سُيان وڏيون. سونا سِول سرجن بڻي ۽ روپا ڪليڪٽر.

هڪ ڏينهن اَڌ رات جو جڏهن ڏاڏي سنان ڪونيءَ ۾ وئي تہ پاڻيءَ جي ترڪڻ تي هن جو پيرُ ترڪي پيو. هوءَ ڌوُ وڃي ڪري. هن جي منهن مان رڙ نڪري وئي -" آڙي مري وِيَس، گهوڙا ڙي، ظلم ٿي ويو."

سونا ۽ روُپا ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾ ئي سُمهنديون هيون، سي هڪ دم جاڳي پيون. ڏاڏيءَ کي ڪريَلُ ڏسي گهبرائجي ويون. هن کي کڻي آڻي پلنگ تي ليٽايائون، پر ڏاڏيءَ جي رڙ هيٺِ، رڙ مٿي پئي پوي.

سونا جاچ ڪري ڏٺو تہ سمجهي وئي تہ اَمان جي ٽنگ جي هڏي ڀڃي پئي آهي. بس، پوءِ تہ هن ڊاڪٽري پينترا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيائين. جلد اسپتال مان ائمبولنس گهرائي اُنہ ۾ ڏاڏيءَ کي اِسپتال وٺي ويئي. ڊاڪٽرن ايڪس-ري ڪري پٽو چاڙهي ڇڏيو. ٻن ٽِن ڏينهن کان پوءِ اَمان کي گهر وٺائي آيا.

اِنَ وچہ ۾ اَمان کي ڄاڻ پئي تہ سندس پوٽي سونا، وڏي ڊاڪٽر آهي ۽ هنجي ڪري ئي سڀ ڊاڪٽر کيس 'اَمان اَمان' ڪري پيا ڪوٺينِ ۽ هر هر ڏسڻ پيا اَچنِ، پريم سان پيا ڳالهائين. نرسون بہ وقت سر وقت دوا ڏيئي حال چال پيون معلوم ڪن.

گهرَ ۾ بہ سونا ڏاڏيءَ جي تيمارداري تمام پنهنجائپءَ سان پاڻ ڪندي هئي. هٿ سان دوا ۽ گوريون ڏيڻُ، سوُرُ وقت تي سُيون هڻڻُ، رات جو ننڊ نہ اَچڻَ تي ننڊ جي دوا ڏِيڻَ جو ڪمُ پنهنجي هٿَ سان ڪندي هئي. ڏاڏيءَ کان هر وقت پاڻ پُڇندي هئي، "اَمان! ڪا تڪليف تہ ڪونَ اَٿوَ؟"

شام جو اِسپتال مان موٽڻ مهل مؤسميءَ جو جوُسُ ڪڍائي ايندي هئي ۽ ڏاڏيءِ کي هٿن سان اچي پيئاريندي هئي.

ڏاڏيءِ کي اَحساس ٿيو تہ پوٽو بہ شايد منهنجي ايڏي سارَ نہ لهي هان، نہ شيوا ڪري هان، جيڏي پوٽيءَ ٿي ڪئي.

ڏاڏيءِ لاءِ نرس بہ رکي وئي هئي پر رات جي وقت سونا ئي ڏاڏيءِ جي سنڀال ڪندي هئي. هن جي راتِ جي ننڊ پڻ ڦٽندي هئي پر چوندا آهن تہ پريم ۾ سڀُ جائِز آهي.

ڏيڍ مهيني کان پوءِ ڏاڏيءِ جو پٽو کُليو. سونا ٻارن جيان ڏاڏيءِ کي آهستي آهستي پنڌ ڪرائيندي هئي. اِن ڪم ۾ هوءَ بلڪل خفا نہ ٿيندي هئي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو ڏاڏي جهڙي هئي تهڙي جاني ٿي وئي.

هاڻي ڏاڏي-پوٽيءِ جو پريم ڏسڻ وٽان هو. ڏاڏي ٽُرُ مان ٽُر سونا روپا کي

راڌا گرئجوئيٽ هئي ۽ اِسٽينو ٽائيپسٽ پڻ. راڌا کي پيڪن جي يادِ اچي وئي. اکين مان ڳوڙها ريلا ڪري وهڻ لڳس. هن جي پيڪي گهَرِ تہ سڀُ فارورڊ هئا. هن جي ماءُ پوٽن پوٽين ۾ فرق نہ سمجهندي هئي، هنن کي برابر سمجهندي هئي. نونهن کي بہ ائين پيائيندي هئي ڄڻ تہ ڌيئرُ هجن.

چندرو ماءُ جو سِڪيلڌو پٽ هو. جيڪر بہ ٽي ٻار هجنسِ ها تہ چانديِ واري-وٽيءَ سان وڃي ڪُجهہ وقتُ هر هڪ وٽِ رهي ها، پر هاڻي تہ راڌا لاءِ ڪا واهہَ ئي ڪانہ هئي.

هنجي سَسُ سڄو ڏينهن نونهن جون وِڪون پئي ڪڍندي هئي ۽ ڪلاڪَنِ جا ڪَلاڪَ پاڙيوارِين سان وڃي ڪچهريون ڪندي هئي.

راڌا گهرَ، ٻار، پتي ۽ سَسُ سيني جي شيوا پئي ڪندي هئي. لِڳ بہ ڪچا هئَسِ ۽ ويَم کان پوءِ آرامُ بہ ڪونہ مِليس تہ هوءَ ڪمزور ٿي وئي ۽ هن کي بخار اچڻ لڳو. چندرو راڌا جي بيماريءَ جي دوا تہ ڪري ٿي سگهيو، پر مَنَ جي بيماري ڪيئَن وڃين؟

روپا جي ڄمندي ئي چندروءَ کي پروموشن ملي ويو. چندروءَ کي پڪَ ٿي وئي تہ برابر نياڻيون لڇميءَ جو روپُ ٿينديون آهن. خوشيءَ مان ماءُ کي چيائين، ''ڏِٺوَ، اَمان ! مونکي رُوپا ڄائي کان پوءِ ڪيڏو نہ فائدو ٿيو آهي؟ پنج سؤ روپيا هر مهيني جو فائدو. چوندا آهن تہ ايشور جنم کان اَڳُ ئي هنَ جي ڀاڳَ جو اِنتظام ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ پنهنجو ڀاڳُ پاڻ سان کڻي آئي آهي. سچُ آهي، جنهن کي سواسُ ٿو ڏئي تنهن کي گراسُ بہ ڏِئي ٿو.

وقتُ وِيو گذرندو. سونوُ بہ اَچي ٽِن سالن جي ٿي، هاڻي هوءَ اِسڪول بہ وڃڻ لڳي تہ چانديءَ کي پوٽي جي چاهہ ٿي. راڌا وري اُميد واري ٿي، پر شرم کان ئي چار مهينا تہ ڪنهن سان ڳالهہ ئي ڪانہ ڪيائين. جڏهن چندروءَ کي خبر پئي، تہ هنَ راڌا جي سونوگرافي ڪرائي، جيئن ماءُ جي ڇئي پٽاندڙ پٽ ئي ٿي سگهي. سونوگرافيءَ مهل بہ راڌا سان گڏ چانديءَ کي ئي موڪليو ويو. سونوگرافيءَ ۾ ڇوڪريءَ جا ئي لڇڻ ڏِسڻ ۾ آيا تہ چانديءَ جا ٻہ بہ ويا تہ ڇهہ بہ ويا. هوءَ ڊاڪٽر کي ڇَوَڻ لڳي، هن جو ڪو علاجُ ڪر، ڇو جو اِسان کي ٻي ڇوڪري نہ کپي. ڊاڪٽر سمجهايس، ''پهرين ڳالهہ تہ هاڻي دير پئجي وئي آهي؛ ۽ اَبارشن ۾ جان جو خطرو آهي. ٻيو تہ پٽُ ڄڻڻ لاءِ مرد تي ئي دارومدارُ آهي. سائنسدانن اِهو صابت ڪيو آهي. اِن ڪري عورت جو اِنَ ۾ ڪوبہ ڏوهہ ڪونَ آهي.''

گهر اَچي چاندي چندروءَ سان بحث ۾ اَچي پئي. چندروءَ چيو، '' اَمان، توهان ڇوڪرين مان ناراض ڇو ٿا ٿيو. ڌيءَ تہ مون کي ڄمندي نہ؟ توهان تي کهڙو ٻارُ پوَندو؟'' ڀلا توهان بہ تہ ڪنهن جي ڌيءَ ئي آهيو. جيڪَر توهان جا ماءُ پيءُ بہ توهان کان نفرت ڪن ها، تہ توهان تي کهڙو اَثرُ ٿئي ها؟ ٻيو تہ توهان بہ ٽي ڌيئر ڄڻيون آهن. ڇا اُهي توهان کي ڪؤڙيون آهن؟''

مٿين سيني دليلن سان چاندي سهمت نہ هئي، تہ بہ پوٽيءَ لاءِ هن جو مَنُ نہ ٿيو مڃي.

ويرِ ڪُماري

پورن لال ٺـلياڻي

ڪ سورا هِڪ ننڍي رياست هُئي جنهنجو مالڪ راجا سچڻ سِنگهہ هو. کيس ٻہ ٻار هُئا. هِڪ جو نالو راجڪُمار لڪشمڻ سِنگهہ هو ۽ ٻئي جو نالو تاجڪُماري هو. جڏهن ٻنهي ٻارن هوش سنڀاليو تڏهن راجا کين پنهنجي گروءَ وٽِ وديا سکڻ لاءِ وِهاريو. وديا سيکارڻ سان گڏ خاليِ وقت ۾ گُرو ٻنهي ٻارن کي تير ۽ تـرار هلائِڻ پڻ سيکارِيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گرو ٻنهي ٻارن کي وٽيِ جهنگل ۾ شِڪارُ کيـڏڻ لاءِ ويندو هو، جئن کين تير ۽ تلوار هلائِڻ جو پاڻ ۾ پورو وشواس ٿئي.

گروءَ جڏهن ڏٺو تہ ٻئي ٻالڪ نہ رُڳو وديا ۾ پڙُ ٿيِ ويا آهِن پر تير ۽ تلوار هلائِڻ جي فن ۾ بہ نِپُڻ ٿيِ چُڪا آهِن، تڏهن کين واپس راجا وٽِ موڪليو. هاڻي راجڪماريِ ۽ راجڪُمار ٻيئيِ اڪيلي سِر جنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويندا هئا ۽ ننڍو وڏو شِڪار ڪري موٽندا هئا. شِڪار ڪندي ڪندي ٻنهي کي پاڻ ۾ پورڻ وشواس پِڻ ٿيو ۽ آزمودو بہ ٿيو. روزمره شِڪار ڪرڻ جو ٻنهي جو نيم ٿيِ ويو. راجا بہ ٻنهي ٻارن جيِ قابليت ۽ هوشياريِ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. دِل ۾ ڦوليو نہ سمائِبو هو.

هِڪ دفعي جيِ ڳالهہ آهي ٻئيِ ياءَ پيئڻ تيار ٿيِ نيم موجِب شِڪار کيلڻ لاءِ جهنگل ڏانهن روانا ٿيِ ويا. جهنگل ۾ شِڪارُ ڳوليندي کين ڪو بہ شڪار هٿِ ڪونہ چڙهيو. شِڪار کان سواءِ واپس وڃڻ جو ٻنهي جو ڪو بہ اِرادو ڪونہ هو. گهوڙن تي سوار شِڪار جي ڳولا ۾ ٿوه وننda هلندا رهيا. ٿڪندا رهيا پر قدرت سان اُن ڏينهن ڪو بہ شڪار هٿِ ڪونہ چڙهيو پر نِراس ڪونہ ٿيا ۽ همت سان اڳتي وڌندا رهيا من ڪو شِڪار هٿِ چڙهيِ وڃي پر قسمت ٻنهيِ کي ڪو بہ ساٿ ڪونہ ڏنو. ٿڪندا ٿڪندا آخر اَچي هِڪ نِرجن بن ۾ پهتا.

اِن نِرنجن بن ۾ ڪجهہ ماڻهو گهاٽن ڇايادار وڻن جي ڇنيان لڪيِ ويهي پاڻ ۾ ڪائيِ صلاح مصلحت ڪري رهيا هئا تہ هُنن کي اوچتو گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جو

نالو	: پورن لال ٺلياڻي
جنم	: سنڌ
ڇپايل ڪتاب	: اڌوري خواهش، وشواس گهات.
انعام	:
پيشو	: سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائرڊ
پتو	: ٢۴٩، ڊبل اِسٽوري، نيو راجيندر نگر، نئي دهلي - ١١٠٠٦٠.

پنهنجي هٿن سان کارائيندي هئي ۽ نِري پوندي هئي.

روپا جي ڪليڪٽر ٿيڻ تي هن کي شاهي بنگلو مليو. ڪار ۽ نوڪر چاڪر مليا. هاڻي سڀُ وڏي بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويا. سوين ماڻهو روز روپا وٽِ ڪا نه ڪا فرياد کڻي ايندا هئا. ڏاڏيءِ کي اُنهن ماڻهن تي ڏاڍو گهڻو ترسُ ايندو هو ۽ هوءَ روپا کي



انهن جيِ سفارش ڪنديِ هئي. روپا به ڏاڏيءَ جيِ عزت رکنديِ هئي. جيترو ٿيِ سگهندو هوس غريبن جيِ مدد ۽ ڏکين جا ڏُکَ دُور ڪندي هئي. اُنهن کي نياءُ ڏياريندي هئي؛ اِن تي هن کي دُعائون ملنديون هيون. پوٽين کي خوشي هئي ته هنن ڏاڏيءِ جو من جيتي هن جو پيارُ حاصل ڪري ورتو هئو.

هاڻي گهٽيءِ مائٽيون ڇوڪرين لاءِ اچڻ لڳيون. پر ڇوڪرا ڏاڏيءِ ڀرين ڏسنديِ هئي. چونديِ هو باندر ڪندو منهنجي سونوءَ سان شاديِ؟ اڙي مُنهن ڏٺو اٿائين آرسيءِ ۾؟”

” ڦلاڻو ته روپا جي جُتيءِ جيِ برابريِ به نٿو ڪري سگهي.“ هاڻي پوٽيون هن کي پوٽن کان به مٺيون هيون.

هِڪ ڏينهن سونا ڏاڏيءِ کي چيڙائيندي چيو، ” امان هاڻي ٻُڌايو اسين ڪو پُٽن کان گهٽِ آهيون؟“ ڏاڏيءِ ٻنهين پوٽين کي ڀاڪُر ۾ ڀريندي مِٺي ڏيندي چيو، ” نه پٽ! توهان ته منهنجا نهرا پٽ آهيو.“

۽ ڏاڏيِ پُراڻين روايتن کي ڀُلائي نئين دوُر ۾ شامِل ٿي وئي هئي.

ڏيکاريو جو فيالحال تہ دشمن جي فوج پنهنجا ماڻهو مرندا ڏسي پٺتي هٽڻ لڳي. پر آخر هيڏي وڏي فوج سان مقابلو ڪرڻ ڪٺن هو. اِن هوندي بہ راجا همت ڪونہ هاري. پنهنجي مُٺِ ڀر بچيل سپاهين جانبازن سان، دشمنن جي فوج سان هولي کيلندو رهيو ۽ لڙائيءَ جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو.

لڙائيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي پتا جي (راجا) شهيد ٿيڻ جو ڏکدائڪ سماچار ٻُڌي، راجڪمار راجڪماريءَ کي گهرو صدمو پهتو. هاڻي دکہ ڪرڻ، آنسون وهائڻ ۽ ماتم ڪرڻ جو وقت ڪونہ هو. اِهو سوچي، ٻئي ڄڻا گهوڙن تي چڙهي، هٿيار پنهوار



پهري قلعي کان ٻاهر لڙائيءَ جي ميدان طرف ڊوڙيا. اُتي پهچي ٻنهي پنهنجي هوش حواس ۽ جوش سان دشمن جي فوج تي تلوار سان زوردار حملو ڪيو. اهڙي فن سان تلوارن جا وار ڪندا مليڇن جا سِرَ ڪاٽيندا رهيا ۽ اڳتي وڌندا رهيا. جڻ ڪسان پنهنجي کيت ۾ لابارو وجهندو آهي اهڙيءَ طرح فوج کي نابُود ڪندا رهيا. پر ڪيستائين؟ ہ اَڪيلا جوڙا هيڏي وڏي فوج سان مقابلو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. موت سان مقابلو ڪرڻو هو. دشمنن کي ناش ڪندا ٻيئي سخت گهايل ٿي پيا، اِن هوندي بہ ٻئي آخري دم تائين دشمن جي فوج جو سنگهار ڪندا رهيا.

مليڇن هاڻي راجڪمار ۽ راجڪماريءَ کي سخت گهايل ۽ ڪمزور ڏسي، ٻنهي کي جيئرو پڪڙڻ لاءِ گهيرو ڪرڻ لڳا. راجڪماري هنن جي بدنيت سمجهي ويئي. ڏٺائين تہ هاڻي بچڻ محال آهي ۽ دشمن جي وِر چڙهڻ کان موت ڀلو آهي. هڪدم ڀاءُ کي اِشارو ڪيائين. ڀاڻس اِشارو پائي سمجهي، پنهنجي تلوار جي هڪ ئي وار سان ڀيڻ جو سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪري وڌو. دشمن وائڙا ٿي ويا. اِن کان پوءِ راجڪمار پوري جوش ۽ هوش سان اهڙي تہ لڙائي ڪئي جو دُشمن بہ واہ! واہ! ڪرڻ لڳا. آخر اڪيلو گهايل ٿيل لڙائيءَ ۾ دشمن کي ناسُ ڪندو پاڻ بہ شهيد ٿي ويو پنهنجي سوَمان خاطر، ڀيڻ جي عزت بچائڻ خاطر.

اڄ بہ اِنهن جي شهيديءَ جو نالو ڀارت جي اِتهاس ۾ سونهري اَکرن ۾ لکيل آهي.

****

آواز ويجهو ايندو ٻُڌڻ ۾ آيو. سيئي خبردار
ٿي ويا. اينري ۾ راجڪمار ۽ راجڪماريءِ
پڻ اِن آستان جي ويجهو اچي پهتا. لکل
ماڻهو هنن ٻنهي کي اَڪيلو ڏسي بي-ايمان
ٿيا. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ راجڪمار کي
ماري راجڪماري کي کڻي هلجي. اِهو سوچي
لکل ماڻهن وڻن جي جهڳٽن مان ٻاهر نِڪري
ٻنهي کي گهيرو ڪيو.

راجڪمار ۽ راجڪماريءِ ٻنهي پاڻ کي
گهيريل ڏسي ڀهريائين تہ گهبرائجي ويا،
پر ڀوءِ پنهنجو هوش سنڀالي پنهنجي
جان بچائڻ لاءِ مياڻ مان تلوارون ڪڍي
مَليڇن تي ٽُٽي پيا ۽ ڏسندي ڏسندي ڪيترن
ئي دُشمنن جا سِرَ گجرُن-مُورِيُن جيان ڪٽيندا
رهيا. هوڏانهن حملاوَر دُشت پنهنجي ماڻهن
جا لاش زمين تي ڪريل ۽ ليٽڙيون پائيندا
ڏسي پنهنجي همٿ هاري ويٺا ۽ حملي جي
زوردار سٽ سهي نہ سگهيا ۽ ڀڄڻ لڳا.
پنهنجي جان بچائي ڀڄيُ پائي ڀڄي سِڌو
وڃي دهليءِ جي سُلطان وٽ پهتا.

ان وقت دهليءَ جو سلطان قطب-ال-
دين هو. اُتي پهچي اُن کي اچي دانهن
ڏنائون ، قبلا! اسان جهنگل ۾ ڪسُورا جي
رِياست جو راجڪمارُ ۽ راجڪماري اڪيلا
ڏٺا. راجڪماريءَ جي سونهن لاجواب هُئي.
اسان اُن جي حسن جي ڪهڙي تعريف
ڪريون. اسان سوچيو راجڪمار کي ماري،
راجڪماريءَ کي پڪڙي سُلطان کي هلي
ناياب سوغات ڏيون. قسم آهي خدا جو!
توهانجي بيگم بڻجڻ لائِق آهي. توهانجي
حرم کي چار چاند لڳي ويندا. چنڊ بہ هن
جي اڳيان شرمائجي رهيو هو. پر هنن
اسانجو حملو ناڪام ڪري ڇڏيو. هنن جي
تلوار اڳيان اچڻ موت سان مقابلو ڪرڻ هو.
ڪيترائي اسانجا ماڻهو گجر موريءَ وانگر
ڪاٽي ڇڏيائون باقي اسان پنهنجي جان
بچائي ڀڄي هتِ پهتا آهيون.

سلطان راجڪماريءَ جي اهڙيِ واکاڻ
ٻُڌي هوش حواس گنوائي ويٺو تہ ڪنهن
بہ صورت ۾ راجڪماريءَ کي پنهنجي بيگم
بنائڻ گهُرجي. اِهو سوچي پنهنجي فوج کي
ڪسورا رياست تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار
ڪيو. فوج قلع کي گهيرو ڪري ورتو ۽ راجا
کي حڪم ڪيائين ،" راجڪماريءِ اسانجي
حوالي ڪريو يا لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو."
راجا اهو بيهودو ان-سُهائيندڙ حڪم ٻُڌي
آگ بگولا ٿي ويو. جواب موڪليائين،
" اسين لڙائيءَ لاءِ تيار آهيون. مئي
مارائي کان سواءِ راجڪماري توهانجي
حوالي ڪرڻ اسانجي بي-عزتي آهي. اسين
اهڙا ڪانئر ڪونہ آهيون جو توهانجي
حڪم سان اسان پنهنجي عزت توهانجي
حوالي ڪريون."

راجا سچڻ سِنگهہ پنهنجي ننڍڙي فوج
تيار ڪري قلعي جو بار راجڪمار ۽ راجڪماريءَ
جي حوالي ڪري پاڻ لڙائيءَ جي ميدان
۾ ٽپي پيو. سوروير راجا پنهنجي سوَمان
خاطر پنهنجي تلوار جو اهڙو تہ جوهر

۾ ڦُولو. ڏيئر ھُيَس: بينا، مينا، لينا، ٽينا، نينا ۽ رينا. ڏھ ٻار، يارھون چوُلو ۽ ٻارھين سَندس ملوُڪ سينياڻي چوُلي. مطلبُ تہ ھِڪُ اسپيئر پليئر (spare player) سميت پوري ڪرڪيٽ ٽيم ھئي.

شادي ڪئي ھُئائون تڏھن ٻي مھاڀاري لڙائي پئي ھلي. اُن لڙائيءَ ۾ زبردست جاني نقصان ٿيو. اِنگلئنڊ ۾ تہ مرد ذات (Man power) جي ايتري کوٽِ ٿي پئي جو اَنگريزن ھندُستاني ڏنامُٽا جوانَ اِمپورٽ ڪري ڪين اُتي جي گورين منجھن سان شادي ڪرائي اَلڳ ڪالوني وسائي ڏني.

اُنَ وقت سيني مُلڪن ”آدم-شُماري وڌايو“ جو نعرو بلند ڪيو. گھڻن ٻارن ڄڻڻ وارن مائٽن کي سرڪار اِنعام ڏيڻ لڳي ۽ سرڪار پاران سندن سنمان ٿيڻ لڳو. اَخبارُن وارا شدمد سان سندن فوٽو اَخبارن ۾ ڇپڻ لڳا.

چوُلي ۽ چوُليءَ جي بہ دل سُرڪي تہ سندن بہ سنمان ٿئي. چوُليءَ جي پيٽ ۾ تہ وِلوڙا پوَڻَ لڳا. ھونئن بہ شادي ڪئي ٽي سالَ گذري ويا ھُئن، پر سندن ھنج ۾ ڪو کيلڻ وارو ٻارڙو ڪونہ آيو ھو.

چوُلو چوُليءِ کي خوب پستا، بادامَ، کيرَ ملايون کارائڻ لڳو ۽ چوليِ بہ ڏاھيُن دائيُن وٽ ڦيرا پائڻ لڳي. نيٺ ڪنھن ڏاھيءَ دائيءَ جو ڏسُ لڳي ويُسِ. بس، پوءِ تہ چوُلي ۽ چوُليءَ ٻائيواريءَ ۾ فئڪٽريءَ پوري زور شور سان پراڊڪشن چالوُ ڪري ڇڏي. ھر ٻئي سال ٻار پيدا ٿيڻ لڳو.

پنج ڇھ ٻارَ آيا تہ چوُليءَ محسوس ڪيو تہ ھيءُ نسخو ڏاڍو مھانگو ۽ ڏُکي ڪنڌڙ تي پيو آھي.

اَنگريز بہ ڀارت ڇڏي ويا. سندن وڃڻ کان پوءِ، پارٽيِ نيتائن، ڪارخانن کي ھمٿائڻ شروع ڪيو. کيت بدلجي ڪارخانا ٿِيڻ لڳا ۽ اَناجَ جي پئدائش ڏينھون پوءِ گھٽجڻ لڳي. راشن جي بہ سختي ٿيڻ شروع ٿي. ھاڻي چوُليءَ جي ڪمر بہ ڪڙھڻُ شروع ڪيو.

سوچڻ لڳي، ھاڻي ھِن آدم اُپجائو اِنڊسٽريءَ کي لاڪ آئوٽ ڪرڻ گھرجي. سرڪار طرفان بہ ”آدم گھٽ پيدا ڪريو“ جو اعلان ٿيو. اِن ڪري اِنعام مِلڻ جو آسرو نہ رھيو. سنمان ٿيڻ جو تہ سَوالُ ئي نٿي اُٿيو. ھاڻي چاچيِ چوُلي اُلٽا ڏسَ پُڇڻَ لڳي. جيسين ڪنھن ڏاھيءَ جو ڏسُ لڳي، تيسين ڏھاڪو پورو ٿي ويو. الڳ الڳ نسخا آزمائڻ لڳي، جنھن ٻيو بہ سندس جسم جھوري ڇڏيو.

آخر چوُليءَ چوُلي کي للڪاريو تہ پاڻ تہ ھليِ پيڪي، ۽ جيسين ھن آدم اُتپادڪ اِنڊسٽريءَ تي لال ٽِڪُنڊي سيل نہ لڳنديِ، تيسين سندس درُ ئي نہ ڏسندي.

”مَرتا ڪيا نہ ڪرتا“. ٻئي ڏينھن لاچار ويچاري چوُلي ھڪ سرڪاري ڊاڪٽر (جو سندس دوست ھو) جي مدد سان لال ٽِڪُنڊي جي مُھر لڳارائي آدم اُپجائو اِنڊسٽريءَ کي اصل لاءِ لاڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو. اوڏي مھل ئي چوُليءَ کي تارَ ڪيائين (ڪارخانو reach immediately Karkhana closed بند ٿي ويو، ھڪدم ھلي اَچُ).

❖❖❖❖

نانڪ دُکيا سڀ سنسار

نارائڻ محبوباڻي

خوشيرام جو جهڙو هو نالو، اَهڙو ئي هو سندس آچار وهنوارُ. هميشه ڏس تہ کِلندو ئي رهندو هو.

اُنهيءَ ڏينهن سندس اوطاق وٽان لنگهيُس. ڏٺم ٻاهر موڙ تي ويهي خياليرام سان ويٺو گپ شپ ڪري. مونکي ڏسي چوَڻَ لڳو، ”موجيرامَ! يارَ! ڏاڍِن ڏينهن کان پوءِ ڏٺو آهين. اَڄُڪلهہ عيد جو چنڊُ ٿي پيو آهين. ٻُڌل ماڻهوءَ جو مڙه بہ ٽئين ڏينهن نِڪري نِروار ٿيندو آهي. پر، يار! توَن اَهڙي گُٽَ هٽندو آهين، جو هفتو ڏهہ ڏينهن تہ پتو ندارد. خياليرامَ کي ويٺي خوشحاليءَ جو نُسخو ٻُڌايُم. تون بہ ٻُڌ، ڪڏهن ڪم ايندُءِ.“

مون واڇون ٽيڙيندو وَراڻيو، ”خوشيرامَ! تو وٽِ ڪهڙا نُسخا آهن؟“


جواب ڏنائين، ”توکي ڪهڙو نُسخو کپي؟ نيتاگيريءَ جو يا چمچاگيريءَ جو؛ داداگيريءَ جو يا پئداگيريءَ جو. تندُرستيءَ جو يا بيماريءَ جو. سنسڪرتيءَ جو يا ساهتيہ جو. تنگدَستيءَ جو يا راحتَ جو؛ بي-حاليءَ جو يا باحاليءَ جو؛ تلوار جو يا ڍال جو؛ مُکي ٿيڻ، سُکي ٿيڻ يا دُکي ٿيڻ جو؟“

مون عجب مان پُڇيو، ”دُکي ٿيڻ لاءِ بہ ڪو نُسخو ٿيندو آهي ڇا؟“

جواب ڏنائين، ”پاڻَ کي دُکي ڪرڻ جا تہ سوين نُسخا آهن.“

”خياليرامَ! خوشحاليءَ جو تہ هِڪُ ئي نسخو آهي. جنهن حال ۾ مالِڪُ رکي، اُنَ ۾ راضي رهہ. جي ڪيرُ توکي اونڌو ڪري ٽنگي، تہ سوچ اُن ۾ بہ مالِڪَ جي مهرباني آهي. اونڌو ٽنگڻ واري توتي لک لک مهربانيون ڪيون آهن. پير هميشه هيٺاهينءَ تي رهي، سڄي بدن جو بارُ کڻي ٿا سگهن. مٿو هيٺِ رهندو تہ سندس سوچڻ جي شڪتي وڌي ويندي. سوچڻ جي شڪتي وڌِي تہ جسماني دُک دور ٿي ويندا.

”هاڻي موجِيرام! دُکي ٿيڻ جو اَمُلهہ نسخو ٻُڌ. آسانجي پاڙي ۾ رهندو هو سيٺِ چوُلو. ڪيس چار پُٽَ هئا - لوُلو، ٻوُلو، موُلو



نالو : نارائڻ آسومل محبوُباڻي
جنم : ڳوٺ آراضي، تعلقو سيوهڻ ضلع دادو سنڌ؛ ١٧-٣-١٩٢٢
ڇپايل ڪتاب : ڪاياڪلپُ (ڪهاڻيون)؛ مئگزنن/رسالن ۾ ليک/ڪهاڻيون
انعام : آڪاشواڻي، جئپور تان جدا جدا وشين تي وارتائون. اَلڳہ اَلڳہ سِنڌي سنستائن دواران سنمانَ.
پيشو : پنهنجو ڌنڌو. سنگيت ۽ نانڪ وديا جو ڄاڻو.
پتو : Swastak Radio Co 4 Jawahar Market, New Sabzi Mandi, Kota-324006

ـہ راڏا جو پيءُ غريب هو. راڏا جي پيءُ
جي پوزيشن ۽ راڪيشَ جي پيءُ جي پوزيشن
ڏينهن رات جو فرق هو. راڏا جو پيءُ
اڪيشَ جي پيءُ جي سامهون ڪُجھ بہ ڪونہ
نو، ڇاڪاڻِ تہ راڪيشَ جو پيءُ هڪُ ناميارو
ينجنيئر هو ۽ راڏا جو پيءُ هِڪُ چپراسي
نو. اِنهيءَ ڪري راڏا جي سامهون راڪيشَ
نجي هلڻَ جو اِرادو ڏيکاريو. هِڪڙي ڏينهن
اڏا راڪيشَ سان گڏ ٻاهر نِڪتي. راڏا
نهنجي ڪنيَلَ قَدَمَ تي ڊڄي رهي هئي.
ـن جي ڊپَ جو ڪارڻُ هو تہ ڪو ڪيس ڏِسي
ـہ وٺي. راڏا جي مَٿي مان پسِينو نڪري
هيو هو. راڏا تيستائين ڊڄي رهي هئي
يستائين گاڏي اَچي. ٻئي ڄَڻا اِسٽيشن
ي پهتا پر راڏا جي پيٽَ ۾ ساهہ ڪونہ هو
اڪاڻ تہ راڏا جي زندَگيءَ جو پهريون
لط قدمُ هو. گاڏيءَ جي اَچڻ ۽ هلڻَ کان
وءِ راڏا سُکَ جو ساهُ کنيو.

راڏا راڪيشَ جي چَوَڻَ تي کنيَلُ قدمَ
ي پڇتائي رهي هئي ۽ مَنَ ۾ چَوَڻ لڳي
ماڻهو ڇا چَوَندا.

راڪيشَ راڏا کي هِمَٿ ٻَڌائيندي
ئي رهيو هو تہ تون ڪوبہ فِڪر نہ ڪر.
اڻهو گِلا تہ ڪندا، پَرَ اَسان ڪو غلط قدم
ونہ کنيو آهي. سڀ ڪنهن کي آزادي آهي.

راڏا اِنهيءَ ڳالھہ لاءِ راڪيشَ سان شامِل
ڪانہ هئي. هوءَ چَوَڻ لڳي تہ راڪيشَ،
ن مردُ آهين ۽ مان زالَ آهيان. زالَ ۽ مردَ
تفاوَتُ ٿيندو آهي. هرڪو زال ذات
هن آڱر کڻندو آهي. هوُءَ ويچاري سيني
جا طعنا ٻُڌندي رهندي آهي. تون مردُ آهين، توکي ڪوبہ ڪُجھ ڪونہ چَوَندو. جيڪڏهن ڪو چَوَندو تہ زالَ کي چَوَندو. هاڻي جيڪو قدمُ اَسان کنيو آهي اُنهيءَ کي نِڀائڻو ۽ سنڀالِڻو آهي. هاڻي اُڪرڙين ۾ سر وِڌو آهي تہ مُهرين کان ڪيرُ ڊڄندو؟ هاڻي زندَگيءَ ۾ ڪجھہ بہ ٿيڻو آهي، تنهن کي منهن تہ ڏيڻو آهي، ۽ اَسان کي سهڻ لاءِ تيار رهڻُ گهرجي. ٻئي ڄَڻا هڪ شهر ۾ لڏآ. سندن ڪا قسمت سُٺي هئي جو ڪيس مڪانُ مسوارَ تي مِلي ويو. مڪان مالِڪُ ۽ هنجي زال هئي. هوُ پاڻَ ۾ ٻہ ڄڻا هئا. ٻئي زالَ مُڙسَ ديالوُ هئا. ٻئي ڄڻا نوُڪريءَ مان رِٽائر ٿي ڪري اَڪيلائيءَ جي زندَگي گذاري رهيا هئا. سندن ٻارَ شادي ڪري ٻين شهرن ۾ نوڪري ڪندا هئا. مڪان مالِڪ جي زالَ جو نالو ليِلا هو. هوُءَ ڀڳوانَ جي ڀڳتياڻي هئي، پنهنجو وقتُ پاٺ پوُڄا ۾ گذاريندي هئي. هڪڙي ڏينهن راڏا پنهنجي دِل جو ٻوجهو هلڪو ڪرڻ لاءِ لِيلا کي سچي حقيقت ٻُڌائي.


لِيلا راڏا کي چيو تہ مان بہ زالَ آهيان. مونکي خبرَ آهي تہ زالَ جو دُکُ ڇا ٿيندو آهي. تون ڪوبہ فِڪر نہ ڪر، تون منهنجي ڌيءَ آهين. توهين ٻئي ڄڻا هتي آرامَ سان رهو. توکي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت پوي تہ مونکي چئِجِ. اَسان کي ايشورَ سڀ ڪُجھہ ڏنو آهي. تون ايئَن سمجھہ تہ تون پنهنجي پيڪي گهر آهين. راڪيش کي جيستائين نوڪري ملي، تيستائين تون مسوار جو فڪر نہ ڪر.

پريم جي شادي

ايم.ٽي. ڀاٽيا

چو
ڪري ڪي ڪو بہ قدم کڻڻ کان اَڳُ، سوچڻُ گهرجي تہ سندس کنيَلُ قدمُ ڪيتري قَدُر سُکدائي يا دُکدائي ٿيندو. پوءِ اِئين نہ ٿئي تہ ڪيس زِندگيءَ ڀر روئڻو پوي. ڪنهن بہ هڪڙي قدم کڻڻ جو مطلبُ ٿيو پنهنجي لاءِ مُصيبَتَ کي سَڏائڻُ. پڇاڙيءَ جو اِئين نہ ٿِئي جو ڪيس پڇتائڻو پوي. اَهڙو ساڳيو حالُ راڌا جو ٿيو. راڌا زِندگيءَ ۾ جيڪو پهريون قدمُ کنيو، اُنهيءَ لاءِ ڪيس ڏاڍو پڇتائڻو پيو. راڪيش جو گهرُ راڌا جي گهرَ جي سامهون هو. راڪيشُ هس مُک هو. سندس بَدنُ ڀَريَلُ هو. اَنگريزي ڳالهائڻ ۾ هوشيار هو. سندس وارَ اَئڪٽرن وانگُر کٽيَلَ هئا. هوُ ڳالهائڻَ جو مِٺو هو. اِنهن خوبيُن جي ڪري سيڪو سندسِ ڏانهن ڇڪبو هو. راڪيشَ-پيءُ اِنجنير هو. سندس پيءُ جو نالو هريرام هو. هوُ هِڪُ ايماندار اِنسانُ هو. هوُ رِشوَتَ کائڻ جي بَرخِلاف هو. هِڪَ طرف اُهي اِنجنيرَ هئا، جن جي گهرَ جو خَرچُ پاڻيءَ وانگُر ٿيندو هو، تہ هريرامُ سوچي سمجهي خَرچُ ڪندو هو، ڇاڪاڻ تہ

هُنَ کي پوُرتِ پنهنجي پَگهار مان ڪرڻي هئي. جيڪي اِنجينير رِشوَتَ وَٺندا هئا تِنِ جي نِنڊ قِتَلَ هئي تہ ڪاري ڌنَ کي سفيد ڪيئَن ڪريون. پَرَ هريرامُ اِنهي چِنتا کان مُڪت هو. آرامَ جي نِنڊَ ڪند هو. هريرامَ جي دِلي تمنا هئي تہ سندَس پُٽُ راڪيشُ اِنجنير ٿئي، پر راڪيش جو اِنجنير ٿِئڻَ جو اِرادو ڪونہ هو. هُن بي.ايس.سيِ پاس ڪئي هئي. هُنَجو اِراد نوڪري ڪرڻ جو هو. راڪيشَ پنهنجي پيرَنِ تي بيهڻُ ٿي چاهيو. راڌا جو ڀاءُ راڪيشَ سان گڏ پڙهندو هو. راڪيش راڌ جي ڀاءُ جو دوستُ هو، اِنهيءَ ڪري راڪيش جو راڌا جي گهر اَچَڻُ-وڃَڻُ ٿيندو هو راڪيشَ جي راڌا جي گهر اَچُ-وڃُ جي ڪري راڌا جو راڪيشَ ڏانهن جهُڪاءُ ٿيو. ٻنهي شادي ڪرڻَ جو قَسَمُ کاڌو. راڪيشَ ج پيِءُ اِنهيءَ شاديءَ لاءِ شايَد موڪلَ نہ ڏِئي ها. جيڪڏهن راڪيشُ پيءُ سان شاديءَ جي باري ۾ ذڪر بہ ڪندو تہ هريرام راڪيش جي شادي راڌا سان ڪونہ ڪرائيندو ڇاڪاڻ



نالو : ايم. ٽي. ڀاٽيا
جنم : .روهڙي، سنڌ؛ ٣١ - ١٢ - ١٩٢٨
ڇپايل ڪتاب : ڪلجُڳي رام، ڪرفيو، ڪلجُڳي ڪنتي ڪنواري، سوامي چيتنا وغيره.
انعام :
پيشو : رٽائرڊ ٽيليفون انسپيڪٽر
پتو : ٢٥/٥٠٨، ڀانگہ باوڙي، اَجمير - ٣٠٥٠٠١.

هئي. راڌا کي پنهنجي پيءُ تي به غصو اچڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳي ته منهنجي پيءُ جي اِها دِل ٿي ڪونهي جو منهنجي ڳولها ڪري. جيڪڏهن منهنجي جڳهه تي سندس پُٽ هجي ها ته پوءِ هو هن کي نه ڳولي ها!

جيئن جيئن راڌا کي ڊليوري جو وقت ويجهو پوندو پي آيو ته راڌا گهبرائڻ لڳي ڇاڪاڻ ته پهرين ڊليوري ۾ هرڪا عورت گهبرائبي آهي. ليلا ۽ سندس گهوٽ کي راڌا جو ڏاڍو فڪر هو ڇاڪاڻ ته راڌا بيچئن هئي.

ليلا جي گهوٽ ليلا کي چيو ته رات جو راڌا جي ڪمري ۾ سمهنديءِ ڪر. راڌا سوچڻ لڳي ته ليلا ياپي نه هجي ها ته ڇا ٿئي ها! راڌا کي راڪيش جو خيال ايندو هو ته هوءَ چوندي هئي ته مُڙس بنا زندگي اَڌوُري ۽ سُڃي آهي. زال ذات لاءِ ڇا اِهو دکه گهٽ آهي! راڌا کي پُٽ ڄائو. هوءَ ٽِن سالن کان ليلا وٽ رهي پيئي هئي.

ٻئي طرف راڪيش نوڪريءَ جي ڪافي ڳولا ڪئي پر کيس نوڪري ڪونه ملي. راڪيش کي ننڍپڻ جو دوست مليو ويو جنهن کيس پاڻ وٽ رهايو. هن کي راڪيش جي حالت تي رحم اچي ويو. هن راڪيش کي وڪالت پڙهڻ لاءِ همٿايو. راڪيش وڪالت پاس ڪئي. هن ٿوري وقت ۾ وڪالت ۾ نالو ڪڍيو. راڪيش هميشه راڌا کي يادِ ڪندو هو. جيئن ته راڪيش قسم کنيو هو ته جيستائين مان پنهنجي پيرن تي نه بيهندُس تيستائين راڌا کي شڪل ڪونه ڏيکاريندُس.

هڪڙي ڏينهن راڪيش راڌا کي ونڻ آيو. راڪيش راڌا کي نه پيو سڃاڻي سگهي ته هوءَ ڪا راڌا آهي، ڇاڪاڻ ته راڌا راڪيش جي سوچ ۾ ڪافي ڪمزور ٿي ويئي هئي. اڄ راڪيش کي ڏسي هن جا سالن جا ڏُکه هڪ گهڙيءَ ۾ لهي ويا. هوءَ راڪيش سان گلي ملي. راڪيش پنهنجي امانت ڏسي ڏاڍو خوش پئي ٿيو. پُٽ کي گَود ۾ کڻي نچڻ لڳو. راڪيش ليلا ۽ سندس گهوٽ جي پيرن تي هٿ اهڙيءَ طرح رکيا ڄڻڪِ هو سندس سڳا ماءُ پيءُ هئا ۽ ٻئي ماءُ پيءُ سان مليو. راڪيش کين چوڻ لڳو ته مون سان گڏ هلو هنن ٻنهين جٽن نه ڪئي، کيس چوڻ لڳا ته اسانکي اڪيلائيءَ جي زندگي ڏاڍي پسند آهي. اسانکي تنهنجي پُٽ ۾ ڏاڍو موهه آهي پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. اِهو دنيا جو دستوُر آهي ته ڌيءُ پرائي گهر جي امانت آهي. اِنهي ڪري اَسانکي موهه ڪڍڻو آهي. راڪيش کين پئسا ڏنا پر هنن نه ورتا. هنن راڌا ۽ راڪيش جي ڌام ڌوُم سان شادي ڪرائي.

ليلا راڌا کي چيو پيار جي شادي خراب نه آهي، جيڪڏهن ڇوڪرو پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي ته پوءِ شادي آنند واري آهي نه ته ڏُکن جو ساگر آهي.

❖❖❖❖

راڌا ليلا جي همدردي ڏسي ڪري ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويئي. سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. سندس آنسو ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳي ته هن سنسار ۾ اڃا به ڪي اِنسان آهن جن جي دل ۾ اِنسانيت آهي. اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي هوءَ ليلا کي 'ڀاڀي' چوندي هئي. راڪيشُ به نوڪريءَ جي تلاش ۾ هو پر ڪيس اڃا تائين نوڪري ڪانه ملي هئي. راڪيش کي ڪڏهن ڪڏهن ليلا جي همدرديءَ تي غصو ايندو هو، ڇاڪاڻ ته راڪيش هڪُ وڏگهراڻو ۽ سوايماني ڇوڪرو هو.

راڌا راڪيش کي سمجهائيندي هئي ته تون ڀاڀيءَ تي اجايو غصو ٿو ڪرين. ڀاڀي هڪ زال آهي ۽ زال کي زال ئي سمجهي سگهندي آهي. راڌا راڪيش کي چوڻ لڳي ته توکي خبر آهي ته مان ماءُ ٿيڻ واري آهيان. ڀاڀي منهنجو خيال رکي ٿي. توکي اِها خبر هئڻ گهرجي ته پئسي بِنا زندگي ڪيتري نه مُشڪِل آهي. بنا پئسي زندگي ذليل ۽ بي-عزتيءَ واري آهي. هن زندگيءَ کان ته پيءُ جو گهرُ بهتر هو. هيءَ به ڪا زندگي آهي!

راڪيشُ راڌا جي اکر ٻُڌي غصي ۾ اچي ويو. هن غصي ۾ راڌا کي چماٽ هڻي ڪڍي. راڌا کي ڏاڍو ڏُک ٿيو، هوءَ روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته پيار واقعي انڌو ٿيندو آهي. مان ڇو پيءُ ڇڏي نڪتس؟ افسوس! ٻئي طرف راڌا کي چماٽ هڻي ڪري راڪيش کي ڏاڍو افسوس ٿيو. هن گهر ڇڏڻ جو اِرادو نؤڪري ڳولهڻ لاءِ ڪيو هو. هوُ راڌا جي نالي چٺي لکي ڪري گهرُ ڇڏي هليو ويو :

پياري راڌا،

پيارَ سان پيٽُ ڪونه ڀريو ويندو آهي. روٽي کپي. تو سچ چيو ته بنا پئسي زندگ[ي] ڪيتري نه مشڪل آهي! امانت جو خيالُ رکجِ. توکي ليلا جهڙي ماءُ ملي آهي جنهن جي ڳالهائڻ تي مان خوامخواه غصو ڪندو هيُس. پنهنجي پيرن تي بيهڻ کان پوءِ توکي وٺي ويندُس.

تنهنجو راڪيش.

راڌا جنهن وقت راڪيش جي چٺي پڙهي ته زور زور سان رُئڻ لڳي. راڌا کي ليلا دلاسو ڏيڻ لڳي ته تون فڪر نه ڪر. تون منهنجي ڌيءَ آهين. مونکي ڌيءَ ڪانهَ آهي. تون منهنجي ڌيءَ آهين. اهڙيءَ طرح ليلا راڌا کي پرچائي رهي هئي.

هڪڙي ڏينهن ليلا ۽ سندس گهوٽُ ورانڊي ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته ليلا جي گهوٽ چيو :

"پريمُ هڪ قِسم جي چوغم جي برابر آهي، چوغم کائڻ کان اڳ ۾ مِٺو، مٺو ۽ چڪنو ٿيندو آهي. کائڻ کان پوءِ هڪدم بي-سَواد، ڦِڪو ۽ ڇپڇو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح پيارَ جي شادي ٿيڻ کان پهريائين تمام سُٺي ۽ مِٺُو لڳندي آهي، پر پوءِ بي-سواد ٿي پوندي آهي."

ليلا جي گهوٽ جا اکر راڌا ڪمري ۾ ٻُڌا ۽ من ئي من ۾ چوڻ لڳي ته دادا سچ چئي رهيو آهي. مون واقعي گهر مان نڪري غلطي ڪئي آهي اِها منهنجي بيوقوفي

ديواني جوش ۾ آچي چيو تہ ٻڌ، ۽ هوءَ شروع ٿي ويو. مان اڃا ١٧ سالن جو هوس ۽ روپا ١٦ سالن جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ هئي. هن جو نالو نہ صرف روپا هو پر هوءَ تہ روپ سندرتا جي کاڻ هئي. سندس گُلابي ڳلن تي کلڻ سان لڳندو هو تہ قدرتي روُڄ لڳل آهي. سندس ڊِگها وار هوءَ مٿي جڏهن چوٽ تي سُڪائڻ اِيندي هئي تہ مان هنکي ڏسندو ئي رهجي ويندو هوس. ڪتاب کي ديوار ٻٽائي مان ان اپسرا جي ديدار ۾ کوهجي ويندو هئس. سِياري ۾ تہ مونکي اُس ۾ ويهي پڙهڻ جو سُٺو بهانو هوندو هو. هوءَ بہ ڪو نہ ڪو بهانو ٻٽائي چوٽ تي ضرور هِڪ بہ ڀيرو ايندي هئي، پوءِ خبر ناهي تہ هنکي منهنجي ڪشش ڇڪي ايندي هئي يا سچ پچ پنهنجو ڪم هوندو هئس.

هِڪ ڏينهن دِل ۾ خيال ڪيم تہ اڄ ضرور روپا سان ڳالهائيندس. پاڻ ۾ هِڪ پڪي همت رکي ٻنوڙي تي ويهي، هنجو اِنتظار ڪرڻ لڳس. اوچتو منهنجي نظر هِڪ سِرڻ ۽ باز تي پيئي. سِرڻ باز کان دور رهڻ پي چاهيو ۽ باز هر هر لامارا هڻي سِرڻ جي پاسي ۾ تي وئو. نہ ڄاڻ ڇا سوچي مان يڪ ٽِڪ هي نظارو ڏسڻ لڳس. اِها بہ سُڌِ ڪانہ رهي تہ ٿوري لاپرواهي ڪرڻ سان ٻني تان ٽڙڪي گهٽيءَ جي ٻيءَ پرِ وڃي ڪِرندُس.

ازي! ازي! هي ڇا پيو ڪرين؟ سنڀال تہ سهين، ڪٿي ڪري نہ پوين. هِڪ مِٺي ويڻا جي آواز مونکي جاڳايو. ڏسان تہ روپا مونکي للڪاري رهي آهي. سندس منهن تي عجيب ڊپ جون ريکائون هيون. سرخ لب ڪارائجي ويا هئس. مون سندسِ ڊپُ دور ڪرڻ لاءِ مشڪيو ۽ مون هُنجو مِٺيءَ مشڪ سان سُواگت ڪيو.

هاڻِ تہ روز جو نيم ٿي ويو. پهرين اِشارن ۾ ڳالهيون ٿيون پوءِ وري وڏين وڏين ڇٽين ۾. ٻہ معصوم دليون ملڻ لاءِ آتيون ٿي ويون.

هاڻ اسِين ٻئي هر روز نديءَ جي ڪناري ڳڏجي خوب ڳالهيون ڪندا هئاسين، پاڻ ۾ پريم ونڊڻ لڳاسين؛ پر هي ڇا، هڪ ڏينهن روپا ڏاڍي اُداس هئي. مشڪندڙ چهرو خشڪ ڏسي مان ڏکي ويس.

پڇڻ تي روپا ٻڌايو تہ سُياڻِ هنجو مامو هنجو رِشتو ڪنهن شرابيءَ وڏي عمر جي سيٺ سان پئسن جي لالچ ۾ ڪري رهيو آهي، ٿورن ڏينهن ۾ شادي بہ اُن سان ئي ڪرائيندو. مون لِکي لِکي دَرَ جي پٺيان ٻيهي ٻُڌو آهي. مونکي ماءُ پيءُ ڀاءُ ڀيڻ ڪير بہ ڪونہ آهي. هِن مامي ئي مونکي ماء پيءُ ٻنهين جو پيار ڏنو آهي، موٽ ۾ مون بہ مامي کي پيءُ جهڙي ئي عزت ڏني آهي. پر مونکي اِها خبر نہ هئي تہ پنهنجي عيش عشرت لاءِ منهنجو سودو ڪندو، اِن ڳالهہ مونکي ڏاڍو دکي ڪيو آهي.

پر بہ ڇو هن توکان صلاح بہ ڪانہ پڇي، اِئين ڇو؟

هو ڀلا مونکان صلاح ڇو پڇندو؟ هنکي تہ پئسو کپي، پئسو. اوچتو طوفان اچي لڳو.

ماضيءَ جا ڌنڌلا وَرقَ

مسز وينا ڪِشور دادلاڻي

هميشه جيان گوپالُ اَڄُ به پنهنجي ڪار اَچيءَ اُنَ وَڻَ جي هيٺان بيهاري. هوُ جيئن ئي ناشتي جو باڪسُ ڪڍي اَڳيان وڌيو ته ڇاٽو ڏسي ديوانو ڳهريءَ ننڊ ۾ سُمهيو پيو آهي. گوپال ٿوري دير سوچڻَ لڳو ته هن جي اَچڻَ کان اَڳُ ئي ديوانو تنبوُري جي تَندَ تارُن کي ائين ته ڇيڙيندو آهي ۽ هن ۾ نئين جان وجهي گيت پٺيان گيت ڳائيندو آهي. اڄُ هن کي ڇا ٿيو آهي. چوُطرف شانت آهي. لڳي ٿو نِدرا ديويءَ هميشه هميشه لاءِ پنهنجي گود ۾ سمائي مِٺي لولي ڏيئي هنکي سمهاري ڇڏيو هو. وڻ تي وينل پکي پکيئڙا سڀ اُداس اکڙين سان ديواني کي گهوُري ڏسي هڪ ٻئي کان پُڇي رهيا هئا، ڇو اڄُ اوهانجو يار مٺڙو گيت ڪانه ٿو ڳائي جهرڪيون چون چون ڪري هنجي اڳيان پٺيان پيبون گهمن ته من اسانجو آواز ٻُڌي ديواني جي اک کُلي. پر سڀ بيسوُد، هو ته اهڙيءَ دنيا ۾ پهچي چڪو هو جتي ڪنهنجو به آواز ڪانه ٿو پهچي.

گوپال کي يادِ آيو اُهو پهريون ڏينهن، جنهن ڏينهن هو ديواني سان گڏيو هو. جيئن ئي هن ڪار جو دروازو کوليو ته ديواني هٿُ ڏيئي هنکي بيهاريو هو.

گوپال : ڇو بابا، ڪٿي هلڻو اَٿوَ؟

ديواني خوشيءَ ۾ جهومندي گوپالَ کي چيو : ڇا چَئُنِ، ڇا چَئُنِ؟ اڙي، تو مونکي بابا چيو ! هي ڪَنَ اِنهن مِٺن لفظن ٻُڌڻَ لاءِ ڪيترو نه عرصي کان پيا ترسَن.

گوپال : ته ڇا بابا، توهان کي اولاد ڪونه آهي؟

ديواني اُٿي گوپال جي واتَ تي هٿُ رکيو. نه نه. ائين نه چَئُ. منهنجو به هن دُنيا ۾ ڪير آهي.

گوپال : پوءِ توهان هِن حالتَ ۾ اڪيلا ڇو؟

ديوانو : پُٽَ، اِها هڪ وڏي داستان آهي جيڪا درياه جي لهرُن ۾ لُڙهندي رهي آهي. اُن درياه جون لهرون هڪَ مِٺي يادِ ڪڍي، ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ذهن ۾ اُيري، مونکي اُن ماضيءَ جي ياد ڏياريندون آهن، ۽ مان اُنَ ۾ ئي کوهِجي ويندو آهيان.

گوپال : بابا ! اَڄُ مونکي اُها داستان ٻُڌايو.

نالو : وينا ڪِشور دادلاڻي

جنم :

ڇپايل ڪتاب :

انعام :

پيشو :

پتو : Sector - 8 , 80/163, Mansarover, Jaipur-302020


مَدوُ

آنيتا ڪيولراماڻي

مَدو هِڪ ننڍڙو نوڪر آهي. سُياءَ جو ٻچڙو ۽ پنهنجي عمر جي ڀيٽَ ۾ گهڻو گنڀيرُ. هوُ گهڻو اَڳُ جو سوچيندو رهندو آهي. هوُ ويچار ڪندو آهي تہ اُهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن ڪنهنکي بہ ڪا محنت ڪرڻي نہ پوندي، منُش منُشَ کي هِڪ جهڙو ڪري سمجهندو. پُرش پُرشَ سان پُرشَ جهڙو ئيِ وهنوار ڪندو ۽ ڪنهن وٽِ ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڪمي ڪانہ رهندي. هئڙي ننڍڙي نينگر زندگيءَ جي هرهِڪ تڪ تورکي گنڀير درشتيءَ سان ڏٺو هو. اِها هئي تہ اچرج واريِ ڳالهہ، پر ائين ممڪن ٿيندو بہ آهي. جڏهن حالتون ڪنهن شخص کي بنه اڪيلو ڪري ڇڏينديون آهِن ۽ پوءِ هو پنهنجي من ۾ سوچيندو ئيِ رهندو آهي ۽ ائين پنهنجي سپنن جي ساڀيا ۾ کوج ڪندو رهندو آهي. اِنَ لاءِ نہ کيس ڪو پتُہ ٿيندو آهي ۽ نہ وري پڪڙجي پوڻ ۾ هو ڇرڪندو آهي. هوُ پنهنجن خوابَ ڳاهن ۾ آنندُ ماڻيندو آهي. ڪڏهن تہ سندس چپَنِ تي مُشڪَ ۽ ڳِلنِ تي لالائي بہ ٻوڙي ايندي آهي.

”مَدوُ! ڇا وينو ڪرين؟ رُڳو پيو ٿو پنهنجن آڱرين جا ننهن ڪائين. تون هاڻِ ڪنهن بہ ڪَمَ جو نہ رهيو آهين.“ هِڪُ ڪڙڪ ۽ تِکو آوازُ سندس ڪَنَنِ ۾ گهسي ٿو وڃي ۽ سندس سپنا چڪناچور ٿي ٿا وڃن. هو گهر جي صفائي جي ڪم ۾ جنبي ٿو وڃي. هوُ گهرَ ۾ ٻهاري لڳائيندو آهي، فرشُ ڌوئندو آهي، پوتو ڪندو آهي ٿو اِن کان سِواءِ بہ کيس ڪنهن پوڙهئ لاءِ آڳيا ٿيندي آهي تہ هوُ اُن ۾ مشغول ٿي ويندو آهي.

کيس خبر هوندي آهي تہ اگر فرشُ نيڪ طرح سان صاف نہ ٿيو ۽ اُن ۾ چمڪَ نہ آئي، ڪُنڊَ ۾ توري مِٽي رهجي ويئي، دريُن تي توري ئي دز جو داغ ڏسڻ ۾ آيو، پلنگَ جي چادَرَ تي تورو ئي گهنجُ ڏسڻ ۾ ايندو تہ کيس روٽيءَ کان محروُم رهڻو پوَندو. ڪوڙيئرا تہ ڄڻ هنجا جاتي دُشمنَ هئا. وَرَ وَرَ ڪري کين ڇنڊي پڇائيندو هو، تہ بہ اَڌَ ڪلاڪَ ۾ موٽي اچي نئين چار تيار ڪندا هئا. ننڍڙي، ڏهن سالن جي ٻارَ لاءِ، هيءُ ڪيترو نہ ڪٺِن پوڙهيو هو، پَرَ اِهو بہ ڄڻ تہ سندس نصيبَ جو ڦلُ هو، جنهن



نالو : آنيتا ڪمل ڪيوَلراماڻي

جنم : بلوچستان (پاڪستان)؛ ٢٧ - ٨ - ١٩٣١

ڇپايل ڪتاب : ڪهاڻي سنگره، آزاد ڪويتا، جيوني، مضمون نگاري.

انعام : اِستري درشن تي يونسڪو اِنعام، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي طرفان ٽن ڪتابن تي اِنعام مليل.

پيشو : گهر گرهستي

پتو : Hari Shewa Plot No.382/4, Scetion-29, Gandhinagar-382029

ڳڙگڙ برسات به چالو ٿي ويئي. مون روپا کي ڏاڍو زور سان پڪڙيو. ڪا اوٽ ڳولڻ لڳس جتي ڪجهه دير سِر لڪائي سگهون. ٿورو پريان ئي هِڪ ٽنڊل پٽ تي پريان ڇپرا لڳل هئا جن جو سهارو ملي ويو، روپا ڀُسي سڄي آلي ٿي وئي هئي، ڪافي ڊڄي رهي هئي پر منهنجي مظبوط ٻانهن ۾ اچي هن پاڻ کي محفوظ سمجهيو. نه ڄاڻ ڪهڙي وقت اسين ڀُل جو شڪار ٿياسين. مان سمجهانٿو اِها اسانجي ڀُل ڪانه هئي . پر هِڪ آس هئي ۽ شايد اِها ڳڏجاڻي اسانجي پهرين ۽ آخرين هئي.

روپا جي مامي کي اسانجي پيار جي خبر پئجي وئي. هُنَ ٻئي ڏينهن ئي روپا کي ڪٿي موڪلي ڇڏيو. گهڻيءَ ڳولها جي باوجود به روپا جو پتو ڪونه پائي سگهيُس.

اوچتو هِڪ ڏينهن هڪ سهڻو لفافو مِليم. کولي پڙهيم. لِکيل هو ته روپا منهنجي پُٽ کي جنم ڏيئي پاڻ آپگهات ڪرڻ وڃي رهي هئي. لفافو چوطرف ڦيرائي هيٺان مٿان اڳيان پٺيان ڏٺم، پر ڪٿي به اُتو پتو ڪونه هو. پٽ! مون پنهنجي پيار کي پائڻ جي، ڳولهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ناڪامياب رهيس. نه پيار مليو نه منهنجي پيار جي دنيا ئي ملي. ٻچپن جو پهريون پيار، سُهڻا سپنا، سُهڻيون يادگيريون بس هِڪ پل ۾ ئي ٻکڙجي ويئون.

گوپال :- ته ڇا بابا توهان شادي نه ڪئي؟

ديوانو : ”شادي“ ....هِڪُ ٺهڪ فضا ۾ اُڀريو- ”پيار ڇا شاديءَ کان سواءِ نٿو ڪري سگهجي؟ شادي به ته پيار جي منزل آهي نه؟ ۽ وري جنهن منهنجي پيار کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ قربان ڪيو، ته ڇا مان ان پيار جي خاطر ايتري به قرباني نه ڪريان؟“ ۽ وري گيت شروع ٿيو جنهن ۾ درد هو سوز هو، پيار هو ۽ مناس هو.

ڪجهه وقت سوچڻ کان پوءِ گوپال آندل ناشتي جو باڪس اُتي ئي رکيو. پاسي ۾ رکيل پُراڻي چادر سان ديواني جو منهن ڍڪي هڪ طرف هليو ويو.

ڪجهه دير کان پوءِ گوپال ڪجهه ماڻهن کي ساڻ ڪري موٽيو. شمشان ياترا شروع ٿي. اَڳيان گوپالُ هٿَ ۾ ڏيئو کڻي هليو، پٺيان هو رام ڌُنيءَ جو آواز.

اَرٿيءَ کي جڏهن شمشان ڀُومِيءَ ۾ کوليو ويو، ته ديواني جو چهرو چمڪندڙ ٿي نظر آيو، جڻ ڪنهن نِدرا ۾ هجي. آڳ جي لپٽن طرف گوپال چِتائي نِهاري رهيو هو. کيس ايئن محسوس ٿيو ته ديوانو اِنهن لپٽُن مان جهاتي پائي کيس پنهنجي داستان جا اَڃان به ڪي ورقَ بيانُ ڪري رهيو آهي. هُن جي نيڻنِ ۾ نيرُ هو ۽ اِنهنِ ۾ هئا ماضيءَ جا ڏنڊلا وَرقَ.

اوچتو سَڏ تي گوپالُ جڻ نِنڊ مان ڇرڪُ ڀريو. ”سائين، هاڻِ هلون. آڳِ ته پوري ٿي وئي.“ گوپالَ ڪنڌُ ڌوڻي ها ڪئي. سڀُ اُنَ سائي رستي تان هلڻَ لڳا جتي اڄا به ڪي ديواني جا جوابَ موجُود هئا.

❖❖❖❖

هڪ اَڇيءَ چادرَ ۾ ويڙهيَلُ هو، جنهنجي مٿان گُلن جا هارَ ۽ گُلَ پَکِڙيلَ هئا. جيڪي لوڪَ گڏ وڃي رهيا هئا، اُنهن جي اکين ۾ آنسوُ هئا. لوڪن جي قطار جي آخر ۾ زالون هيون جيڪي پارَ ڪِري رهيون هيون. هِنَ شمشان ياترا سان گڏ ويندڙ هر پراڻيءَ جي چهري تي اُداسائي هئي.

مدوءَ جو معصوم چهرو ڪجهه به سمجهي نہ سگهيو. هي شخص ڪير هئا؟ هوُ ڇو روئي رهيا هئا؟ هِن کان اَڳي به هُنَ اهڙيون ياترائون ڏٺيون هيون، جتي لوڪَ نچندا ڳائيندا هلندا هئا. تڏهن يا ڇيتي چنڊ يا هوليءَ جو ڏِڻُ هوندو هو. اهڙا جلوُسَ شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڏِسِيا هئا.

هُن جيئَن ئي دريءَ جي شيشي سان پنهنجو نَڪُ وَڌيڪَ دٻايو، تہ لنگهندڙ درشيہ جو ويچارُ ڪندي ڪيس به روئڻُ اچي ويو. سندس غمَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سندس اَکين مان آنسون ٽِپڪي دريءَ جي ٻنوڙي تي ڪري مِٽيءَ ۾ غائب ٿي ويون ۽ اِهو سَڀُ محسوس ڪندي هُنَ پنهنجيءَ ميڙيءَ ڦاٽلَ خميسَ سان آيلَ آنسن کي اُگهي ڇڏيو. سوچيائين تہ شُڪرامَ کان اِنَ جو مطلبُ پُڇندو. شُڪرامُ روز ڪيس سمجهائيندو هو تہ اِهو سڀُ ڇا آهي، اِنَ طرح ڪيس ڪجهه سمجهہَ ۾ ايندو هو. شُڪرامَ رسويي ڪي هِنَ ٻارَ لاءِ بيحد موهه ۽ حُب هئي، ۽ ڪڏهن تہ هوُ ڪيس کائڻ لاءِ ننڍيون ننڍيون شيون به ڏيندو هو، جڏهن گهرَ جي مالڪياڻي گهرَ کان ٻاهر هوندي هئي.

”ويچارو پَرلوڪ پڌاريو آهي.“ شُڪرام مدوءَ جي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيندي ڪيس ٻڌايو.

”اِنَ جو مطلبُ؟“ مدوءَ سَوالَ ڪيو. ”پرلوڪُ ڇا ٿيندو آهي؟ اِنسانُ اوڏانهن ڇو ويندو آهي؟“

”جڏهن اِنسانَ جو موُتُ ٿيندو آهي،“ شُڪرامَ چيو، ”تڏهن سندس آتما سندس سريرَ مان آزاد ٿي ويندي آهي.“

”آتما ڇا ٿيندي آهي؟“ مدوءَ ۾ ڄاڻڻ جي اُتسُڪتا پئدا ٿي.

”آتما هِڪُ پرڪاشُ آهي جيڪو اِنسانَ جي سريرَ کي زنده رکندو آهي. ۽ جڏهن آتما سريرَ کان اَلڳ ٿيندي آهي، تہ اِنسانَ جي سريرَ مان زندهہ رهڻ جي شڪتي غائب ٿي ويندي آهي، جنهن کي موُت چئبو آهي.“ شُڪرامَ پنهنجي ٻُڌيءَ آهر ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”اِنسانَ ۾ پوءِ ڪجهہ بہ ڪرڻَ جي شڪتي نہ رهندي آهي. جيِءَ مان جڏهن آتما ويئي، تہ باقي سرير کي لاش چئبو آهي، جو صرف مُردو آهي - هڏا، ماس ۽ چمڙي - ۽ انهن جو اَڳني سنسڪارُ ڪيو ويندو آهي.“

مدوءَ جي اَکين ۾ ڊپَ جو ڀاءُ پيدا ٿيو ۽ پُڇيائين، ”ڇا اِهو پيڙا ڏيندَڙ ٿيندو آهي؟“

”ڪَشٽُ تہ ڪونہ ٿيندو آهي، سڪرام سمجهائيندي چيس. پر جڏهن سرير مان ساهہ نڪري ويندو آهي تہ جسم لوٺ ٻڻجي پوندو آهي ۽ پوءِ جي ان لاش کي وڌيڪ وقت رکبو تہ اِهو خراب ٿيڻ شروع ٿيندو ۽ چوڌاري بدبوءِ ڦهلجي ويندي، ان ڪري اِن جو جلد نيڪال ڪيو ويندو آهي.“

”ايئَن جيئَن ٻلرامَ جي ڏاڏيءَ جو ٿيو هو؟“ عجبَ مان مدوءَ سَوالُ ڪيو. ”هوُءَ

ڪي هُنَ شانتيءَ مان قبول ڪري پنهنجي آتما کي دٻائي رکيو هو.

سندس قسمت ۾ هن طرح جو پوڙهيو ڪرڻُ لِکيَلُ هو؟ ڇو؟ 'ڇو' جو اهو سَوالُ سندس دماغ ۾ هر هر اُڀرندو هو، پر سُڪرامر، جيڪو گهرَ جو رَسويو هو، کيس سمجهائيندو هو تہ اُها سَڀُ ڀاڳَ ريکا آهي. اَلبت، هو ڪڏهن بہ ڀاڳَ ريکا کي سمجهي نہ سگهيو. هن طرح جي زندگي گهارڻ لاءِ هوُ اڪيلو ئي ڇو هو؟ ٻين ٻارن جيان هو پنهنجن مائٽن سان گڏ ڇو نٿي رهي سگهيو؟ اَهڙو اَنياءُ ڇو ٿي رهيو هو؟ ۽ پوءِ هوُ پنهنجي ڳوٺَ جي سبز چراگاهن، زمينن، پنهنجي گهر جي چوگِرد راند ڪندڙ ٻارَنِ جي جهُنڊ جو تصوُر ڪرڻ ۾ لين ٿي ويندو هو.

جيڪي ڇهہ سالَ هُنَ پنهنجي گهرَ ۽ ڳوٺَ ۾ گُذاريا هئا، اُهي هُن لاءِ مِٺڙيون مِٺڙيون يادگيِريون بڻجي سندس دل تي ڇانئجي ويا هئا. کيس اَڄُ صرف گهر جي هِڪَ ڪُنڊَ نصيبُ ٿِيَلَ هئي جتي هو پنهنجي هرڪا چيز رکي سگهندو هو. هن وٽِ هئو صرف هڪُ پُراڻو، سنهرو، ميرڙو گديلو ۽ مٽان ڍڪَڻَ لاءِ رِليءَ جو ٽڪرو. تنهن ڪانسِواءِ هن وٽِ هڪُ ڳاڙهو بالُ بہ هو جنهن کي هوُ ساهہ سان سانديندو هو، ڇو تہ جڏهن هو پنهنجو گهرُ ۽ ڳوٺُ ڇڏي رهيو هو، تہ سندس ڀاءُ کيس اهو بال يادگيريءَ طور ڏنو هو. هن ڪڏهن بہ ان بالَ سان رانڊِ ڪانہ ڪئي هئي، اِن ڊَپَ کان تہ متان اُهو ڪانگُس ڪو کسي نہ وني، يا پاڪيٽ کان هيٺِ ڪِري نہ پوي ۽ سَدائين لاءِ گُم ٿي وڃي. هُن اَهڙي چيز کي ڪڏهن بہ وڃائڻ نٿي چاهي. اِن سان سندس ماضيءَ جو رشتو جُڙيل هو؛ جنهن ۾ سندس ڳوٺ جون سِمرتيون سمايل هيون. سندس لاءِ اهو پيار هو ۽ هوُ وريِ اوڏانهن وڃي سگهندو اهڙيِ کيس ڪڏهن ڪلپنا ڪانہ ٿِي هئي. جيئن جيئن هوُ بال تي آڱريون ڦيريندو ٿي رهيو کيس اڳيان ڏينهن ياد اِيندا ٿي رهيا ۽ اُنهن يادين جي ٻوجهہ کي هن اِئين محسوس ٿي ڪيو ڄڻ تہ هنجي ڳلي ۾ اڇي اٽڪي پيون هيون ۽ پوءِ پنهنجي ڇهري کي ڇپائڻ لاءِ گهر جي ڪنڊ ۾ وڃيِ پاڻ لڪائيندو هو. هوُ جيئن جيئن اِنهن يادگيرين جي ٻوجهہ هيٺان دٻجندو ٿي رهيو، جذبات وس ٿيِ يادگيريون آنسُن جو روپ ڌاري سندس اکين مان ٽِپڪڻ لڳنديون هيون ۽ پوءِ سندس ڳوڙها ڳلن تان آهستي آهستي کسڪندا اُن ڌوُڙ ۾ سمائجي ويندا هئا، جيڪا هوُ روز ٻهاري ٻاهر ڪڍندو هو.

هيترو پوڙهيو ڪندي بہ کيس مِلندو ڇا هو؟ صرف هڪ سوَ رُپيا، جيڪي سندس مائٽن ڏانهن مني-آرڊر ڪري موڪليا ويندا هئا. تہ پوءِ اِئين ڇونہَ چئجي تہ هوُ اُنهن جو آياري هو، جن جي ڪري هوُ اَڄُ بہ زنده هو. پاڻَ تي خرچُ ڪرڻَ لاءِ هُنَ وٽِ هڪُ نئون پئسو بہ ڪين هو؛ کيس جيڪا اَڌ ڪٽوري چانورنِ جي، ڪجهہ ٻچيَلَ-سَڃيَلَ ڀاڄي، ٽماٽو يا بصر جو ٽڪرُ مِلندو هو، هوُ اُهو کائي ڇڙهندو هو.

اَڄُ هوُ جيئَن ئي گهر جي دريءَ وَٽِ بيِٺو هو تہ ماڻهن جي هڪ قطارَ ڏٺائين. وچ ۾ چار ڄڻا هئا، جن جي ڪُلهن تي کائي هئي. کائيءَ تي هڪ سُمهيَلُ شخص هو جو هوُ ڏسي ٿي سگهيو. سندس سڄو سريرُ

ڪنهن کي آهي.'' مڏوءَ ڌهريو.

''ها ! ها !'' سُڪرامُ هاڻ ڪيس جوابَ ڏيندي وچڙجي پيو هو.

''تنهنجي معنيٰ ته مان به جڏهن مري ويندُس، تہ اُنهن سيني سان گڏجي سگهندُس، جن کي مون سدائين چاهيو آهي ۽ جيڪي اَڄُ تائين ياد اَٿم؟'' سندس اَکيُن مان سنتوش ٽِمڪي رهيو هو. ''پرَ به اِنسان آخر مرندو ڪيئَن آهي.'' سندس آواز ۾ گنڀيرَتا هئي.

'' ڪي بيماريءَ ڪارڻ، ڪي ٻُڍاپي ڪارڻ، تہ ڪي حادثي ڪارڻ مرندا آهن.''

''اَگر تون چاهين تہ تون به مري سگهين ٿو؟'' مڏوءَ ڪائنُس سِڌو سوالُ ڪيو.

'' تيستين نہ جيستين ڪو نِنڊ جون گوريون نہ وٺي يا پاڻَ کي هلندڙ گاڏيءَ ڪان ٻاهر ڦِٽو نہ ڪري.''

''اِنهيءَ ڪارڻ دردُ نہ ٿيندو؟'' مڏوءَ پوريءَ چنتا سان سوال ڪيو.

'' مدار ٿو رکي تہ ڪيرُ ڪيئَن ٿو مرڻُ چاهي.'' سُڪرامَ جوابُ ڏيندي ٻُڌايس. ''ڪي تہ نِنڊ ۾ ئي مريِ ويندا آهن.''

'' مري وڃڻ ڪان پوءِ اَسين هنٽي گهاريلَ جيوَن کي ياد ڪري ٿا سگهون؟''

'' ها ! جڏهن مري ٿا وڃون.'' سُڪرامَ هاڻ هن واد وِوادَ مان بيزار ٿي چڪو هو. جوابَ ۾ چيائين، ''سرير مان سو سُڌ ٻُڌ غائب ٿي ويندي آهي، پر آتما اڃان بہ چيتن هوندي آهي.''

مڏوءَ جي دماغ تي اِنَ طرح جي سمجهاڻيءَ ڪو اثر ڪونہَ ڪيو. ''پر بہ تون هي سَڀُ سِکئين ڪِٿان؟'' مڏوءَ تپرسُ ڪائيندي سوالُ ڪيُس.

'' مون ڪتابَ پڙهيا آهن.'' سُڪرامَ فخر وٺندي چيس، ''تمام وڏا وڏا ڪتابَ جي تون تہ جيڪرَ کڻي بہ نہ سگهين.''

''توکي پڪَ آهي تہ مرڻَ ڪان پوءِ اِنسان سُرڳ ۾ ئي ويندو آهي؟'' مڏوءَ کي پڪ ڪرڻَ جي اُڻ-تڻ ٿي.

'' پڪ آهي، اِنَ چوڻ سان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟'' سُڪرامَ سوالُ ڪيُس. '' هِڪُ دفعو تہ سڀُ ٻُڌايومانءِ.'' سُڪرامُ هاڻ هنئڙي بحث مان تنگ اچي چُڪو هو. مڏوءَ جي هنئڙن سوالن ڪيترا دفعا چڙ بہ ڏياري هئي.

هي سڀُ ڄاڻڻ جو اَثرُ مڏوءَ جي دل ۽ دماغ تي ڪُجهہ مهينن لاءِ رهيو، پرَ پوءِ آهستي آهستي اُن جو اثرُ گهٽ ٿيندو ٿي ويو.

ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ گهرَ جي مالِڪياڻيءَ ڪيس ڪوٺيو.

'' مڏوُ!'' مڏوءَ ڏانهن نظر ڪري سِڌي ڪَنڌي هُن ڪيس سڏ ڪيو.

'' هائو! ماتاجيِ!'' مڏوءَ جي آواز ۾ ڊپُ هو. سمجهائين ٿي تہ يا تہ ڪائُس ڪا غلطي ٿي آهي، يا ڪيس ڪو وڏيڪَ ڪمُ ڪرڻو پوندو.

'' مڏوُ! اَڄُ مارچ جي ۱۵ تاريخ آهي. ۱ اَپريل ڪان مان هِڪُ نئون نوڪرُ رکڻُ ٿي چاهيان. هوُ عمر ۾ توکان وڏو بہ آهي ۽ ڪَمَ جو بہ وڌيڪ تجربو اَٿسِ. مونکي هاڻ تنهنجي ضرورَتَ ڪانہ آهي.''

'' ماتا جي! مان وري گهر موٽي وڃان؟'' مڏوءَ جي آواز ۾ ڊپُ هو تہ خوشي بہ هئي.

'' مون تنهنجي مائٽن کي اِطلاع ڏنو آهي. پر هُنن جو رايو آهي تہ تون پنهنجي

سُمهي پيئي هُئي تہ خبر ناهي تہ ڪيس ڪيڏانهن وٺي ويا ۽ مون جڏهن اِن بابتِ سوالُ پُڇيو مانِ، تہ چيائون تہ هوءَ پرلوڪُ پڌاري آهي. جتان ڪڏهن بہ واپس اَچي نہ سگهندي.''

سندس چتَ تي وڏيڪ وڏيڪ سوالَ پيدا ٿي رهيا هئا ۽ پڇي ورتائين، ''پر بہ آتما کي خبر ڪيئَن پوندي آهي تہ هاڻ هو اِن سرير کان اَلڳ ٿي تئي؟'' سندس مَنَ ۾ ڪافي شَڪَ-شُبها جاڳيا هئا.

''اِنسانَ جي زندگيءَ جو مُدو جڏهن سَماپت ٿو ٿئي، تہَ آتما سَريرَ کي ڇڏي ٿي وڃي، جنهن ڪارڻ پراڻي مَرِي ٿو وڃي.''

''زندگيءَ جي مُدي جو ڇا مطلبُ؟'' مدوءَ کي ڪُجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪينَ ٿي آيو.

''اِهو سَڀُ مالِڪَ جي وَسَ ۾ آهي. هر هِڪَ جيِوَ جو پنهنجو مُقرر مُدو هوندو آهي ۽ هوُ اوترا ئي سالَ زنده رهندو آهي. مالِڪَ هرَ هِڪَ جيِوَ لاءِ وَهيِءَ جا ڏينهَن مقرر ڪري ڇڏيا آهن ۽ مالِڪَ جي اِنَ يوجنا اَنوسار هرڪو جيِوُ دُنيا ۾ گهاري ٿو. ڪنهن کي پنهنجي آئينده جي ڪا ڄاڻَ ئي ڪانہَ آهي.''

شُڪرامَ مُشڪيو ۽ سوال ڪيائين، ''پر بہ تون پنهنجي ننڍڙي دماغ کي اِنهن ڳالهيُن ۾ ڇو پيو اُلجهائين؟ توکي تہ اڃان هن دنيا ۾ رهڻو آهي.'' هنَ پوءِ مدوءَ جي ڪُلهي تي هلڪو ڌڪُ هڻي چيو، ''اُٿُ ! وڃي راند ڪر.''

پر مدو اُتان چُريو ئي ڪونَ. ''سَريرَ مان نِڪري آتما آخر ڪيڏانهن ويندو آهي؟'' هيءُ سَوالُ ڪندي سندس پيشانيءَ تي ڪافي گهنجَ پيدا ٿي چُڪا هئا ۽ اَکيُن ۾ بہ چنتا جو ڀاوُ هوس.

''آتما سُرڳَ ڏانهن هلي ويندي آهي.'' شُڪرامَ اُترُ ڏنو.

''سُرڳُ؟'' مدوءَ لاءِ اِها ڄڻ تہ هڪ نئين دُنيا هئي. ''ڪِٿي آهي اِهو سُرڳُ؟'' مَدوءَ کي ڪُجهہ نئون ڄاڻڻ جي چاهنا ٿي.

''پري، تمام پري.'' بادلن جي هُن پار، آڪاسَ طرف. جتي گُلن ڦُلن جا جهنجهِيَلَ باغ-بوستانَ هوندا آهنِ، ۽ آتما اُتي وڃي پوءِ ديرو ڪندي آهي.''

''پرَ ڪيس وري واپس اَچڻو هُجي تہ؟''

''ٿي سگهي ٿو واپس اَچي.'' شُڪرامَ سَڪَ ڳاڙر جوابُ ڏنس. ''پر بهشتُ تہ ايتري سُندر جڳهہ هوندي آهي جو اُتان اَچڻ تي دل بہ ڇو ٿيندس؟''

مدوُ ايترو ڪُجهہ ڄاڻڻ کان پوءِ عجَبُ ڪائي رهيو هو، ''ڇا هرڪو پراڻي بهشتَ ڏانهن ويندو آهي؟'' سندس منَ ۾ اُتساهُ پيدا ٿيو.

''سُٺا اِنسانَ تہَ بهشتَ ۾ ئي ويندا آهن.'' هُنَ شَڪَ ڳاڙر لهجي ۾ جواب ڏنس.

''مَرَڻَ ڪانپوءِ مان بهشت ۾ ويندُس؟'' قُرتائيءَ سان مدوءَ سوال پڇيو.

''اِهڙا اِڊنگا سوال ڇو پيو پڇين؟'' سڪرام کي هِنِ طرح جي گُفتگوُ ۾ هاڻ ڪو رسُ نہ رهيو هو؛ تنهن هوندي بہ مدوَ ڪائنسِ پڇندو رهيو، ''بهشتَ ۾ آسين سيني سان گڏجي سگهون ٿا، جن کي هتِ سڃاڻندا هُجون؟''

''جڏهن هوُ بہ مري ويندا.''

''تو ئي نہ ٻڌايو تہَ آخر ۾ مرڻو هر

آخر ۾ سندس وِشواسَ کيس بلڪُل دلشڪستو ڪري ڇڏيو. هُنَ ڪنهن کان ڀِکيا وٺڻُ ٻہ نٿي چاهي. رهڻ لاءِ ٿوريٖ جڳهہ ۽ کائڻ لاءِ روٽيءَ ٽُڪَرُ ئي هُنَ لاءِ ڪافي هو ۽ اُن جي بدران هو هرڪو پورهيو ڪرڻ لاءِ تيار هو. کيس لڳو تہ هر ڪنهن وٽ نوڪر چاڪر موجود آهن. کين ڪا ضرورتِ ئي ڪانہ آهي.

گهرُ ڇڏڻ وقت سُکرامَ کيس ڏهين ڏهين رُپئي جا ٻہ نوٽَ ڏنا هئا. ٿوري ٿوري وقتَ کان پوءِ مدّوءَ نوٽن کي ڇُهي اُنهن جي هئڻَ جي پڪَ ڪندو ٿي رهيو. منجهند ٿيندي ئي کيس بُکَ ستائڻ لڳي. ڏهين جو هڪُ نوٽُ مٽائي هن هڪ ڊبلروٽي خريد ڪئي. ڇئن سالن ۾ پهريون دفعو هو ڇانورن جي ڪٽوريءَ ۾ ٻچيل سچيل ڀاڄيءَ کان محروم رهيو هو. سندس وٽ پئسا نہ هئا، پر اُنهن مان ڇا خريد ڪري اِها سَمَڪَ ڪانہ ٿي پيس. ڪنهن وڏيءَ هوٽل ۾ وڃي کاڌو کائڻ کان ڊپُ ٿي ٿِيُس. کيس اِها بہ خبَرَ ڪانہ هئي تہ اُتي وڃي گهُري بہ ڇا. ۽ جيڪي لوڪَ اُتي هوندا، اُنهن جو سوچي بہ هوُ پئي ڊنو.

منجهندِ ٿيندي ئي هُن پاڻ کي نِندِرا ڪڙو ٿي پانيو. ٿَڪِتِ ڪري اکيون ڀاري پئي محسوس ڪيائين ۽ ٽڪجي بہ ڏاڍو پيو هو. ڪڏهن پاسيريءَ گهِٽيءَ ۾ ڪا ڇانوَ واري جڳهہ هٿِ ڪري ڪَنڌَ هيٺان ميڙن ڪپڙن واري هڙ رکي هو ليٽي پيو تہ جلد ننڊ ڪجي ويس.

نِنڊَ ۾ هُن سپنو ڏٺو تہ هوُ سُرڳَ ۾ پهچي چُڪو آهي. کيس سُٺا ڪپڙا پيلَ آهن. سُندر باغ بغيچن ۾ هوُ شئل ڪري رهيو آهي. ڪِنَ ۾ پنهنجيءَ ماءُ کي سامهون بيٺلُ ڏٺائين. ”هيترو وقتُ ڪٿي هئين، مدّوُ؟“ ۽ پوءِ ٻئي پاڻ ۾ ڇنبري پيا. ٻنهي جي اکين ۾ آنسون هيون. ٻنهي لاءِ اِهو خوشيءَ جو مِلڻُ هو. هوُ پوءِ پنهنجي پائرن ۽ ڀينرُن سان گڏيو. سڀُ کيس آيلُ ڏسي خوشيءَ وِچان روئي رهيا هئا ڇو تہ کين هڪ وڃايل پاءُ ملي ويو هو.

هِڪُ زوردار ڌڙاڪو ٿيو ۽ ڇرڪُ ڀري مَدّو اُٿي ويٺو. سپنن وارا مِڙيوئي درشيہ گُم ٿي ويا. اَکيون مهٽي، چوڌر نِهاريائين. لوڪَ پنهنجن ڪمن کي پورو ڪرڻ ۾ اُٻهرا هئا. موٽرون ۽ گاڏيون پنهنجي رفتارَ سان هلي رهيون هيون. هوُ جيئَن ئي ٿورو سُرجيت ٿيو، تہ هِڪُ ويچارُ سندس دماغ ۾ گهمي ويس. سُرڳَ ڏانهن ڇو ڪينَ وڃجي؟ اُها وڏيڪ سلامتيءَ واري جڳهہ ٿيندي ۽ هو اُتي پنهنجن پائُرن ۽ ڀينرُن سان مِلڻ لاءِ اِنتظار بہ ڪري سگهندو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ هڪُ پوليس وارو پنهنجيءَ ڊيوٽيءَ ڪارڻُ اُن رستي تان لنگهيو. هُن هڪ نينگرَ کي ان ساڳيءَ حالتَ ۾ سمهيلُ ڏٺو، جيئن هُن کيس هڪُ ڏينهن اَڳُ بہ ڏٺو هو. سندس دماغَ ۾ کو ويچارُ ايندي ئي هو رستي جي اُنَ ڪُنڊَ تائين پهتو ۽ هڪلَ ڪيائين، ”اي ڇورا! جلد ڪر، اُتان اُٿُ.“ جڏهن ڏٺائين تہ سندس آواز جو ڇوڪري تي ڪو اَثرُ ڪونہ ٿيو آهي، تہ پنهنجي ڳري بوٽَ وارو پيرُ ڇوڪري جي اُگهاڙين ٽنگن تي رکي کيس ڌونڌاريندو رهيو، تہ بہ ڇوڪري تي اُن جو اثرُ ڪونہ ٿيو. هُن پوءِ ڇوڪري جي ٻانهن کي لوڏيو تہ سندس آڱرين ۾ جڻ تہ ولهہ وسي ويئي هئي. ڇوڪرو گهڻو اَڳُ مري چُڪو هو. شايد هو ڪلهہ ئي مري ويو هُجي.

مدّوءَ لاءِ سُرڳ جو دُئارُ پنهنجو پاڻ کلي ويو هو.

❖❖❖❖

لاءِ ٻيو ڪو ڪمُ ڳولهه. هوُ تنهنجو گهر اچڻُ نٿا چاهين، ڇو تہ توکان سواءِ ڪين ڪيترن جيوَنِ ڪي پالِڻو ٿو پوي. جنهن ڪري توکي ڪنهن نئين نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻي پوندي.''

مڏوءَ جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو. سندس مائٽن بہ سچُہ پچُہ نٿي چاهيو تہ هوُ ڪو گهر موٽي اچي؟ ڇا اِهو ٿي سگهي ٿو؟ سندس اَمڙ، پياري جيجَلِ سچُہ پچُہ سندس واپس موٽڻُ نٿي چاهيو؟ گهرَ مان نڪرڻ وقتِ تہ هُنَ کيس چيو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن ٻيو منهن ڏيکارڻَ لاءِ اَچجانءِ.

پنهنجو پاڻَ تي ترسُ کائيندي، سندس اکيُن ۾ ڳوڙها تري آيا، جي هُن تڙ تڪڙ ۾ اُگهي ڇڏيا. کيس ياد آيو تہ نوڪريءَ تي اَچڻ لاءِ جڏهن هُنَ پنهنجو ڳوٺُ ڇڏيو، تہ سندس ماءُ ڪيڏيون نہ اوڇنگارون ڏيئي رُنو هو. اُنَ وقتِ سندس عمر صرف ڇهن سالن جي هئي. هُنَ کيس پنهنجي ياڪُر ۾ ڀري سمجهايو هو تہ هاڻ هو ناڻو ڪمائڻ لاءِ وڃي رهيو آهي، جنهن جي ڪُٽنبَ کي سخت ضرورت هئي، نہ تہ ان کان سواءِ سندس پائر ۽ ڀينر ڀُڪيا رهندا ۽ کيس خبر هئي تہ ڀُڪَ ڇا ٿيندي آهي. هو هاڻ وري ڪيئن ماءُ جي ٻانهن ۾ گهيري ايندو، ڪيئن هوُءَ ڳراٽڙيون پائي، چُميون ڏيئي کيس پيار ڪندي؟ سندس چهري تي مايوسي ڇانيلَ هئي. اَکين مان آيل آنسن کي هُن پنهنجيءَ خميس جي ٻانهن سان اُگهي ڇڏيو. سوچيائين تہ هو پنهنجي مائٽن کي ڇا پاڻ خطُ لکي؟ کين واپس گهرَ ۾ رهڻ لاءِ منٿون ڪري؟ نہ، . ڇو تہ کيس لکڻُ تہ ايندو ڪونہ هو، وري پنهنجي خود داريءَ کيس اِهو سڀُ ڪرڻ کان منع ٿي ڪئي. جڏهن سندس اُتي ڪا ضرورت ئي ڪانَ آهي تہ هوُ ڇو اُتي وڃي؟ ڇو وڃي سندن مٿان بوجهو پوي؟ يڪدم سندس اِرادو بدلجي ويو. اَکِيُن ۾ آيل آنسون اُگهي ڇڏيائين. نَڪُ صاف ڪيائين. ڪاڏيءَ هيٺان رکيَلُ هٿُ هٽائي، منهن مٿي ڪيائين.

پهرين اَپريل مڏوءَ اهو گهرُ بہ ڇڏيو، جتي هن چار سال نوڪري ڪئي هئي. گهرَ مان ٻاهر نڪرندي کيس آزاد وايوُمنڊلُ مليو. نوڪري وڃائڻ تي کيس ڪو دُکُ يا رَنجُہ ڪين ٿيو، نہ وري کيس اهڙي ڪا سِمرتي بہ هئي جيڪا کيس اُنَ گهرَ لاءِ موهہ رکڻ لاءِ جڪڙي پر هاڻ هو ويندو ڪيڏانهن؟ هن لاءِ اِهو هِڪُ مسئلو هو. سندس پنيان ايندڙ ڪار جي آواز تي چِڙڪي ڇلانگ ماري رستي تان هٽي پاسيرو ٿيو. آهستي آهستي وکون کڻندو، هو پاڻ کي بيوَس ۽ لاچار محسوس ڪري رهيو هو. گوڏن تائين پاتَلَ ويڪري چڏي ۽ ڦاٽلَ خميس پاتَلُ، هيءُ اَڪيلو ٻالڪُ هن سخت زمين تي اُگهاري پيرين هلندو ٿي رهيو. سندس ٻانهن جي هڪڙي ڪَڇَ ۾ ڪپڙن جي ننڍڙي ميري هَڙ هئي ۽ ٻئي هٿَ ۾ هوس ڳاڙهو بالُ.

صبوح جو سارو وقتُ هو پنڌُ ڪندو رهيو. رستي تي هر پانڌيئڙي سان ڪنهن نہ ڪنهن ننڍي وڏي ڪمَ يا مزوريءَ لاءِ آسَ رکندي هوُ مايوُس نظرُن سان سندن ڏانهن نِهاريندو ٿي رهيو. جيئن جيئن وقتُ گذرندو ٿي ويو، هو اُداس اُداس هرَ شخص ڏانهن نِهاريندو ٿي رهيو ۽ ايئَن ئي نِراسائي کيس گهِليندي ٿي رهي. ۽